# سنڌي ادب جا سرچشما



يوسف سنڌي

# سنڌي ادب جا سرچشما

# سنڌي ادب جا سرچشما

## يوسف سنڌي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ
2004ع

نيوفيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻہ سؤ ٻاونجاھہ

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ڪمپوزنگ: | بشير جمالي |
| پهريون ايڊيشن | سيپٽمبر 2004ع |

قيمت 120/- روپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

SINDHI ADAB JA SARCHASHMA. Written by: YOUSIF SINDHI. Published by: New Fiedls Publications, Tando Wali Muhammed. Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition: September 2004. Price per Copy Rs. 120/-
Book No. 252

# ٻه اکر

ڊاڪٽر جي ـ ايمر ـ مهڪريءَ جو چوڻ هوندو هو تہ، ”اونداهہ تي ڦٽڪار وجهڻ کان بهتر آهي تہ ڪا شمع روشن ڪجي.“ ٻين لفظن ۾ هيئن ڪٿي چئجي تہ ويهي جو روئڻون روئجي ۽ پٽڻون پٽجي، ۽ شڪايت جو انبار لائي ڏجن، انهي کان چڱو آهي تہ جيڪو ٻجي سگهي سو ڪجي.

هونئن تہ سنڌي ادب جون ڪافي تاريخون لکيون ويون آهن ۽ لکجن پيون. جيتوڻيڪ اڃا تائين ڪا دؤر ـ وار تاريخ ناهي لکي وئي، پر جيڪا بہ لکي وئي آهي يا لکجي پئي، اها بہ غنيمت آهي، جو ائين مستقل جي مؤرخ کي گهڻو تڏون مواد هڪ هنڌ ملڻ جو امڪان آهي.

هي ڪتاب ”سنڌي ادب جا سرچشما“ بہ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي جي ۴۳ ليکڪن جي سوانح ۽ ادبي ڪمر جو مختصر پر جامع انداز سان جائزو ورتو ويو آهي. اِڳتي هلي ڪوشش ڪبي تہ هي سلسلو جلد وار هلندو رهي ۽ وقت گذرڻ سان گڏ انهيءَ کي ”اپ ٽو ڊيٽ“ بہ ڪندو رهجي. جيئن مستقبل ۾ ”الف ـ بي“ وار سنڌي اديبن جي ”انسائيڪلو پيڊيا“ ترتيب ڏيڻ جو ڪمر آسان ٿي پوي. هن ڪتاب جي ترتيب پڻ ”الف ـ ب“ وار رکي وئي آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪجهہ نالن جي کوٽ پئي محسوس ٿئي. انشاءالله ايندڙ جلد ۾ اها کوٽ پوري ڪئي ويندي.

آئون برادرمر فيروز احمد ميمڻ جو ٿورائتو آهيان، جو هن منهنجن اڳين ڪتابن وانگيان هن کي بہ جلدي ۽ هنگامي بنيادن تي ڇپائي پڌرو ڪيو.

يوسف سنڌي
آگسٽ ۲۰۰۴ع

# فهرست


| نمبر | نالو | صفحو |
|---|---|---|
| -01 | امر جليل | 09 |
| -02 | اياز قادري | 14 |
| -03 | الهداد ٻوهيو | 17 |
| -04 | الطاف شيخ | 20 |
| -05 | استاد بخاري | 24 |
| -06 | امداد حسيني | 28 |
| -07 | ابراهيم منشي | 33 |
| -08 | ٻيرومل مهرچند آڏواڻي | 36 |
| -09 | تنوير عباسي | 41 |
| -10 | پير حسام الدين راشدي | 47 |
| -11 | پير علي محمد راشدي | 54 |
| -12 | جي ـ ايم ـ سيد | 59 |
| -13 | جمال ابڙو | 65 |
| -14 | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | 70 |
| -15 | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 76 |
| -16 | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 80 |
| -17 | ذوالفقار راشدي | 88 |
| -18 | رسول بخش پليجو | 91 |
| -19 | رشيد ڀٽي | 96 |
| -20 | سراج الحق | 100 |
| -21 | سوڀو گيانچنداڻي | 105 |

| | | |
|---|---|---|
| -22 | شيخ اياز | 110 |
| -23 | شمشيرالحيدري | 117 |
| -24 | طارق اشرف | 122 |
| -25 | علي احمد بروهي | 128 |
| -26 | عبدالواحد آريسر | 133 |
| -27 | علي بابا | 137 |
| -28 | غلام مصطفيٰ قاسمي | 142 |
| -29 | غلام محمد گرامي | 147 |
| -30 | غلام نبي مغل | 150 |
| -31 | فقير محمد لاشاري | 155 |
| -32 | مخدوم طالب المولىٰ | 162 |
| -33 | مولوي احمد ملاح | 167 |
| -34 | مرزا قليچ بيگ | 173 |
| -35 | محمد ابراهيم جويو | 178 |
| -36 | محمد عثمان ڏيپلائي | 184 |
| -37 | ماهتاب محبوب | 192 |
| -38 | مولائي شيدائي | 197 |
| -39 | نارائڻ شيام | 203 |
| -40 | نجم عباسي | 209 |
| -41 | نسيم کرل | 214 |
| -42 | نورالهديٰ شاهه | 219 |
| -43 | نورالدين سرڪي | 224 |

# امر جليل

”مون کي لکڻ جو شوق نہ ٿيو هو، مون لکڻ جي ضرورت محسوس
ڪئي هئي ۽ ڪندو رهيو آهيان. جيڪڏهن لکڻ طرف لاڙو نہ ڪريان ها تہ
هوند پوساتجي مري وڃان ها.“ اُهي لفظ سنڌ جي سدا بهار ڪهاڻيڪار،
ڊرامہ نگار، ڪالم نويس ۽ ناول نگار امر جليل جا آهن. امداد حسيني جي
لفظن ۾ تہ ”امر ادب ۾ فيشن طور نہ آيو هو.“ امر جليل سنڌي ڪهاڻيڪارن
جي ٽين پيڙهيءَ سان تعلق رکي ٿو. انهي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نادر بيگ
مرزا، گوبند مالهي، آسانند مامتوراءِ، شيخ اياز، امر لعل هنگوراڻي اڇي وڃن
ٿا. جيڪي ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻي جي ميدان ۾ موجود هئا. ٻي
پيڙهيءَ ۾ جمال ابڙو، رباني، ابن حيات پنهور، شيخ حفيظ، اياز قادري، سراج
جا نالا اچي وڃن ٿا. ٽين پيڙهيءَ جي ڪهاڻيڪارن ۾ امر جليل، قمر شهباز،
ماهتاب محبوب، حميد سنڌي، عبدالقادر جوڻيجو، غلام نبي مغل، طارق
اشرف، پرويز ۽ ٻين جا نالا اچي وڃن ٿا. اهو سڄ وارو ڏهاڪو هو، جيڪو
ٻولي ۽ ادب جي حوالي سان نهايت خطرناڪ هو ۽ امر جليل انهيءَ دور جي
پيداوار آهي.

## سوانح:

عبدالجليل ولد عبدالغني قاضي ۸ نومبر ۱۹۳۶ع تي روهڙي ضلع
سکر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ شروعاتي تعليم روهڙي ۾ حاصل ڪيائين. مئٽرڪ اين
جي وي هاءِ اسڪول، ڪراچي مان، بي ـ اي گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهہ مان.
ايم ـ اي ۱۹۴۲ع (تاريخ) سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. پوسٽ
گريجوئيٽ پروگرام ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي (ٽيليويزن پروگرام پراڊڪشن)
جي ڊگري فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. امر جليل ڪيترن
ئي عهدن تي رهيو. جهڙوڪ: ريجنل مئنيجر پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ

ڪارپوريشن ۽ ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي علامه اقبال يونيورسٽي وغيره شامل آهن.

ڪاليج وارن ڏينهن ۾ پڙهڻ جي دوران امر جليل کي ڪرڪيٽ جو جنون جي حد تائين شوق هوندو هو. پاڻ ڪرڪيٽ کي پنهنجو پهريون عشق قرار ٿو ڏي. ڪرڪيٽ جي انهيءَ شوق جي ڪري امر جليل اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي، گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه ۽ فيڪلٽيز ڪراچي يونيورسٽي جي ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن جو ڪيپٽن به ٿيو. هن سنڌ يونيورسٽي طرفان کيڏندي پاڪستان جي گڏيل يونيورسٽين جي لاءِ وڪيٽ ڪيپنگ جو رڪارڊ قائم ڪيو.

## ادبي سفر:

نوابشاهه گورنمينٽ ڪاليج ۾ پڙهڻ جي دوران امر جليل جي دوستي قمر شهباز سان ٿي. قمر شهباز جي دوستي جي ڪري امر جليل، نوابشاهه جي ڪيترن ئي اديبن سان مليو ۽ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ويو. انهيءَ دور جو ذڪر ڪندي امر جليل لکي ٿو:

> ”قمر سان گڏ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ويندو هوس. تعجب ۽ تيرس وچان ڪهاڻيون ۽ شاعري ٻڌندو هوس. تنقيدن تي حيران ٿيندو هوس. مون پنهنجي وجود ۾ غير معمولي هلچل جا اهڃاڻ محسوس ڪري ورتا.“

بي - اي ڪري امر جليل ڪراچي موٽي آيو ۽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ ايم - اي ايڪنامڪس ۾ داخلا ورتائين. قمر شهباز به ايم - اي انگريزي ۾ داخلا ورتي. ”تڏهن مون پابندي سان لکڻ شروع ڪيو ۽ اڳتي هلي محسوس ڪيو ته لکڻ منهنجي ضرورت آهي. مون پنهنجو پهريون عشق، دستبردار ٿيڻ کان سواءِ، ادب تان قربان ڪري ڇڏيو“. امر جليل لکيو.

امر جليل ”قمر“ جي نالي سان ملندڙ جلندڙ اُچار وارو نالو ”امر“ اختيار ڪيو. ان کان اڳ امر جليل ”جليل پريمي“ جي نالي سان لکندو هو. ون يونٽ ٿيو ته سنڌ جو الڳ وجود ختم ڪيو ويو ۽ سنڌ سراپا احتجاج بڻجي ويئي. انهن ڏينهن جي ڪٿا بيان ڪندي امر جليل لکي ٿو:

> ”سموري سنڌ ٻرندڙ جبل وانگر ڦاٽي پيئي آهي. ماٺهو ميدان

تي نڪري آيا آهن. جلسا ٿي رهيا آهن، جلوس نڪري رهيا آهن. احتجاج جا علم بلند ٿي رهيا آهن. آڪٽوبر ١٩٥٦ع جي ڪا شام آهي. موني بازار، اسٽيشن روڊ جي چوڙ واٽي تي نواب شاهہ جي تاريخ جو سڀ کان وڏو جلسو ٿيڻو هو. جلسي لاءِ قمر شهباز قومي ترانو لکيو آهي، وطن جي راهہ ۾ ـ وطن جا نوجوان شهيد ٿيو، يا بچايو سنڌ کي يا سورما شهيد ٿيو." مون قومي گيت لائوڊ اسپيڪر تي ڳايو. وٺ پڪڙ ٿي قمر ۽ مان ڪراچي هليا آياسين ۽ گم ٿي وياسين."

انهن ڏينهن "مهراڻ" ۽ "نئين زندگي" ۽ ڪجهہ ٻيا رسالا نڪرندا هئا. پر انهن ۾ ان وقت رباني، شيخ حفيظ، سراج، رشيد، آخوند، ثميره زرين ۽ ٻيا ڇانيل هئا. تنهن ڪري امر ۽ قمر هندستان جي سنڌي رسالن ڪونج، نئين دنيا، پرهہ ڦٽي ۽ ٻين ۾ لکڻ شروع ڪيو. انهي سان گڏ، هن پنهي ڪراچي جي هفتيوار "آزاد" ۾ نجمہ شيرين جي نالي سان سنڌي ادب ۾ هڪ هٽي جي خلاف جنگ جي شروعات ڪئي.

اڳتي هلي طارق اشرف جي "سهڻي" ۽ حميد سنڌي جي "روح رهاڻ" جو ساٿ حاصل ٿين.

امر جليل جي پهرين ڪهاڻي "اِندرا" ١٩٥٦ع ۾ رسالي "ادا" نوابشاهہ ۾ ڇپي. هن پهريون اسٽيج ڊرامو "انسان" لکيو، جيڪو نيشنل ٿيٽرس ڪراچي ۾ ١٩٦٣ع ۾ اسٽيج ٿيو. سندس ريڊيو لاءِ لکيل پهريون ڊرامو "درياءُ توتي دانهن" هو، جيڪو ١٩٦٧ع ۾ حيدرآباد اسٽيشن تان نشر ٿيو. ٽيليويزن تان سندس پهريون ڊرامو "ماءُ" ڪراچي سينٽر تان ١٩٦٨ع ۾ ٽيلي ڪاسٽ ٿيو. امر جليل پهرين فلم، جنهن جا ڊائيلاگ لکيا اها "نوري ڄام تماچي" هئي. جيڪا ١٩٦٨ع ۾ رليز ٿي. سندس پهريون اخباري ڪالم "تهنجون منهنجون ڳالهيون" روزنامہ "هلال پاڪستان" ڪراچي جي ۴ مئي ١٩٧٢ع جي اشاعت ۾ ڇپيو. سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب "دل جي دنيا" ١٩٦٩ع ۾ ڇپيو. جنهن تي کيس سنڌالاجي طرفان ١٩٧٠ع ۾ پهريون انعام مليو. ۽ ١٩٧١ع ۾ پاڪستان رائيٽرس گلڊ ادبي انعام ڏنس. امر جليل ١٩٦٢ع ۾ "ڪونج" رسالي بمبئي طرفان ڪرايل "هند ـ سنڌ" ڪهاڻي چٽاڀيٽي ۾ پهريون انعام حاصل ڪيو. "روح رهاڻ" رسالي طرفان

۱۹٦۵ع ۾ کيس ”ادبي انعام“ ڏنو ويو. ”بادل“ رسالي جي عوامي ايوارڊ جي چٽاپيٽي ۾ ۱۹٦۷ع ۾ بهترين افسانہ نگار لاءِ کيس سيني کان وڌيک ووٽ مليا. مهراڻ آرٽ اڪيڊمي پاران کيس ۱۹۷۲ع جو بهترين، ڪالم نويس ايوارڊ، فلم ”گهونگهٽ لاهہ ڪنوار“ لاءِ مليو. ۱۹۷۳ع ۾ کيس پاڪستان ٽيليويزن سندس ڊرامي ”ماءُ“ لاءِ ”رول آف آنر“ جو اعزاز ڏنس. تنهن کان پوءِ کيس ٻيا بہ ڪيترائي ڏيهي ۽ پرڏيهي ايوارڊ ۽ اعزاز ملي چڪا آهن، جن ۾ ۲۰۰۰ع ۾ ”لطيف ايوارڊ“ پڻ شامل آهي.

امر جليل تي ۱۹۵۵ع ۾ ون يونٽ خلاف شاگرد تحريڪ ۾ ڀرو وٺڻ تي گرفتاري جا وارنٽ نڪتا. ۱۹٦۸ع ۾ سندس ڪهاڻي ”هڪ لاش ۽ راتين جو رولاڪ“ تي بندش پئي ۽ ”روح رهاڻ“ رسالي جو سالنامو بندش هيٺ آيو. ۱۹۷۱ع ۾ سندس ڪتاب ”جڏهن مان نہ هوندس“ تي انڪوائري هلي، پر انڪوائري جي نتيجي اچڻ کان اڳ يحيٰ خان جي فوجي حڪومت جو خاتمو ٿي ويو. ۱۹۷۳ع ۾ سهڻي ۾ شايع ٿيل سندس ڪهاڻي ”سرد لاش جو سفر“ سبب ڊي - پي - آر تحت وارنٽ نڪتس. اڳتي هلي. سهڻي جي انهيءَ پرچي تي بندش وڌي ويئي ۽ طارق اشرف کي جيل ۾ وڌو ويو.

امر جليل نہ رڳو هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار رهيو آهي، پر هو هڪ مشهور ڪالم نويس پڻ آهي. سندس سنڌي، اردو ۽ انگريزي جي روزانين اخبارن ۽ هفتيوار رسالن ۾ لکيل ڪالمن جو هڪ وسيع طبقو پڙهندڙ آهي. سندس انهن ڪالمن جو تعداد هزارن ۾ آهي.

امر جليل پنهنجو پهريون اردو ڪالم ”ڪڇ سچ، ڪڇ جهوٽ“ جي نالي سان ”هفتيوار الفتح“ ڪراچي ۾ ۱۹۷۴ع ۾ لکيو. اڳتي هلي سنڌي ۾ ”سپ ڪوڙ“ ۽ اردو ۾ ”سپ جهوٽ“ جي نالي سان سنڌي ۽ اردو جي ڪيترن ئي اخبارن جهڙوڪ: هلال پاڪستان، عبرت، ڪاوش، خبرون ۽ خبرين (اردو) ۾ لکيا. انگريزي ۾ روزاني ڊان ۾ هفتيوار ڪالم "Mystic Notes" جي نالي سان ڇپبو اٿس.

امر جليل جي ڪهاڻين ۽ ڪالمن جا هينيان ڪتاب ڇپيل آهن: دل جي دنيا (ڪهاڻيون)، جڏهن مان نہ هوندس (ڪهاڻيون)، رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)، تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)، منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)، تيون وجود، (ڪهاڻيون)، سنڌو منهنجي ساهہ ۾ (ڪالم)،

تنهنجو منهنجون ڳالهيون (ڪالم)، راهون جدا جدا (ڪهاڻيون)، هن چار ۾ (ڪهاڻيون) ۽ ”نيٽ گونگي ڳالهايو" (ناول).

امر جليل، سنڌي ٻولي جو هڪ گهڻو پڙهجندڙ ۽ مقبول ليکڪ هئڻ سان گڏ ڪافي تڪراري پڻ رهيو آهي. سندس ڪهاڻين تي وقت بوقت گوڙ مچندو رهيو ۽ ڪافي الزام پڻ لڳس. سندس ڪهاڻين تي گهڻو ڪري ٻن قسمن جا الزام لڳندا رهيا آهن. هڪ تہ فحش آهن ۽ ٻيو تہ اسلام، پاڪستان ۽ قومي يڪجهتي جي خلاف آهن.

انهن الزامن جي جواب ۾ امر جليل چوي ٿو:

”ادب تي ان قسم جا غير معياري ليبل فقط ذهني تنزيل ۽ ذهني طرح فاقہ ڪش معاشرن ۾ لڳايا ويندا آهن، جتي ليکڪن جي پوليس وارن هٿان تذليل ڪرائي ويندي آهي. ڪابہ ڪهاڻي نہ ڪنهن جي حق ۾ هوندي آهي ۽ نہ ڪنهن جي خلاف. ڪهاڻي پنهنجي نوعيت ۾ لفظن جو آئينو هوندي آهي، جنهن ۾ معاشرو، پنهنجي شڪل ڏسي وٺندو آهي. جهڙي شڪل هوندي، تهڙو عڪس آئيني ۾ نظر ايندو. اُن ۾ آئيني جو ڏوهہ نہ آهي. مان مڃيان ٿو تہ ڪجهہ آئينا ڪانويڪس قسم جا هوندا آهن، جن ۾ شڪليون وت ڪان وڌيون ۽ وڌيڪ بدنما نظر اينديون آهن. ڳالهہ اصل ۾ هن ريت آهي تہ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ليکڪن کي، خاص طرح تخليقي ادب جي ليکڪن کي، نهايت بدمعاش ۽ تخريبڪار سمجهيو ويندو آهي. معاشري ۾ سڌارو آڻڻ جي بدران ليکڪن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ڪين ڇا لکڻ گهرجي ۽ ڇا نہ لکڻ گهرجي، انجي باري ۾ هدايتون جاري ڪيون وينديون آهن. ان کان وڌيڪ مضحڪہ خيز صورتحال جو تصور ڪري نہ ٿو سگهجي."

امر جليل جي فن ۽ شخصيت کي پيٽا ڏيڻ لاءِ مرحوم طارق اشرف ١٩٧٣ع ۾ سهڻي جو هڪ ضخيم ”امر جليل نمبر" ڪڍيو، جيڪو نہ رڳو امر جليل جي فن ۽ شخصيت جي حوالي سان، پر سنڌي ادب ۾ جيئرن ليکڪن تي نمبر ڪڍڻ جي هڪ نئين روايت هئي.

انهي نمبر ۾ امر جليل جي ڪهاڻين شخصيت تي سنڌي ٻولي جي ڪيترن ئي سرموڙ ليکڪن جا مضمون شامل آهن. ●

# اياز قادري

سنڌي ادب جي تاريخ، خاص ڪري نثر جي تاريخ ڏيڍ سؤ سال کن پراڻي آهي. انهي سان گڏ سنڌي ڪهاڻي جي عمر بہ اهائي ڳڻي سگهجي ٿي. اوائلي ڪهاڻيڪارن ۾ مرزا قليچ بيگ جو نالو اچي ٿو ۽ مرزا قليچ بيگ کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ هن سنڌي ٻوليءَ جو پهريون طبعزاد ناول لکيو. انهي کان پوءِ جي افسانہ نگارن ۾ نادر بيگ مرزا، ۽ ٻين جا نالا اچن ٿا. اياز قادري کي بہ جديد افسانہ نگارن جي پهرين فهرست ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. موهن ڪلپنا چوائي ٿو تہ: ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ نئين ڪهاڻيءَ جو باني اياز قادري آهي.“

اياز حسين قادري، ١٩ جنوري ١٩٢٧ع تي ميان جي ڳڙهي قادري پاڙي ۾ جنم ورتو. سندس والد غلام سرور فقير، تعليم کاتي ۾ آفيسر هو. ۽ غزل جو سٺو شاعر پڻ هو، تنهن کان سواءِ هن جون صحافت ۾ پڻ ڪافي خدمتون هيون. هن هڪ هفتيوار اخبار ”الحقيقت“ پڻ ڪڍي هئي. سندس نانو حاجي زوار حڪيم فقير ميان علي محمد قادري، پڻ غزل جو استاد شاعر ۽ سنڌي شاعريءَ جي پهرينءَ رسالي ”گلدستہ“ جو ايڊيٽر هو. سندس ڪتاب ”ديوان قادري“ سنڌي ادب جو اُملهہ سرمايو آهي: ايئن قادري خاندان جون سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ بي مثال خدمتون سرانجام ڏنل آهن، جيڪا ڳالهہ هڪ ڌار مضمون جي تقاضا ٿي ڪري. ايئن اياز قادري هڪ علمي ۽ ادبي ماحول ۾ اک کولي.

اياز قادري اڃا ننڍو، پنجن ورهين جوئي هو، جو سندس والد راهہ رباني وٺي ويو.

اياز قادري سنڌ جي انهن اعليٰ پايہ جي ڪهاڻيڪارن مان هو، جن ڪهاڻيءَ کي سماجي حقيقت نگاريءَ جي حوالي سان اهم موڙ ڏنو. سنڌي

ٻوليءَ ۾ مقصدي ادب کي هٿي ڏيارڻ ۾ اياز قادري هڪ اهم نالو آهي. سنڌس چيڀل ڪهاڻين جو مجموعو "بلو دادا" جيڪو ١٩٥٧ع ۾ ڇپيو. ٻولي، ٻوڙي بلاغت ۽ سلاست جي حوالي سان اعليٰ پايي جو ڪتاب هو. اڳتي هلي ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن اياز قادري جي ڪهاڻي "بلو دادا" کان متاثر ٿي، ساڳئي طرز تي ڪهاڻيون لکيون، جيئن جمال ابڙي جي "پشو پاشا" ۽ غلام ربانيءَ جي "شيدو ڌاڙيل".

اياز قادري بنيادي طرح شاعر هو ۽ غزل جي صنف تي ڪيس وڏو عبور حاصل هو. سندس پي - ايچ - ڊي جي ٿيسز "سنڌي غزل جي اوسر"، جيڪا ٻن جلدن ۾ شايع ٿيل آهي. انهيءَ ۾ هن غزل جي حوالي سان نهايت تفصيل سان بحث ڪيو آهي. انهي ۾ هن غزل سميت هر هڪ صنف، ان جي گهاڙيٽن ۽ اهميت جو وچور شامل ڪيو آهي. شاعري جي حوالي سان اهڙو تاريخي ۽ تحقيقي ڪم ڪنهن ٻي سنڌي اديب جو نظر نه ٿو اچي. اهو ڪتاب جڏهن ١٩٨٤ع ۾ ڇپيو ته انهي جي زبردست واکاڻ ڪئي ويئي. ڪتاب جي مُنڍ ۾ "ناشر طرفان" ۾ مهتاب اڪبر راشدي ڪتاب جي اهميت بابت پنهنجي راءِ ۾ لکي ٿي:

> "اياز قادريءَ بلاشبہ هن ٿيسز لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. 'سنڌي غزل جي اوسر' ۾ جيڪي مواد آيل آهي، سو اڳتي هلي، انهيءَ ميدان ۾ ڪم ڪرڻ وارن لاءِ وڏي رهنمائي جو باعث ٿيندو."

"سنڌي غزل جي اوسر" ۾ سنڌي غزل جي تواريخ ابتدا کان وٺي جديد دور تائين قلمبند ڪئي ويئي آهي ۽ انهن ادارن، مشاعرن، ادبي ڪانفرنس ۽ شخصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن سنڌي غزل جا مختلف دور قائم ڪري، انهن جو ان وقت جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي لاڙن جي روشني ۾، نئين انداز ۽ نئين سوچ سان تجزيو بيان ڪيو آهي ۽ هر دؤر جي نمائنده شاعرن جي حياتي جو احوال، ڪلام جو نمونو ۽ ڪلام تي تبصرو ڏنو آهي. حقيقت ۾ "سنڌي غزل جي اوسر" سنڌي شاعري ۽ ادب جي اوسر ۾ اُملهہ واڌارو آهي.

اياز قادريءَ اهو پي - ايچ - ڊي مقالو علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ ۾ لکيو.

اياز قادري جي عمر جو گهڻو حصو ڪراچي ۾ گذاريو. ١٩٤٩ع ۾

ايس - ايم لياري هاءِ اسڪول چاڪيواڙي ۾ ماستر جي حيثيت سان عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين ۽ ١٩٨٧ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو چيئرمين جي حيثيت سان رٽائرڊ ڪيائين. ان کان پوءِ "شاهه عبداللطيف چيئر" ڪراچي يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر ايڊوائيزر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

ڊاڪٽر اياز قادري سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پڻ وڏو پارکو هو. هن شاهه جي شاعري جي سيني پهلوئن تي قلم کنيو، تحقيقي مقالا لکيائين ۽ شاهه جي پيغام کي عام ڪيائين. سندس ڪيترائي مقالا ۽ مضمون اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. "مون مطالع سپرين" شاهه جي ڪلام تي تحقيقي مقالن جو ٿي ڳٽڪو آهي، تنهن کان سواءِ ڊاڪٽر اياز قادريءَ شاهه جي رسالي جو نثري اردو ترجمو پڻ ڪيو، جيڪو ٽن جلدن ۾ شايع ٿيو، جنهن جي اعتراف طور اردو ٻوليءَ جي ناميارې شاعر افتخار عارف لکيو:

"اياز قادري جي ڪوشش جي ڪري اردو ٻوليءَ وارن لاءِ شاهه لطيف جي عارفاڻي پيغام کي سمجهڻ لاءِ راهه هموار ٿي."

ڊاڪٽر اياز قادري جي ٻي وڏي سڃاڻپ اها آهي تہ ١٩٥٥ع ۾ هو سنڌي ادبي سنگت جي نئين سر تنظيم ڪاري کان پوءِ انهيءَ جو پهريون سيڪريٽري جنرل چونڊيو. انهي حوالي سان پاڻ سنڌي ادبي سنگت جي باني ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. تنهن کان سواءِ ڊاڪٽر اياز قادري ١٩٥۴ع ۾ "جمعيت الشعرا سنڌ" جو جوائنٽ سيڪريٽري پڻ رهيو.

اياز قادري هفتيوار "نوجوان" ڪراچي، ١٩۴٨ع، هفتيوار "ناخدا" ڪراچي ١٩٥٥ع، سنڌ مسلم ڪاليج مئگزين ١٩٥٥ع، هفتيوار "الحقيقت" لاڙڪاڻو ٦٥-١٩٦۴ع جو ايڊيٽر ۽ سنڌ ڪواٽرلي (انگريزي، ڪراچي) جو اسسٽنٽ ايڊيٽر پڻ رهيو.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان سواءِ "مٽيءَ لڌو مان"(سوانح - تحقيق) ١٩٧٠ع، "عشقيه داستان" ١٩٨٥ع، پرين جون ڪهاڻيون (لوڪ ادب) ١٩٨١ع، مئڪسم گورڪي جي آتم ڪهاڻي (ٻہ ڀاڱا- ترجمو) پڻ ڇپيل آهن.

ڊاڪٽر اياز قادري ٧١ سالن جي عمر ۾ ١٥ ڊسمبر ١٩٩٧ع تي وفات ڪئي. کيس لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ دفنايو ويو. ●

# الهداد ٻوهيو

ٻولي، سماجي اڀياس ۽ تنقيد جي ميدان ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جو شمار تمام مٿاهون آهي، جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ "علم تنقيد" ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جو نالو دنيا جي وڏن نالن ۾ ڳڻيو سگهجي ٿو. سندس علمي تحقيقي ۽ تنقيدي راءِ جي سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت آهي.

## سوانح:

الهداد ٻوهيو، ٨ آگسٽ ١٩٣٤ع تي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ گوٺ گونگاري، تعلقي قمبر ۾ محترم محمد علي ٻوهيو جي گهر ۾ جنم ورتو. ٻاڻ اڃا مهيني جو هو جو سندس والده گذاري ويئي. تنهن ڪري الهداد ماءُ جي محبت کان محروم رهي زندگي گذاري. سندس پيءُ هڪ هاري هو، تنهن ڪري ننڍي هوندي کيس بہ پنهنجي پيءُ سان ٻني ٻاري جي ڪم ۾ هٿ ونڊائڻو پوندو هو. کيس ڇهن سالن جي عمر ۾ "مُلا مڪتب" ۾ پڙهڻ جي لاءِ ويهاريو ويو. اهو اسڪول سندس گهر جي پرسان هو. تنهن کان پوءِ انگريزي تعليم وٺڻ، پوءِ لاڙڪاڻي پائلٽ هاءِ اسڪول مان ١٩٥٣ع ۾ مئٽرڪ ڪيائين. مئٽرڪ کان پوءِ بہ سال "سروري ڪاليج، هالا" ۾ پڙهيو ۽ اتان انٽر پاس ڪيائين. ١٩٥٨ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ انگريزي استاد طور مقرر ٿيو. ١٩٦٧ع ۾ سترهين گريڊ ۾ ڪمپرهينسو هاءِ اسڪول جو پرنسپال، پوءِ ريجنل ايجيوڪيشن سينٽر خيرپور ۾ چيف انسٽرڪٽر جي عهدي تي رهيو. ١٩٧٩ع ۾ ڊائريڪٽر آف اسڪولس، لاڙڪاڻو ڊويزن ۽ پوءِ ١٩٩٣ع ۾ ڊائريڪٽر اسڪولس ميرپور خاص مقرر ٿيو، جتي پنهنجي وفات تائين رهيو.

## ادبي سفر:

الهداد ٻوهيي، پنهنجي ادبي زندگيءَ جي ابتدا، شاعري کان ڪئي.

عالمن ۽ فاضلن سان ڪري ٿي سگهجي جن يورپ کي روشن خيال ۽ مهذب بنائڻ لاءِ قلمي جنگ ڪئي. ڊاڪٽر ٻوهيي پڻ سنڌي سماج جي اونداهن پهلوئن کي جديد انداز سان اُجاگر ڪيو ۽ سائنسي انداز ۾ ادبي، تحقيقي ۽ فڪري لاڙا ڏنا. سندس شمار سنڌ جي حقيقي ۽ روشن خيال اديبن ۽ مفڪرن ۾ ڪري سگهجي ٿو.

الهداد ٻوهيي جو گهڻو ڌيان تنقيد جي علمي ۽ نظرياتي روين طرف هو. هن سنڌي ادب ۾ تنقيد کي علمي شعبي جي حيثيت سان متعارف ڪرايو. هن ”سنڌي ادب جي تاريخ لکڻ جا اصول“ ۽ ”شعر جي اڀياس جا نوان طريقا“ مقالا لکي شاعري جي قدرن، معياو ۽ ٻولي جو اڀياس پيش ڪيو. سندس خواب هڪ روشن خيال، وڌيرڪي سماج کان آزاد سماج ۽ سنڌ جو خواب هو.

ادب کان سواءِ، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جون تعليمي ميدان ۾ پڻ وڏيون خدمتون آهن. هن ڊائريڪٽر اسڪولس ايجوڪيشن ميرپورخاص ڊويزن جي حيثيت ۾ ٿر جي ڏورانهن علائقن ۾ ”تعليم جي تباهي جا ڪارڻ“ جي عنوان سان سيمينارن جي ذريعي، سماجي ۽ تعليمي ورڪرن سان گڏجي هڪ انقلاب جي شروعات ڪيائين ۽ سندس انتقال به هڪ اهڙي ئي سيمينار ۾ ٽنڊو آدم ۾ ١٦ جولاءِ ١٩٩٤ع تي صدارتي تقرير ڪندي ٿيو.

جناب الهداد ٻوهيي جا ڪتاب سنڌي ادب، تنقيد ۽ عمرانيات جي موضوعن تي اهم جاءِ والارين ٿا. اهي هيٺينءَ ريت آهن:

سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج (١٩٧٨ع)، تنقيدون (١٩٨٠ع)، علم تحقيق، ادب جا فڪري محرڪ، دي ٽيلس ٽيولڊ (انگريزي ڪهاڻيون)، ايجوڪيشن ايلسز اينڊ آئيڊياز (انگريزي)، ڪتب خانو، سماجي تبديليءَ جي رٿابندي، سڀئون سڌو رستو، چونڊي چونڊي ڪٽو (شاعري) ٻولي ۽ ٻولي جي تعليم، ارسطو کان روسو تائين. تعليم اور معاشرتي تقاضي (اردو)، ٻوهيي جون تحريرون (ڀاڱو- ١) مرتب ناز سنائي. ●

# الطاف شيخ

سنڌي ادب ۾، سفرنامي جي صنف ۾ الطاف شيخ جو نالو مٿاهين حيثيت رکي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌي ۾ پهريون سفرنامون مرزا قليچ بيگ جو "ڏاڙهياڙي جبل جو سير" چيو وڃي ٿو، پر سنڌي ادب ۾ انهيءَ صنف کي صحيح معنيٰ ۾ اوج تي الطاف شيخ رسايو.

## جنم ۽ تعليم:

الطاف شيخ، ١۴ نومبر ١٩۴۴ع تي هالاَ ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو گل محمد شيخ هو. شروعاتي تعليم هالا جي اسڪول مان ورتائين، جتي ڪيس نهايت ئي قابل ۽ محنتي اُستادن پڙهايو. پرائمري تعليمَ بعد هالا جي مخدوم غلام حيدر اسڪول ۾ پڙهيو. هالا مان ٿي درجا انگريزي جا پڙهڻ بعد ڪيڊٽ ڪاليج ۾ آيو، جتي پنج سال رهي مئٽرڪ ۽ انٽر پاس ڪيائين. جتان انٽر بعد مئرين انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ کان پهرينءَ ۽ اڪيلي شاگرد جي حيثيت سان چٽگانگ (بنگلاديش) ويو، جيڪو اُن وقت اوڀر پاڪستان هو. مئرين انجنيئر ٿيڻ بعد ورلڊ ميريٽائيم يونيورسٽي مالمو (سويڊن) مان ميريٽائيم ايڊمنسٽريشن (انجنيئرنگ) ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪيائين. ١٩٦٨ع کان وٺي هيستائين دنيا جي سمنڊن تي جهاز هلايا اٿائين. تنهن کان سواءِ ڪجهه ڪناري جون نوڪريون به ڪيائين. جهڙوڪ: شپ يارڊ يا بندرگاهه ۾ انجنيئر ٿي ڪم ڪرڻ يا ڪنهن فائيوَ اسٽار هوٽل جو چيف انجنيئر ٿيڻ. تنهن کان سواءِ مختلف هنڌن تي پڙهائڻ جو ڪم پڻ ڪندو رهيو. انهي ۾ سڀ کان وڏو عرصو ملائيشيا ۽ جپان ۾ گذاريائين.

## تصنيف ۽ تاليف:

پنهنجي لکڻ جي حوالي سان، ملندڙ اُتساهہ جي حوالي سان هڪ انٽرويو ۾ الطاف شيخ ٻڌايو تہ:

”ڪاليج جي مخزن ۾ سنڌي سيڪشن ڪڍيو هو. سنڌي لکڻ وارا گهٽ هئا. مون ۽ منهنجي ڪلاس ميٽن پنهنجي ۽ ٻين يارن لکي سنڌي سيڪشن مڪمل ڪرڻ ٿي چاهيو، نہ تہ اهو خوف رهيو ٿي تہ ماڻهو ڪِلندا تہ سنڌ ۾ ڪاليج ٿي ڪري بہ سنڌي سيڪشن ڪونهي. پوءِ اڳتي هلي بنگال مان دل چاهيو تہ پنهنجي ديس جي ماڻهن کي بنگال جي سرزمين جون دلچسپ ڳالهيون ٻڌايان.“

انهيءَ جذبي تحت الطاف شيخ لکڻ شروع ڪيو ۽ گڏوگڏ ڪهاڻين ۽ افسانن کي سنڌي ۾ ترجمو پڻ ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪي هو ڇپجڻ جي لاءِ هو مختلف اخبارن ۽ رسالن کي موڪليندو هو. سندس اهي ليک روزاني ”عبرت“ ۽ ٻين اخبارن ۾ شايع ٿيندا هئا ۽ ايئن اڳتي هلي الطاف شيخ لکڻ پنهنجو معمول بنائي ڇڏيو ۽ هينئر سندس پنجاهہ کان بہ وڌيڪ ڪتاب ڇپيل آهن، انهن مان ڪيترن ڪتابن جا تہ چار چار ۽ پنج پنج ڇاپا پڻ شايع ٿي چڪا آهن.

الطاف شيخ جي ڪتابن کي بنيادي طور تي ٽن قسمن ۾ ورهائجي سگهجي ٿو.

(١) اهي ڪتاب جيڪي باقاعده سفرناما آهن ۽ انهن ۾ مختلف ملڪن جي حال احوال، سير سپاٽي، سامونڊي زندگي وغيره جو ذڪر ڪيل آهي.

(٢) اهي ڪتاب جيڪي پاڻ ترجمو ڪيائين. انهن ۾ ناول، ڪهاڻي ۽ مهم جوئي جهڙا موضوع شامل آهن. انهن کي سفرنامن ۾ ڳڻي نٿو سگهجي. انهي حساب سان الطاف شيخ هڪ سٺو مترجم پڻ آهي، جنهن سنڌي ٻولي کي ٻاهرين ادب جو ترجمو ڪري مالا مال ڪيو آهي. سندس اهڙن ڪتابن ۾ ”انامِيڪا“ (ڪهاڻيون)، ”خدا ڏي خط“ (ڪهاڻيون)، ”موج نہ سهي ٻيڙي (مهم جوئي)، ”لنڊن تائين لفٽ“ (ڪهاڻيون)، ”ٻارن جون آکاڻيون“ (ڪهاڻيون)، ”ٽوڪيو جي گيشا گرل“ (ناول)، ”ماسٽر هريام جو بئنڪاڪ

وچڻ" (ڪهاڻيون)، "ڏاهي جهرڪي ۽ بيون آڪاڻيون، "سوزي سان پيار" وغيره شامل آهن.

(٣) اُهي ڪتاب جيڪي مرتب ڪيل اٿس، جهڙوڪ: بهترين سفرناما، جنهن ۾ آغا سليم ۽ ٻين ليکڪن جي سفرنامن ڪي سهيڙيو اٿائين، يا الطاف شيخ جي نوٽ بوڪ تان ـ جنهن ۾ سندس مطالعي هيٺ آيل ڪتابن وغيره مان ڪوٽيشن ڏنل آهن. اهڙن ٻين ڪتابن ۾ "رُئي آهي گهوٽ سانڻ" (جنهن ۾ پهاڪا گڏ ڪيل آهن) Proverbs of Far Easte شامل آهن.

ائين، الطاف شيخ جي باري ۾ اها ڳالهه چٽي هئڻ گهرجي ته هو نه رڳو بهترين سَفرناما لکندڙ آهي، پر هڪ سٺو مترجم ۽ سهيڙڪار به آهي.

## الطاف شيخ جا ڪتاب:

الطاف شيخ جا هيستائين پنجاهه کان به مٿي ڪتاب ڇپيل آهن. انهن مان ڪي ڪتاب اردوءَ ۾ به ڇپيا اٿس، جن جو ترجمو پڻ پاڻ ڪيو اٿائين. الطاف شيخ جو پهريون ڪتاب "انامڪا" ڇپيو هو. جيڪو ترجمو ڪيل ڪهاڻين تي مشتمل هو. الطاف جي ڇپيل ڪتابن جي فهرست هن ريت آهي:

"انامڪا"، "منهنجو ساگر منهنجو ساحل"، "پيار جي گهٽ"، "وايون وڻجارن جون"، "سي ٻيڙيون رڪيون پاڇهه سين"، "دنيا آهي ڪاڪ محل"، "سمونڊ جن ساٿيهه"، "بندر بازاريون"، "سمنڊ جي سيوين"، "سي ئي جوين ڏينهن"، "بندر ديسان ديس"، "خبرون ڪيڙائن جون"، "ڪويت ڪنارا"، "چا جو ديس، چا جو وديس"، "جاني ته جهاز ۾"، "جپان جن جي جيءَ سان"، "ڳالهيون تنهن جپان جون"، "خدا ڏي خط"، "جپان رس"، "سانباهو سمونڊ جو"، "موج نه سهي مڪڙي"، "الطاف شيخ جي نوٽ بوڪ تان"، "بهترين سفرناما"، "لنڊن تائين لفٽ"، "بارن جون آڪاڻيون"، "ٽوڪيو جي گيشا گرل" (اهو ڪتاب مس سدا بهار چنبيلي جي نالي سان پڻ ڇپيل آهي)، "مڪلي کان ملاڪا تائين"، "سنگاپور ويندي ويندي"، "ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه"، "ماستر هريام جو بئنڪاڪ وچڻ"، "دنگيءَ منجهه درياهه"، "ڏاهي جهرڪي ۽ بيون آڪاڻيون"، "جت جَر وهي تو جال"، "يادن جي اندلِٺ"، "ڳالهيون آهن ڳچ"، "اي جرني ٽو ٿائليند"، "سوزي سان پيار"، "Proverbs of Far East"، "اوهريا جي عميق ڏي"، "اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا"، "ملير کان مالمو"، "جت برف پئي تي جام"، "ڪراچي کان

ڪوپن هيگن"، "ارائونڊ دي ورلڊ"، "رتي آهي گهوٽ سان"، "يورپ جا ڏينهن، يورپ جون راتيون"، "اي روڊ ٽو مدينه"، "هيلنسڪي جي حسينا"، "سنگاپور ٽو سڊ ڪري"، "آل اباﺋوٽ سنگاپور"، "يلي پار تان پيرو"، "بوتلن جو سفر"، "ملائيشيا منهنجي من ۾"، "ملائيشيا ١٢ سالن کان پوءِ"، "سمندر ڪي دِن، سمندر ڪي راتين" (اردو)، "ملائيشيا ڪي دِن"، "يورپ ڪي دِن" (اردو).

الطاف شيخ جي انهن ادبي ڪاوشن کي هر سطح تي پسند ڪيو ۽ ڪيس ساراهيو ويو آهي ۽ سندس خدمتن جي مڃتا ڪئي ويئي آهي. انهي سلسلي ۾ مدد علي سنڌي روزاني هلال پاڪستان جي ٢٦ جنوري ١٩٩١ع جي اشاعت ۾ "هڪ تاثر" ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکيو آهي:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ سفرنامن جي صنف تي جڏهن به تاريخ لکي ويندي ته مؤرخ جو قلم يقيناً الطاف شيخ جي نالي تي اچي بيهي رهندو. ڇاڪاڻ ته الطاف شيخ ئي اهو اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن جي سفرنامن سنڌي ٻولي تمام گهڻو خزانو ڏنو."

الطاف شيخ جي سفرنامن نه رڳو سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو، پر سفري ادب جي پڙهندڙن ۾ پڻ واڌارو ڪيو. انهي سلسلي ۾ علي احمد بروهي جي لفظن ۾:

"الطاف شيخ سفرنامو لکي، پنهنجي ملڪي ماڻهن کي ديس پرديس جي ماڻهن سان روشناس ڪرائي ٿو ته جيئن سنڌس ملڪي ماڻهن ۾ مسافري ڪرڻ ۽ ملڪ گهمڻ جو شوق پيدا ٿئي. هونئن به هيرن جو قدر ڪاڻ ۾ ٿورو ئي ٿيندو آهي، جتي هو ڍگ ۽ ڍيريون ٿي پيل هوندا آهن."

الطاف شيخ جو تخليقي سفر جاري و ساري آهي. ●

# اُستاد بخاري

محمد ابراهيم جويي، ’شاهه، سچل ۽ سامي‘ جي تہ ڪتابائين رتا جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ:

”شاعر، سچا شاعر ’تاريخ جا فرشتا‘ سڏيا ويا آهن. تاريخ، بني نوع انسان جي، ۽ پڻ قومن جي، ۽ فرشتا انهي ڪري، جو هو فڪر ۽ جذبي جي پرورش ڪن ٿا ۽ ان طرح سڄيءَ انساني زندگيءَ ۾ پڻ قومي زندگيءَ کي معنيٰ ۽ معيار بخشين ٿا. سچي سچائي، سچي بُلندي، سچي اُملائپ، انساني تمدن ۽ قومي تهذيب جي، انهن کان ملي ٿي، ۽ هوئي اِن سڀ جا ضامن پڻ آهن.“

مٿينءَ معيار تي، جيڪڏهن اُستاد بخاري جي شاعريءَ جي پرک ڪبي تہ مايوسي ڏسڻي نہ پوندي. جيئن استاد بخاري خود چوي ٿو:

”شاعر هڪ اهو بہ آهي، جو پنهنجي قوم، بلڪ سڄي انسان ذات جي زبان بڻجي، امن جو آواز اُثاري، ظلم سان جنگ جوٽي - جيڪي اُدما اندر ۾ اچنس سي اوتي، پر جي (اڳ پوءِ جاچي) ڪٽي روڪي تہ رڪجي نہ سگهجنس. آخر اُباءُ ڪيو اوڳاڇيو وڃي.“

## سوانح:

سيد احمد شاهہ بخاري ولد سيد حاجن شاهہ ١٦ جنوري ١٩٣٠ع تي ڳوٺ غلام چانڊيو، ضلع دادوءَ ۾ جنم ورتو. اڳتي هلي، اُستاد بخاري طور مشهور ٿيو.

اُستاد بخاري پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ ورتي. ١٩٢۴ع

۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري ١٩٤٧ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. ١٩٦١ع کان ١٩٦٣ع واري عرصي ۾ خانگي طور تي مئٽرڪ ۽ انٽر ۽ بي - اي جا امتحان پاس ڪيائين. ١٩٦٥ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم - اي (سنڌي) ۾ ڪيائين. ١٩٦٣ع کان ١٩٦٦ع تائين سيڪنڊري اسڪولن ۾ انگريزي استاد ٿي رهيو. ١٩٦٦ع آڪٽوبر کان ليڪچرار بڻجي ويو.

## ادبي سفر:

اُستاد بخاريءَ شاعري جي شروعات ١٩٤٢ع کان ڪئي. پاڻ اُن وقت پنجين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. اسڪول ۾ پڙهڻ جي دوران ٻين ٻارن سان گڏ قومي ترانو پڙهندو هو. سندس آواز ۾ مٺاڻ هئي. پاڻ ان وقت جي مشهور شاعرن جا ڪلام ڳائيندو هو. اسڪول جي بند ٿيڻ وقت يا ماني جي موڪل مهل اسڪول جا استاد ڪانئس ڪونه ڪو ڪلام ضرور ٻڌندا هئا. ائين کيس شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳيو. پاڻ ١٩٤٧ع ۾ جڏهن پرائمري استاد مقرر ٿيو ته پنهنجو تخلص به استاد رکيائين ۽ پوءِ استاد بخاري جي نالي سان مشهور ٿيو.

جيئن مٿي چيو ويو ته استاد بخاري شاگردي واري دؤر کان شاعري جي ابتدا ڪئي، پر کيس علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ ٥١-١٩٥٠ع کان حصي وٺڻ جو موقعو مليو. ١٩٥٠ع کان باقاعده مختلف مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. ”انجمن آفتاب ادب“. ”بزم طالب المولىٰ“ ۽ ”سنڌي ادبي سنگت“ جي پاران ڪوٺايل مشاعرن وغيره ۾ حصو وٺڻ سان گڏ ريڊيو ۽ ٽي - وي تي مشاعرن يا صوفي بزرگن جي ميلن تي ٿيندڙ مشاعرن ۾ پڻ ويندو هو.

شروعاتي دؤر ۾ استاد بخاري فقط غزل ۽ ڪافيون لکندو هو، جيڪي اڪثر ته ماهي ”مهراڻ“ ۾ شايع ٿينديون هيون. ان وقت مولانا غلام محمد گرامي ”مهراڻ“ وسيلي سندس اصلاح ۽ تربيت ۽ شاعري جي اشاعت جي پڻ حوصلي افزائي ڪندو هو. پوءِ هوريان هوريان سندس شاعري ۾ پختگي ايندي ويئي ۽ استاد شعر جي مختلف صنف جهڙوڪ: نظم، وائي، بيت، ڏوهيڙو، قطعه، رباعي، ٽيڙو، آزاد نظم، ترائيل، سانيٽ ۽ هائيڪو وغيره تي پڻ ڪامياب طبع آزمائي ڪئي.

استاد بخاري سونهن، سچ، پيار جو شاعر آهي. هن جي شاعري جو رنگ عوامي، ٻولي سادي ۽ ڳوناٽي، تشبيهن ۽ استعارن سان ڀرپور آهي، تنهن

ڪان سواءِ استاد جي شاعري ۾ نواڻ ۽ فڪري جدت پڻ آهي. اُستاد جي ڪيل قومي شاعريءَ جو رنگ ئي پنهنجو آهي. حقيقت ۾ استاد جي شاعري هڪئي وقت پيار جي پچار ۽ وقت جي پڪار آهي، جيئن هڪ هنڌ لکيو اٿس: ”حقيقت ۾ ’وقت جي پڪار‘ ۽ ’پرين جي پچار‘ منهنجي شاعرائي دل جا ٻه پاسا آهن.“

## تعليمي ۽ علمي سرگرميون:

اُستاد بخاري، هڪ شاعر هئڻ سان گڏ، هڪ سٺو استاد ۽ تعليمي ماهر پڻ هو. سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي ”درسي ڪتابن“ ۾ اڪثر سندس نظم پڙهڻ جي لاءِ ملندا.

اُستاد بخاري پنهنجي نوڪري وارو سڄو عرصو، جتي به رهيو، اتي تعليمي مذاڪرا، ڪانفرنسون، ڊبيٽون ڪرائيندو رهيو، جن ۾ ڪيس وقت جي ناميارن استادن ۽ تعليمي ماهرن سان گڏجي ڪم ڪرڻ، سکڻ ۽ سيکارڻ جو موقعو مليو.

پاڻ نه رڳو مٿيون سرگرميون ڪيائين، پر مختلف هنڌن تي شاگردن جي سکيا واسطي به ڪوششون ڪندو رهيو. انهي جو ذڪر ڪندي پاڻ هڪ هنڌ لکيو اٿس:

> ”ٽريننگ پوري ڪرڻ کان پوءِ آئون جنهن به اسڪول ۾ ويس ته ڪتابي ڪورس کان سواءِ اتي ادبي، علمي انجمنون ٺاهي نه رڳو اسڪول جي شاگردن، پر ڳوٺ يا شهر جي تعليم يافته طبقي جي دلاسان تحريري، تقريري ۽ مطالعاتي سرڪلون ٺاهيندو رهيس.“

١٩٦٦ع کان ليڪچرار ٿيڻ ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي، نوابشاهه، سانگهڙ ۽ دادو جي ڪاليجن ۾ رهيو، جتي پڻ نوجوانن سان ميل جول ۽ علمي ماحول پيدا ڪيائين. هر ڪاليج ۾ ادبي ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽيون سنڀاري شاگردن ۾ مضمون نگاري، بحث مباحثي، ڊرامن لکڻ ۽ اداڪاريءَ جي جذبن اُڀارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ١٩٦٨ع ۾ نوابشاهه ڪاليج ۾ ”ڪاليج مئگزين“ جو ايڊيٽر پڻ رهيو.

تنهن کان سواءِ استاد بخاري کي سنڌ گريجوئيشن جي پليٽ فارم تان علمي ۽ ادبي ڪم ڪرڻ سان گڏ، ’سگا‘ جي تعليمي پروگرام ۾ پڻ

ڪيس ڪنيو ويو.

## اُستاد جا ڪتاب:

اُستاد بخاري جو پهريون ڪتاب ١٩٧١ع ۾ ”گيت اسانجا، جيت اسانجي“ جي نالي سان شايع ٿيو، جنهن ۾ سندس شاعري جون مختلف صنفون شامل آهن. ڪتاب جي مهاڳ ۾ اُستاد بخاري لکي ٿو:

”مان مطمئن آهيان. ڇو تہ جيڪي بہ لکيو اٿم، سو هڪ تہ پنهنجي پياري زبان ۾، ٻيو ساٿيهہ جي سڪار، عالم جي آبادي ۽ انسان ذات جي ڀلائي لاءِ لکيو اٿم.“

اُستاد بخاري جا سندس زندگي ۾ ڪي ٿورائي ڪتاب ڇپجي سگهيا. انهن ۾ مٿينءَ ڪتاب کان سواءِ: ”هي گيت گلابي ٻارن جا“ (ٻارن جي عالمي سال جي سلسلي ۾ ١٩٨٠ع)، ٻاراٽا ٻول (١٩٨١ع ۾ وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان پاران ڇپرايو ويو.)، اوتون جوتون (١٩٨٣ع)، ڪو ڪڻ يا ڪلياڻ (١٩٨٦ع) وغيره شامل آهن.

پر استاد حقيقي معنيٰ ۾ پڙهندڙن جي اڳيان ڪتابي صورت ۾ پنهنجي وفات کان پوءِ آيو. پاڻ ٩- آڪٽوبر ١٩٩٢ع تي ڪينسر وگهي رحلت ڪيائين. ائين، سندس زندگي ۾ جن پبلشرن کيس ڪتابن جا مسودا نهايت بي دردي سان واپس ڪيا، تن ٻوڙي وجي سندس ڪتاب ڇپرائڻ شروع ڪيا. اٿين اُستاد پنهنجي وفات کان پوءِ پبلشرن لاءِ ”هاٽ ڪيڪ“ ثابت ٿيو. هيستائين سندس ڪيترائي مجموعا ڇپجي چڪا آهن ۽ استاد بخاري کي بي پناهہ پذيرائي ملندي رهي آهي. انهي جو واحد سبب استاد بخاري جي شاعري جو عوامي رنگ آهي.

هيستائين استاد جا مٿين ڪتابن کان سواءِ هيٺيان شعري مجموعا شايع ٿي چڪا آهن:

”ولولو ۽ ووڪ“، ”گلدستي ۾ گيت“، ”زندگي - زندگي“، ”لهر لهر دريا“، ”در تي سر تي“، ”ماندي ٿي نہ مارئي“، ”تز تز تيڏيان ڳالهيان“، ”بخاري جا قطعہ“، ”سوچون، پٽڪا، واڪا“، ”نہ ڪم نبريو - نہ غم نبريو“، ”لهري لهري ۾ لالاڻ“ وغيره. ●

# اِمداد حسيني

سنڌي شاعريءَ جو دامن سدائين مالا مال رهيو آهي، ڀٽائي کان وٺي اياز تائين. يا ڀٽائيءَ کان اڳ، ۽ اياز کان پوءِ، سنڌي شاعري پنهنجي فڪر ۽ جوهر ۾، سدائين مالا مال رهي آهي. امداد حسيني به انهي ئي مالها جو هڪ موتي آهي ۽ جديد سنڌي شاعريءَ ۾، اياز جو مقام پنهنجي جاءِ تي، پر امداد حسيني جي ڇاپ گهري نظر ٿي اچي.

## سوانح:

امداد حسيني جو پورو نالو سيد امداد علي شاهه آهي. هو ۱۰ مارچ ۱۹۴۰ع تي ٽکڙ ضلع حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو سيد فضل محمد شاهه آهي. امداد حسيني جو ڏاڏو سيد اسدالله شاهه 'فدا' پنهنجي دؤر جو وڏو عالم هو ۽ عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري به ڪندو هو ۽ انگريزن جي دؤرِ حڪومت ۾ حيدرآباد شهر جو قاضي هو. امداد حسيني جي جنم ڀوميءَ ٽڪڙ، سنڌي ادب ۾ هڪ مڪتبه فڪر جي حيثيت رکي ٿي ۽ ٽڪڙ سنڌي ادب کي ڪيترائي ناليرا ۽ کهنه مشق شاعر ڏنا آهن.

امداد حسيني پنهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ جي ڪتاب ۾ حاصل ڪئي. بعد ۾ هن وڌيڪ تعليم حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي. سنڌ يونيورسٽي مان ايم - اي آنرس جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ، امداد مختلف علمي ۽ ادبي ادارن، جهڙوڪ: سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ نوڪري ڪئي. سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ پرائمريءَ کان انٽر تائين جي نصاب مرتب ڪرڻ، ايڊٽ ڪرڻ ۽ سبق ۽ نظمن لکڻ جو ڪم امداد لڳاتار پنجويهن سالن تائين ڪيو. انهي وچ ۾ به پيرا ۱۹۷۷ع کان ۱۹۷۹ع ۽ ۱۹۹۱ع کان ۱۹۹۲ع تائين سنڌي

ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ علمي ۽ ادبي پرچي "مهراڻ" جي ايڊيٽريءَ جون ذميداريون نهايت خوش اسلوبي سان ادا ڪيون. امداد حسيني جي ايڊيٽري جي دوران "مهراڻ" جي پرچن جو معيار نهايت بلند پايي جو آهي.

## ادبـي اوسر:

امداد حسيني شعر لکڻ جي شروعات ٻارهن سالن جي عمر کان ڪئي. جڏهن هو پنهنجي هڪ دوست تاج ٽکڙائي سان خط و ڪتابت ڪندو هو، جنهن ۾ هڪڙي ڪي شعر بہ لکي موڪليندا هئا. پر امداد ڪي اها شعر جي سُٽي پنهنجي گهر مان ئي ملي. ڇاڪاڻ تہ امداد جو ڏاڏو اسدالله شاهہ 'فدا' پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ شاعر هو. هن ١٩٠٦ع ۾ 'بهارِ اخلاق' جي نالي سان هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو هو، جنهن جو ايڊيٽر پاڻ ئي هوندو هو. رسالي ۾ 'طرح مصرح' پڻ ڏني ويندي هئي ۽ ان ريت ان ۾ طرحي ۽ غزل ڇپبا هئا. اهو رسالو سنڌي ادب جي 'سالها سال' خدمت ڪندو رهيو. نوجوان سادات غلام مرتضيٰ سنائي (جي - ايم - سيد) ڪي علم ۽ ادب ۽ سياست جي واٽ جو سونهون ڪندڙ اسدالله شاهہ 'فدائي' هو. سندس عاليشان لئبرري پڻ هئي.

امداد جي ڏاڏي جو ننڍو ڀاءُ سيد حافظ شاهہ پڻ نهايت پرسوز ۽ سريلو شاعر ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي ماسات سعيد ٽکڙائي جي صحبت مان بہ گهڻو پرايو. امداد جي شروعاتي شاعري پنهنجي ڳوٺ جي شيدياڻين ۽ مڱڻهار ڳائڻين ڳائي. ائين امداد جي شاعري جي شروعات "سريلي شاعري" (Lyrical Poetry) سان ٿي.

امداد حسيني ١٩٦٠ع واري عرصي ۾ بيحد خوبصورت، منفرد ۽ جديد رنگ ۾ رچيل نظم ۽ غزل چيا. ١٩٦٢ع ڌاري امداد جو نظم "التجا" 'مارئي' رسالي ۾ ڇپيو، جنهن جي ايڊيٽر 'زينت عبدالله چنا' هئي. ١٩٦٣ع ڌاري 'روح رهاڻ' ۾ امداد جي شاعري گهڻو ڌيان ڇڪرايو. بقول حميد سنڌي جي: "١٩٦٣ع وارن پرچن (روح رهاڻ جي) ۾ امداد حسيني جا نظم نئين سماجي فڪر ڪي ڪنيو بيٺا هئا" ان ئي عرصي ۾ امداد "روح رهاڻ" ۾ ساٿي ايڊيٽر پڻ ٿي رهيو.

امداد حسين جي شاعري جو پهريون مجموعو 'امداد آشہ رول'

١٩٧٦ع ۾ ڇپيو. ان ڪتاب جي نالي جي حوالي سان امداد هڪ هنڌ لکيو:

"منهنجي هڪ غزل امداد آهي رول، تون موتي ائين نہ رول، ڪٿي رشيد ڀٽي مون کي چوندو هو: "امداد آهي رول" ۽ پوءِ مون ڪتاب جو نالو بہ اهوئي رکي ڇڏيو."

انهيءَ پهرين مجموعي جي حوالي سان سحر امداد "هوا جي سامهون" جي مهاڳ ۾ لکي ٿي:

"امداد جو پهريون مجموعو "امداد آهہ رول" مون ئي ترتيب ڏنو هو. رولاڪيءَ جو فلسفو آڏو رکي. "رولاڪي" اِن اسينس آف، تلاش؛ جستجو، سرگرداني، ويهي نہ ووڙڻ. مون امداد جي ئي هڪ مشهور غزل جي سٽ مان مجموعي لاءِ نالو "امداد آهي رول" چونڊيو هو."

امداد حسيني جو ٻيو شعري مجموعو "هوا جي سامهون" ٢٠٠٠ع ۾ ڇپيو. هن مجموعي ۾ امداد جا نظم، غزل، گيت، آزاد نظم، وايون، ترائيل، ٽيڙو، دوها، بيت وغيره ڇپيل آهن. هن ڪتاب جا طويل مهاڳ، امداد جي گهر واري سحر امداد لکيو آهي، هو لکي ٿي:

"امداد پنهنجي احساسن جي تُز ۽ گهري اظهار لاءِ سُڏڪي مان سڏڪيل ۽ اُلڪي مان اُڪليل جون صورتون استعمال ٿو ڪري، جيڪي عام مروج ناهن. ائين شاعر پنهنجي احساسن جي سهڻي ۽ سُريلي اظهار لاءِ لفظن کي ڪيئن نہ تخليقي سطح تي استعمال ڪري ٿو، ۽ پنهنجو هڪ منفرد ڊڪشن ناهي ٿو، جيڪو اڳتي هلي هن جي سڃاڻپ ٿو بنجي. ان ريت شاعر ٻوليءَ جي لفظن ۽ معنائن کي وسعت ۽ سونهن عطا ڪري ٿو."

"شهر" امداد حسيني جو مشهور ۽ طويل نظم آهي، جيڪو پهرين "سهڻي" ۽ پوءِ ڌار ڪتابڙي جي صورت ۾ ڇپيو. اهو نظم اسي واري ڏهاڪي ۾ حيدرآباد جي لساني فسادن جي پس منظر ۾ لکيو ويو، جيڪو انهي ڪربناڪ دور جي صحيح عڪاسي ڪري ٿو، جڏهن اڳوڻي آزاد سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رت ۾ وهنجيل ۽ اصل ڌرتي ڌڻين جي لاءِ اوپرو بنجندو پي ويو؛ ڪيڏو نہ ڪرب آهہ هنن سٽن ۾:

هي منهنجو شهر آهه يا دشمن جو شهر آ
آهن ڪي ڪير لوڪ نقابن جي پوئتان
قرآن ٿن هٿن ۾ ڪچن ۾ ڇرا اٿن
ڪرسي لهوءَ جي پياس ڇپن تي ڪٽيو گهمن
۽ رات ڏينهن پوٽ مٿان پٽ هٽيون گهمن
ٻولي به منهنجي ڪانه ٿا ڳالهاءِ هو سگهن
لولي به منهنجي ڪانه ٿا ورناءِ هو سگهن
ماڻو ڪري رسان ته نه پرچاءِ هو سگهن
ڇپ تي ڇپيون، اماڙ اکين ۾ ڪٽيو رلن
واڇن ڪي تازو گرم لهو ٿا هٽيو رلن
مارين ٿا ڦرين ٿا ۽ ٺهڪ ڏين ٿا.

نظم جي پڄاڙي انهي ڳالهه جي نشاندهي تي ڪري ته حيدرآباد کان سواءِ سنڌ، سنڌي قوم جو وجود اڌورو آهي ۽ حيدرآباد دل جي حيثيت تي والاري:

اي حيدرآباد شهر اي نيرون ڪوٽ شهر
توکان سواءِ آهه ڇپن ۾ صدا ڪٿي
توکان سواءِ آهه هٿن ۾ دعا ڪٿي
توکان سواءِ شراب ۾ آهن نشا ڪٿي
توکان سواءِ حسن ۾ آهي ادا ڪٿي
توکان سواءِ عشق ۾ آهي وفا ڪٿي
اي حيدرآباد شهر اي نيرون ڪوٽ شهر.

امداد حسينيءَ، شاعريءَ سان گڏوگڏ نثري ادب کي 'سانول' جي نالي سان يڪتا ڪهاڻيون ڏنيون آهن. "سو ڳالهه بي ڪيم..." جي نالي سان امداد حسيني جو ڪالم ڪجھ عرصو پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائيندو رهيو. تنهن کان سواءِ هن مضمون ۽ تحقيقي مضمون پڻ لکيا آهن، جن جي ادب ۾ الڳ اهميت آهي. ان کان سواءِ امداد ريڊيو لاءِ ڊراما، گيتن ڀريون ڪهاڻيون ۽ گيت پڻ لکيا. ان کان علاوه ٽي وي لاءِ هن ڪيترائي ڊراما ۽ سيريل "زنجيرون" جي نالي سان لکي. ٽن سنڌي فلمن "ڌرتي لال ڪنوار"، "حاضر سائين" ۽ "سهڻا سائين" لاءِ گيت پڻ امداد حسينيءَ لکيا آهن. ●

ان کان سواءِ، مشهور سنڌي رزميه "دودو چنيسر" ۽ مرزا قليچ بيگ

جي ناول ”زينت“ جو اردو ترجمو پڻ ڪيائين، جيڪي ترتيبوار ’لوڪ ورثه اسلام آباد “ ۽ ”اڪيڊمي آف ليٽرس“ پاران ڇپرايا ويا. امداد حسينيءَ بابا فريد جي شاعري ۽ مادو لعل حسين جي شاعريءَ جون پڻ سنڌي ترجمو ڪيو.

امداد حسيني ”سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ“ ۽ ”سنڌي ڪتابن جو ڪئٽلاگ“ پڻ مرتب ڪيا، جيڪي ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي“ ڇپرايا.

امداد حسينيءَ ”سهڻي“ ۾ نون شاعرن جو ڀاڱو مرتب ڪرڻ ڪانسواءِ عبرت مئگزين جو ايڊيٽر ۽ ”ڪونج“ جي هڪ پرچي جو ”ساٿي ايڊيٽر“ پڻ رهيو.

مٿين ڇپيل ڪتابن کان سواءِ امداد حسيني جي اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ ڪهاڻين، مقالن، ڊرامن جا مجموعا ۽ شاعريءَ جا ٽي مجموعا ڇپائيءَ لاءِ تيار آهن.

امداد حسيني کي آگسٽ ٢٠٠٢ع ۾ صدارتي تمغو براءِ ”حسن ڪارڪردگي“ پڻ ڏنو ويو. ●

# ابراهيم "منشي"

سنڌ جي جن وطن دوستن ۽ عوام دوست شاعرن، پنهنجي شعرن جي ذريعي "عطائي" ٿي در در وڃي، قوم ۾ ڪي جاڳايو ۽ منجهن قومي شعور پيدا ڪيو. پنهنجي شعري صدائن جي ذريعي جهر جهنگ جوالا پيدا ڪيا، منشي ابراهيم به انهن "عطائي شاعرن" مان هڪ آهي.

## سوانح:

محمد ابراهيم ولد محمد اسحاق سومرو، ١٥ جنوري ١٩٣٤ع تي، حيدرآباد ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ "جنهاڻ سومرو" ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ محمد اسحاق پنهنجي وقت جو "صفت" جو سٺو شاعر به ليکيو ويندو هو. پاڻ مولودي پڻ هوندو هو. عربي ۽ پارسي جو سٺو ڄاڻو هو. ابراهيم منشي تعليم پنج درجا سنڌي ورتي. ڪيس پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو ۽ پهرئين درجي کان چوٿين درجي تائين سدائين پهريون نمبر ايندو هو.

منشي ابراهيم جو والد ١٩٤٥ع ۾ سلهه جي بيماري وگهي گذاري ويو. انهيءَ وقت منشي ابراهيم جي عمر ٻارهن سال هئي.

والد صاحب جي گذاري وڃڻ کان پوءِ "منشي ابراهيم" پڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ ٻارنهن سالن جي عمر ۾ هڪ گڏهه وٺي، ان تي واپار شروع ڪيائين، ٻني جي مياڻ کان پلا ڪٽي ڳوٺن ۾ ڪپائڻ، ۽ سياري جي مند ۾ "ڪپور" تان "خواجن" کان ڳڙ سودي گهر گهر کپائڻ ۽ مختلف قسمن جو سامان گجر، بصر وغيره وڪٽي گذرسفر شروع ڪيائين.

انهيءَ رواجي ماحول ۾ پاڻ عشقيه نموني جي شاعري ۽ ڪافيون ڪلام ناهڻ لڳو. پاڻ مرادو ڳائڻ، مولودين سان مولود پڙهڻ، اهو شغل به ڪيائين. منشي شاعري جي اها شروعات ١٩٤٩ع کان ڪئي.

"منشي ابراهيم" جو ڳوٺ جنهاڻ، ٽنڍي ۽ حيدرآباد ضلعن جي وچ

تي سرحدي ۽ ٻيلي جي ڪنڌ تي آهي. منشي وارا "مارو" ماڻهو هئا. مال جهجهو هئڻ ڪري، سندن اُتي ويني ٻيلي سان گهڻي هوندي هئي. هاڻ ته مولچند، ٻيلو وڏجي پوئو تي ويو آهي، نه ته ڪو وقت مولچند ٻيلو. ڪچو توڙي پڪو، مست ٻيلو هو. پنج مڙس ڪُهي، ويڙهه ۾ ورائي چڏ ته سؤ سال سماءُ ئي نه پوي.

انهي وقت ٻيلي ۾ مال جي چوري به عام هوندي هئي. انهيءَ دوران منشي ابراهيم هڪ مينهن ورتي، جيڪا پوءِ چوري تي ويئي. ڪيس انهيءَ چوريءَ جي خبر پئي ته گهڻي وڙول ۽ پڇاڳاڇا ڪيائين، پر ڪو ڪر پير نه مليس. ائين منشي ابراهيم به گڏهه وڪڻي، سنگتي ساٿي هٿ ڪري، جوابي ڪاروائي طور آسپاس چورين ڪرڻ لڳو. پاڻ اها ڪار ساندهه پنج سال ڪيائين.

"ائين ڪونه هو ته ڪو منهنجو ڪو روزگار چوريءَ تي هو. ڏنڊو ٻيو به ڪندا هئاسين. ٺيڪيدارن وٽ منشي گيري ۽ ٻيا به ٿورا ٿورا ڪم پيا ڪندا هئاسين، پر ڪاٺڪوٽن سان لين دين هلندي رهي. پوءِ ته سائين ٿونڊ ۾ پرجي ويس. ڏاڍو مڙس، اڇي ڪهاڙي، ٻوسڪي جو پٽڪو، مڙس ڪاٺڪو، ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي، اٺويهه سال عمر، ٿوهه جواني، انهيءَ وچ ۾ عشق به پيئي ڪياسين. سوپاريون، سنيها، انجام، راتيون، ڪهاڙي، ڊپ، پنڌ، ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون عجيب ڪيفيتون، ياريون باشيون، هڪ احساس منهنجي وجود کي ايترو ته جنجهوڙيو، جو آئون وري ڪڏهن ڪنهن جي ڪک کي ويجهو نه تيس."

منشي ابراهيم پنهنجي ڪتا ٻڌائيندي چوي ٿو.

جيئن جيئن شعور وڌندو ويس، تيئن سوچ ۽ لوچ عجيب پاسا بدلايا. انساني حالتن، طبقاتي ڇڪتاڻ ڏاڍ ۽ اڻ برابريءَ، ظلم ۽ تشدد، هاري زميندار حساب ڪتاب، لچائيون، بدمعاشيون، ٺڳيون تي ويهي سوچيندو هو ته اهي ڇو آهن. اهي سوچ جي پيڙائون ڪيس سمهڻ ئي نه ڏينديون هيون.

نتيجي ۾ سندس اندر جو شاعر ڪر موڙي اُٿيو ۽ پنهنجون پيڙائون پني تي لاهڻ شروع ڪيائين ۽ سندس اها شاعري سنڌ ۾ جوالا مکي بنجي ويئي. محمد ابراهيم جويو چوائي؛

”هن ڏوتي، هن عطائي، هن درياءَ دل، راڳي شاعر، پنهنجي منفرد نظمن، واين ۽ ڪافين ۽ بيتن سان اسان جون جهوليون پريون آهن. جهولين ڪان وڌ اسان جون دليون پرڻ چاهيون آهن. بشرطيڪ هن جي اها ورڪا وئڻ لاءِ اسين پنهنجون دليون کوليون ۽ اُن ۾ جا صدا آهي، پنهنجي ماروئن ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ قرباني ۽ ڪم جي صدا ٻڌون.“

اڳتي هلي ”روح رهاڻ“ رسالي سنڌ جي نئين ٿهيءَ ۾ ١٩٦٢ع ڪان جاڳرتا پيدا ڪئي. بسنت هال ۾ ٿيندڙ ”جشن روح رهاڻ“ انهي سلسلي جي اهم ڪڙي آهي. انهي سلسلي ۾ منشي لکيو:

”مون کي بـ انهيءَ جي خوشبوءَ اگهور ستل ننڊ مان جنجهوڙي، اُٿاري، ڪا تعجب جهڙي ڳالهه ٻڌائي ۽ منهنجي ذات مون وٽ نئين روپ ۾ اچڻ لڳي. جنهن مون کي قومي احساس ڏياريو، ١٩٦٧ع کان مون کي مجبور ڪيو ويو تـ قومي فرض جو رهيل قرض توکي لاهڻو آهي. منهنجي نس نس ۾ اڳي ئي طبقاتي گهٽ وڌائي ٻارڻ ٻاريو بيٺي هئي ۽ ويتر قومي فرض شامل ٿيڻ سان نئين واٽ کلي.“

منشي ابراهيم جي اها ڪيل شاعري سنڌ جي قومي انقلابي ۽ طبقاتي تحريڪ جو هڪ اهم باب آهي؛ منشي نظم، بيت، وائي ۽ غزل جي صنف تي طبع آزمائي ڪئي. انهيءَ شاعري جي نتيجي ۾ وقت جي حڪمرانن کيس ”ڊفينس رولس پاڪستان“ (DPR) يعني پاڪستان سان غداري جي الزام ۾ ٻين محب وطن سان ڪٺي جيل ۾ وڌو،؛

منشي جو اهو قيد جو عرصو ايڪيتاليهه مهينا هليو.

منشيءَ جي اهڙي قومي انقلابي شاعري جا چار مجموعا ڇپيل آهن. جن جا نالا: ”وڳهه جا وريام“، ”گوندر ويندا گذري“، ”ترتي دين ترم“، ”ڏونٽري ڏينهن ڌاڙا“. (انهن ڪتابن جا ڪيترائي ڇاپا ڇپيا).

مٿين ڪتابن کان سواءِ منشي جي ٻي بـ ڪيتري ئي اڻ ڇپيل شاعري موجود آهي.

منشي محمد ابراهيم ٢٠٠٢ع تي وفات ڪئي، کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ”جنهاڻ“ ۾ دفنايو ويو. ●

# پيرومل مهرچند اڏواڻي

جن سنڌي عالمن، اُستادن ۽ اسڪالرن، پنهنجي وت ۽ وس آهر سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ نور نچوئي بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي ادب جي آبياري ڪئي، انهن ۾ ڪاڪي پيرومل جو نالو وسارڻ جوڳو ڪونهي. بقول سائين جي - ايم - سيد جي:

> ”سرڳواسي پيرومل سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن مان هو. سنڌ جي قديم سڀيتا، ڪلچرل روايات ۽ زبان بابت کوجنا ڪري، هن جيڪو مواد ڪٺو ڪيو ۽ ڪتابي صورت ۾ آندو آهي، سو تعريف جي لائق آهي. سنڌين کي جڳائي ته هن بي مثل اديب جو نالو دلين تان نه وسارين.“

**سوانح:**

پيرومل مهرچند، حيدرآباد جي عامل پاڙي جي مشهور آڏواڻي ڪٽنب ۾ ١٨٧۵ع ڌاري، ديوان مهرچند آئل مل جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم مڪاني اسڪول ۾ ورتائين. سيڪنڊري تعليم حيدرآباد جي مشهور يونين اسڪول ۾ ورتائين. اُتي ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي ۽ سندس ڀاءُ ديوان تاراچند شوقيرام آڏواڻي کان ٻي تعليم وٺڻ سان گڏوگڏ، هو شاهه لطيف جو ڪلام پڻ پڙهيو هو. ڪاڪو پيرومل آڏواڻي ١٨٩۵ع ۾ ويهن سالن جي ڄمار ۾، سالٽ (لوڻ) ايڪسائيز کاتي ۾ پنجويهه روپيا ماهوار تي نوڪريءَ ۾ گهڙيو. ۽ اتي ٢٨ سال نوڪري ڪري ١٩٢۴ع ۾ ايڪسائيز انسپيڪٽر جي عهدي تان ٻه سؤ روپيا پگهار تي پينشن تي لٿو.

انهي وقت اسڪولن ۾ سنڌي مئٽرڪ تائين پاڙهيندا هئا. ١٩٢۴ع کان پوءِ بي - اي تائين پڙهائڻ شروع ڪيائين. ساڌ ٻقط ڊي - جي سنڌ ڪاليج

۾ پڙهائي ويندي هئي. ١٩٢٤ع ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري لاءِ ولايت اُسهڻ کان پوءِ، اُن عهدي تي ڀيرومل کي ڪم ڪرڻ جي آڇ ٿي. هن جو لاڙو اڳ ۾ ئي علمي ۽ ادبي ميدان طرف هو. جيتوڻيڪ اُتي پگهار ايڪسائيز کاتي جي ڀيٽ ۾ گهٽ هئي. تڏهن به اها آڇ قبول ڪيائين. ائين پاڻ ڪراچي جي ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج (ڊي - جي ڪاليج) ۾ سنڌي جي ليڪچرار طور ڪم شروع ڪيائين. پاڻ لکي ٿو:

"هڪ سؤ روپيا (ماهوار) پينشن وٺي ايڪسائيز کاتو ڇڏي آيس. جو هيءَ ڪم منهنجي دل وڻان هو. بي - اي جي شاگردن ۾ سنڌي لاءِ چاهه وڌايم ته پوءِ ڪاليج جي سيني ڪلاسن ۾ سنڌي پيئي ۽ پنهنجو پورهيو سجايو سمجهيم."

ڊي - جي ڪاليج ۾ ڀيرومل کي پنهنجو من پسند ماحول مليو. اُتي ڪيس ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن سان اُٿڻ ويهڻ جو موقعو مليو، جن ۾ پرنسپال صاحب سنگهه چنداسنگهه شهاڻي، پرنسپال ٻتاڻي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي شامل آهن.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي، جيئن اسان کان ٻيا اديب ۽ عالم جدا ڪيا، تيئن ڀيرومل به جدا ٿي ويو. ورهاڱي وقت هي پهرين ته ڪراچي ۾ رهيو پيو هو، پر پوءِ حالتن جي ڪري نومبر ١٩٤٩ع ۾ بمبئي لڏي ويو، جتي پڻ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪندو رهيو. اُتي هن ٧ جولاءِ ١٩٥٠ع تي وفات ڪئي.

ڪاڪي ڀيرومل جو ڪوجنا ۽ تاريخ جي کيتر ۾ اهم مقام آهي. بقول هيري ٺڪر جي ته:

"سندس دؤر سنڌي نثر جي آغاز جي ٻين منزل وارو دؤر هو، جنهن ۾ ڪوڙو مل چندن مل کلناڻي، راڄرشي ڏيارام گدومل، مرزا قليچ بيگ جهڙا مهارشي اڳ ۾ ئي پنهنجو يوگدان ڏيئي چڪا هئا ۽ جيٺمل پرسرام، پرمانند ميوارام ۽ لعلچند امر ڏني مل جهڙا ڪيئي ساهتڪار پنهنجو يوگدان ڏيئي رهيا هئا، پر جيستائين سنڌ ۾ تحقيقي ۽ تواريخي ادب جو واسطو آهي. اُتي هڪ لحاظ کان ائين به چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ ان قسم جي ادب جي پيڙهه

ڪاڪي پيرو مل ٻڌي. هن واحد شخص اُن ڪيتر ۾ اهڙو ۽ ايترو ڪم ڪيو، جهڙو ۽ جيترو اڳ ڪڏهن ٿيو ئي نه هو."

ڪاڪو پيرومل سنو شاعر پڻ هو. پاڻ "غريب" جي تخلص سان شاعري ڪندو هو. سندس ڪيل شاعريءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا اصلوڪا شعر جيڪي پاڻ جوڙيا اٿائين ۽ ٻيا ڪيترا شعر وري ٻين ٻولين مان سنڌي ۾، شاعرائي قالب ۾ ترجمو ڪيا اٿائين.

پيرومل جي شاعري گهڻي ڀاڱي واقعاتي آهي، ڪي واقعا وغيره ڏسندو هو ته سندس جذبا اُٿل کائي اُتندا هئا ۽ انهن واقعن کي شاعريءَ ۾ قلمبند ڪندو هو. تنهن کان سواءِ ١٩٠٥ع کان وٺي، سنڌي درسي ڪتابن ۾ اتڪل هڪ سؤ کن سبق هن جا لکيل آهن. نظم توڙي نثر ۾، جهڙوڪ: "مونکي ڪنهن ٿي ڪير پياريو" ۽ لاباري بابت - "اجهو اسوءَ جو مهينو آيو، لاباري جو ڪريو سعيو." ۽ ماکيءَ جي مک بابت ۽ "وقت چوي ٿو مان بادشاهه" وغيره.

ڪاڪو پيرومل هڪئي وقت ڪوجنيڪ، تاريخ نويس، لسانياتي ماهر، مضمون نگار، ڪٿاڪار، ناٽڪ ڪار، سيلاني، شاعر ۽ مترجم پڻ هو. هيري ٺڪر جي ڪيل تحقيق موجب ڪاڪي ٽن فل ۽ هڪ اڌ ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. اهي هن ريت آهن: حرص جو شڪار (شيڪسپيئر جي ڪنگ جان جو ترجمو)، گلن جا گوندر (ايڇ بي اشو جي ڪتاب "انڪل ٽامس ڪئبن" جو ترجمو)، ٽئگور جي ناٽڪ "پوسٽ آفيس" ۽ والٽر اسڪاٽ جي ناول "ٽئلمسن" عرف غازي صلاح الدين جو پويون اڌ ترجمو ڪيائين. اهو ڪتاب ڀيرين ساڌو هيرانند سنڌي ۾ آڻڻ شروع ڪيو، پر هن جي وفات کان پوءِ باقي رهيل حصو ڪاڪي پيرومل ترجمو ڪيو.

هيري ٺڪر جي ڪيل تحقيق موجب ڪاڪي پيرومل جي ڪُل ننڍن وڏن مختلف موضوعن تي ڇپيل ڪتابن جو تعداد ٦٠ آهي. تنهن کان سواءِ ڪاڪي پيرومل جا ڪيترائي مضمون، جيڪي علمي، ادبي، تاريخي، تنقيدي ۽ تحقيقي قسم جا آهن، سي ماهوار "سنڌو"، "مهراڻ"، "اندس"، "سرسوتي"، "ڦلواڙي" مخزنن ۽ ڊي - جي - سنڌ ڪاليج جي مسلني وغيره ۾ ڇپيل آهن. جيڪڏهن انهن کي ميڙي چونڊي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪجن ته ڪئين ڪتاب جڙي پون.

پيرومل جي ڇپيل ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

## تاريخ ۽ تحقيق:

هندستان جي تاريخ، عاملن جو احوال، سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ، سنڌ جي هنڌن جي تاريخ (ٻہ ڀاڱا)، قديم سنڌ، هندن جون ريتون رسمون، ريتن رسمن جو بنياد، هنڌن جي جيوت، ٻهاڪن مان پڌري، انگلينڊ جي تاريخ (پروفيسر ڇبلاڻي سان گڏ لکيل) سنڌ جي تاريخ (لسانيات گرامر)، غريب اللغات، ٻهاڪن جي پيڙهہ، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ننڍو سنڌي وياڪرڻ (مرزا قليچ بيگ سان گڏ لکيل)، سنڌي ٻولي، گلقند (ٻہ ڀاڱا)، سنڌي ٻولي جي تاريخ، سنڌ ي وئتپتي ڪوش، اصطلاحن جو بنياد، لفظن جو بنياد.

## مضمون/ ادبي انتخاب:

هيري جون ڪٽيون (ايڊٽ ڪيل)، گلزار نثر، بهار نثر، جوهر نثر.

## ناول / ڪهاڻيون:

آنند سندريڪا، وربل ۽ نعمت، موهني ٻائي، ڏي ۽ وٺ.

## ناٽڪ:

ڏرو پڳت، بزازين جو ناٽڪ، مڙس جي مڙسي، پنگتي مقدمو، گوپيچند.

## شعر:

گلزار نظم، چونڊ ڪلام، نؤ بهار، جوهر نظم.

## سئر سفر:

سنڌو سيلاني، لطيفي سئر

## ترجما:

حرص جو شڪار، گولن جا گوندر، آزادي جي ڪوڏي، طلسم.

## متفرقہ:

پريم جو مهاتم، گهرو ڪفايت، هندن جي لڏپلاڻ، سنڌ جون سوکڙيون، سر سورٺ معنيٰ سان، مرزا قليچ بيگ جي حياتي، حڪمتي ماجسٽريٽ، شري ڪرشن، شيطان منجهان انسان، موتين جي مالها، پتري

پستڪ، سورهان سنسڪار، وچن مالا، ٻارائيون ٻوليون، سر ٿامس موئر، موئن جو دڙو (انگريزي ۾) .

ڪاڪي ڀيرومل سنڌي ادبي بورڊ واري ”جامع سنڌي لغات“ جي پهرين جلد مرتب ڪرڻ ۾ سرگرم حصو ورتو. ڀيرومل سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ (جيڪو اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ ٿيو) جو شروع کان وٺي ميمبر بہ رهيو هو. بعد ۾ هو ان مرڪزي بورڊ جو ڪجهہ وقت لاءِ وائيس چيئرمين بہ ٿي رهيو. بورڊ جي ماهوار رسالي ”مهراڻ“ جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر بہ هو. هو جتي بہ رهيو، اُتي پنهنجي محنت سان آمٽ ڇاپ ڇڏيائين. ●

# تنوير عباسي

”پنهنجي ٿوري عمر آهر، مون بہ جيڪي ڪجهہ ڏٺو وائٺو آهي، جيڪي واقعا منهنجي اکين آڏو گذريا آهن، جيڪي ڪجهہ بہ منهنجي احساس کي اُتاري ۽ جذبن کي جاڳائي سگهيو آهي، جنهن بہ نظاري اکين کي آرام ڏنو اٿم، ان کي ڪوشش ڪري، اهڙيءَ ريت لکيو اٿم، جيئن ٻين جي دل ۾ بہ اهڙائي احساس اُٿن ۽ اهڙائي جذبا جاڳن، جيڪي منهنجي دل ۾ جاڳيا. جي پنهنجي ڏڪندڙ ڏيئي جي وسامڻ کان اڳ ۾، ان جي لاٽ مان ڪي ٿورائي ڏيئا ٻاري سگهيس تہ منهنجو جيئڻ سجايو ٿيو.“

اهي لفظ سنڌ جي ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي پهرينءَ شعري مجموعي ”رڳون ٿيون رباب“ جي مهاڳ ۾ لکيا آهن، جيڪڏهن تنوير عباسيءَ جي زندگيءَ کي انهن لفظن تي پرکبو تہ انهن تي پوري لهندي نظر ايندي.

## جنم ۽ تعليم:

تنوير عباسي، جنهن جو اصل نالو ”نور نبي عباسي“ آهي ۽ ’تنوير‘ تخلص اٿس. خيرپور ضلعي (ان وقت رياست) جي ڳوٺ سوڀي ديري ۾ گل حسن عباسي جي گهر ۾ ۷ ڊسمبر ۱۹۳۴ع تي ڄائو. پرائمري تعليم نوشهري فيروز ۾ شروع ڪيائين. ٻين درجي کان مئٽرڪ تائين ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. ۱۹٦۰ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج، ڄامشوري مان ايم - بي - بي - ايس جو امتحان پاس ڪيائين. ان وقت کان وٺي، پنهنجي وفات کان بہ هفتا اڳ تائين پاڻ خيرپور ۾ رهيو ۽ خانگي اسپتال هلائيندو رهيو.

تنوير عباسيءَ جو پهريون شعر ”فنڪار“ (حيدرآباد) ۾ ۱۹۵۰ع ۾ ڇپيو. ’تنوير‘ کان اڳ پاڻ ”مغموم“ تخلص استعمال ڪندو هو. سندس پهريون شعري مجموعو ”رڳون ٿيون رباب“ ۱۹۵۸ع ۾ ڇپيو. تنوير عباسي

شاعري کان سواءِ تحقيق، تدوين، ترتيب، اپياس، سفرناما لکيا ۽ ترجما پڻ ڪيا. انهيءَ کان سواءِ پاڻ هڪ ڪهاڻي ”لوئي“ پڻ لکيائين، جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي سٺين ڪهاڻي ۾ شمار ٿئي ٿي، جيڪا تماهي ”مهراڻ“ ۾ ڇپي. ان کان سواءِ، پنهنجي شروعاتي ادبي زندگيءَ ۾ هڪ ناول پڻ لکيائين، جيڪو اڻ ڇپيل ئي رهيو. سندس ڪجهه شاعري انگريزي، پنجابي، سرائيڪي ۽ اردوءَ ۾ پڻ ترجمو ٿي ڇپي.

تنوير عباسي ڪيترن ئي ادبي ادارن جو صلاحڪار ميمبر ۽ عهديدار پڻ رهيو، جن ۾ سچل چيئر، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جو صلاحڪار ۽ ڊائريڪٽر ميمبر ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي سچل اڪيڊمي خيرپور، ميمبر - بورڊ آف ايڊوائيزرس شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ميمبر بورڊ آف ايڊوائيزر سنڌالاجي ميمبر سنڌي ادبي بورڊ، ميمبر سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ميمبر ريجنل ايڊوائيزري ڪاميٽي ريڊيو پاڪستان خيرپور ۽ سيڪريٽري ”سچل يادگار ڪميٽي سنڌ“ شامل آهن.

تنوير عباسيءَ کي سندس علمي ادبي ۽ تحقيقي خدمتن جي مڃتا طور ڪيترائي ايوارڊ ۽ شيلڊون پڻ مليون، جن ۾ صدارتي ايوارڊ تمغه حسن ڪارڪردگي ۽ رائيٽرس گلڊ ايوارڊ، نارائڻ شيام ايوارڊ (انڊيا)، سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ وغيره شامل آهن.

ڊاڪٽر تنوير عباسي، شاهه لطيف يونيورسٽي ۾ سچل چيئر جو خيال ڏيندڙ ۽ اُن جو سربراهه رهيو ۽ سنڌي شعبي ۾ ايم - فل ۽ پي - ايچ - ڊي جي اسڪروٽني ڪاميٽي جو ميمبر ۽ اعزازي ليڪچرار پڻ رهيو.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو نالو ٻه ڀيرا لطيف يونيورسٽي جي وائيس چانسلر طور نامزد ٿيو، پر تر جي بااثر قوتن جي سخت مخالفت سبب ڪيس انهي عهدي تي اچڻ نه ڏنو ويو.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ١٩٦٦ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل پڻ رهيو ۽ سنگت جي شاخن ۽ مرڪز جي جوڙجڪ ۽ ڪار وهنوار ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

تنوير عباسي لکڻ جي شروعات شاعري کان ڪئي، پر اڳتي هلي سندس ڌيان تخليق کان وڌيڪ تحقيق ڏانهن ويو، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ لطيفيات، سچليات ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن تي تحقيقي مضمون، مقالا ۽

ڪتاب لکيا، جن جو وچور هيٺين ريت آهي.

## لطيفيات:

شاهه لطيف جي زندگي ۽ شعر تي، سنڌي زبان جي عالمن ۽ محققن جيڪو ڪم ڪيو آهي، پر تنوير عباسي روايتي انداز بدران ڏيهي ۽ پرڏيهي نقادن جي راين جي روشني ۾ شاهه جي فن کي پرکيو ۽ پروڙيو. جيئن شاهه جي شعر کي عالمي معيارن موجب پرکي ۽ پروڙي سگهجي. انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪيل شاهه لطيف جي شاعري تي تحقيقي ڪم جو پهريون ڪتاب ۱۹۷٦ع ۾ ۽ ٻيو ۱۹۸۵ع ۾ ڇپيو ۽ اڳتي هلي جڏهن ٽيون جلد لکيائين ته پهرين ٻن جلدن سان گڏ ۱۹۸۹ع ۾ ٽنهي جلدن کي گڏي شايع ڪيو ويو ۽ اڳتي هلي هر نئين ڇاپي ۾ هڪ اڌ مضمون جو واڌارو ڪندو ويو. شاهه لطيف تي سندس اهو ڪم نهايت اهم نوعيت جو ۽ سائنسي بنيادن تي ٻڌل آهي، جنهن جي سنڌ جي ادبي حلقن گهڻي پذيرائي ڪئي ۽ پسند ڪيو. تنهن کان سواءِ ۱۲۷۵هه جي شاهه جي رسالي تي تحقيق ۽ ترتيب جي ٻنيءَ مان ڪڍي 'مسودي' جي شڪل ڏني جيڪو اڃا نه ڇپيو آهي. يقيناً اهو رسالو به لطيفيات جي حوالي سان قابل قدر اضافو ٿيندو.

## تحقيق ۽ ترتيب:

سچليات تي ڪم ڪندي، تنوير عباسيءَ سچل جي ٻن عقيدتمند شاعرن، نانڪ يوسف ۽ خوش خير محمد هيسبانيءَ جو ڪلام سهيڙي، سموهي پيٽي ڌار ڌار ڪتابن 'نانڪ يوسف جو ڪلام' (۱۹۸۲ع) ۽ 'خوش خير محمد هيسباڻي جو ڪلام' (۱۹۸۱ع) شايع ڪرايو، جيڪي ٻئي ڪتاب 'سنڌي ادبي بورڊ' پاران ڇپرايا ويا آهن. انهن ٻنهي شاعرن جي شاعريءَ تي سچل سائينءَ جي اسلوب توڙي، فڪر جي ڇاپ آهي. پر هنن سرمست جي روايتن کي اسلوب توڙي فڪري لحاظ کان به اڳتي وڌايو.

## سچليات:

لطيف کان پوءِ، تنوير صاحب "سچل سرمست" تي پڻ ڪافي تحقيقي ڪم ڪيو ۽ ڪرايو. جيئن ته لطيف يونيورسٽي ۾ "سچل چيئر" جو خاڪو سندس ئي ڏنل هو، تنهن ڪري "سچل چيئر" جي برپا ٿيڻ سان پاڻ انهيءَ جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو ۽ سچل يادگار ڪميٽي جو سيڪريٽري هئڻ جي

ناتي هر سال درازن ۾ ٿيندڙ ’سچل سائين‘ جي عرس جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالا ۽ پيو ”سچل چيئر“ ۾ ٿيل تحقيقي ڪم چيئر پاران نڪرندڙ ’سرمست‘ ۾ ترتيب ڏيئي ڇپايو. سندس نگراني ۾ اهڙيون ١١ ڪڙيون نڪتيون، جن جي نڪرڻ جو زمانو ١٩٨٠ع کان ١٩٩١ع آهي. تنهن کان سواءِ هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ پڻ چونڊ ۽ ترتيب ڏيئي ”سچل سرمست“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

”سچل چيئر“ پاران ٿي پاڻ ”سچل جو ڪلام“ مختلف رسالا پيٺي تحقيق ڪري، ترتيب ڏنائون، جيڪو ڇپائيءَ هيٺ آهي. البت اهو ضرور آهي تہ جيئن شاهہ لطيف جي شاعري تي سندس ڏار اپياسي ڪتاب آهي، تيئن سچل جي شاعري تي ڪونهي، سندس سچل تي لکيل مقالن کي ترتيب ڏيئي ڏار ڪتاب جي صورت ۾ ڇپرائي سگهجي ٿو.

ترجمو:

تنوير عباسي هڪ ويٽنامي ناول ”جي ماريا نہ موت“ جو پڻ ترجمو ڪيو، جنهن جو پهريون ڇاپو ١٩٧٣ع ۾ ڇپيو انهيءَ انقلابي ناول جا اڳتي هلي ڪيترائي ڇاپا ڇپيا ۽ سنڌ جي قومي ۽ انقلابي ڪارڪنن لاءِ وڏي اُتساهہ ڏياريندڙ ڪتاب آهي.

سفرناما:

سنڌي ٻوليءَ ۾ سفرنامن جي صنف تمام گهڻي مقبول رهي آهي. تنوير عباسي جا بہ بہ سفرنامہ ”ڏوري ڏوري ڏيهہ“ (١٩٨٤ع) ۽ ”مون کي اڳتي وڃڻو آهي“ (٢٠٠٠ع) ۾ ڇپيا. جيئن تہ تنوير صاحب بنيادي طور تي شاعر هو. تنهن ڪري سندس سفرنامن ۾ شاعرانو عنصر پڻ شامل ٿي وڃي ٿو. سندس سفرنامي ”ڏوري ڏوري ڏيهہ“ جي باري ۾ ڪتاب جو پبلشر طارق اشرف لکي ٿو:

> ”تنوير جي هن سفرنامي پڙهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي تہ سفرنامو ڇا آهي ۽ ڪيئن لکجي. مان نٿو سمجهان تہ سنڌيءَ ۾ انهيءَ کان سٺو سفرنامو اڄ تائين ڪنهن لکيو آهي.“

سندس هڪ ٽيون ”دبئي“ جو سفرنامو بہ آهي، جيڪو سندس ڪتاب ”تروورا“ ۾ ’چند بہ تڪر‘ جي نالي سان ڏنل آهي.

## شاعريءَ جو سفر:

تنوير عباسي بنيادي طور تي شاعر هو ۽ تنوير کان اڳ "مغموم" تخلص استعمال ڪندو هو. پنهنجي انهيءَ تبديليءَ واري سفر جي روداد ۽ سبب بيان ڪندي، هڪ انٽرويو ۾ پاڻ چيو اٿائين .

"اُهي ٻن قسمن جا سبب هئا هڪڙا داخلي، ٻيا خارجي. ان وقت مان 'بزم خليل' ۾ عروض سکندو هوس ۽ جمعيت الشعراءِ واري دؤر ۽ نموني جي شاعري ڪندو هوس. مون محسوس ڪيو ته اها شاعري فقط غزل تائين محدود هئي ۽ غزل به اهڙي قسم جو هوندو هو، جنهن ۾ ساڳيا لفظ، جملا، ترڪيبون ۽ ساڳيا خيال ورائي ورائي ڪتب آندا ويندا هئا.

اردو شاعري پڙهيم ته محسوس ٿيو ته پنجاهه ديوان پڙهو تڏهن به ساڳي ڳالهه. وري جڏهن فارسي شاعريءَ کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم. پتو پيو ته فارسي وارا جيڪي شعري روايتون ختم ڪري بيٺا آهن، اهي اردوءَ کان ڦرندي گهرندي هاڻي سنڌي ۾ اچڻ لڳيون آهن ۽ هلن پيون. انهيءَ ڪري مون ۾ جيڪا تخليقي خواهش هئي، انهيءَ جي اُڃ، انهيءَ ٻوليءَ واري مواد ۽ روايتن جي ڪري پوري نٿي ٿئي. ٻيو ته مون ڏٺو، منهنجي چوڌاري جيڪي ڪٽن، اجرڪن، لوين ۽ پٽڪن وارن پيڙيل، ڏتڙيل ۽ مجبور ماڻهن جا انبوهه آهن، انهن سان به ڪو رشتو آهي. وطن ويڙهيچن سان آهي. اهي پنائيءَ چوائي اسان جا پنهنجا آهن. انهن جا ڏک ۽ سوُر جيستائين شاعري پنهنجي دامن ۾ نه ٿي آٿي، تيستائين اهو وچن پورو نه ٿو ٿئي. مون تڏهن محسوس ڪيو ته انهن جي ئي ٻوليءَ ۾ انهن جا ئي ڏک، درد اوريا وڃن، سو اهي ڳالهيون هيون، جن مون کي مغموم مان تنوير بنايو."

پاڻ انهي سفر ۾ پنهنجي شاعريءَ جا خوب جوهر ڏيکاريائين ۽ سندس شعر جا پنج ڪتاب ڇپيا، جن جا نالا هي آهن. "رڳون ٿيون رباب" (١٩٥٨ع)، "شعر" (١٩٧٠ع)، "سج تريءَ هيٺان" (١٩٧٧ع)، "هي ڌرتي" (١٩٨٥ع). اڳتي هلي انهن ڇئن ئي مجموعن کي گڏي سنڌالاجي پاران "تنوير چئي" جي نالي سان گڏيل ڪلام جي صورت ۾ ڇپايو ويو.

سندس آخري شعر جو مجموعو ”ساجن سونهن سرت“ (١٩٩٦ع) آهي.

تنوير عباسيءَ جي مٿئين ادبي، تحقيقي ۽ شعري ڪتابن کان سواءِ ڪجھ ٻيا بہ ڪتاب ڇپيل آهن. جھڙوڪ: ٻاراڻا ٻول (چونڊ ۽ ترتيب ١٩٧٣ع)، ”جديد سنڌي شاعري (١٩٨١ع)، ”تِرورا“ (خاڪا، يادگيريون، انٽرويو ۽ سفرنامو - ١٩٨٨ع)، ”منھن تنين مشعل“ (خاڪا - ١٩٩٠ع)

سنڌي ٻوليءَ جي هن محقق ۽ شاعر ٢٥ نومبر ١٩٩٩ع تي اسلام آباد ۾ وفات ڪئي. پاڻ وصيت ڪئي هئائين تہ سندس ”جسد خاڪي“ ايل ايم سي کي ڏنو وڃي، جيئن ميڊيڪل جا شاگرد سندس جسم تي ”ميڊيڪل جا تجربا ڪن“ پر افسوس جو ڪن سببن جي ڪري هن انسان دوست اديب جي اها وصيت پوري ٿي نہ سگھي ۽ کيس اسلام آباد ۾ ئي دفنايو ويو.

برپاسين بہ پل پر وسامڻ کان اڳ ۾،  
هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيوسين.

# پير حسام الدين راشدي

۱۰ اپريل ۱۹۸۲ع تي پير حسام الدين راشدي جي وفات سان ڄڻ سنڌ جي آسمان تي چمڪندڙ هڪ چنڊ ٻڏي ويو، جيڪو "سنڌ شناسي" جو اهڃاڻ هو.

## جنم ۽ تعليم:

پير حسام الدين راشدي، ۲۰ سيپٽمبر ۱۹۱۱ع تي راشدي خاندان جي ڳوٺ لڳ نصرت اسٽيشن (نئون ديرو، ضلع لاڙڪاڻو) ۾، سيد محمد شاهہ راشدي جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. ڪن سببن جي ڪري هو وڌيڪ درسي تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو، پر اڳتي هلي پنهنجي خداداد صلاحيتن جي ڪري ۽ مطالعي سبب نہ رڳو سنڌي، فارسي ۽ اردو تي عبور حاصل ڪيائين، پر انگريزيءَ ۾ پڻ چڱي مهارت حاصل ڪيائين.

پير صاحب، پنهنجي عملي زندگي جي شروعات صحافت سان ڪئي. پهريائين "جاڳڻ" اخبار جو خاطو ٿيو، جيڪا ۱۹۲۶ع ۾ نواب خالقداد پيو ڳوٺ "جاڳڻ"، نزد شڪارپور مان ڪڍندو هو. ان کان پوءِ ۱۹۲۹ع ۾ ماهوار رسالي "المنار" جو ايڊيٽر ٿيو. ان سان گڏ ماهوار اخبار "پيغام" جو نمائندو بہ ٿي رهيو. انهيءَ کان پوءِ ۱۹۳۰ع کان ۱۹۳۴ع تائين پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ سان گڏجي هفتيوار "ستاره سنڌ" جاري ڪيائين، جنهن جو پاڻ ايڊيٽر ٿيو.

انهيءَ کان پوءِ روزنامہ "الوحيد" ۽ "قرباني" اخبارن ۾ بنا نالي سان مضمون لکيائين. پير صاحب ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي ادارن جو ميمبر ۽ صلاحڪار ٿي رهيو. جهڙوڪ: سنڌي ادبي بورڊ، انجمن ترقي اردو پاڪستان ڪراچي، مرڪزي اردو بورڊ، لياقت نئشنل لئبرري، نيشنل ميوزم ڪاميٽي،

انسٽيٽيو آف سنڌالاجي، اقبال اڪيڊمي، ريسرچ سوسائٽي، پنجاب يونيورسٽي، تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪ و هند، پنجاب يونيورسٽي وغيره. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪري حڪومت پاڪستان ۱۹۶۴ع ۾ کيس "تمغه امتياز" ڏنو.

پير صاحب جو نه رڳو ملڪ، پر ٻاهرين ملڪن ۾ به وڏو قدر ڪيو ويندو هو. افغانستان ۽ ايران بابت قومي ۽ بين الاقوامي مذاڪرن ۾ سندس نشست صف اول جي عالمن ۾ هوندي هئي. اهڙن ڪن اهم اجلاسن جي ملڪ کان ٻاهر ۽ ملڪ جي اندر صدارت به ڪيائين.

پير صاحب جي علمي مرتبي کي تسليم ڪندي، ملڪيءَ سان گڏ غير ملڪي حڪومتن پڻ کيس تمغا، علمي اعزاز، انعام ۽ اِڪرام ڏنا. انهيءَ سلسلي ۾ ايراني حڪومت ۱۹۶۵ع ۾ کيس ايران جو سڀ کان وڏو اعزاز "نشان سپاس، درجه اول" ڏنو. خود شهنشاهه ايران پڻ سندس معترف ٿيو.

پير صاحب شروعات ۾ ڪجهه افسانا لکيا. انهن افسانن ۾ "امانت"، "گلن واري ڇوڪري"، "پاڪدامن"، "انار ڪلي" وغيره مشهور ٿيا. سندس پهريون ڪتاب ناول "الزليخا" آهي. انهن ڏينهن پير صاحب "فدائي الراشدي" جي قلمي نالي سان لکندا هئا.

پير صاحب جي علمي ۽ ادبي ڪمن جو جائزو وٺبو ته انهن کي ٽن حصن ۾ ورهائبو: ١- سندس لکيل ڪتاب، ٢- ايڊٽ ڪيل ڪتاب، ٣- ترتيب ڏنل ڪتاب.

پاڻ سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ ڪُل ۴۹ ڪتاب لکيائين/ ايڊٽ/ ۽ مرتب ڪيائين.

## سنڌي ڪتاب:

الزليخا (ناول)، اسلامي ڪتب خانا، مهراڻ جون موجون، تذڪره اميرخاني، ماڪ ڦڙا رابيل، مڪلي نامه، ڏهين صدي هجريءَ جي سنڌ، تذڪره مشاهير سنڌ (جلد اول)، هو ڏوٽي هو ڏينهن، مير معصوم بکري، ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون (جيڪو سندس وفات کان پوءِ غلام محمد لاکي مرتب ڪيو.)

## اردو ڪتاب:

سنڌي ادب (جنهن جو پوءِ غلام محمد لاکي سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيو)، هفتہ مقاله، دور چراغ محفل، مرزا غازي بيگ ترخان اور اُس ڪي بزمِ ادب.

## فارسي ڪتاب:

مثنوي چنيسر نامه، مقالات الشعرا، مثنوي مظهر الآثار، تڪمله مقالات الشعراءِ، مثنوي قضا و قدر، مثنوي محبت نامه، مثنوي قصابِ نامہ، قصيدا ۽ منقبت، تاريخ مظهر شاهجهاني، هشت بهشت، منشور الوصيت، ترخان نامه، حديقه الاولياءِ، تذڪره الشعراءِ ڪشمير، تذڪره الشعراءِ ڪشمير (تڪمله) جلد اول، تذڪره شعراءِ ڪشمير (تڪلمه) جلد ٻيو، تذڪره شعراءِ ڪشمير (تڪلمه) جلد ٽيون، تذڪره روضة الاسلاطين، جواهر العجائب، ديوان فخري، تذڪره شعراءِ ڪشمير (تڪمله - جلد چوٿون)، ديوان بيرم خان، تحفة الڪرام (جلد ٽيون، حصو پهريون)، تذڪره مشائخ سيوستان، مثنوي مهرو ماهہ، رياض العارفين، (جلد اول)، رياض العارفين (جلد دومہ)

مٿين ڪتابن کان سواءِ اتڪل ويهارو کن ڪتاب سندس نگرانيءَ هيٺ تيار ٿي رهيا هئا يا وري ترتيب هيٺ هئا.

سندس فارسيءَ ۾ ايڊيٽ ڪيل ڪيترن ئي ڪتابن جا سنڌي ترجما پڻ ڇپجي چڪا آهن.

پير حسام الدين راشدي، برصغير هند و پاڪ جي هڪ مشهور مؤرخ ۽ بلند پايي جي عالم جي حيثيت سان مشهور آهن. سنڌي زبان، ادب ۽ تاريخ مٿس جيترو بہ ناز ڪري، ايترو گهٽ آهي. سچ پچ تہ راشدي صاحب جي شخصيت کي پنهنجي جاءِ تي هڪ ”مستقل دور“ جي حيثيت حاصل هئي ۽ پير صاحب جي وفات سان انهيءَ دؤر جي جڻ پڄاڻي ٿي.

پير صاحب کي سير ۽ سفر جو بہ ڏاڍو شوق هو. پاڪستان کان سواءِ ڪيترن ٻاهرين ملڪن جو پڻ سير ۽ سفر ڪيائين، جن ۾ عراق، شامہ، لبنان، فلپائين، ايران، برطانيا وغيره شامل آهن.

هيٺ پير صاحب ڪن ڪتابن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

### (١) هو ڏوٿي هو ڏينهن:

هي ڪتاب راشدي صاحب جي يادگيرين جو ڪتاب آهي، جيڪو پاڻ ١٩٦٠ع ڌاري فلپائين ۾ رهائش دوران لکيو هئائون، جتي پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ علي محمد راشدي وٽ، جيڪو فلپائن ۾ سفير هو، وڃي رهيا هئا. هن ڪتاب بابت راشدي صاحب لکي ٿو.

”هي تاريخ نہ آهي، سنڌ جي معاشرتي تاريخ جو هن ڪي مقدمون سمجهي سگهجي ٿو. هن ۾ گهڻي حد تائين، انهن سيني ناسورن جو مذڪور ڪيو ويو آهي، جيڪي سنڌ جي تنزل ۽ سنڌين جي شڪسته دلي جو سبب بڻيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ جيڪو گهر ڪان رُسي ٿو، سو سنڌين تي سُستي، ڪاهلي، بيڪاري ۽ نااهليت جا طرحين طرحين طعنا رکي، ڪين جيئڻ ۽ جيئندان ڏيڻ جو مستحق نٿو سمجهي.“

هي سنڌي سوانحي ادب ۾ هڪ بهترين ڪتاب آهي، جنهن جي سٽاءَ، توڙي ترتيب محترم محمد ابراهيم جويي جي رکيل آهي.

### (٢) ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون:

راشدي صاحب پنهنجي پنجاهہ سالن جي ادبي سفر ۾ ٽي سؤ ڪن مضمون ۽ مقالا لکيا، جن مان هن ڪتاب ۾ ٤٣ مضمون ۽ مقالا ڏنا ويا آهن. ٨٤٦ صفحن جي هن ڪتاب ۾ ڪيترائي نقشا ۽ فوٽو پڻ ڏنا ويا آهن. ڪتاب جو پيش لفظ محترم محمد ابراهيم جويي لکيو آهي. هي ڪتاب ١٩٨١ع ۾ ڇپيو.

### (٣) تذڪره امير خاني:

امير خاني ساداتن ٽن صدين تائين، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ سنڌ تي ڏاڪ ڄمائي. مير ابوالقاسم ”نمڪين“ انهي خاندان جو سنڌ ۾، شروعاتي پايو وجهندڙ هو. انهيءَ خاندان جي حالتن ۽ سنڌن علمي ۽ ادبي حالتن ۽ خدمتن تي مشتمل هي ڪتاب پير صاحب پندرهن سالن جي وڏي محنت ڪان پوءِ لکيو ۽ ادبي بورڊ طرفان ١٩٦١ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جي لکڻ جو سبب بيان ڪندي پاڻ مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”مان سکر، بکر ۽ روهڙيءَ جا قتل مقبرا ۽ مزارون، زبون ٿيل در ۽ ديوارون ۽ ويران ٿيل مسجدون ۽ درگاهون ڏسندو، روهڙيءَ

۾، مهراڻ جي ڪناري سان ”ستين جي ٿان“ واري خوبصورت ۽
بناوٽ جي لحاظ سان غير معمولي حسين عمارت تي پهتو
هوس..... قبرستان کي ڏسڻ بعد، پنهنجي سنڌي ڀائرن جي
ناواقفيت، بي خبريءَ ۽ بي بهري هجڻ تي مطلق افسوس ڪونه
ٿيو. ڀلا ڪهڙي لکيل پڙهيل سنڌيءَ پنهنجي ملڪ ۽ وطن جي
آثارن کي اهڃي ڏٺو آهي.... انهن ڏينهن مون فيصلو ڪيو تہ انهيءَ
قبرستان ۾ جيڪي ستل مڙس آهن، انهن جي حالات جي تلاش ۽
تجسس ڪريان....“

هي ڪتاب سنڌ جي انهي تاريخي خاندان تي سَند جي حيثيت رکي ٿو.

## (۴) مڪلي نامه:

هي ڪتاب ”مير علي شير قانع ٺٽويءَ“ جي نثر ۾ لکيل هڪ ننڍي ڪتاب جي ترتيب، تدوين ۽ حاشين تي ٻڌل آهي. اصل ڪتاب ۹٦ صفحن تي مشتمل هو. پاڻ هن ڪتاب کي ۸۸۸ صفحن تي ڪري لکيائون، جنهن ۾ چاليهہ صفحا تعارف، ۷۴۳ صفحا حاشيہ ۽ ضميما، ۲۰ شجرا ۽ بہ مڪليءَ جا نقشا ۽ ۱۳۰ تصويرون ڏنائون. هي ڪتاب پير صاحب جي لکيل ڪتابن مان نهايت اهميت وارو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرايو ويو آهي. هن ڪتاب جي اهميت بابت ڪتاب جي تعارف ۾ پير صاحب لکي ٿو:

”..... مڪلي نامو نہ فقط سنڌ ۾ پيدا ڪيل فارسي ادب
جو هڪ قابل ذڪر شاهڪار آهي، بلڪ مڪلي جي تاريخ خواهہ
ٺٽي جي تمدن ۽ معاشري متعلق پڻ هڪ مستند دستاويز جي
حيثيت رکي ٿو.“

## (۵) ميرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب:

هي ڪتاب اردوءَ ۾ سنڌ جي حاڪم ميرزا جاني بيگ جي پُٽ ميرزا غازي بيگ بابت آهي، جنهن اڪبر ۽ جهانگير جي دور ۾ سنڌ کان سواءِ قنڌار تي بہ حڪمراني ڪئي. هن نہ رڳو اميرانہ ٺاٺ ۽ عياشي سان زندگي گهاري، پر شعر و شاعريءَ جون محفلون بہ مچايون. هن ڪتاب ۾ انهن محفلن جو ذڪر آهي، جن جي مرزا غازي بيگ سرپرستي ۽ قدرداني ڪئي. اهڙي طرح هن ڪتاب ۾ ان دؤر جي سياسي حالتن جو بہ ذڪر آهي، تہ علمي ۽

ادبي فضا تي بہ پرپور روشني وڌي ويئي آهي. مطلب تہ انهيءَ دؤر جي هڪ سياسي ۽ ثقافتي، علمي ۽ ادبي تاريخ آهي.

هن ڪتاب جي تعارف ۾ پير صاحب لکي ٿو:

"مرزا جاني بيگ کي نظر ڪائي ويئي ۽ جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. جيڪڏهن ڪيس قدرت اجا بہ ڪي ڏينهن ڏي ها تہ اسان جي ادبي تاريخ ۾ سندس دربار اڪبر ۽ جهانگير جهڙن بادشاهن جي جوڙ جو جيڪڏهن نہ بہ شمار ڪئي وڃي ها تہ بہ علم و هنر جي پرورش ۾ "خان خانان" جهڙن علم دوست ۽ ادب دوست اميرن کان تہ پڪ سان سنو مقام ماڻي ها".

## (٦) تحفة الڪرام:

هن ڪتاب کي سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ بنيادي اهميت حاصل آهي. هن ۾ سنڌ جي تاريخ بہ بيان ٿيل آهي تہ اهم شخصيت ۽ شهرن جو ذڪر بہ موجود آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ان ڪتاب کي سنڌ جي "انسائيڪلوپيڊيا" چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڇپجي چڪو آهي. پير صاحب هن ڪتاب جي فارسي متن کي نئين سر سنواري سڌاري، ان جو پهريون حصو حاشين سان سينگاري شايع ڪيو.

## (٧) تاريخ مظهر شاهجهاني:

هي ڪتاب يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم نمڪين بکري جو لکيل آهي. سنڌ جي تاريخ جو هي نادر ۽ ناياب نسخو پهريون ڀيرو پير صاحب جي ڪوشش ۽ محنت سان منظر عام تي آيو. ڪتاب جي مقدمي ۾ پير صاحب لکيو آهي:

"جنهن تاريخ (مظهر شاهجهاني) جو پتو گذريل ٽن سؤ سالن ۾ ڪنهن بہ عالم کي پئجي نہ سگهيو هو. خود سر هينري ايليٽ جهڙو باوسائل مستشرق بہ ان جي زيارت کان محروم رهيو، جنهن پنهنجي "تاريخ هند" جي تاليف جي سلسلي ۾ ڪتاب هٿ ڪرڻ لاءِ هندستان ۽ يورپ جي ڪنڊ ڪڙڇ جي جاکوڙ ڪئي هئي."

هن ڪتاب ۾ اهڙو احوال آيل آهي، جيڪو اڳ ڪنهن بہ تاريخي ڪتاب ۾ نہ آيو آهي. هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌ جي حالتن جو تفصيلي احوال ملي ٿو. اهڙو اهم ۽ ملهائتو ڪتاب سنڌ وارن جي اکين کان اوجهل هو. پير صاحب جو اهو وڏو ڪارنامون آهي، جو اهو ناياب ڪتاب هٿ ڪري، مرتب ڪري شايع ڪرايائين. پاڻ هن ڪتاب کي هر طرح سان جامع بنائڻ لاءِ ڪتاب جي ليکڪ جو تعارف، انهن تاريخي شخصيتن جو احوال پڻ بيان ڪيو اٿس، جن جا نالا "مظهر شاهجهانيءَ" ۾ آيا آهن. ●

# پير علي محمد راشدي

سنڌ جي سياسي، صحافتي ۽ ادبي تاريخ ۾ راشدي ڀائرن (حسام الدين راشدي ۽ پير علي محمد راشدي) جي خدمتن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. پير حسام الدين راشدي جتي سنڌ جي تاريخ ڪي تحقيق جي ڇائيءَ مان ڇنڊي ڦوڪي، نمايان نروار ڪيو ۽ پنهنجا اڻ مٽ نقش ڇڏيا، اُتي وري پير علي محمد راشدي سياست ۽ صحافت ۾ ڌاڪو ڄمايو. بقول علي احمد بروهي جي ته:

> "سنڌ جي تاريخ ۾ پير علي محمد راشدي جهڙو ٻيو ڪو مصنف، مؤرخ يا مدبر ورلي نظر ايندو، جو مختلف ماڻهن جي متضاد (Controversial) راءِ جو دائمي نشانو رهيو هجي، جا هڪ قسم جي علامت پڻ هئي ته هو بلاشڪ هڪ وڏي "وزن" ۽ "ڳر" واري شخصيت هئي."

## سوانح:

سيد علي محمد شاهه راشدي ۵ آگسٽ ۱۹۰۵ع تي، پير حامد شاهه راشدي جي گهر ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم ملن ۽ ماسترن کان ذاتي طرح ورتائين. سنڌي چار درجا ۽ "سڪندر نامه" تائين پڙهيائين. نوري عربي به پڙهيو. پوءِ انگريزي تعليم ماستر محمد صديق وٽ پڙهيو، ان جي وڃڻ کان پوءِ نصرت ريلوي اسٽيشن جي ماستر وٽ انگريزي جا سبق وٺندو رهيو. تقريباً ڇٺن درجن جي سطح جيتري انگريزي تعليم ورتائين. ان کان پوءِ ذاتي شوق، محنت ۽ مطالعي سان سنڌي، پارسي، اردو ۽ انگريزي ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي.

## صحافتي زندگي:

پير علي محمد راشدي پندرهن سالن جي عمر ۾ ۱۹۲۰ع ۾

اخبارن ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيائين. ۱۹۲۴ع ۾ پهرين "سنڌ نيوز" اخبار جو خاطو ٿيو ۽ پوءِ "الراشد" جي نالي سان پنهنجو ماهوار رسالو جاري ڪيائين. ۱۹۲۵ع کان ۱۹۲۹ع تائين "الحرب شڪارپور" ۽ الامين" سکر جو ايڊيٽر رهيو. ۱۹۲۹ع ۾ 'سنڌ زميندار' اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. ۱۹۳۴ع ۾ "ستاره سنڌ" اخبار سکر جو ايڊيٽر ٿيو، جيڪا ۱۹۳۷ع تائين هلي. ۱۹۳٦ع ۾ "صبح سنڌ" نالي ڪراچي مان پنهنجي اخبار ڪڍيائين. ۱۹۴۰ع ۾ "مسلم وائيس" نالي پهريائين سکر ۽ پوءِ ڪراچي مان ذاتي انگريزي اخبار ڪڍيائين، جيڪا ۱۹۴٦ع تائين هلي. انهي وچ ۾ ۱۹۴۳ع کان ۱۹۴۷ع تائين ڪراچي مان نڪرندڙ روزاني سنڌي اخبار "قرباني" ۾ ايڊيٽوريل ۽ سياسي ليک لکيائين. ڪراچي مان نڪرندڙ روزاني انگريزي اخبار "سنڌ آبزرور" جو ايڊيٽر ٿي رهيو. ان زماني ۾ ڪراچي مان نڪرندڙ ٻي طاقتور انگريزي اخبار "ڊان" جي ايڊيٽر الطاف حسين سان سندس قلمي ويڙهه پاڪستان جي صحافت جي تاريخ جو هڪ دلچسپ باب آهي. اها ايڊيٽري ۱۹۵۱ع تائين رهي انهي وچ ۾ ۱۹۵۰ع کان ۱۹۵۲ع تائين سموري پاڪستان جي اخبارن جي ايڊيٽرن جي اثرائتي 'تنظيم' "آل پاڪستان نيوز پيپرس ايڊيٽرس ڪانفرنس" جو صدر چونڊيو. ۱۹۵۱ع ۾ پارت ۽ پاڪستان جي اخباري ايڊيٽرن جي قائم ڪيل تنظيم "جائنٽ پريس ڪميشن" جو گڏيل راءِ سان صدر چونڊيو. ان تنظيم جو مقصد ٻنهي ملڪن ۾ پائيچارو وڌائڻ هو. ۱۹۵۴ع ۾ "ايسٽرن ايڪسپريس" نالي ڪراچي مان هفتيوار انگريزي اخبار ڪڍيائين. جيڪا ۱۹۵۵ع تائين هلي. ۱۹٦۳ع کان ۱۹٦۴ع تائين هانگ ڪانگ ۾ رهندي؛ ڪراچي جي روزانا اردو اخبار "جنگ" ۾ "مڪتوب مشرق بعيد" جي عنوان هيٺ هفتيوار ڪالم لکندو رهيو. ۱۹٦۴ع کان ۱۹۸۷ع تائين "مشرق و مغرب" جي عنوان سان "جنگ" اخبار ۾ لاڳيتو هفتيوار اردو ڪالم لکيائين. ان وچ ۾ ڪجهه مهينن جي لاءِ "جنگ" ۾ ئي روزانو مزاحيه اردو ڪالم "وغيره وغيره" جي نالي هيٺ به لکيائين. ۱۹٦۸ع کان ۱۹٦۹ع تائين حيدرآباد جي روزاني سنڌي اخبار "عبرت" ۾ "رند ۽ پند" جي نالي سان هفتيوار ڪالم لکيائين. ۱۹۷۱ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيندڙ روزانا اردو اخبار "جنگ" ۾ A point of View جي عنوان هيٺ هفتيوار ڪالم انگريزي زبان ۾ لکيائين. ۱۹۹۴ع ۾ ڪراچي مان شايع ٿيندڙ

روزاني انگريزي اخبار ”ليڊر“ ۾ ڪجهه مهينن تائين هفتيوار انگريزي ڪالم "Impression & Reflection" جي عنوان هيٺ لکيائين.

مٿين ڏکي فهرست جي روشني ۾ ڏسجي ته راشدي صاحب لڳ ڀڳ پنجاهه سال صحافتي ميدان ۾ موجود رهيو. سندس لکڻين جي مقبوليت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ١٩٦٨ع ۾ ”عبرت“ اخبار ۾ راشدي صاحب جي ڪالم لکڻ واري اعلان سان گڏ، هي پڌرائي ڪرڻ پڻ ضروري سمجهي ويئي ته ”ايجنٽ حضرات، اخبار جي ڪاپين وڌائڻ جي سلسلي ۾ سرڪيوليشن مئنيجر سان رابطو ڪن.“ ٻين لفظن ۾ راشدي صاحب جو نالو اخبار جي وڪري ۾ واڌ جي گارنٽي هئي.

## سماجي زندگي:

راشدي صاحب ١٩٢٤ع ۾ ”سنڌ تعليمي ڪانفرنس“ حيدرآباد ۾ حصو ورتو. جتي محترم جي - ايم - سيد سان واقفيت ٿيس. ١٩٢٦ع ۾ ”انجمن سادات راشد“ قائم ڪيائين، جنهن جا اميدوار چونڊن ۾ ٻيهاري حصو ورتائين. ١٩٢٦ع کان ١٩٣١ع تائين، ان وقت مسلمانن جي اثرائتي تنظيم ”سنڌ محمدن ايسوسيئيشن“ جو سرگرم ڪارڪن ٿي ڪم ڪيائين. جنهن جو صدر سر شاهنواز ڀٽو، سيڪريٽري خان بهادر ولي محمد حسن علي هيا. ١٩٢٧ع ۾ ان تنظيم جو سيڪريٽري چونڊيو. ١٩٢٨ع کان ١٩٣٦ع تائين، سنڌ ڀرڳٽي جي بمبئي پريزيڊنسي کان آزادي واري جدوجهد ۾ نمايان حصو ورتائين. ان سلسلي ۾ مخالفن کي جواب ڏيڻ، سنڌ جو ڪيس وڌڻ ۽ تحريڪ کي هٿي وٺرائڻ واسطي گهڻو قلمي پورهيو ڪيائين. ان دوران "Story of sufferings of Sindh" ڪتاب لکيائين، جيڪو خانبهادر کهڙي جي نالي ڇپيو.

١٩٣٣ع کان ١٩٣٦ع جي عرصي ۾ هو ”ضلعي اسڪول بورڊ“ لاڙڪاڻي جو ميمبر به ٿي رهيو. ١٩٣٤ع ۾ سر شاهنواز ڀٽي سان گڏجي هڪ سياسي جماعت ”پيپلز پارٽي“ قائم ڪيائين. ١٩٣٦ع ۾ پير صاحب، حاجي عبدالله هارون ۽ ٻين سان گڏجي ”سنڌ اتحاد پارٽي“ قائم ڪيائين. ١٩٣٨ع ۾ جي - ايم - سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين سان گڏجي، مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. انهي سال آڪٽوبر ۾ ”مسلم ليگ“ طرفان سڏايل تاريخي اجلاس کي ڪامياب ڪرڻ جو سڄو بندوبست ڪيائين. ان اجلاس

۾، جنهنِ جي صدارت محمد علي جناح ڪئي، شيخ عبدالمجيد سنڌي طرفان اهو تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو ويو، جنهن ۾ پهريون ڀيرو صاف طور تي هندستان جي ورهاڱي جي گهر ڪئي ويئي هئي. بعد ۾ ان ٺهراء جي پيروي ۾ لاهور ۾ ٢٣- مارچ ١٩۴٠ع تي ورهاڱي جو ٻيو ٺهراءُ منظور ڪيو ويو، جنهن کي "قرارِ داد پاڪستان" چيو وڃي ٿو. خود ان قرارد جي لکڻ ۾ راشدي صاحب جو وڏو هٿ هو.

١٩٣٨ع ۾ هو سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو سيڪريٽري، آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل جو ميمبر ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي فارين ڪميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو.

١٩٣٩ع ۾ مسجد منزل گاهه تحريڪ جي اڳواڻن مان هڪ هو "جسٽس ويسٽن" جي سربراهي ۾ جيڪا جڊيشنل ٽربيونل ٿهي، وڪيل نہ هوندي بہ ان ۾ مسلمانن جي وڪالت ڪيائين ۽ فيصلو مسلمانن جي فائدي ۾ ٿيو. ١٩۴٦ع ۾ گڏيل هندستان جي مرڪزي اسيمبلي جي چونڊ ۾ مسلم ليگ جي اميدوار يوسف هارون جي مقابلي ۾ بيٺو، پر ڪامياب نہ ٿيو. ١٩۵٣ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو بنا مقابلي ۾ ميمبر چونڊيو. ساڳئي سال پيرزادي عبدالستار جي سنڌ وزارت ۾ روينيو ۽ صحت جو وزير مقرر ٿيو ۽ ١۵ جون ١٩۵۴ع تائين اهو منصب ماڻيائين. نومبر ١٩۵۴ع ۾ خانبهادر ايوب کهڙي جي سنڌ وزارت ۾ ٻيهر وزير ڪري کنيو ويو. ساڳين ڪاتن کان علاوه اطلاعات جو واڌو ڪاتو سندس حوالي ٿيو. ڊسمبر ١٩۵۴ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ طرفان "ون يونٽ" ۾ شامل ٿيڻ واري ٺهراءُ کي منظور ڪرائڻ ۾ خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي اڳوائي ۾ سرگرم حصو ورتائين ۽ ٻنهي کي سنڌي قوم طرفان "غدار سنڌ" جو دائمي خطاب ڏنو ويو. ١٩۵۵ع ۾ سنڌ مان پاڪستان جي نيشنل اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ چوڌري محمد علي جي مرڪزي وزارت ۾ اطلاعات ۽ نشريات جو وزير مقرر ٿيو. ١٩۵٦ع ۾ وزارت تان استعفيٰ ڏنائين. اڳتي هلي ١٩٦٩ع ۾ جي - ايم - سيد سان گڏجي "ائنٽي ون يونٽ فرنٽ" ۾ شامل ٿيو. ١٩٧٠ع وارين چونڊن ۾ صوبائي اسيمبلي جي لاءِ بيٺو پر کٽي نہ سگهيو. ١٩٧٢ع کان جولاءِ ١٩٧٧ع تائين جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي زماني ۾ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت لاءِ صلاحڪار جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. انهي دوران راشدي

صاحب ١٩٥٧ع کان ١٩٦١ع تائين فلپائين ۽ ١٩٦١ع کان ١٩٦٢ع تائين چين ۾ پاڪستان جي سفير جي حيثيت سان ڪم ڪيائين.

سياست جي حوالي سان راشدي وقت ۽ واقعن جو شناس هو. سياسي طوفان ۽ زلزلن جي ڪيس اڳواٽ ئي خبر پئجي ويندي هئي.

## تصنيف ۽ تاليف:

مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته پير علي محمد راشدي، بقول علي احمد بروهي جي ته: ”سنڌي نثر جو استاد هو“ سندس پهريون ڪتاب سنڌ جي بمبئي کان آزادي بابت دليلن ۽ وضاحت سان "Suffering of Sindh" جي نالي سان لکيل ايوب کهڙي جي نالي شايع ٿيو. سندس ٻين ڪتابن ۾ ”فرياد سنڌ“، ”روداد چمن (اردو)، ”ون يونٽ جي ڪهاني“ (اردو)، ”خط ۽ مضمون (سنڌي - محترم جي - ايم - سيد ڏانهن ١٩٣٧ع کان ١٩٥٨ع تائين)، ”چين جي ڊائري“، ”امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي“، ”رند ۽ پنڌ“ ۽ "Sindh- Ways and Days" شامل آهن، پر انهن سيني ڪتابن کان وڌيڪ سندس جنهن ڪتاب کي پذير ملي اهو ”اُهي ڏينهن، اُهي شينهن“ (ٽي ڀاڱا) آهي. جيڪا سنڌ جي ماضي جي اکين ڏٺي تاريخ آهي. اهو ڪتاب ”ڪلاسڪس“ ۾ ڳڻي سگهجي ٿو، جنهن جي ڪجهه بابن جو اينمري شمل جرمن زبان ۾ پڻ ترجمو ڪيو.

پير علي محمد راشدي ١۴ مارچ ١٩٨٧ع تي وفات ڪئي. کيس ڪراچي ۾ دفنايو ويو. ●

# جي . ايم . سيد

"مان چاهيان ٿو تہ جي . ايم . سيد تي هڪ نظم لکان، هي وحدت الوجودي، هي صوفي لاکوفي، هي اڏوگابرو ساميوادي ۽ پڪو پختو ديش ڀڳت، هي ماکيءَ کان منڙو ۽ وهہ کان ڪڙو ماڻهو مون کي هڪ جهوني ٻڙ وانگر لڳندو آهي، جڏهن سج ٽامڻي هٽي ويندو آهي، تڏهن هن جي ڇانوَ وڏيڪ گهاٽي ٿي ويندي آهي. مون ان ڇانوَ ۾ ڪيئي پکيئڙا پنک پساريندي ڏٺا آهن. پر مان ان وقت جي انتظار ۾ آهيان، جڏهن عقاب انهيءَ ٻڙ مٿان ڦيرا ڏيئي تتل سج کي تيز نظرن سان گهوريندا ڏسندا."

اهي لفظ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز، سنڌ جي هڪ ٻي عظيم انسان محترم جي . ايم . سيدجي باري ۾ لکيا آهن.

## جنم:

غلام مرتضي شاهہ سيد، جنهن کي عام طور تي جي . ايم . سيد جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو آهي. ١٧ جنوري ١٩٠۴ع تي، پنهنجي اباڻي ڳوٺ "سن" تعلقي ڪوٽڙي ۾، سيد محمد شاهہ جي گهر ۾ جنم ورتو. سيد صاحب اڃا ٻن سالن جو مس هو، جو سندس والد کي خانداني دشمنيءَ سبب شهيد ڪيو ويو ۽ سال کان پوءِ سندس وڏو ڀاءُ احمد شاهہ ٻڻ وفات ڪري ويو.

## تعليم:

جي . ايم . سيد ابتدائي تعليم، سنڌي ڇهہ درجا ماستر ڏرمداس، ماستر ريواچند ۽ ماستر وشنمل وٽ پڙهائين. عربي ۽ فارسي تعليم مولوي محمد هاشم سنائي، مولوي محمد صالح سيال ۽ مولوي الله بخش وٽ حاصل ڪيائين. انگريزي تعليم مولوي حامد علي هالائيءَ واري وٽ پڙهيائين.

سياست ۾ دلچسپي:

جي . ايم . سيد اڃا چوڏهن سالن جو مس هو، جو قوم ۽ وطن جي عشق جي شروعات ٿي. ١٩١٩ع ۾ پاڻ لاڙڪاڻہ خلافت ڪانفرنس ۾ شامل ٿيو ۽ پاڻ انهيءَ کان ايترو تہ متاثر ٿيو، جو هڪڙي مهيني اندر پنهنجي ڳوٺ سن ۾ مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي صدارت ۾ هيٺ هڪ وڏي ڪانفرنس ڪوٺايائين، جنهن ۾ ڪيترن ئي ناليوارن خلافتي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

١٩٢١ع ۾ هن مٽياري سيدن جي ڪانفرنس سڏائي 'انجمن سادات مٽياري' جو بنياد وڌو، جنهن جو مقصد، مٽياري سيدن جي سماجي، اقتصادي ۽ تعليمي حالتن کي بهتر بنائڻ هو. اٿين سيد صاحب جي سياسي ۽ سماجي خدمتن جي شروعات ٿي، جنهن جا اثر پوءِ نہ رڳو سنڌ، پاڪستان، پر سڄي برصغير تي پيا.

سيد صاحب پنهنجون سرگرميون رڳو 'انجمن سادات مٽياري' تائين محدود نہ رکيون، پر ١٩٢٣ع ۾ جيڪا صوبائي تعليمي ڪانفرنس، حيدرآباد ۾، سر ابراهيم رحمت الله جي صدارت هيٺ ٿي، ان ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتائين ۽ عملي طور تي ٢٦-١٩٢٥ع ۾ سن ۾ انگريزي اسڪول ۽ نائيٽ اسڪول کولائي، بورڊنگ هائوس جو بنياد وڌائين. تنهن کان سواءِ پنهنجي جد بزرگوار سيد حيدر شاهہ سنائي جي ساليانی عرس کي بہ عوام جي سماجي، اقتصادي ۽ تعليمي ترقي جي لاءِ هڪ تنظيمي ڪانفرنس ۾ بدلائي ڇڏيائين.

جي . ايم . سيد ١٩٢٥ع ۾ پهرين تعلقي لوڪل بورڊ مانجهند جو ميمبر، پوءِ پريزيڊنٽ ۽ اڳتي هلي ١٩٢٩ع ۾ ضلع لوڪل بورڊ، ڪراچي جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ پوءِ پريزيڊنٽ چونڊيو. پاڻ ڪراچي لوڪل بورڊ جي ميمبري توڙي پريزيڊنٽيءَ جي سڄي عرصي ۾ هر قسم جا عوام جي سماجي ڀلائي واسطي ڪم ڪيائين.

اڳتي هلي ١٩٣٠ع ڌاري، هارين جي حقن جي حاصلات لاءِ ميرپور خاص ۾ مسٽر جمشيد مهتا، گوڪلي، جيٺمل، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ عبدالقادر بلوچ سان گڏجي 'هاري ڪميٽيءَ' جو بنياد وڌائين.

١٩٣٠ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو نئون دور شروع ٿيو ۽ ڪانگريس ملڪ جي مڪمل آزادي جو نعراءُ بحال ڪيو. پاڻ يڪدم انهيءَ

هلچل ۾ ۽ ڪانگريس جي سچي پروگرام ۾ ڀرپور حصو ورتائين. ١٩٣١ع ۾ سڀاش چندر بوس ۽ سردار ڀڳت سنگهه جي قائم ڪيل يوٿ ليگ جو ميمبر بڻيو.

سنڌ، بمبئيءَ کان جدا ٿي ته پاڻ هندن ۽ مسلمانن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوششن واسطي 'اتحاد پارٽيءَ' جي نالي سان قائم ڪرائي، ان جي پليٽ فارم تان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪانگريس جي رويي کان مايوس ٿي، مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ ١٩٣٨ع کان وٺي هو سنڌ مسلم ليگ جو پرجوش ۽ سرگرم صدر ٿي رهيو ۽ سنڌ جي اسيمبليءَ ۾ سڄي هندستان ۾ سڀ کان پهرين پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪرايائين. جڏهن پاڪستان بڻجڻ جو وقت آيو ته جناح صاحب ڪيس ۽ سندس ترقي پسند ساٿين کي گرم ۽ ڪابي ڌر وارا سمجهي مسلم ليگ مان ٺي ڪڍي ڇڏيو.

## سنڌي ادب لاءِ ڪوششون:

جي ـ ايم ـ سيد کي، سنڌي ثقافت ۽ ادب جي لاءِ وڏو عشق هو. مارچ ١٩٤٠ع ۾ جڏهن پاڻ ڪجهه عرصي جي لاءِ وزير تعليم ٿيو ته 'سنڌ يونيورسٽي' برپا ڪرڻ جي لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪيائين ۽ 'سينٽرل ايڊوائيزري بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر' برپا ڪيائين. اڳتي هلي انهيءَ بورڊ کي 'سنڌي ادبي بورڊ' جي نالي سان مستقل ۽ آزاد حيثيت ڏيارايائين. جنهن جو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ وڏو ڪردار رهيو آهي.

## پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ:

سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪرائيندڙ محترم جي ـ ايم ـ سيد، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مستقل جي ڳڻ ڳوت ڪندي 'ڪراچي' کي سنڌ کان ڌار ڪري 'پاڪستان' جي گاديءَ جو هنڌ بنائڻ جي اسڪيم جي مخالفت ڪئي ۽ قوم کي انهيءَ سازش کي ناڪام بنائڻ واسطي سنڌ جي دوري تي نڪتو ته ڪيس ١٨ جون ١٩٤٨ع تي گرفتار ڪيو ويو ۽ ٽي مهينا بند رکي ١٨ آگسٽ ١٩٤٨ع تي آزاد ڪيو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن خود غرض سياستدانن ون يونٽ جي رٿا ٺاهي سنڌ کي دائمي، پنجاب جي غلاميءَ ۾ ڏيڻ جا جتن ڪيا ته سيد صاحب، سنڌي قوم کي سندس وجود خلاف ٿيندڙ سازش کان آگاهه ڪيو ۽ منصوبي جي خلاف

مزاحمت جو اعلان ڪيو. جنهن ڪان گهبرائجي حڪومت ون يونٽ ٺهڻ ڪان اڳ ۾ ۳ نومبر ۱۹۵۴ع ۾ سيد کي گرفتار ڪري ورتو. ون يونٽ ٺهڻ جي ٻن سالن اندر ئي سيد صاحب وڏين ڪوشش سان، سنڌن ئي خالقن هٿان، مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ”ونٽ يونٽ“ جي خاتمي ۽ صوبن جي بحاليءَ جي لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرايو.

آڪٽوبر ۱۹۵۸ع ۾ جڏهن ايوب خان ملڪ ۾ مارشلا لاڳو ڪئي تہ جي . ايم . سيد کي گرفتار ڪري هڪ سال چار مهينا سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾ قيد رکيو. پوءِ صحت جي خرابي جي بنياد تي گهر ۾ ڇهہ سال ٽي مهينا نظربند رکي ۱۲ فيبروري ۱۹٦٦ع تي آزاد ڪيو.

آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ سيد صاحب ”بزم صوفياءِ سنڌ“ ناهي عوام ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سنڌ جي صوفين جي درگاهن تي ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنسون ڪوٺائي، عوام ۾ سياسي، ثقافتي ۽ قومي جاڳرتا واسطي ڪم شروع ڪيائين. ’بزم صوفياءِ سنڌ‘ جي پليٽ فارم تان سنڌ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي ڪانفرنسون ڪوٺايون،ويون. پوءِ کيس ۲۳ جون ۱۹٦۷ع تي گرفتار ڪري گهر ۾ نظربند ڪيو ويو. اها نظر بندي بہ سال اٺ مهينا هلي ۽ ۲٦ جنوري ۱۹٦۹ع تي کيس آزاد ڪيو ويو.

جڏهن بنگلاديش ۾ فوجي قدم کنيو ويو تہ اُن وقت فوجي آپريشن هلندي، سائين جي . ايم . سيد کي ۱۸ مئي ۱۹۷۱ع ۾ گهر ۾ اٺ مهينا نظربندر رکي، ڊسمبر ۱۹۷۱ع ۾ بنگلاديش جي ٺهڻ ڪان پوءِ آزاد ڪيو ويو.

جڏهن ۱۹۷۲ع ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جي بل‘ ڪان پوءِ، سنڌي زبان جي خلاف غنڊه گرديءَ جو مظاهرو ٿيو، ان وقت سيد صاحب، سنڌي عوام کي پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ منظم ۽ متحد ڪرڻ خاطر سنڌ جي دوري تي نڪتو. انهيءَ ۾ کيس مسلم ڪاليج اندر بم اڇلائي مارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر جڏهن قاتلانہ حملن هوندي بہ پنهنجو پروگرام منسوخ نہ ڪيو تہ کيس آگسٽ ۱۹۷۲ع ۾ گرفتار ڪري گهر ۾ نظربند ڪيائون ۽ پنج مهينا نظر بند رکڻ ڪان پوءِ کيس جنوري ۱۹۷۳ع ۾ آزاد ڪيو ويو. چئن مهينن ڪان پوءِ کيس ٦ مئي ۱۹۷۳ع تي ٻيهر گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو ۽ اها نظربندي چوڏهن سال هلي ۽ کيس ۱۹۸۷ع ۾ آزاد ڪيو ويو. ڊسمبر ۱۹۸۷ع پاڻ بيمار هوندي بہ سنڌ جي دوري تي نڪتو، جنهن جي نتيجي ۾

ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ ١٩٨٨ع جي شروع ۾ ڪيس آزاد ڪيو ويو. آڪٽوبر ١٩٨٨ع ۾ سيد وري، سنڌ جي دوري تي نڪتو، پر ڪيس هٽرادو جهنڊي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو. ١٩٩٠ع ۾ ڪيس نگران حڪومت آزاد ڪيو. ١٩٩٢ع ۾ وري، نشتر پارڪ ڪراچي ۾ سالگره ملهائڻ جي ڏوهه ۾ نظربند ٿيو، جيڪا نظربندي وفات تائين قائم رهيس. قيد دوران ڪيس ايمنسٽي انٽرنيشنل "ضمير جو قيدي" قرار ڏنو.

سائين جي . ايم . سيد ٢٥ اپريل ١٩٩٥ع تي ڊگهي علالت کان پوءِ جناح اسپتال ڪراچي ۾ وفات ڪئي.

## تصنيف ۽ تاليف:

جي . ايم . سيد هڪ وڏو اديب ۽ تاريخ نويس هو. هو سچو صوفي رنگ ۾ رچيل هو. ڪيس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان شيخ اياز جي لفظن ۾: "ايئن پيار ڪندو آهي، جيئن ڪوئي ٻار، ڪنهن جيئري ڪوسي ڪُڪ سان ڪندو آهي."

جي . ايم . سيد جي لکيل ڪتابن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(١) اهي ڪتاب جيڪي هن پنهنجي هن سياسي زندگيءَ جي لاهين چاڙهين ۽ تجربن کان پوءِ، ملڪي ۽ قومي سياست جي باري ۾ جيڪي ڪجهه مشاهدو ڪيو، انهيءَ کي پنهنجن تجربن جي روشنيءَ ۾ قلمبند ڪيو.

(٢) پنهنجي تاريخي، مذهبي ۽ فلسفي جي بنياد جي آڌار تي، سندس جيڪا ذهني ۽ روحاني تربيت ٿي، ۽ "وحدت ۾ ڪثرت، ٿي وحدت ڪثرت ڪل" جي نظريي ۽ انهن جي پرچار واسطي لکيائين.

سندس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

(١) محال مانجهند جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام، (٢) انتظامي ڪاتي کان عدالتي ڪاتي جي جدائي، (٣) پاڪستان ۽ مسلمان (ترجمو)، (٤) نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، (٥) پيغام لطيف، (٦) جيئن ڏٺو آهي مون، (٧) جديد سياست جا نورتن، (٨) سنڌ جا سورما، (٩) موجوده سياسي مسئلا، (١٠) جنب گذاريم جن سين (ٻه ڀاڱا)، (١١) رهاڻ (ميران محمد شاهه جا خط)، (١٢) شاهه لطيف جون ڪافيون ۽ وايون، (١٣) سنڌ جي بمبئي کان جدائي، (١٤) خط ۽ مضمون (پير علي محمد راشديءَ جا)، (١٥) ساهڙ جا سينگار (علامه آءِ . آءِ قاضيءَ جا خط)، (١٦) سنڌي

ڪلچر، (١٧) بزم صوفياءِ سنڌ جا خطبا، (١٨) چونڊ سياسي مضمون ۽ تقريرون، (١٩) ديارِ دل ۽ داستان محبت، (٢٠) پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، (٢١) چونڊ ادبي مضمون، (٢٢) جديد مشاهير عالم، (٢٣) اسلامي سربراهه ڪانفرنس، (٢۴) جناح صاحب سان لکپڙهه (اڻ ڇپيل)، (٢۵) ڪجهه خط (سنڌ ۽ هند جي سياستدانن ۽ ڪارڪنن جا خط)، (٢٦) تاريخ متعلوي سادات، (٢٧) واچٽ ويراڳين جا (محمد امين کوسي جا خط) ٻه ڀاڱا، (٢٨) سنڌو جي ساڃاهه (ٻه جلد)، (٢٩) شهيدان سنڌ، (٣٠) مثياري سيدن جي تاريخ، (٣١) رهبر، (٣٢) مسلم ليگ کان جدائي، (٣٣) سنڌوديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟، (٣۴) اڄ پڻ ڇڪيم چاڪ (خط)، (٣۵) قوميت جو مسئلو، (٣٦) جديد عالمي سياست، (٣٧) هاڻ پاڪستان ٽٽڻ گهرجي (٣٨) رهنما اصول، (٣٩) سنڌ جا مسئلا، (۴٠) سنڌ جي ڪهاڻي، (۴١) خطبات سيد، (۴٢) ون يونٽ جي ڪهاڻي، (۴٣) سنڌ ڳالهائي ٿي، (۴۴) پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانه نظر، (۴۵) مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟ وغيره.

مٿين ڪتابن مان اڪثر ڪتابن جا اردو ۽ انگريزي ترجما پڻ ڇپجي چڪا آهن. ●

# جمال ابڙو

ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ ۾ جن ليکڪن، جديد سنڌي افساني کي جنم ڏنو، انهن ۾ جمال ابڙو نمايان حيثيت رکي ٿو. سنڌي ڪهاڻي ۽ افساني جو ڪوبہ تذڪرو جمال ابڙي جي افسانن جي ذڪر کان سواءِ اڻ پورو ئي هوندو.

## سوانح:

جمال ابڙي جو جنم ۱۰ اپريل ۱۹۲۵ع تي ڳوٺ سانگي، تعلقي ميهڙ، ضلع دادو ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو علي خان ابڙو هو. جيڪو هڪ مشهور اديب ۽ تعليمي ماهر هو ۽ هن جون تعليمي ميدان ۾ وڏيون خدمتون هيون. سندس ڪيترائي ڪتاب پڻ ڇپيل آهن ۽ سندس قرآن شريف جو بامحاوره ترجمو "تفسير المنير"، سنڌي ۾ گهڻو وڪامجندڙ ۽ پڙهجندڙ آهي.

جمال ابڙي پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. پوءِ ميونسپل پرائمري اسڪول، لاڙڪاڻي ۾ بہ پڙهيو. ڇاڪاڻ تہ سندس والد صاحب علي خان ابڙو ۱۹۳۰ع ڌاري ميهڙ مان لڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ رهڻ شروع ڪيو. جمال ابڙي ۱۹۴۱ع ۾ مئٽرڪ بمبئي يونيورسٽي، ڪاليجي تعليم ڊي - جي نيشنل ڪاليج حيدرآباد مان ۴۲-۱۹۴۱ع، بهاؤالدين ڪاليج، جهوناڳڙهہ ۴۳-۱۹۴۲ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ ايل ايل بي ۱۹۴۸ع ۾ ايس - ايم - لا ڪاليج، ڪراچي مان ڪئي.

جمال ابڙي پهرين ۱۹۴۸ع ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ شمس الدين سان گڏجي وڪالت شروع ڪئي. اهڙي طرح ۱۹۴۹ع کان ۱۹۵۱ع تائين پوليس پراسيڪيوٽر شهدادڪوٽ بہ رهيو. ۱۹۵۲ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي جج چونڊيو. پهرين ڪپري، سانگهڙ کان نوڪري شروع ڪيائين. پوءِ ترقي جا ڏاڪا طئي ڪندو سيشن جج جي عهدي تي پهتو. ۱۹۵۶ع کان

۱۹۵۸ع تائين شڪارپور ۾ مئجسٽريٽ. ۱۹٦۱ع تائين بحيثيت جج خيرپور ميرس ۽ ۱۹٦۵ع تائين سجاول ۾ جج جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. ۱۹۷۲ع کان وٺي ۱۹۷۸ع تائين سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري رهيو. تنهن کان پوءِ ۱۹۷۸ع کان وٺي ۱۹۸۰ع تائين ليبر ڪورٽ جو جج، ۱۹۸۰-۸۱ع وارو عرصو ميمبر فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن اسلام آباد. ۱۹۸۱-۸۲ع رجسٽرار سنڌ هاءِ ڪورٽ، ۱۹۸۲-۸۴ع ليبر ڪورٽ جو جج، وري ۱۹۸۴-۸۵ع سيڪريٽري سنڌ هاءِ ڪورٽ، وري ۱۹۸۴-۸۵ع سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي؛ ۱۹۸۵-۸٦ع چيئرمين انڪوائري ۽ ائنٽي ڪرپشن حڪومت سنڌ جهڙن اهم ۽ قانوني عهدن تي رهيو. ۱۰ اپريل ۱۹۸٦ع تي ۲۴ سال لڳاتار نوڪري ڪرڻ کان رٽائرڊمينٽ حاصل ڪيائين. پاڻ پنهنجي نوڪريءَ واري دور جو ۽ واسطو پونڊڙ ماڻهن جو نهايت دلچسپ احوال پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ بيان ڪيو اٿس.

## ادبي سفر:

جمال ابڙي جو ادبي سفر، سنڌي ڪهاڻي جو سفر آهي. سندس لکڻ جي شروعات هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ڪهاڻي لکڻ سان ٿي. سندس پهرين ڪهاڻي "هو حُر هيو" آهي، جيڪا ۱۹۴۹ع ۾ هفتيوار "طوفان" حيدرآباد ۾ شايع ٿي. پاڻ مختلف وقتن ۽ حالتن جي اثر هيٺ وقت بوقت ڪهاڻيون لکندو رهيو. سندس ڪهاڻين ۾ "پشو پاشا"، جيڪا اياز قادري جي ڪهاڻي "بلو دادا" کان متاثر ٿي لکيائين. انهيءَ سلسلي ۾ مهراڻ (۱/ ۱۹۵٦ع) ۾ لکيل پنهنجي خط ۾ انهيءَ افساني بابت وضاحت ڪندي جمال ابڙو لکي ٿو:

> "مون 'پشو'، 'بلو داد' ۽ 'شيدو ڌاڙيل' کان متاثر ٿي لکيو. منهنجو پشو نہ ڌاڙيل آهي، نہ داداگير، پر هڪ سڌوسنئون انسان آهي. آهن تہ اهي تيئي هڪڙي ئي ماحول جي پيدائش، پر صرف ان ڪري اسان جي سائن همدردي ٿئي ٿي چا؟ ائين تہ وڏيرو ۽ سيٺ بہ انهيءَ ماحول جي پيدائش آهن، پر انهن کي ولين ڪري ڇو ٿو پيش ڪيو وڃي؟ پوءِ تہ اسان جي همدردي وڏيري ۽ سيٺ سان بہ هئڻ گهرجي. اسين تہ مُنجهي ٿا پئون! ڇاڪاڻ تہ هڪ انسان

مسڪين آهي، تنهن ڪري ۽ صرف تنهن ڪري هو رحم جي لائق
آهي ڇا؟ منهنجي دل اها ڳالهه نٿي مڃي.“

تنهن کان پوءِ جمال ابڙي ٻيا بہ افسانا لکيا. جهڙوڪ: ”پيرائي“، ”شاهہ جو قر“، ”منهن ڪارو“، خميسي جو ڪوٽ“، ”ماءُ جي جهولي“ ۽ ٻيا افسانا شامل آهن.

جمال ابڙي جي هڪ ٻي افساني”شاهہ جي قر“جي باري ۾ سنڌ ٻوليءَ جي سدابهار ليکڪ شيخ حفيظ پنهنجي تبصري (مهراڻ ١/ ١٩٥٦ع) ۾ لکيو:

”منهنجي خيال ۾ ’مهراڻ‘ ۾ هن وقت تائين جيڪي بہ افسانا ڇپيا آهن، تن ۾ ”شاهہ جو قر“ سڀ کان سٺو آهي. ايئن ڪٿي چوان تہ گذريل ٻن ڇئن سالن ۾، سنڌ اندر، سنڌي زبان ۾ جيڪي افسانا لکيا ويا آهن، تن ۾ هي بهترين آهي.“

جمال ابڙي جي افساني ”پشو پاشا“ جي باري ۾ رسول بخش پليجي ”مهراڻ“ ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو:

”افساني جي عبارت ۽ ٻولي نهايت حسين ۽ لطف ڀري آهي ۽ واقعات نگاري بيحد ڇيندڙ آهي. مجموعي طور افسانو هڪ دليري واري ڪوشش آهي، جا ناڪام ثابت ٿيڻ جي باوجود يقيناً نئين ۽ اڳي کان وڌيڪ ڪاميابين جو پيش خيمو ثابت ٿيندي.“

جمال ابڙي جا اهي افسانا سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. جمال ابڙي ڪل ١٧ افسانا لکيا، پر اهي سڀئي افسانا، سنڌي ادب جو اهم ۽ قيمتي سرمايو ليکيا وڃن ٿا.

سندس انهن مختصر افسانن جو مجموعو ”پشو پاشا“ جي نالي سان پهريون ڀيرو ١٩٥٩ع ۾، ٻيو ڀيرو ”بدمعاش“ جي نالي سان ١٩٧٢ع ۾، ٽيون ڀيرو ڪراچي يونيورسٽي پاران ۽ چوٿون ڀيرو سندس سڀني ڪهاڻين ۽ مضمونن کي گڏي سنڌ ثقافت کاتي پاران”جمال ابڙو: ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت“ جي نالي سان ١٩٩٢ع ۾ ڇپايو ويو. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي مجموعي ”پشو پاشا“ جو پنجابي ۾ بہ ترجمو ٿي چڪو آهي، جيڪو ”پنجابي ادبي بورڊ، لاهور“ پاران ڇپرايو ويو. انهيءَ جو پنجابيءَ ۾ ترجمو ’محسن عباسيءَ‘ ڪيو. ”پشو پاشا“ جي ٻهرينءَ ڇاپي جي مهاڳ ۾ اُستاد محمد ابراهيم

جويو، جمال ابڙي جي افسانن جو جائزو وٺندي لکي ٿو:

”جمال جي ’افسانن“ ۾ بهرحال زندگيءَ جي مسئلن جي چيڙي نبيري جو هڪ عجيب مهر ڀريو انداز موجود ڏسجي ٿو ۽ هڪ ڪامياب افسانه نگار لاءِ هيءَ هڪڙي ڳالهه لک جي برابر آهي ته هن جي دل ۾ زندگيءَ لاءِ محبت ۽ احترام جا جذبا موجود هجن ۽ ڪيس زندگيءَ ۾ ڀرپور اعتقاد هجي.“

جمال ابڙي ڪي مختلف شعبن ۾ پڻ سجاڳو وجي ٿو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جي باني ميمبرن مان آهي. جڏهن سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ڪنوينشن سڏايو ويو ته پاڻ انهيءَ ۾ به شريڪ هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ سنگت جي شاخ تاج محمد ابڙي سان گڏجي قائم ڪئي. سنڌي ادبي سنگت کان اڳ، ترقي پسند اديبن جون گڏجاڻيون، جيڪي ليسلي ولسن هاسٽل (جناح ڪورٽس) ۾ ٿينديون رهيون، جمال ابڙو تن ۾ به شريڪ ٿيندو هو. پاڻ ”سچل اڪيڊمي خيرپور“ جي باني ميمبرن مان ۽ ١٩٥٩ع ۾ انهي جو باني صدر پڻ رهيو. جڏهن شيخ اياز سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر هو ته هن ڪيس يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جو ميمبر پڻ نامزد ڪيو. ١٩٧۴ع ۾ ايفروايشين رائيٽرس ڪانفرنس الماتا (اڳوڻي سوويت يونين ۾) ٿي، انهي ۾ فيض احمد فيض، سجاد ظهير، اُتم ۽ ٻيان شامل هئا. انهي ڪانفرنس دوران سجاد ظهير وفات ڪئي ۽ فيض احمد فيض جيڪو وفد جو اڳواڻ هو، سو لاش سان گڏ دهلي ويو. ان جي غير موجودگيءَ ۾ جمال ابڙي پاڪستاني وفد جي اڳواڻي ڪئي.

جمال ابڙو ذهني طرح خاڪسار ۽ هاري تحريڪ سان ويجهو رهيو. مختلف موقعن تي انهن تنظيمن لاءِ ڪم پڻ ڪيائين. تنهن کان سواءِ، مختلف وقتن تي ”سنڌي ادبي بورڊ“ ۽ ”سنڌالاجيءَ جي بورڊ آف گورنرس“ جو ميمبر پڻ رهيو. سندس ادبي خدمتن جي سلسلي ۾ ڪيس ١٩٩۴ع ۾ حڪومت پاڪستان پاران، صدر پاڪستان ”پرائڊ آف پرمارمنس“ ايوارڊ پڻ ڏنو.

جمال ابڙي پنهنجي زندگي ڀر جي مشاهدي ۽ مطالعي جو نچوڙ پنهنجي آتم ڪهاڻي جي ڇهن ڀاڱن ۾ بيان ڪيو آهي، جن جا نالا آهن: (١) ڏسي ڏوهه اکين سين، (٢) اوُنهي ڳالهه اسرار جي، (٣) توهر ۾ ڳاڙها

گل، (۴) ايندو نہ وري هي وڻجارو، (۵) مر پيا مينهن وسن.

سراج جي لفظن ۾:

”جمال، سنڌي ادب جي انهن سُتونن مان آهي، جيڪي نہ رڳو ادب جي پرجهلي ۽ ٽيڪ جو ڪم ڏين ٿا، پر ادب جي عمارتن کي بازنطيني ۽ حسن بہ بخشيندا آهن. اڄ جي مختصر ڪهاڻي جي ارتقا جمال کان سواءِ جيڪڏهن سمجهڻ ناممڪن نہ تہ محال ضرور آهي.“

جمال ابڙي ۳۰ جون ۲۰۰۴ع تي وفات ڪئي. کيس ڪراچي ۾ دفنايو ويو. ●

# ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

سنڌي ٻوليءَ ۾ جن ماڻهن لوڪ ادب جي اهميت کي سمجهيو ۽ انهيءَ کي سهيڙي ۽ سموهي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي ابتدائي ڪئي، انهن ۾ جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ ڪنهن جو نالو وٺجي ته اهو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ئي هو. سندس لوڪ ادب جي تعارف کان علاوه "لغت" واري ڪم ۾ به وڏي خدمت ڪيل آهي.

## سوانح:

عبدالڪريم سنديلو ٣١ ڊسمبر ١٩١٩ع تي ڳوٺ "مهراب خان سنديلو" ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو سهراب خان هو. سنديلو صاحب، سنڌي فائنل پاس ڪري، سنڌي پرائمري استاد ٿيو. انهيءَ دوران پاڻ پائرن سان گڏ لڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ رهيو. جتي سندس گهر لڳ "جلال نالي هڪ وڏو قابل سگهڙ رهندو هو. جنهن جي صحبت ۾ "سنديلي صاحب" ۾ لوڪ ادب ۾ دلچسپي پيدا ٿي. پاڻ جلال سان ڪچهرين ۾ ڏور- ڳجهارت جو فن سکيو ۽ لوڪ ادب قلمبند ڪرڻ شروع ڪيائين.

پاڻ پرائمري استاد جي حيثيت سان جتي به رهيو، اُتي سگهڙن سان ڪچهريون ڪري، سندن سيني ۾ محفوظ لوڪ ادب کي لکي محفوظ ڪندو ويو. سنديلي صاحب پنهنجي سڄي زندگي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ڏيڻ ۾ گذاري. پرائمري استاد جي حيثيت ۾ وڏي محنت ڪري، مئٽرڪ پاس ڪيائين. ان کان پوءِ بي-اي، ايم-اي ۽ پي ايڇ ڊي ڪيائين. پاڻ مختلف هنڌن تي تعليمي خدمتون سرانجام ڏنائين. هڪ سال ١٩٥٣-٥٤ع ۾ "جامع سنڌي لغات" جي عملي ۾ ريسرچ اسسٽنٽ طور ڪم ڪيائين. پاڻ ١٩٧٤ع ۾ پي-ايڇ-ڊي ڪيائين ۽ انهيءَ کان پوءِ ١٩٧٩ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، لاڙڪاڻي جي پرنسپال جي حيثيت سان رٽائرڊ ڪيائين. ان کان

پوءِ ڪيس سنڌس علمي ۽ ادبي صلاحيتن ۽ لياقتن سبب ڪيس جنرل ضياءالحق پاران "مجلس شوريٰ" جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. ١٩٨٤ع ۾ ڪيس ادبي ۽ تحقيقي خدمتن جي مڃتا طور "صدارتي ايوارڊ"، "تمغءِ امتياز" ڏنو ويو. انهيءَ کان سواءِ ڪيس ٻيا به ڪيترائي ايوارڊ مليا. جهڙوڪ: سچل ايوارڊ، پاڪستان رائٽرس گلڊ طرفان ادبي انعام ۽ نائين ـ ڏهين جي سنڌي ڪتاب تي "ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ" ايوارڊ مليو.

## تصنيف ۽ تاليف:

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو هڪ پورهيت اديب هو. هن پنهنجي ڪيريئر جي شروعات هڪ پرائمري اُستاد کان ڪئي، ۽ پنهنجي زندگي ڏاهڻ ۽ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ ۾ وڏي محنت ۽ جدوجهد ڪئي ۽ ادبي ميدان ۾ سنڌي ادب تي بي بها موتي ميڙي چونڊي ڪتابي صورت ۾ ڏنا. سندس ادبي ڪم ۽ ڪتابن جو مختصر تعارف هيٺ اچي ٿو.

لوڪ ادب جي سلسلي ۾ ڪيل ڪم ۽ ڇپيل ڪتاب.

## (١) وينجهار:

سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ ۾ جن اديبن ۽ محققن ڪوششون ڪيون، انهن ۾ سنديلو صاحب کي اوليت جو شرف حاصل آهي. لوڪ ادب جي سلسلي جي شروعاتي ڪتابن ۾ جناب عبدالحسين موسوي جا ڪتاب "سرهاڻ" ۽ "سڳنڌ" به وڏي اهميت رکن ٿا، پر سنديلي صاحب جو ڪتاب "وينجهار" منفرد حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ لوڪ ادب جي سيني صنفن جو فني تعارف ڏنو ويو آهي ۽ هر صنف جو مواد پڻ ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب ڊسمبر ١٩٥٠ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپيو. هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هي ڪتاب ايم ـ اي جي نصاب ۾ شامل ٿيو ۽ رڳو جولاءِ ١٩٦٢ع تائين هن ڪتاب جا اٺ ڇاپا ڇپيا. انهيءَ کان پوءِ به ڇپجندا رهيا.

## (٢) سنڌ جو سينگار:

ڊاڪٽر صاحب جو هي ڪتاب لوڪ ادب جي صنف سينگار بابت آهي ۽ ١٩٥٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيو. هن ڪتاب ۾ مهاڳ طور ٻن اکرن ۾ "سينگار شاعري بابت وصف جامع انداز" ۾ بيان ڪئي وئي

آهي، تنهن کان پوءِ سينگار جي شاعرن جا سينگار بابت بيت ڏنا ويا آهن ۽ شاعرن جو مختصر تعارف پڻ ڏنو ويو آهي. ڪتاب جو ٻيو حصو معنيٰ ۽ شرح بابت آهي. سينگار جي بيتن ۾ جيڪي ٻين ٻولين جا لفظ آيل آهن، تن لفظن جي اصل نسل جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. انهن جو بنياد ۽ معنيٰ سمجهائي وئي آهي. هي ڪتاب سنڌي لوڪ ادب ۽ سنڌي لغت جو بي بها خزانو آهي.

### (٣) ڏهس نامون:

هي ڪتاب ”لوڪ ادب جي صنف ۽ سينگار“ شاعريءَ سان تعلق رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ سنڌيلي صاحب ”ڏهس نامي“ جا بيت ڏنا آهن ۽ ڏهس جا بيت بہ سينگار جا بيت ٿي آهن.

### (۴) لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو:

١٩٧۴ع ۾ سنڌيلي صاحب ”سنڌي لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“ مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. هي ڪتاب انهيءَ مقالي تي مشتمل آهي، جيڪو ”سنڌالاجي“ ١٩٨٦ع ۾ ڇپرايو. ڪتاب ۾ لوڪ ادب جي مختلف صنفن جهڙوڪ: پرولي، ڀڳتن جا ٻول، هنر، ڏڙهو، ست سري، سينگار، ڏهس، ڏور، مناظرا، مداحون ۽ مناجاتون، معجزا، ٽيهہ اکريون، مولود، لوڪ گيت ۽ لوڪ ڪهاڻين جو تحقيقي جائزو ڏنو ويو آهي. تنهن کان سواءِ هر صنف جو، فني سٽاءِ ۽ تاريخي ارتقا ڏيئي، هر صنف مان نمونو ڏنو ويو آهي.

لوڪ ادب کان علاوه سنڌيلي صاحب جو سنڌي لغت تي پڻ چڱو موچارو ڪم ڪيل آهي، جن ۾ ٻي ڪم کان سواءِ سنڌي شاعريءَ جي ٽہ مورتي جي پوين ٻن شاعرن، ”سچل ۽ سامي“ تي پڻ لغت جي حوالي سان ڪم ڪيل آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڇپيل ڪتابن ۽ ڪم جو هيٺ جائزو پيش ڪجي ٿو.

### تحقيق لغات سنڌي:

سنڌيلي صاحب جي لغت ۽ لوڪ ادب سان دلچسپي ۽ انهن سي تحقيق سندس من پسند مشغلو رهيو. هي ڪتاب، پڻ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي. هن ڪتاب ۾ پاڻ ڪيترين ئي نيون ڳالهيون ڏسيائين. جيئن

”نوَ لکو هار“ يا ”چندن هار“ تي اهو نالو ڪيئن پيو. اڪبر بادشاهہ ”نورتن“ کھڙي خيال کان اختيار ڪيا. ”پنيهہ“ يا ”چنيهہ“ لکڻ (پچڻ) کھڙا آهن. اهي ۽ اهڙي قسم جون ڪيترين ئي ڳالهيون موتين جيان چونڊي ادبي مالها تيار ڪئي اٿس. هي لغت بيحد مقبول ويئي ۽ ڪيترائي ڇاپا ڇپجي چڪا اٿس.

## سچل لغات:

سنڌي لغت تي ڪيل ڪم جي سلسلي ۾، هي ڪتاب بہ انهيءَ جي هڪ ڪڙي آهي. ”سچل“ جي رسالي ۾ جيڪي انوکا لفظ آيل آهن، هن ڪتاب ۾ انهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. دستور موجب پاڻ هر لفظ جو بنياد پڻ ڏنو آهي. انهيءَ سان گڏ صوفيانہ اصطلاحن ۽ فقرن جي معنيٰ بہ سمجهائي ويئي آهي.

## سامي ڌاتو ڪوش:

سامي سنڌي ٻوليءَ جو اهم شاعر آهي، پر بدقسمتيءَ سان مٿس ايترو تحقيقي ڪم تي نہ سگهيو آهي. سنڌيلي صاحب ساميءَ جي سلوڪن ۾ آيل انوکن ۽ ٻين ٻولين جي لفظن جي لغت مڪمل ڪري، ”سامي ڌاتوڪوش“ جي نالي سان شايع ڪئي، جيڪا ڀھريون ڀيرو ١٩٧٨ع ۾ ڇپجي ۽ تنهن کان پوءِ ”سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت“ ڀاران ٻن جلدن ۾ آندل ”ساميءَ جا سلوڪ“ ۾ پڻ لغت طور ڇپي ويئي.

## سنڌي اساسي شاعريءَ تي ڪم:

سنڌيلي صاحب لوڪ ادب ۽ لغت کان سواءِ سنڌي اساسي ۽ عوامي شاعريءَ تي پڻ ڪافي ڪم ڪيو آهي. انهي سلسلي ۾، لاڙڪاڻي ضلعي جي ٽن باڪمال عوامي شاعرن حسين ديدڙ، شاهہ محمد ديدڙ ۽ حاجي خانڻ چنجڻي جو ڪلام گڏ ڪري، سهيڙي، سموهي، سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنو. هي ٽيئي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هر ڪتاب ۾ مقدمي کان سواءِ شاعرن جي مختصر سوانح، ان جي ڪلام جي فني، لغوي، معنوي خوبين ۽ خصوصيتن تي پڻ روشني وڌي ويئي آهي.

مٿين ڪم کان سواءِ سنڌيلي صاحب ايم اي لاءِ ”لاڙڪاڻي ضلع جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ جي عنوان سان تحقيقي مقالو لکيو، جيڪو اڃا

ڇپجي نہ سگھيو آهي.

## ساميات:

سنڌي شاعريءَ جي تہ مورتي مان "سچل ۽ سامي" تي سنڌيلي صاحب ڪافي ڪم ڪيو آهي. ساميءَ تي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب "سامي ڏاتو ڪوش" کان سواءِ هڪ ڪتاب "ساميءَ سنديون سپون" پڻ ترتيب ڏنائين، جنهن ۾ سنڌي زبان جي هن بلند پايہ شاعر جا چونڊ سلوڪ ڏنا ويا آهن، جيڪي ڪُل ٻہ سؤ آهن. "ٻيو حصو" معنيٰ ۽ مطلب تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ساميءَ جي سلوڪن ۾ آيل هندي، سنسڪرت ۽ ٻين ڏکين لفظن جي معنيٰ سمجھائي ويئي آهي. نہ فقط ايترو پر هر لفظ جو بنياد ۽ سلوڪن جي ڪن سٽن، فقرن ۽ ويدانتي واين جي سمجھاڻي بہ ڏني ويئي آهي.

## پهاڪن ۽ اصطلاحن تي ڪم:

سنڌيلي صاحب سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن تي پڻ ڪافي ڪم ڪيو آهي، جنهن جا ٻہ ڪتاب "پهاڪن جي پاڙ" ۽ "اصطلاحن جي اصليت" ڇپجي چڪا آهن.

### (١) پهاڪن جي پاڙ:

هن ڪتاب ۾ الف کان وٺي "ي" تائين الفابيٽ جي حساب سان ١٢٢ پهاڪن جو وچور ڏنل آهي ۽ هر پهاڪي جي وجود ۾ اچڻ بابت جيڪو واقعو ۽ پس منظر ۽ تاريخي حڪايت ڪيس معلوم تي سگھي آهي. اها بيان ڪئي اٿس. يعني پهاڪن بابت هي ڪتاب روايتي نوعيت جو نہ آهي. پر هر پهاڪي بابت تحقيق ڪري پنهنجو تحقيقي نتيجو ڏنو اٿس.

### (٢) اصطلاحن جي اهميت:

هن ڪتاب ۾ اصطلاحن جي اصليت بابت ڪيل تحقيق پيش ڪئي ويئي آهي. هر اصطلاح بابت ڄاڪوڙ ڪري، ان جي لغوي ۽ معنوي پهلوءَ جي اصليت بيان ڪري، اصطلاح جي معنيٰ سمجھائي ويئي آهي. شروع ۾ "ٻہ اکر" جي عنوان هيٺ اصطلاح جي وصف، افاديت ۽ تاريخي حيثيت بيان ڪئي ويئي آهي. سنڌي زبان ۾ هزارين اصطلاح ملن ٿا، پر هن ڪتاب ۾ فقط اهي اصطلاح ملن ٿا، جن بابت پاڻ تحقيقي ڪم ڪيو اٿس.

**ڪلاسيڪي ڪتابن جا رهبر ۽ درسي ڪتاب:**

ڊاڪٽر سنديلي، استادن ۽ شاگردن جي رهبري ۽ آساني لاءِ مختلف ڪلاسيڪي نثر توڙي نظم جي ڪتابن جا رهبر به لکيا. جهڙوڪ: رهبر ديوانِ گل، رهبر روح رهاڻ، رهبر سير ڪوهستان وغيره. هنن ڪتابن ۾ اصل ڪتاب/ شعر جو مفهوم نهايت چٽائيءَ سان سمجهايو ويو آهي. ايتري قدر جو ديوان گل جي شرح ۾ لکندي هر غزل جو بحر ۽ وزن به ڏنو اٿس.

سنديلو صاحب، 'بيورو آف ڪريڪيولم' جي نظرثاني ڪميٽيءَ جو ميمبر پڻ هو ۽ پهرين ڪان وٺي ڏهين ڪلاس تائين سمورن سنڌي ڪتابن جي نظرثاني جو ڪم پڻ ڪيائون.

نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ کان سواءِ ڊاڪٽر سنديلي، ڊاڪٽر الانا ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي سان گڏجي نائين ڏهين ڪلاس جو "سنڌي" ڪتاب به لکيو، جنهن کي پاڪستان جي سيني ٽيڪسٽ بوڪ بورڊن جي "ٽيڪس بوڪس" ۾ بهترين ٽيڪسٽ بوڪ قرار ڏنو ويو.

انهن کان سواءِ ڊاڪٽر سنديلي درسي نوعيت جا ٻيا ڪتاب به لکيا: جهڙوڪ: علم بديع، انگي اصول، تاريخ سنڌ، اسلامي تاريخ وغيره.

مٿين ڪمن کان سواءِ پاڻ سنڌي لغت ۽ لوڪ ادب بابت ڪيترائي مضمون پڻ لکيا اٿس، جيڪي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل اٿس ۽ هڪ ڪتاب "مڪليءَ جو سير" جيڪو پروفيسر محبوب علي چنا جو، مڪلي جي مقام بابت تحقيق تي مشتمل آهي ۽ ڪنهن زماني ۾ نئين زندگيءَ ۾ قسط وار ڇپيو هو، اهو سنڌي ادبي بورڊ جي چوڻ تي ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجي چڪو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هن وڏي محقق ٢ جنوري ١٩٩٠ع تي وفات ڪئي. ●

# ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

سنڌ ۾ سُرت پرين ۽ ساڃاهه وند ماڻهن جي کوٽ ڪونهي، جن سنڌي ٻوليءَ کي علمي ۽ ادبي ذخيري سان مالا مال ڪيو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي به اهڙن ئي ماڻهن منجهان هو.

ڊاڪٽر عبدالمجيد، ١٧ آڪٽوبر ١٩٣١ع تي، شڪارپور ضلع جي "لکي" تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "ماڙيءَ" ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو حاجي غلام حسين ميمڻ هو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ سيڪنڊري شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان ١٩٥٢ع ۾ پاس ڪيائين. شڪارپور مان قرائت ۽ فارسي جي تعليم پڻ حاصل ڪيائين. مئٽرڪ کان پوءِ "سول انجنيئرنگ" ۾ ڊپلوما ڪيائين. ڊپلوما کان پوءِ پاڻ ڪجهه وقت ايريگيشن کاتي ۾ اوورسيئر به ٿي رهيو. اڳتي هلي بي - اي، ايم - اي (سنڌي) ۽ ايم اي (اسلامڪ ڪلچر) ۽ ايم اي (مذاهب عالم) ۾ پرائيويٽ طور ڪيائين. ١٩٦٢ع ۾ "لا - ڪاليج سکر" مان ايل - ايل - بي پڻ پاس ڪيائين.

پاڻ ١٩٥٤ع کان وٺي ١٩٦٣ع تائين اوورسيئر رهيو. پر پوءِ اها ڇڏي ليڪچرار ٿيو. ١٩٧٤ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان مولانا غلام مصطفیٰ قاسميءَ جي رهبريءَ هيٺ "بيان العارفين سنڌي جي ترتيب ۽ اڀٽار" تي تحقيقي مقالو لکي پي - ايچ - ڊي ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب مختلف هنڌن تي ليڪچرار ۽ پرنسپال جون خدمتون سرانجام ڏيندو، ١٩٩٠ع ۾ رٽائرڊ ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي پيشه ورانه مصروفيتن کان سواءِ شاهه لطيف يونيورسٽي، خيرپور طرفان ١٩٨٨ع کان ايم - فِل ۽ پي - ايچ - ڊي جي لاءِ شاگردن لاءِ گائيڊ. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي اڪيڊمڪ ڪائونسل، سنڌ يونيورسٽي، اڪيڊمي ڪائونسل شاهه لطيف يونيورسٽي، قومي نصاب

ڪاميٽي، بورڊ آف اسٽيڊيز سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ۽ شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور، بورڊ آف اسٽڊيز شعبه اسلامڪ ڪلچر ۽ مذاهب عالم، شاهه لطيف يونيورسٽي ۽ لاڙڪاڻي ”هسٽاريڪل سوسائٽي“ جو ميمبر ۽ سنڌ ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻي جو چيئرمين رهيو.

ڊاڪٽر صاحب، ننڍي هوندي کان ئي سگهڙن جي ڪچهرين ۾ اٿڻ ويهڻ سبب ادب ڏانهن مائل ٿيو ۽ انهن جا ڏور، بيت ۽ ڳجهارتون قلمبند ڪرڻ شروع ڪيائون، جيڪو پوءِ ١٩٦١ع ۾ ”ڏور“ جي نالي سان شايع ٿيو. سندس ڇپايل پهريون ڪتاب ”ملان نصيرالدين جا لطيفا“ آهي، جيڪو ملان نصيرالدين جي سوانح ۽ ٽوٽڪن تي ٻڌل آهي. اهو ڪتاب ١٩٦١ع ۾ ئي ڇپيو هو. ڊاڪٽر صاحب جا سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ اسي کان به وڌيڪ ڪتاب لکيل ۽ ڇپايل آهن. سندس پسند جا موضوع سنڌ جي سماجي ۽ ادبي تاريخ، لسانيات، تصوف، لطيفيات هئا ۽ گهڻي ڀاڱي انهن ئي موضوعن تي لکيو اٿن.

ڊاڪٽر صاحب سڄي زندگي سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ جاکوڙ ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترائي ڪتاب لکي ۽ مرتب ڪري، سنڌي ادب جو دامن مالا مال ڪيائون. سندس انهن خدمتن جو مختصر تفصيل هن ريت آهي.

(١) ڊاڪٽر صاحب ١٩٥٨ع ۾ پنهنجي دوست جناب سيد خادم حسين شاهه سان گڏجي ”سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو“ قائم ڪئي، جنهن پاران ڏهاڪو کن ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيائين.

(٢) ١٩٦١ع ۾ پاڻ جڏهن اسلاميه ڪاليج سکر ۾ پروفيسر مقرر ٿيو ته ڪاليج ۾ اچڻ سان، ”سنڌي ادبي سوسائٽي“ قائم ڪري، نه رڳو ادبي جلسا، مذاڪرا ۽ مشاعرا ڪوٺايائين، پر اشاعتي سلسلو پڻ شروع ڪيائين ۽ ڏهاڪو کن ڪتاب ڇپايائين ۽ ”سکر جي سوکڙي“ نالي ڪتابي سلسلو پڻ جاري ڪيائين. هن ڪتابي سلسلي جا ڪي خاص نمبر به ڪڍيائين. جهڙوڪ: ”شعراءِ سکر نمبر“، ”جديد سنڌي ادب نمبر“، ”مولائي شيدائي نمبر“، ”صحافت نمبر“، ”رشيد لاشاري نمبر“ وغيره. سنڌي ادبي سوسائٽي پاران سندس ڇپايل هي ڪتاب قابل ذڪر آهن: تنقيد ۽ تجزيو (شيخ عبدالرزاق ”راز“)، ذڪر اشرف، فڪر لطيف، مهراڻ تي

مجلس، سڪر جي سونهن، فڪر بيدل، رتي جي رهاڻ، ملاحظو مهراڻ جو.
پهرين ڪتاب کان سواءِ باقي سڀ ڪتاب ميمڻ صاحب جا پنهنجا لکيل يا مرتب ڪيل آهن.

(٣) سکر ۾ رهڻ دوران ٿي پاڻ "لطيف اڪيڊمي" نالي ادبي ادارو قائم ڪيائين، جنهن جو چيئرمين شيخ عبدالرزاق "راز" ۽ جنرل سيڪريٽري پاڻ هو. اهو ادارو وسيع مقصدن وارو هو. اڪيڊمي پاران "پارس ڪتابي سلسلو" جاري ٿيو. جنهن جو مرتب ڊاڪٽر صاحب پاڻ هو. هن ڪتابي سلسلي جا ٽي پرچا شهادت حسين (١٩٦٦ع) رحمة اللعالمين (١٩٦٦ع) ۽ پارس (١٩٦٧ع) نڪتا. بعد ۾ جڏهن حڪومت سيني ڪتابي سلسلن تي پابندي هنئي تہ هي ڪتابي سلسلو بہ بند ٿي ويو.

(٤) ١٩٨٢ع ۾، شڪارپور ضلعي جي انتظاميہ "جشن شڪارپور" ملهايو ۽ "شڪارپور سيمينار" منعقد ڪرايو. سيمينار ۾ پڙهيل مقالن کي ڊاڪٽر صاحب "شڪارپور، ماضي، حال ۽ مستقبل" نالي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. هي ڪتاب شڪارپور جي تاريخ تي اهم دستاويز آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي کي سنڌس علمي ۽ ادبي خدمتن عيوض اعتراف طور ١٩٨٢ع ۾ صدارتي تمغہ امتياز ۽ ١٩٩٦ع ۾ صدارتي ايوارڊ "ستاره امتياز" سنڌس وفات کان پوءِ ڏنو ويو، تنهن کان سواءِ ڪيترائي پيا ايوارڊ، ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ سنڌالاجي طرفان ادبي انعام پڻ مليا.

ڊاڪٽر صاحب جي علمي ۽ ادبي ڪم جو جائزو وٺڻ سان خبر پوي ٿي تہ پاڻ پنهنجي پسند جي موضوع واري ميدان ۾ خوب نيايو اٿس ۽ سڄي عمر پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ گذاري اٿس.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي جواهر پارا ڏيئي ويو، اهي صدين تائين سنڌي قوم کي لاڀ ڏيندا رهندا. سنڌس لکيل مقالن جو تعداد ٢٦١ بيهي ٿو. جڏهن تہ سنڌي ۾ سنڌس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جو تعداد ٨٠، اردو ۾ ١٠ ۽ انگريزيءَ ۾ ٢ آهي. سنڌس ڇپيل خاص ڪتابن مان ڪجهہ هي آهن:

**سنڌي:**

"سنڌي ادب جي تاريخ"، "سنڌي ثقافت تي اسلامي اثرات"، "سنڌيءَ ۾ نعتيہ شاعري"، "سنڌي شرح قصيده برده شريف"، "فڪر

لطيف"، "سچل جو پيغام"، "فڪر بيدل"، سنڌ سياحن جي نظر ۾"، "شڪارپور ماضي ۽ حال"، "پرک ۽ پروڙ"، "تذڪره شهباز"، "تذڪره شعراء سڪر"، "مائڪ موتي لعل" (ٻه ڀاڱا)، "رس مَ رسڻ گهوريو"، "سنڌي علم ادب اصول ۽ اهڃاڻ"، "سنڌي علم ادب"، "جوتيون جواهرن جون"، "سُر ڏهر"، "سچل جو سنيهو"، "گهڙيون گهاريم جن سين"، "شڪارپور جي ٻولي"، "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس"، "سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق"، "ڪلام بشير"، "شاهه ڪريم جو ڪلام"، "ناول نگاري ۽ ٽئلمسن جو جائزو" وغيره.

اردو: "سندھي ادب کي مختصر تاريخ"، "نگارشات سندھ"، "سوانح قلندر"، "شهباز قلندر"، "پاکستان مين صوفيانہ تحريک"، "لسانيات پاکستان".

مٿين ڪتابن کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جا ڪيترائي ڪورس جا ڪتاب پڻ لکيل آهن، جن مان ڪي هي آهن: "واحد سنڌي گرامر"، "سنڌي گرامر"، "اسلامڪ ڪلچر"، "اسلامڪ اسٽڊيز"، "علم اقتصاديات" شامل آهن.

ڊاڪٽر صاحب ڪجهه ڪتابن جا ترجما پڻ ڪيا، جن جا نالا هي آهن: "ڏوهاري ڪير" (ناولٽ)، "ديس ديس جون ڪهاڻيون"، "ذڪر اشرف".

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ١١ فيبروري ١٩٩٦ع تي وفات ڪئي، کيس لاڙڪاڻي ۾ دفنايو ويو. ●:

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو وٺڻ سان ذهن ۾ سنڌي ٻولي، لسانيات، لطيفيات، لوڪ ادب، تعليم، تاريخ، موسيقي ۽ سنڌي اساسي شاعريءَ سميت ڪئين موضوع ترڻ اچن ۽ مٿين موضوعن تي ڊاڪٽر بلوچ جون خدمتون وسارڻ جهڙيون نه آهن ۽ سنڌ کي پنهنجي هن مايه ناز فرزند تي سدائين ناز رهندو ۽ ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جو هڪ اهڙو سدا بهار وڻ آهي، جنهن جي سرسبز پنن، گلن ۽ ميون ۾ الائجي ڪيترا پکيئڙا پر پکيڙيو ويٺا آهن.

## جنم ۽ تعليم:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ١٦ ڊسمبر ١٩١٧ع تي تعلقي سنجهوري ضلع سانگهڙ جي ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ محترم علي محمد خان لغاري بلوچ جي گهر ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر بلوچ شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي ۽ پوءِ ١٩٢٩ع ۾ نوشهري جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. پاڻ مئٽرڪ جو امتحان ١٩٣٦ع ۾ بمبئي (ممبئي) يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. بي ـ اي (آنرس) ١٩٤١ع ۾ بهاءُالدين ڪاليج جهوناڳڙهہ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين ۽ بمبئي يونيورسٽي ۾ ٽيون نمبر آيو. ايم ـ اي مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ مان ١٩٤٣ع ۾ فرسٽ ڪلاس، فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. ايل ـ ايل ـ بي پڻ ساڳئي يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. پاڻ وڌيڪ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ آمريڪا ويا ۽ ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ مان ايم ـ ايڊ ۽ ايڊ ڊي Doctor of Education جون ڊگريون حاصل ڪيائين. ڊاڪٽر بلوچ ١٩٤٩ع ۾ واپس ملڪ موٽي آيو.

## سرڪاري نوڪريون:

وطن موٽي اچڻ کان پوءِ پاڻ ٿوري وقت جي لاءِ اطلاعات ۽ نشريات جي کاتي ۾ ڪم ڪيائين. ان کان پوءِ وچ اوير ۾ تعلقات عامہ جي شعبي ۾ سفارتخاني ۾ مقرر ٿيو. سال ١٩٥١ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم جي شعبي ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. ڊاڪٽر صاحب ”سنڌي شعبي“ جو پهريون استاد ۽ سربراهہ بہ پاڻ رهيو. سال ١٩٥٨ع تائين انهيءَ عهدي تي رهيو. سنڌ يونيورسٽي جي تعليم جو شعبو، جيڪو پهرين هڪ ڊپارٽمينٽ هو، پوءِ ان کي ادارو ڪيو ويو، تنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب ١٩٥١ع کان ١٩٧٦ع تائين، پهرين پروفيسر ۽ پوءِ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. سال ١٩٧٣ع کان ١٩٧٦ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بہ ٿي رهيو. جنوري ١٩٧٦ع کان وٺي، آگسٽ ١٩٧٧ع تائين اسلام آباد ۾ وفاقي حڪومت وزارتِ تعليم ۾ آفيسر بڪار مقرر ٿيو. ١٩٧٧ع کان وٺي ١٩٧٩ع تائين وزارت ثقافت ۾، آثار قديمہ، رانديون ۽ سياحت ۾ ڪيس رکيو ويو. انهيءَ دوران ١٩٧٨ع کان ١٩٧٩ع تائين وفاقي ريويو بورڊ جو ميمبر بہ رهيو ۽ ڪجهہ وقت لاءِ ١٩٧٩ع ڌاري قومي ڪميشن تاريخ، تحقيق ۽ ثقافت جو چيئرمن پڻ مقرر ٿيو. ١٩٨٠ع کان ١٩٨٢ع تائين اسلام آباد يونيورسٽي جو پهريون (باني) وائيس چانسلر ٿيو. انهيءَ دوران تاريخي ۽ ثقافتي تحقيق جي قومي ڪميشن جو چيئرمين بہ رهندو آيو. هن ڪميشن جي نئين جوڙجڪ ۾ (سال ١٩٧٩ع کان ١٩٨٢ع تائين) ڊائريڪٽر بہ رهيو. هن اداري جو نالو ”نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ“ مان تبديل ڪري ”نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اسلام، هسٽري، ڪلچر اينڊ سولائيزيشن“ رکيو ويو آهي. ١٩٨٣ع کان ١٩٩٠ع تائين هجره ڪائونسل اسلام آباد جو صلاحڪار رهيو. ١٩٩٠ع ۾ جڏهن ”سنڌي لئنگويج اٿارٽي“ قائم ٿي تہ ڪيس انهيءَ جو پهريون چيئرمين مقرر ڪيو ويو، جتي پاڻ ١٩٩٤ع تائين خدمتون سرانجام ڏنائين.

## تصنيف ۽ تاليف:

ڊاڪٽر صاحب جو پهريون ڪتاب ”گڏهہ“، آگسٽ ١٩٤٦ع ۾ ڇپيو. طنز مزاح ۾ توڙي سنڌي نثر ۾ هي ڪتابڙو اهميت وارو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جو ٻيو ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ آهي. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

سنڌي ٻوليءَ جو دهقاني ادب جيڪو نج سنڌي ادب آهي، تنهن جي تحقيق ۽ تلاش بنده جي ڪوشش ۽ ڪاوشن جو عين مقصد رهيو آهي. هيءَ موجوده تحقيق نـ رڳو لس ٻيلي جي ادب کي اُجاري ٿي، مگر سنڌ جي دهقاني ادب جي سنيار سيهڙ لاءِ اهم پيش ضيمو آهي."

اهو خيال ذهن ۾ رکندي پاڻ ١٩٥٥ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" کي 'لوڪ ادب اسڪيم' جي رٿا پيش ڪيائين، جنهن جو کيس ئي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو.

## سنڌ جو اساسي ادب:

سنڌي ٻوليءَ جي هن عظيم محقق لسانيات ۽ ادب جي موضوع تي "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جهڙو شاندار ڪتاب لکيو. موسيقي جي ميدان ۾ پڻ "سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ" سندس شاندار ڪتاب آهي. اساسي ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سهيڙ ۾: "ڪليات حمل" (١٩٥٣ع)، ميين شاهه عنات جو ڪلام" (١٩٦٦ع) "شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام (١٩٦٨ع)، "ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري" (١٩٦٨)، ڪليات سانگي (١٩٦٩ع)، شاهه شريف ياڏائيءَ جو رسالو (١٩٧٢ع)، راڳ نامون (١٩٨١ع)، رسالو غلام محمد خانزئيءَ جو (١٩٨٥ع)، خليفي نبي بخشي صاحب جو رسالو (١٩٦٦ع)، سنڌي ٻوليءَ جو منظوم آڳاٽو ذخيرو (١٩٨٨ع)، قاضي قادن جو رسالو (١٩٩٩ع) اهم ڪتاب آهن.

## لطيفيات:

١٩٥١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ قائم ٿيو تـ "شاهه جي رسالي" جو معياري ايڊيشن تيار ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو. ٻهريون اهو ڪم مختلف عالمن جي حوالي ڪيو ويو، پر اهو ڪن سببن جيءْ ڪري پورو ٿي نـ سگهيو ۽ نيٺ اهو مختلف مرحلن مان گذرندو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي حوالي ٿيو. ڊاڪٽر صاحب ٻهرينءَ مرحلي ۾ جن ڪتابن جو مطالعو ڪري، پيش لفظ ۽ وضاحتون لکي شايع ڪرايا، سي هي هئا: مير عبدالحسين سانگيءَ جو "لطائف لطيفي" (١٩٦٧ع)، مرزا قليچ بيگ جو "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي" (١٩٧٢ع)، "پنج گنج" - صوفي سبحان بخش جي ترتيب ۽ بيدل جي تصنيف (١٩٧٦ع) ۽ فقير صوفي محمد صديق جو راڳ نامون (١٩٨١ع) آهن. اهي ڪتاب شاهه جي سوانح ۽ فڪر جي ماخذن طور شايع ڪيا ويا.

اُن بعد پهريائين برٽش ميوزم وارو قلمي نسخو (١٩٦٩ع) شايع ڪيو. تنهن کان پوءِ ٽن اهم قلمي نسخن کي پيٽي ١٩٧٤ع ۾ "شاهه جو رسالو" ۽ ڏهن قلمي نسخن جي آڌار تي ٽيون شاهه جو رسالو (١٩٧٧ع) ۾ شايع ڪرايو.

مٿين رسالن ۽ ڪتابن کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب ٻه ٻيا به تحقيقي ڪتاب تيار ڪيا، جيڪي "شاهه جي رسالي جا سرچشما" (١٩٧٢ع) ۽ "شاهه جي رسالي جي ترتيب" (١٩٧٤ع) ۾ ڇپيا.

مٿين ڪتابن ۽ رسالن کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب شاهه جي رسالي جي جامع ۽ مستند معياري متن جي تيار ڪرڻ ۽ ان کي ڏهن جلدن ۾ شايع ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. اهو هڪ وڏي همت، محنت، حوصلي جو ڪم هو. اهڙي طرح ١٩٨٣ع کان وٺي ١٩٩٨ع تائين پندرهن سالن کان به وڌيڪ عرصي تائين ڊاڪٽر صاحب رات ڏينهن "شاهه جي رسالي" جي انهيءَ رِٿيل رِٿا تي ڪم ڪيو ۽ پورو ڪيو ۽ هاڻي ڏهه ئي جلد ڇپجي چڪا آهن.

انهن ڏهن ئي جلدن جو مختصر تفصيل هن ريت آهي:

- جلد پهريون: جنهن ۾ شاهه جي سوانح، ۽ رسالي جي تاريخ تي تحقيقي مقدمي سان گڏ، سُر ڪلياڻ ۽ سُر يمن ڪلياڻ جو مستند متن تفصيلي سمجهاڻي سميت شامل آهي.
- جلد ٻيو: جنهن ۾ سُر کنڀات، سُر بروو، سُر سري راڳ ۽ سُر ساموندي جو مستند متن تفصيلي سمجهاڻي سميت شامل آهي.
- جلد ٽيون: جنهن ۾ سُر گهاتو، سُر ڪاموڏ، سُر ڪاپائتي، سُر بلاول، سُر پرڀاتي، سر ڪارايل ۽ سُر ڏهر جو مستند متن تفصيلي سمجهاڻي سميت شامل آهي.
- جلد چوٿون: جنهن ۾ سُر سسئي جي پنجن سُرن (آبري، معذوري، ڪوهياري، ديسي، حسيني) جو مستند متن سمجهاڻي سميت شامل آهي.
- جلد پنجون: جنهن ۾ سُر راڻو، سُر ليلان، سُر ڪاموڏ ۽ سر سورٺ جو مستند متن سمجهاڻي سميت شامل آهي.
- جلد ڇهون: جنهن ۾ سُر رپ، سُر پورب، سُر رامڪلي ۽ سُر آسا جو مستند متن تفصيلي سمجهاڻي سميت شامل آهي.
- جلد ستون: جنهن ۾ سُر مارئي، سُر سهڻي ۽ سُر سارنگ جو مستند متن

سمجهاڻي سميت شامل آهي.

- جلد انون ۽ ناٺون: متين ستن جلدن ۾ ڪيل تحقيق جي نتيجي تي مشتمل شامل آهن.
- جلد ڏهون: جنهن ۾ سُر ڪلياڻ کان سُر بسنت تائين، جنهن ۾ شاهه کان سواءِ ٻين سالڪن ۽ شاعرن جو ڪلام شامل آهي، جنهن کي ”رسالي جو ڪلام“ جو نالو ڏنو ويو آهي.

## سنڌي لوڪ ادب اسڪيم:

سنڌي لوڪ ادب جي سهيڙ ۽ ترتيب جي رٿ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي آڏو ١٩٥٥ع ۾ رکي ويئي ۽ ١٩٥٦ع ۾ اها اسڪيم منظور ڪئي ويئي. هي محنت ۽ جاکوڙ وارو ڪم ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي ڪيو ويو. ١٩٥٧ع ۾ ”لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس“ قائم ڪري، ڊاڪٽر صاحب، ٻوين ڪارڪنن جي سٿ سان، وڏي محنت ۽ لگن سان مواد جي ترتيب ۽ مواد کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن جو گشت ڪري، ڪجهريون سڏائي پڻ مواد گڏ ڪيائين. ١٩٥٩ع ۾ لوڪ ادب سلسلي جو پهريون ڪتاب ”مداحون ۽ مناجاتون“ شايع ڪيو ويو ۽ ١٩٩١ع ۾ هن رٿا جو چاليهون ڪتاب ”هنر“ ڇپجي پڌرو ٿيو. انهن چاليهن جلدن مان ست جلد لوڪ ڪهاڻين ۽ باقي ٻين موضوعن جهڙوڪ: ڦافيون، ڏور بيت، ٽيهه اکريون، مولود، مناقبا، سينگار شاعري وغيره جا آهن.

هن تاريخ ڪم جي سهيڙ ۾ ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي ساٿين سان گڏ محنت ڪندي، ڇٽيهه سال لڳا. لوڪ ادب سلسلي جي چاليهن ئي جلدن جي ’فهرست‘ جيڪا ٢٥٠ صفحن تي مشتمل آهي. هن گڏيل پورهئيءَ جو اعليٰ مثال آهي. جيڪا سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌري ڪئي آهي. هن رٿا کان سواءِ انهيءَ ئي سلسلي جا ٻيا ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ (١٩٥٠ع) لاکو ڦلاڻي (١٩٨٥ع)، سپ رنگ (١٩٦٨ع)، ”رهاڻ هيرن ڪاڻ (ڀاڱو پهريون) (١٩٩٩ع) رهاڻ هيرن ڪاڻ (ڀاڱو ٻيو، ٽيون، چوٿون ۽ پنجون) پڻ ڊاڪٽر صاحب جي محنت ۽ قلم جو ڪارنامو آهن.

## جامع سنڌي لغات:

سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جو فن ته آڳاٽو آهي، پر لغت نويسي جي تاريخ

ڪا ايتري پراڻي ڪونهي. انهيءَ سلسلي ۾ وقت بوقت مختلف عالمن اهو ڪم پنهنجي سِر ني ڪيو آهي. ١٩٥١ع ۾ بورڊ جي نئين سِر جوڙجڪ ٿي ته سنڌي لغات جي تياري جي اسڪيم وري سامهون آئي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي جامع سنڌي لغات ٽن سالن اندر تيار ڪري ڏيڻ جو ڪم سونپيو ويو.

انهي سال سنڌ يونيورسٽي بورڊ ڪئمپس ۾ "جامع سنڌي لغات" جي تياريءَ واسطي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي. جنوري ١٩٥٢ع کان لغت تي باقاعده ڪم جي شروعات ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۾ ڏار ڏار ورڪر مقرر ڪيا ويا ۽ ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن هن ڪم جي تڪميل ۾ پنهنجو نور نچويو. جن ۾ محمد بخش واصف، رشيد احمد لاشاري، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سيد سردار علي شاهه، محمد اسماعيل شيخ جا نالا قابل ذڪر آهن.

ڊاڪٽر بلوچ قومي جذبي سان "جامع سنڌي لغات" جي تياريءَ جو ڪم ڪيو. ڪڏهن ٻارهن ڪلاڪ ته ڪڏهن پندرهن ۽ سورهن ڪلاڪ به روزانو اهو ڪم ڪندو رهيو. نيٺ پنهنجي ساٿين جي مدد سان پهرين چئن اکرن (ا - ب - ٻ - ٻ) جو جلد ١٩٥٤ع ۾ تيار ٿيو ۽ مختلف مرحلن مان گذرندو ١٩٦٠ع ۾ وڃي پهريون جلد ڇپيو. ائين اهو ڪم مختلف رنڊڪن ۽ مسئلن هوندي به هلندو رهيو ۽ ٻيو، ٽيو، چوٿون ۽ پنجون جلد ڇپجي پڌرو ٿيو. ائين سنڌ جي هن مايه ناز فرزند لغت جو اهو شاندار ڪم ڪري ڏيکاريو، جنهن تي سنڌيءَ ٻولي سدائين ناز ڪندي رهندي.

## سنڌي اردو ۽ اردو سنڌي لغت:

وزارت تعليم پاران ٥٤-١٩٥٣ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي کي هڪ "سنڌي اردو لغت" جي تياري ۽ اشاعت جي گذارش ڪئي وئي. انهي وقت يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر علامه آءِ - آءِ - قاضي هو. جنهن اها آڇ هڪدم قبول ڪئي ۽ ٻنهي لغتن کي جامع ۽ معياري بنائڻ جي لاءِ هڪ خاڪو جوڙيو ويو، جيئن ته اهي لغتون مختصر عرصي ۾ تيار ڪرڻيون هيون، تنهن ڪري ٥٠٠، ٥٠٠ صفحن جي لغتن جي تياري جو خاڪو جوڙيو ويو ۽ ڊاڪٽر بلوچ اهو ڪم شروع ڪيو. اهڙي طرح "سنڌي اردو لغت" ٨٦٦ صفحن تي شايع ڪئي وئي. ۽ "اردو سنڌي لغت" ٥٨٩ صفحن تي مشتمل آهي.

اهي بيئي لغتون ترتيبوار ١٩٥٩ع ۽ ١٩٦٠ع ۾ ڇپجي پڌربون ٿيون. "جامع سنڌي لغات" ٣٠٨٨ صفحن ۽ ٩٣٠٠٠ لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل آهي. هنن بنهي لغتن جي ترتيب ۽ تدوين ۾ ڊاڪٽر بلوچ سخت محنت ۽ جانفشاني کان ڪم ورتو.

## هڪ جُلدي سنڌي لغات:

سنڌي لغت نويسي ڊاڪٽر بلوچ جو وڏو ڪارنامو آهي. ١٩٩١ع ۾ پاڻ جڏهن "سنڌي لئنگويج اٿارٽي" جو باني چيئرمن ٿيو تہ لغت جو وڏيڪ ڪم هٿ ۾ کنيائين ۽ هڪ جلدي سنڌي لغات جي رِٿا تيار ڪيائين. هن لغت جي ترتيب ۾ ساڳيا "جامع سنڌي لغات" وارا بنياد سامهون رکيا ويا. البت گهٽ استعمال تيندڙ ڏکيا علمي ۽ ادبي لفظ، طبي ۽ فني اصطلاح، قبيلن، قومن ۽ شهرن وغيره جا نالا ڪڍي، اُن ۾ جامع سنڌي لغات جو اختصار شامل ڪيو ويو. ڪجهہ نوان لفظ پڻ شامل ڪيا ويا. ائين هي لغات ١٩٩٨ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي، جيڪا ٧٢٩ صفحن ۽ ٢٧٠٠٠ ستاويهہ هزار لفظن تي مشتمل آهي.

مٿين لغتن کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب اٺويهين صدي جي برک عالم آخوند عبدالرحيم عباسي جي "جواهر لغات اڪيچار سنڌي"، جنهن جي تياريءَ جو عرصو ١٨٤٥-١٩٥١ع وارو ڇيهو وجي ٿو، ان جي اشاعت ڪئي ۽ انهي تي مهاڳ لکيو. هيءَ لغت ١٩٩٣ع ۾ شايع ٿي.

مٿينءَ ڪم کي نظر ۾ رکندي ڏنو وڃي تہ ڊاڪٽر صاحب جو بن حوالن سان نالو پهرين صف جي عالمن ۾ شمار ٿئي ٿو. (١) لوڪ ادب جي سهيڙ ۽ (٢) لغات نويسي.

## تاريخ تي تحقيق:

مٿين اهم ڪم کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب تاريخ جي تحقيق تي پڻ وڏو ڪم ڪيو آهي ۽ عربي ۽ فارسي ۾ سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تاريخي ورثي کي گمناميءَ مان ڪڍي ظاهر ڪرڻ جي هڪ تفصيلي رٿا تيار ڪئي. انهي سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب تي تاريخي ڪتاب ايڊٽ ڪيا. اهي هئا: بيگلار نامون. (مصنف اداري ڪي بيگلان) تاريخ طاهري (ليکڪ: طاهر محمد نيساني) لبِ تاريخ سنڌ (ليکڪ: خداداد خان)

مٿين ڪتابن کان علاوه ڪجهہ ٻيا اهم ڪتاب پڻ ڊاڪٽر صاحب ترتيب ۽ تدوين ڪيا: جن ۾ چچ نامون، تاريخ معصومي، تحفة الڪرام شامل آهن.

تنهن کان سواءِ "باقيات از"، "احوال ڪلهوڙه" ۽ "تاريخ بلوچي" (مصنف: عبدالحميد جوکيو) پڻ ترتيب ڏيئي ڇپايا.

مٿين ڪتابن کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جا انگريزي ۾ پڻ ڪجهہ ڪتاب سنڌ جي تاريخ تي ڇپيل آهن، جن جا نالا آهن:

Sindh, Studites in History (2), Lands of Pakistan (1) ۽

سوين مقالا شامل آهن.

## ٻيو مختلف ڪم:

مٿين ڪتابن ۽ رٿائن کي مڪمل ڪرڻ سان گڏ ڊاڪٽر بلوچ تاريخ تي ٻيو بہ ڪافي ڪم ڪيو آهي، جن ۾ "سومرن جو دؤر" (١٩٨٠ع)، سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ ڪيترن ئي عربي، فارسي ۽ اردو ڪتابن جي ايڊيٽنگ پڻ شامل آهي ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا پيش لفظ، مهاڳ ۽ مقدمہ پڻ لکيا آهن، جيڪي نهايت مدلل ۽ محققانہ آهن. ڪتابن جي لحاظ سان انهن مقدمن جو اسلوب ڌار ڌار آهي.

تنهن کان سواءِ ڊاڪٽر بلوچ جي پنهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين جي حوالي سان هڪ ڪتاب "منهنجو ڳوٺ جعفر خان لغاري" پڻ ڇپيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور "تحفہ پاڪستان" ۽ "ستاره قائد اعظم ايوارڊ" بہ ملي چڪا آهن. ان کان سواءِ سال ١٩٧٩ع ۾ کيس صدارتي ايوارڊ "حسن ڪارڪردگي" بہ مليو.

ڊاڪٽر بلوچ سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو ٻگهڙو دانشور آهي، جيڪو پنهنجي ڪم جي حوالي سان سدائين سنڌي ادب جي اُفق تي آفتاب ۽ مهتاب جيان جرڪندو ۽ پنهنجي علم جي روشني چوڌاري پکيڙيندو رهندو. ●

# ذوالفقار راشدي

ذوالفقار راشدي، ١٠ مارچ ١٩٣٨ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”پير جو ڳوٺ“ لڳ ٺٽون ديرو ۾ سيد محمد امام شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. ذوالفقار راشدي جي حسب نسب حضرت پير سيد محمد شاهه روضي ڌڻيءَ سان وڃي ٿو ملي، جيڪو پنهنجي دؤر جو الله لوڪ بزرگ هو ۽ ”پير جو ڳوٺ“ علم و ادب ۽ حڪمت جي حوالي سان ڪافي مشهور هو.

ذوالفقار راشدي انهيءَ ئي علمي و ادبي ۽ حڪمت واري گهر ۾ اک کولي ۽ اڳتي هلي پاڻ پنهنجي خاندان جو اتون پڳدار بڻيو.

ذوالفقار راشدي ڪتابن جي دنيا ۾ اک کولي ۽ جنهن ماحول ۾ پرورش ورتائين اهو مذهبي ۽ علم وارو هو. پاڻ سنڌي، فارسي ۽ انگريزي تعليم ورتائين ۽ اهڙي ماحول ۾ هن جو علم، ادب ۽ شاعريءَ ڏانهن ڏيان ۽ لاڙو وڌيو.

ذوالفقار راشدي کي مطالعي جو شوق قصن ڪهاڻين ۽ لوڪ داستان پڙهڻ سان ٿيو ۽ اٽڪل يارهن سالن جي ڄمار ۾ ١٩٤٩ع کان شعر لکڻ شروع ڪيائين پنهنجي انهيءَ مطالعي ۽ شاعريءَ جو اظهار ڪندي راشدي صاحب لکيو آهي:

> ”..... منهنجي طبيعت شاعري لاءِ موزون هئي. ڪجهه وايومنڊل جو به اثر هوندو هو، جو منهنجي گهراڻي جو ماحول پيرائين معنائن ۾ علمي هو. مولوي شفيع محمد ”هاتف“، مولوي قادر بخش چوليائي، ۽ ٻيا ڪيترائي عالم ۽ شاعر قبلا ڏاڏا سائين مرحوم جن جا مريد هئا ۽ علمي ماڻهن جي هر وقت آمدرفت هئي. اتفاق سان مون کي، شروع ۾ جيڪي اُستاد مليا، اهي به شاعر هئا. سنڌي جو استاد عبدالحڪيم ”اُداسي“ انگريزي جو

أستاد حافظ ضياالحق اسلم شاعر هئا ۽ فارسي پڙهائڻ وارو مولوي محمد قاسم عيني طاهري پڻ فارسي ۽ براهوي ٻولين ۾ شاعري ڪندو هو ۽ اهو صاحب هڪ ڪتاب براهوي گپ گال (براهوي ڳالهہ ٻولهہ) جو ليکڪ بہ آهي."

ذوالفقار راشديءَ کي مطالعي جو شوق داستانن پڙهڻ سان ٿيو. هن اٽڪل يارهن سالن جي عمر ۾ ١٩٤٩ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سندس پهريون شعر چوڏهن سالن جي عمر ۾ ١٩٥٢ع ڌاري دادو مان نڪرندڙ رسالي "اسان جي منزل" ۾ ڇپيو.

ذوالفقار راشدي ويهن سالن جي عمر ۾ افسانا لکڻ شروع ڪيا. سندس پهريون افسانو "مهراڻ" رسالي جي ١٩٥٩ع جي چوٿين نمبر پرچي ۾ "خوابن جو مسافر" جي نالي سان ڇپيو. ان کان پوءِ مهراڻ ۾ ئي "ٿرڊ ڪلاس" جي نالي سان ٻيو افسانو ڇپيس. ڪجهہ سالن جي وِٿيءَ کان پوءِ 'مهراڻ' جي ١٩٦٨ع واري چوٿين پرچي ۾ هڪ بلوچي لوڪ ڪهاڻي "شهزادي سامري جي ڳالهہ" ڇپي.

ائين راشدي صاحب جو اهو شعري ۽ نثري سفر جاري رهيو. سندس لکٿيون شعر ۽ ڪهاڻيون "مهراڻ"، "نئين زندگي" ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ ڇپجندا رهيا. تنهن کان سواءِ راشدي صاحب جا وقت بوقت تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا/ ليک پڻ شايع ٿيندا رهيا. راشدي صاحب جو پهريون نثري تحقيقي مقالو "بلوچي شاعري ۽ لوڪ ادب" هيو، جيڪو ١٩٦٣ع ۾ نئين زندگي جي آڪٽوبر واري شماري ۾ ڇپيو.

ذوالفقار راشدي ١٣ سالن جي عمر ۾ ٥٤-١٩٥٣ع ۾ ڪجهہ وقت لاءِ هفتيوار اخبار "هاري"، لاڙڪاڻو پڻ ايڊٽ ڪئي ۽ ١٩٦٠ع ۾ لاڙڪاڻي مان هفتيوار "مذهب انسانيت" جاري ڪيائين، جيڪا اڳتي هلي بند ٿي ويئي.

حقيقت ۾ ذوالفقار راشدي هڪ وڏي زميندار گهراڻي جو فرد هو، پر انهيءَ هوندي بہ هن هارين جي حقن جي ڳالهہ ڪندو هو، جنهن ڪري هارين نارين ۾ گهڻو مقبول هوندو هو. راشدي، باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي کان بہ تمام گهڻو متاثر هو ۽ جتوئي صاحب کي هڪ مڙس ماڻهو سياستدان ۽ آئيڊيل انسان سمجهندو هو.

ذوالفقار راشدي وڏي پيرائي گهرائي جو فرد هو، پر انهي هوندي بہ پير پرستيءَ جي خلاف رهيو. سندس شعرن ۾ اهڙا واضح ۽ چٽا اشارا ملن ٿا، جنهن جو اعتراف سنڌ ۾ پير پرستيءَ جي خلاف قلمي توڙي عملي جنگ ڪندڙ سدا بهار ليکڪ محمد عثمان ڏيپلائي پڻ هفتيوار ”اِنسان“ جي ڪنهن پرچي ۾ هيئن ڪيو آهي:

”هڪ شخص جيڪڏهن پيرن سيدن جي خاندان مان هجي ۽ نعرو هڻي تہ:

جي پائين جوڳي ٿيان تہ وجهہ پير پرستيءَ ۾ پيچ
ملان پرستي ملڪ جي، ماري ڪر تون مڇ
ڪر سيد پرستي جي سُڃ، تہ ڳر ڪي ڳڏجين ڪاپڙي

پوءِ تہ اهو هڪ ابراهيمي جلوو چئبو ۽ وري اهو جذبو هڪ نوخير جي هٿان ـ الله اڪبر“

ذوالفقار راشديءَ جا هيل تائين بہ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ هڪ شعري مجموعو ”سوچ ڪي لوچ“ (١٩٨٢ع) ۽ ٻيو سندس تنقيدي ۽ تحقيقي مضمونن جو مجموعو ”ڪسوٽي“ ١٩٨٦ع ۾ سندس وفات کان پوءِ پڌرو ٿيو. مٿين ڪتابن کان سواءِ سندس غزلن جو هڪ مجموعو ”خواب نامون“ ۽ ڪهاڻين جو مجموعو ”خوابن جا مسافر“ اڻ ڇپيل صورت ۾ سندس وارثن وٽ محفوظ آهن.

ذوالفقار راشدي جي سڃاڻپ هڪ شاعر ۽ تنقيد نگار جي حيثيت سان هئي سندس شاعرائي ذات جي باري ۾ ناميارو دانشور محترم محمد ابراهيم جويو جي راءِ آهي تہ:

”اسان جو شاعر ذوالفقار بہ آهي تہ راشدي بہ. هن جي شعر ۾ مون سدائين تلوار جي اُن تيز ڌار کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڏٺو بہ آهي، جا پلصراط آهي جهنم جي آڙاهہ مٿان اڏيل، جنهن تان اڪ اڪ ۾ ڏيئي، جنت جي انساني زندگيءَ ڏانهن وڃبو آهي.“

ذوالفقار راشديءَ زندگيءَ جون ۴٨ بهارون ماڻيون ۽ ٢٦ آگسٽ ١٩٨٦ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪتاب ”ڪسوٽي“ سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت وارو آهي. ●

# رسول بخش پليجو

شيخ اياز جي لفظن ۾ ”رسول بخش پليجو، هڪ سوچ، هڪ مستقل ڏارا جو نالو آهي، هو جيترو چڱو لکندو، اوتروئي چڱو ڳالهائيندو آهي.“ انهن لفظن جي تسلسل ۾ ڪٿي ائين چئجي تہ رسول بخش پليجي هڪ ئي وقت تحرير توڙي تقرير، ڪهاڻي توڙي تنقيد ۽ ادب جي مختلف صنفن ۾ پاڻ ملهائڻ سان گڏ هڪ مستقل ڇاپ پڻ ڇڏي آهي. سنڌي ادب ۾ پليجي سدائين مقصدي ادب جي وڪالت ڪئي آهي ۽ اهڙو ادب تخليق ڪرايو/ ڪيو آهي جيڪو مسئلن جي نشاندهي سان گڏ عمل جي واٽ پڻ ڏسي.

## سوانح:

رسول بخش پليجي جو جنم ٢١ جنوري ١٩٣٠ع تي ٺٽي ضلع جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ’منگر خان پليجي‘ لڳ ’جنگشاهي‘ ۾ علي محمد پليجي جي گهر ۾ ٿيو. ڇئن سالن جو ٿيو تہ رسول بخش پليجي کي سنڌس ڏاڏي ”ملان مڪتب“ ۾ قرآن شريف پاڙهڻ جي لاءِ ويهاريو. جنهن جي مرضي اها هئي تہ رسول بخش کي ديني تعليم ڏياري شريعت جو صاحب ڪجي. قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين تہ کيس پرائمري تعليم لاءِ ”جنگشاهي“ جي اسڪول ۾ ويهاريو ويو. رسول بخش پليجي کي پڙهڻ سان ڪافي دلچسپي هوندي هئي. تنهن ڪري هو جنگشاهي ڇڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو ۽ وڏيڪ اتي پڙهيو. ٺٽي مان تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ١٩٣٧ع ۾ ”سنڌ مدرسة الاسلام“ ڪراچي ۾ وڌيڪ پڙهڻ جي لاءِ داخل ٿيو. مئٽرڪ ۽ انٽر اتان ئي ڪيائين. جتي کيس تمام سٺا ۽ محنتي استاد مليا. جن ۾ محترم محمد ابراهيم جويو، سر ٿامس، ايس ڪي پائيجي ۽ غلام حسين سومرو جا نالا قابل ذڪر آهن. ”سنڌ مدرسي“ ۾ پڙهڻ جي دوران ئي رسول بخش پليجي جي ذهني ۽ فڪري تربيت ٿي، جنهن ۾ استاد محمد ابراهيم جويي جو وڏو هٿ

هو. جويو صاحب هڪ ترقي پسند دانشور هوندو هو، جنهن جي نظر ۾ رسول بخش پليجي جهڙن شاگردن جي وڏي اهميت هوندي هئي. سچي ڪاليج ۾ جويو صاحب واحد استاد هوندو هو. جيڪو بيباڪي سان سوشلسٽ خيالن جو پرچار ڪندو هو. سنڌ مدرسي مان تعليم ختم ڪري، پليجي جناح مسلم ڪاليج مان ايل ايل بي ڪئي.

## عملي زندگي:

تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ رسول بخش پليجو مختلف هنڌن تي گذر سفر واسطي نوڪري ڪرڻ لڳو. جتان ڪيس انيڪ تجربا حاصل ٿيا. نيٺ وڪالت جو امتحان پاس ڪري مستقل طور وڪالت ڪرڻ لڳو. اڳتي هلي سندس شمار ملڪ جي چوٽيءَ جي ڪامياب وڪيلن ۾ ٿيڻ لڳو.

## ادبي سفر:

پليجي جي ادبي اوسر ته ١٩٤٦ع کان ئي ٿي چڪي هئي. اڳتي هلي جڏهن رجعت پرست حلقن طرفان، سنڌ جي قوم پرست ۽ ترقي پسند اديبن تي حملو ٿيو ته پليجي جي قلم جوش کاڌو ۽ انهن کي وڏي واڪي جواب ڏيڻ شروع ڪيائين. جن قوم پرست ۽ ترقي پسند طبقن جو وڏو بچاءُ ڪيو.

رسول بخش پليجي پنهنجي ادبي سفر جي شروعات ٦٤-١٩٦٣ع ۾ خادم وطن کان ڪئي، انهي زماني ۾ رجعت پسند حلقن پاران شيخ اياز تي وڏي وٺ پڪڙ متل هئي. انهن کي جواب ڏيڻ لاءِ مولانا گرامي پنهنجو مشهور مقالو ”مشرقي شاعري جا فني قدر“ لکي، انهن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو. انهي دور ۾ ٻيو جيڪو اهم ڪتاب شيخ اياز جي شاعري جي بچاءُ ۾ لکيو ويو. اهو رسول پليجي ”انڌا اونڌا ويڄ“ جي نالي سان لکيو. اهو پهرين هر هفتي قسطوار خادم وطن ۾ ڇپيو هو. جنهن کي لکائڻ ۽ ڇپڻ جو سهرو شمشيرالحيدري ڏانهن وڃي ٿو، جيڪو هر هفتي ڳوٺ اچي پليجي کان انهي جي لکيل قسط ڪٽي وڃي اخبار ۾ ڇپيندو هو. اڳتي هلي جڏهن ڪتابي صورت ۾ ڇپيو ته. ڪتاب جي مهاڳ ۾ انهن حالتن جو ذڪر ڪندي محترم ابن حيات پنهور لکي ٿو:

”ڪجهه سال اڳ، جديد سنڌي ادب جي خلاف هڪ نهايت

خطرناڪ ۽ گمراهہ ڪندڙ مهم شروع ڪئي ويئي. سنڌي عوام کي جاهل رکڻ، ڪيس پنهنجي سجاڳ ۽ هڏ ڏوکي اديبن کان بدظن رکڻ لاءِ مڪر، فريب، بهتانِ طرازي ۽ چغل خوري جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ويا. ان صورتحال جي سنگين نتيجن کي محسوس ڪندي، محترم رسول بخش پليجي روزانہ ”خادم وطن“ ۾ انهن حملن جو جواب ڏنا... هي هڪ پنهنجي ليکي نرالي ادبي صنف آهي، جنهن تي في الحال ڪوبہ نالو رکڻ ممڪن ڪونهي.“

انهي وقت ۱۹۶۳-۶۴ع ۾ پليجي ”نواءِ سنڌ“ اخبار ۾ ’چاچا چنيسر‘ جي نالي سان ”تعارف ۽ پسمنظر“ جهڙا ڪالم لکي صحافت جي دنيا ۾ اچي وارد ٿيو. اڳتي هلي قادر بخش نظامائي جي سرپرستي ۾ نڪرندڙ ”صداقت“ اخبار جو سب ايڊيٽر، تنهن کان پوءِ ”نئين سنڌ“ اخبار جو ايڊيٽر ٿيو.

پليجي پنهنجي سڄي ادبي سفر ۾ پنهنجي قلم وسيلي فڪري محاذ تي سدائين، سنڌ دشمن جي خلاف، سنڌ دوستن جي ويڙهہ ۾ مهنداري وارو ڪردار ادا ڪيو. ۱۹۷۰ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن رسول بخش پليجي جي پارٽي ”سنڌي عوامي تحريڪ“ پاران ”تحريڪ“ رسالو جو اجراءُ ڪيو ويو تہ پليجي قلم کان ترار جو ڪم ورتو. سندس اهڙين نظرياتي ۽ قومي لکڻين جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جهڙوڪ ”صبح ٿيندو، ”دراڙن جا ڏڪ“، ”سنڌ جي سڏ تي“، ”ڳالهيون ڳنوارن جون“ شامل آهن.

پليجو هڪئي وقت ڪالم نگار، نقاد، مترجم ۽ ڪهاڻيڪار بہ رهيو آهي. جن جو مختصر طور تي جائزو پيش ڪجي ٿو:

رسول بخش پليجي مختلف وقتن تي ڪهاڻيون بہ لکيون آهن، جن جو هڪ مجموعو ۱۹۸۵ع ۾ ”پسي ڳاڙها گل“ جي نالي سان شايع ٿيو، جنهن ۾ پليجي جون ڇهہ ڪهاڻيون شامل آهن. انهن ۾ ”پسي ڳاڙها گل“، ”جتي باهہ ٻري“، ”بختاور“ پليجي جون شاهڪار ڪهاڻيون آهن ۽ اهي سڀئي ڪهاڻيون ٻولي، مواد توڙي پلاٽ جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڪهاڻين جو ڇيد ڪندي ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

”مصنف ڳالهہ ٻولهہ جي هنر جو وڏو ماهر ٿو ڏسجي، هرڪا

ڪهاڻي هر گفتگوءَ جي فن جي مدد سان اُڀاري ٿو. هن جا ڪردار سڌي سنواٽي ۽ عام فهم اُها زبان ڪم آڻين ٿا، جيڪا سنڌ اوسي پاسي هر ماڻهو ڳالهائي ٿو. هن طرح مصنف پنهنجي ڪهاڻين جي مدد سان پنهنجن ڪردارن جي باري ۾ باريڪ ترين معلومات به مهيا ڪري ٿو.....

هنن ڪهاڻين ۾ پليجو سنڌ جي عوام ۽ محنت ڪش مزدور هاريءَ جي سماجي حالتن ۽ انهيءَ جوهر جو متلاشي رهيو آهي، جيڪو سنڌ ۾ تمام وڏي درجي ۽ معيار سان موجود نہ آهي، پر گهٽي پاڳي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو آهي. مصنف چاڪاڻ تہ پنهنجي سياسي نظريي جو مبلغ بہ آهي، جيئن هر نظرياتي اديب ڪي هئڻ گهرجي بہ، هو اهڙي سماج مان پنهنجي سماجيات جو اصول ڳاهي ٿو. سمجهائي ٿو ۽ پکيڙڻ گهري ٿو. پر هر ڪهاڻي جي حالت ۾ هو سنڌ جي ذهن، ريت، حوصلي، همت ۽ برداشت جو راوي آهي ۽ اهائي روايت آهي، جنهن کي "جيئڻ جي همت" ٿو چئجي.

"انڌا اونڌا ويڄ" ڪان پوءِ هڪ پيرو بيهر پليجي سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ ادب تي ۽ انهي جي تنقيدي جائزي تي بدل ١٩٨٣ع ۾ هڪ ٻيو ڪتاب "سنڌي ذات هنجن" لکيو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"هن ڪتاب جو مصنف، جيئن سنڌي ادب جي پهرينءَ ۽ پڌري مخالف گروهہ جي وار جو بر وقت پنهنجي جاندار تصنيف "انڌ اونڌا ويڄ" ۾ تز جواب ڏنو هو. تيئن هن پنهنجي هن اُملهہ تصنيف "سنڌي ذات هنجن" ۾ اُن ٻئي پنهنجن جي ويس ۾ لڪل ۽ وڌيڪ خطرناڪ دشمن گروهہ جي هاڃيڪاريءَ جو وقتائتو جائزو ورتو آهي."

اها ڪهڙي هاڃيڪار ڳالهہ آهي، جنهن جو پليجي پنهنجي هن ڪتاب ۾ جائزو ورتو آهي. محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"جيئن پراڻي شئي جو پراڻو هجڻ ئي ان جي قدر جو ماڻ نہ آهي، تيئن نئون هجڻ بہ ان جي چڱائي جو دليل ڪونهي. نظرياتي طور تي، اسان جا "جديدي" دوست پاڻ بہ پنهنجي اُن "جديديت" جي ڪنهن انساني وٽ يا قدر جا قائل نہ آهن. بلڪ هو پنهنجي

”جديدي ادب“ کي انسان ۽ انسان جي دنيا کان پري رکڻ ٿي پنهنجو منصب سمجهن ٿا. اصل ۾، خود فن بہ هنن لاءِ ڪا اهميت نٿو رکي، فن کي هو هڪ کيل، هڪ سانگ ٿي سمجهن ٿا، ۽ چون ٿا تہ زندگي، جيڪا ڳنڀير ۽ ڳري آهي. ان سان فن کي ملائڻ ٿي نہ کپي. چو تہ فن رڳو فن ٿي رهڻ کپي. ايئن هو زندگيءَ کان فن کي پري رکي، جيئن ادب کي تيئن فن کي بہ پنهنجي انفرادي مرضي ۽ ريجهہ جي تابع رکڻ چاهين ٿا. بلڪ ان لاءِ هو هر تسليم ٿيل ۽ پسند پيل ادبي ۽ فني معيار جي مذاق اڏائين ٿا، ۽ جديديت جي عشق ۾ پنهنجي نفرت، بلڪ ڪراهت جو اظهار ڪن ٿا ۽ ڪليو ڪلايو هو چون ٿا تہ هنن جي ”تخليق“ مخصوص ماڻهن لاءِ، بلڪ فقط سندن پنهنجي پاڻ لاءِ آهي. هُنن کي ئي اُن مان مُسرت حاصل ڪرڻي آهي، ۽ ان لاءِ هنن جي اها ڪوشش ٿي رهي تہ پنهنجي فن پاري مان انساني دلچسپيءَ جي ڳالهين يا مسئلن کي جيئن پوءِ تيئن گهٽائيندا وڃن. ويندي سندن ادب ۾ سندن ٻولي بہ ماڻهن جي ٻولي نہ رهي. تانجو باقي جيڪا سندن ڪاوش بچي سا خالص سندن ”فن“ هجي، ۽ پوءِ اهو اهڙو وقت هوندو جو ان کي فقط فن جا خاص ڄاڻو، يعني آخري طور رڳو هو پاڻ ئي سمجهي سگهندا، ۽ ان مان سچي جمالياتي مسرت ۽ ٻيو بہ جو ڪجهہ ان ۾ باقي هجي سگهندو، سو اهي پاڻ ئي ان مان حاصل ڪري سگهندا.“

مٿين ڪتابن کان سواءِ رسول پليجي جا طبعزاد ۽ ترجمن جا ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. انهن جا نالا هن ريت آهن: اوهان جي پڇاڻان (ترجمو ڪيل شاعري)، مارن مونجهہ مُياس (سياسي ۽ ادبي مضمون)، ويهڻ مون وڙاءُ (مضمون ۽ انٽرويو)، مائوزي تنگ، هوچي منهہ جي آتم ڪهاڻي، قومي انقلابي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جي اهميت (مائوزي تنگ جو طويل مقالو - ترجمو)، جن جهوناڳڙهہ جلايو (مضمون)، هرڻ هنيلا ٻيٺا سوچن (ڪالم).

رسول بخش پليجي کي سنڌ جي قومي ۽ انقلابي ۽ جمهوري جدوجهد جي حوالي سان ڪافي عرصو قيد ۽ بند ۾ پڻ رکيو ويو. سندس جيل ياترا جو احوال ٻن ڀاڱن تي ٻڌل ڪتاب ”ڪوٽ لکپت جو قيدي“ ۾ ڇپيل آهي ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل پاران کيس ”ضمير جو قيدي“ پڻ قرار ڏنو ويو هو. ●

# رشيد ڀٽي

سنڌي ٻوليءَ ۾ رشيد ڀٽي جي پنهنجي لکڻين جي حوالي سان، خاص ڪري ترقي پسند ادب جي واڌ ويجهه ۽ سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان هڪ منفرد سڃاڻپ رهي آهي.

## سوانح:

عبدالرشيد ولد حافظ مولوي عبدالحميد ڀٽي ٢٠ آگسٽ ١٩٣٢ع ۾ ڳوٺ اروڙ لڳ روهڙي، سکر ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پرائمري اسڪول واريتڙ سکر ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم "تلڪ ميونسپل هاءِ اسڪول" سکر، اسلاميه ڪاليج سکر، ممتاز ڪاليج خيرپور، سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي، ڪراچي يونيورسٽي ۽ اي - بي - ڊي ڪاليج سکر مان ۽ شروعاتي ديني تعليم مدرسه دينيه دارالهُديٰ ٺيڙهي ضلع خيرپور مان حاصل ڪيائين.

## ادبي سفر:

رشيد ڀٽي جو والد حافظ عبدالحميد ڀٽي سکر مان "المنار" نالي سان هڪ هفتيوار اخبار ڪڍندو هو. جنهن ڪري رشيد ڀٽي کي علمي ۽ ادبي ماحول مهيا ٿيو ۽ پنهنجي والد وٽ ٿي عربي ۽ فارسي جي مطالعي سبب پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيس. "المنار" اخبار ۾ راشدي برادران، ۽ مولائي شيدائي، به لکندا هئا. اهي ۽ مولانا دين محمد وفائي، عبدالڪريم چشتي ۽ ٻيا اديب اڪثر ڪري "المنار" پريس ۾ ايندا هئا. انهيءَ وقت ڪيترائي اردو ۽ سنڌي رسالا جهڙوڪ: اديب سنڌ، ڪاميابي، توحيد، سنڌو، همايون، نيرنگ خيال، پيشوا، مولوي ۽ ادبي دنيا "المنار" پريس ۾ ايندا هئا. انهن جي مطالعي ۽ مٿين ڄاڻايل عالمن ۽ اديبن جي ماحول ادب جي مطالعي جو شوق پيدا ڪيس. ١٩٥٢ع ۾ شيخ اياز سکر آيو ته "سنڌ هاري ڪميٽيءَ" جي

هفتيوار اخبار "روشني" جو ايڊيٽر ٿيو. اها اخبار "المنار" پريس ۾ ڇپبي هئي. شيخ اياز جي اچڻ ڪري ۽ سنڌس مطالعي جو شوق ڏسي، اياز کيس لکڻ جي لاءِ همٿايو. ائين هن پهرين ڪهاڻي "چوري" جي نالي سان لکي، جيڪا شيخ اياز "روشنيءَ" ۾ ڇپي، جنهن جي ڪري رشيد ڀٽي جي همت افزائي ٿي.

١٩٥٣ع ۾، رشيد ڀٽي، پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ ڪراچي آيو ته مرحوم احسان بدوي ۽ نورالدين سرڪي، سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهرين ۾ هن جي همت افزائي ڪئي. انهيءَ وقت احسان بدوي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهائيندو هو ۽ "ڪاليج مخزن" جو ايڊيٽر نورالدين سرڪي هو. ائين پاڻ هڪ مزاحيه ليک "سچ" جي نالي سان لکي وٽس ڪٺي ويو ۽ اهو ڪاليج مخزن ۾ ڇپيو. ائين رشيد ڀٽي جي لکڻ جي باقاعده شروعات ٿي.

پر حقيقت ۾ رشيد ڀٽي صحيح معنيٰ ۾ "نئين زندگي" کان لکڻ شروع ڪيو، جيڪو اُن زماني ۾ "مولوي عبدالواحد سنڌي" جي ادارت هيٺ نڪرندو هو. جيتوڻيڪ اهو هڪ سرڪاري پرچو هو، پر مولوي عبدالواحد سنڌي پنهنجي ذاتي محنت ۽ لگن سان هڪ ڀرپور پرچو بنائي ڇڏيو هو. ورهاڱي کان پوءِ جتي سنڌ کي سياسي حوالي سان نقصان ٿيو، اُتي سنڌي ادب ۽ خاص ڪري ترقي پسند ادب جو نئون ڦٽيل ٻوٽو وڻ ٿيڻ کان اڳ ئي سوڪهڙي جو شڪار ٿيو ويو. مولوي عبدالواحد سنڌي انهيءَ زماني ۾ انهيءَ سڪل ٻوٽي جي آبياري ڪري، کيس وڏو ڦلدار درخت بنائڻ جي منزل تي پهچايو. هوءَ رڳو پراڻن لکندڙن کان لکرائيندو هو، پر نون لکندڙن کان، زوري ويهي به لکرائيندو هو. ايئن مولوي عبدالواحد سنڌي، سنڌي ساهت جي وڏي خدمت ڪئي.

رشيد ڀٽي جي ادبي نشوونما ۾ مولوي عبدالواحد جي قدرداني، همت افزائي جو وڏو هٿ آهي، جنهن جو اعتراف خود رشيد ڀٽي به پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڪيو آهي.

انهن ڏينهن رشيد ڀٽيءَ مزاحيه ادب لکندو هو ۽ سنڌي ادب ۾ انهيءَ صنف جي به کوٽ پئي هئي. علي احمد بروهي ۽ محمد حسن "ڪروڙ پتي" کان پوءِ رشيد ڀٽي مزاحيه ادب ۾ وڏو نالو ڪڍيو. نور عباسي ۽ حليم بروهي ته ڪافي پوءِ جا آهن. مزاحيه ادب جي صنف ۾ بروهي، ڪروڙ پتي، رشيد

پٽي کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن جا افسانا مشهور ٿيا ته اهو نور عباسي هو، سندس ڪتاب ”چمڙي جا واپاري“ ۽ ڪالمن جو ڳٽڪو ”واٽ ويندي“، (جيڪو راقم جو مرتب ڪيل آهي.) سنڌي مزاحيه ادب ۾ اهم حيثيت وارين ٿا.

رشيد ڀٽي هڪ ئي وقت افسانه نويس، شاعر، فلسفي، ترجمن ۽ ناول نويسي جي فيلڊ ۾ پاڻ ملهايو.

انهيءَ کان سواءِ رشيد ڀٽي ڪيترين ئي ادبي تنظيمن ۽ تحريڪن جو پڻ روح روان رهيو ۽ ڪيترن ئي ادبي ادارن جي مشاورتي بورڊ تي پڻ ميمبر ٿي رهيو.

سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وجهندڙن ۾ رشيد ڀٽي جو هٿ رهيو ۽ هو انهيءَ جو باني سيڪريٽري ٿيو. اڳتي هلي ١٩٦٦ع ۾ پاڻ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل ٿيو ۽ ١٩٧٠ع ۾ استعيفيٰ ڏنائين. رشيد ڀٽي ويسٽ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو ميمبر، مرڪزي گلڊ جي ڪائونسل جو ميمبر ۽ گلڊ جي سنڌي ريجن جو سيڪريٽري ۾ رهيو، جنهن جو مدو ڇهه سال هو، تنهن کان سواءِ سنڌالاجي جي مشاورتي ڪميٽي جو ميمبر پڻ رهيو ۽ ”سنڌ انٽيليڪچوئل فورم“ جو باني ڪنوينر به رهيو.

رشيد ڀٽي پنهنجي لکڻين توڙي فڪري ۽ تنظيمي حوالي سان جيل به ڀوڳيو. هو سنڌيت جو وڏو پرچارڪ ۽ قومپرست ترقي پسند فڪر جو داعي هو. هو سنڌ جي ادبي توڙي سياسي ڪيتر جو اڻٿڪ فرد رهيو ۽ پنهنجي حياتي امن، آجپي ۽ سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ جدوجهد ۾ گذاري. هن پنهنجي لکڻين توڙي عمل جي حوالي سان اهو ثابت ڪيو ته اديب کي هر حال ۾ پنهنجي قوم جي مسئلن جي نبيري واسطي ادبي، توڙي سياسي عمل ۾ موجود رهڻ کپي.

سنڌ ۾ شيخ اياز تي رجعت پسندن جيڪا ٻاهوڙ ڪئي، رشيد ڀٽي انهيءَ جو به ڀرپور دفاع ڪيو ۽ شيخ اياز جي ٻن ڪتابن ”ڀڳت سنگهه کي ڦاسي“ ۽ ”خط، انٽرويو ۽ تقريرون“ جا نهايت سگهارا مهاڳ لکي اياز جي قومپرست ۽ ترقي پسند فڪر کي نروار ڪيو. تنهن کان سواءِ شيخ اياز جو پهريون ڪتاب ”اڪ جون ڦلڙيون“ پڻ رشيد ڀٽي ڇپرايو.

**تصنيفون:**

رشيد ڀٽي، پنهنجي سڄي زندگي لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو رهيو. انهيءَ سلسلي ۾ سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن:

**اصلوڪيون لکڻيون:**

(۱) آدرشي (طنز و مزاح)، (۲) گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ، (ڪهاڻيون)، (۳) عاشق زهر پياڪ (پنج ائڪٽي ناٽڪ)، (۴) ديس ستا دل وارا جاڳيا (ڪهاڻيون)، (۵) اوپاريون لهواريون (مزاحيہ تقريرون)، (٦) سياري جي رات (ڪهاڻيون)، (۷) سياسي مسئلن جو حل سوشلزم (سياسي مضمون)، (۸) سچ جو فلسفو (سياسي جدلياتي فلسفو)، (۹) پاڪستان جا پراڻا شهر (تاريخ)، (۱۰) جيءُ جياريو جن (وچڙي ويل ساٿين ڪي شرڌا انجليون)، ترجمو (۱۱) پاپ ۽ پيڙا (ناول)، (۱۱) دنيا جا عظيم افسانا (ڪهاڻيون)، (۱۳) رياست ۽ آزادي (سياسي فلسفو)، (۱۴) ڪميونسٽ پڌر نامو (سياسي معاشي فلسفو)، (۱۵) چتر ليکا (ناول)، (١٦) جڏهن جهوڪ جهريو (تاريخ)، (۱۷) ويرن جي وسندي (ناول)، (۱۸) تضاد بابت (تضادن جو فلسفو)، (۱۹) پلاري پوڻ (ناول، جيڪو سندس وفات سبب اڌ ۾ رهجي ويو ۽ باقي رهيل ترجمو ڪلال ڪيو ۽ سنڌالاجي ڇپرايو). ارنيسٽ هيمنگوي جون ڪهاڻيون.

**ترتيب ۽ تاليف:**

(۱) آڏي ڍال مَر ڍار (قومي شاعري)، (۲) سنڌ جا پراڻا شهر (مولائي شيدائيءَ جا تاريخي مضمون)، (۳) انگلينڊ جا اڌائي سال (لعل جوڻيجي جون يادگيريون)، (۴) خط، تقريرون، انٽرويو (شيخ اياز).

مٿين ڪتابن کان سواءِ رشيد ڀٽي روزاني ”الوحيد“ ڪراچي، ”نئين سنڌ“ اخبار ۾ سب ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر، ”صبح سنڌ“ ڪراچي ۽ ”عبرت“ حيدرآباد جو ڪجهه وقت ڪالم نگار، ”هلال پاڪستان“ ۽ هفتيوار ”برسات“ ڪراچي ۾ ”جي منو نہ پانئين“ جي نالي سان ڪالم پڻ لکيا، جيڪي ڪتاب جي صورت ۾ ڇپيل ناهن. تنهن کان سواءِ رشيد ڀٽي جا ڪجهه ڪتاب اڃا قلمي صورت ۾ پڻ موجود آهن.

رشيد ڀٽي ۱۴ فيبروري ۱۹ع تي وفات ڪئي. ●:

# سراج الحق

سراج جو نالو هڪ ئي وقت لسانيات، سنڌي ڪهاڻي، ناول ۽ ڪالم نگاريءَ جي ميدان ۾ سرموڙ ليکڪ جي حيثيت سان ڳڻي سگهجي ٿو. ۽ سنڌي ناول جو ڪوبہ تذڪرو "سراج" جي ناولن جي ذڪر کان سواءِ اڻ پورو چئبو. نہ رڳو اهو پر صحافت جي شعبي ۾ پڻ سراج جو نالو وڏي اهميت ۽ حيثيت ٿو رکي.

## سوانح:

سراج، حيدرآباد جي پرسان ٽنڊي جام ۾ ۲۴ آڪٽوبر ۱۹۳۳ع تي جنم ورتو. سندس والد محمد يعقوب ميمڻ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل هو ۽ انهيءَ سان گڏ علم و ادب سان بہ دلچسپي هيس، سندس ترجمو ڪيل "ديوان حافظ" سنڌي ادب ۾ يادگار حيثيت رکي ٿو. سراج تي پنهنجي والد جي مزاج جو اثر ٿيو ۽ شروع کان ئي لکڻ پڙهڻ سان گهاٽو واسطو رهيو. تعليم جي پورائي کان پوءِ سراج ڪميشن جو امتحان پاس ڪري سول سروس ۾ گهڙيو، جتان ڪيس ۳ نومبر ۱۹۷۰ع تي زوري رٽائر ڪيو ويو. اڳتي هلي سراج صحافت، ادب ۽ وڪالت جي ميدان ۾ ڪاميابيون ماڻيون ۽ ملڪ جي چوٽي جي وڪيلن ۾ ڳڻجڻ لڳو.

## ادبي سفر:

سراج جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ۱۹۶۱ع ۾ "نَي درد هلي آ" جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٻيو مجموعو "اٺون ماٺهو" ۱۹۸۵ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ سراج جون ست ڪهاڻيون شامل هيون. انهيءَ ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻي "اٺون ماٺهو" آمريتي دور ۾ ماڻهن سان ٿيل عقوبتن جي چٽي عڪاسي ٿي ڪري ۽ دنيا جي علامتي ۽ مزاحمتي ادب جي شاهڪار ڪهاڻي آهي.

پنهنجي ڪهاڻين جي سفر جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو:

”ڪهاڻيون مون اڳي بہ لکيون آهن، ڪهاڻيون اڄ بہ لکان پيو، انهن مان بہ ڪي ڇپجن ٿيون، ڪي ڪونہ ٿو ڇپايان. ان لاءِ ڪي ٿي سبب آهن. گهڻو ڪري اهي سبب سڀ جذباتي آهن. انهن جو وقت آيو تہ وضاحت بہ ڪندس.“

## ناول نگاري:

جديد سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ کان پوءِ سراج ئي اهو ليکڪ آهي جنهن سڀ کان وڌيڪ تخليقي ناول لکيا آهن، ۽ سراج اهو پهريون سنڌي ليکڪ آهي، جنهن ٽن ناولن تي ٻڌل ”پياسي ڌرتي، رمندا بادل“ جي نالي سان ٽرائلاجي جي لکي آهي.

سراج سنڌ جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پڙهڻ جو شوق ڏياريو، جن سنڌ جي تاريخ اڳي ڪونہ پڙهي هئي، تن سراج جا ناول پڙهي پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي ورتي. سراج جو پهريون ناول ”پڙاڏو سوئي سڏ“ ١٩٧٠ع ۾ ڇپيو. ناول سنڌ تي ارغونن ۽ ترخانن جي ٿهري دور جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پيش ٿو ڪري. انهيءَ ناول ۾ پيش ڪيل ڪهاڻي جي وضاحت ڪندي ليکڪ لکي ٿو:

”جڏهن شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڄمايو، تڏهن هن ايترا ظلم ڪيا، جو ڪنهن شاعر اُن وقت حملي جي تاريخ ”خرابي سنڌ“ مان ڪڍي هئي. ترخانن ۾ مرزا باقي جو دور سڀ کان اونداهو ۽ سڀ کان روشن دور آهي، سڀ کان اونداهو انهيءَ ڪري جو هن کان وڌيڪ ظالمَ بيو حاڪم نہ ٿيو، ۽ سڀ کان روشن ان ڪري جو ان ظلم خلاف سنڌي قوم منظم ٿي بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي تاريخن ۾ ان بغاوت جي يڪي ۽ سربستي ڪهاڻي لکيل ڪانهي، پر مختلف تاريخن ۾، مختلف شاعرن جي شعرن ۾ ننڍيا ننڍيا واقعا بيان ٿيل آهن، جن ۾ مون کي هڪ عظيم سلسلو ٿو نظر اچي. انهن ئي واقعن جي هيءَ ڪهاڻي آهي.“

مٿينءَ ڳالهہ جي روشني ۾ ڪتاب جي مهاڳ ۾ جمال ابڙي لکيو آهي:

"سراج انهن سيني مسئلن کي، ننڍي ناول دوران سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس سمجهو ۽ دور رس نگاهه، ماضي، حال ۽ مستقبل کي يڪجاءِ ڪري، تاريخ پس منظر ۾، حقائق کي بي نقاب ڪيو آهي."

سندس ٽيون ناول "مرڻ مون سين آءٌ" ١٩٨٨ع ۾ ڇپيو، جيڪو پڻ تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهي ۽ "پڙاڏو سوئي سڏ" جو ٻيو ڀاڱو ٿي سمجهڻ کپي.

سراج جي ٽرايالاجي "پياسي ڌرتي رمندا بادل" جي نالي سان ڇپي، جيڪا ٽن ڌار ڌار ناولن تي ٻڌل آهي. انهي جو ذڪر ڪندي سراج لکي ٿو:

"سنڌي ٻولي" ١٩٦٤ع ڌاري ڇپيو. تڏهن منهنجي دوست پبلشر ان نالي جو اعلان به ڪري ڇڏيو، پر ان کان پوءِ ١٩٦٥ع واري جنگ لڳاړائي ويئي. منهنجو هنيانءُ ڇڄي ويو. ناول ڇپائڻ تان ارواح ڪڇي ويم. هي ناول ٽيڪنڪ جي لحاظ کان ٽن ناولن تي مشتمل آهي. ٽرايالاجي آهي."

سراج جي انهن ناولن سنڌي ادب ۾ وڏي اٿل پٿل آندي ۽ آمريتي دور (١٩٧٧-٨٨ع) ۾ ڇيڇڻ جي ڪري قومي ۽ سياسي ڪارڪنن کي وڏو حوصلو مليو. انهن ناولن پڙهڻ سان سنڌي قوم، سنڌ جي صورتحال ۽ ڌارين جا ظلمُ ڦلمُ جيان نظر اچن ٿا. سراج جا اهي ناول سنڌ جي تاريخ جي ترتيبوار بابن جيان آهن.

## لسانيات:

لسانيات جي موضوع تي "سنڌي ٻولي" جي نالي سان سراج جو ڪتاب ١٩٦٤ع ۾ ڇپيو، جنهن تي تمام گهڻو لکيو ويو ۽ گهڻي ڏي وٺ ٿي. هن ڪتاب ۾ سراج وڏي محنت سان تحقيق ڪري، عالمي ماهرن جي دليلن ۽ پختي يقين سان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته "سنڌي ٻولي" سنڌ جي اصلوڪي ٻولي آهي ۽ ان جا وارث سنڌ جا قديم باشندا ئي آهن. ڪتاب جو نچوڙ بيان ڪندي سراج لکي ٿو:

جڏهن چار سال ڪن ٻولين جي تاريخ، سنڌي تمدن ۽ موئن جي دڙي متعلق ڪجهه مطالعو ڪيم ته حيرت انگيز ڳالهيون نظر

آيون. سڀ کان اهم ڳالهه ته اها نظر آئي ته ٻولي جي ماهرن ۽ تاريخدانن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تمدن سان بلڪل ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ ٻي ڪيو آهي. ٻي ڳالهه هيءَ ته سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جو ماڻٽائو لاڳاپو ته آهي، پر ايئن نه جيئن اسان وٽ زبان زد آهي. دراصل ڳالهه ته مرڳوئي اُبتي آهي. سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي ته سنسڪرت تي ته سنڌي جو ان کانءِ به وڏو قرض آهي. سنسڪرت ته هڪ طرح سان سنڌي جي ڄائي آهي. سڌي طرح نه سهي ته اڻ سڌي طرح سهي. اهو هڪ اهڙو احساس ۽ خيال هو، جنهن لاءِ مون سمجهيو ته دنيا مون کي پاڳل سمجهندي."

ڪتاب جي مهاڳ ۾ محترم محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"لائق مصنف هن ڳالهه مڃڻ کان به انڪاري آهي ته سنڌي ڪا سنسڪرت ڄائي آهي. ان باري ۾ سندس راءِ آهي ته (هاڻوڪي) سنڌي توڙي سنسڪرت (۽ ٻيون اڪثر هند، پاڪستاني ٻوليون) سيئي هڪڙي ساڳئي (اوائلي) ٻولي مان نڪتل آهن. جنهن کي پڻ هو "سنڌي" سڏي ٿو. پر جنهن لاءِ هو شايد پروٽو سنڌي يا پروٽو انڊڪ (يا پروٽو هند يورپي) لفظ استعمال ڪرڻ وڌيڪ مناسب سمجهندو."

هن ڪتاب کي "رائيٽرس گلڊ" پاران انعام پڻ مليو. مٿين ڪتاب کان سواءِ سراج "علم معاشيات" ڪتاب پڻ لکيو، جنهن ۾ معاشي مسئلن بابت چندچاڻ تيل آهي.

## صحافت:

١٩٧١ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو صدر ۽ پوءِ وزير اعظم ٿيو ته هن "سراج" کي پنهنجي اخبار "هلال پاڪستان" جو ايڊيٽر مقرر ڪيو. جتي هن پنهنجي صحافتي ڪردار کي مڃايو ۽ اخبار ۾ صحافتي حوالي سان نوان ٽريند متعارف ڪرايا. اڳتي هلي جڏهن تنير محمد لاشاري "جاڳو" اخبار جو اجراءَ ڪيو ته انهي جي پويان پڻ "سراج" جو ئي ذهن هو. انهن اخبارن ۾ پاڻ "رتي جي رهاڻ" ۽ "سياسي منظرنامون" جي سري سان سوين مضمون ۽ ڪالم لکيا، جن جي پڻ هڪ ڌار حيثيت آهي.

تنهن کان سواءِ سراج، شاهه لطيف جي حوالي سان پڻ مقالا لکيا. خاص ڪري شاهه سائين جي سياسي ۽ مزاحمتي شاعري تي هن آمريتي ڏينهن ۾ جرئت سان قلم ڪڍي، شاهه جي ٻوليءَ ۾ سنڌي قوم ڪي مزاحمتي جنگ جو پيغام ڏنو.

لسانيات، ڪهاڻي، ناول نگاري ۽ صحافت کان سواءِ سراج ڪيترن ئي انگريزي ڪتابن جا ترجما پڻ ڪيا. جن ۾ ڪرشن چندر جي ريورتاز "ڏکڻ مان تو اُيري سج" (١٩٥٣ع)، چوند آمريڪي افسانا (١٩٥٨ع) ۽ "سنڌ جي اقتصادي تاريخ (١٩٥٨ع) اهم آهن.

سراج جي مٿين ڪمن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته سراج "سنڌي ادب جو آل رائونڊر" ليکڪ آهي. ●

# سوڀو گيانچنداڻي

سنڌ جي مها ڪوي شيخ اياز سوڀي گيانچنداڻيءَ کي ”سنڌ جو لال قلندر“ سڏيو آهي. هو لکي ٿو: ”سوڀو اسانجو لال قلندر آهي، جنهن جي جتيءَ ۾ اجا تائين ڪنهن به پير نه پاتو آهي، وقت پلٽو کائيندو ۽ ان جي مٽيءَ تي ميلا لڳندا، ان ۾ مون کي ذرو به شڪ نه آهي.“

## سوانح:

سوڀي گيانچنداڻيءَ، ٣ مئي ١٩٢٠ع تي ڳوٺ بندي ضلع لاڙڪاڻي ۾ تنور مل گيانچنداڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. پوءِ قمبر جي ايوي اسڪول ۾، چار درجا پڙهيو. بعد ۾ هڪ سال لاڙڪاڻي ۽ پوءِ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيو. ڇهون ۽ ستون درجو اين .. جي - وي هاءِ اسڪول ڪراچي، فرسٽ ايئر ۽ انٽر آرٽس ڊي - جي - سنڌ ڪاليج، ڪراچي ۾ پڙهيائين. گريجوئيشن شانتي نڪيتن ڪاليج (ڪلڪتہ يونيورسٽي) مان ڪيائين، جيڪا رابيندر ناٿ ٽئگور جي والد ديويندر ناٿ جي قائم ڪيل هئي. جتي هو ويو ته راڳ ۽ ساز جي سکيا وٺڻ هو. پر انقلابي ۽ ليکڪ ٿي موٽيو.

اڳتي هلي ايس، سي ، شهاڻي لا ڪاليج ۾ هڪ سال جي لاءِ پڙهيو. پر ١٩٤٢ع واري جدوجهد ۾ جيل وڃڻ سبب پڙهائي مڪمل ڪري نہ سگهيو. بعد ۾ وري ڪراچي يونيورسٽي ۾ ٥٨-١٩٥٧ع ۾ ٽرمس رکيائين، پر وري گرفتار ٿي جيل ۽ نظربنديءَ سبب، پوري ڪري نہ سگهيو. پوءِ ١٩٦٧ع ۾ لا - ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو، جتي بعد ۾ اُستاد ۽ پرنسيپال جي حيثيت ۾ بہ رهيو ۽ اڳتي هلي وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين.

## ادبي وابستگي:

ٻارهن يا تيرهن ورهين جي عمر ۾ قمبر جي اسڪول ۾ پڙهي رهيو هو تہ کيس هڪ ڪتاب "راجا چند جو سپنو" پڙهڻ لاءِ مليو. انهي ڪتاب جو اثر سندس ذهن تي ڪافي عرصو رهيو. تنهن کان پوءِ سکن جون ڌرمي ساکيون ۽ رامائڻ پڙهيائين. ائين سندس ڪتابن سان لاڳاپو ٿيو. سوڀي گيانچندائي پنهنجي پهرين ڪهاڻي ١٩٣٨ع ۾ "اڌائي روپيا" جي نالي سان لکي، جيڪا "سنسار سماچار" جي ماهوار شماري ۾ ڇپي. ان کان اڳ پاڻ ١٩٣٦ع ۾ ٽنگور ۽ سوامي تيرٿ تي مضمون لکيائين، جيڪي اين - جي - وي هاءِ اسڪول جي مئگزين ۾ شايع ٿيا. ١٩٣٨ع ۾ ئي سوڀي هڪ ڊرامو "نيپولين انسينٽ هيلن" لکيو. جيڪو پڻ "سنسار سماچار" ۾ ڇپيو. پنهنجي پهرين ڪهاڻي "اڌائي روپيا" لکڻ جي وارتا بيان ڪندي، سوڀي گيانچندائي هڪ هنڌ لکيو:

> "باڊهہ ۾ منهنجو هڪ مامون رهندو هو. مان ڪراچي وڃڻ جي لاءِ گاڏي جي انتظار ۾ ويٺو هئس، جو هو ڊڄو ڪاهي اچي پهتو. پڇيائين، "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" وراڻيم، "ڪراچي وڃڻو اٿم. باڊهہ هلندس." چيائين: "پويان ويهہ." آئون پويان چڙهي وينس واٽ تي وهٽي جو ڳوٺ ٿو اچي. چيائين، "هتان وصولي ڪرڻي آهي. بس رڳو بہ منٽ لڳندا." وياسين، مڪڻ، ماني، ماکي سڀ اچي ويون. ڪائي ٻي ڏهہ ڪيوسين. ڪي بہ اڌائي سير گيهہ جا بہ ورتائين. مڪڻ بہ ڪنيائين ۽ ڊڄي جي خرزين ۾ اَن ٻريائين. پوءِ اُٺي هلياسين. اهو ڏسي مون کي دلچسپي جاڳي. ان وقت مان ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ خيالن وارو هئس. سو پڇيو مانس: "ماما! هي سڀ ڇا آهي؟" وراڻيائين، "بہ - ٽي سال اڳ هو آيو هو. ڪپڙي جو ڪو ٽڪرو ورتائين. اڌائي روپيا کن مٿس رهجي ويا. هيستائين سؤ روپيا کن تہ ڪڍي ويو آهيانس. اڃا ڏائين پيو وهي. جيستائين مور نہ لاهي. ائين مون پهرين ڪهاڻي اڌائي روپيا لکي."

اها نہ رڳو سوڀي جي پهرين ڪهاڻي هئي، پر ان وقت جي سنڌ جي حالتن جي عڪاسي بہ ٿي ڪري تہ ڪيئن نہ وياج خور، غريب پورهيت سنڌين جو هڏ ماس کائيندا هئا.

اڳتي هلي سويي ٻيون ٻه ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون، جيڪي پوءِ ۱۹۹۴ع ۾ "سچائي اشاعت گهر، دڙو" پاران "ڪڏهن بهار ايندو؟" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيون. سويي جون اهي ڪهاڻيون سنڌي ادب جي اوائلي ڪهاڻين ۾ ڳڻجن ٿيون.

انهن ڪهاڻين جو چيد ڪندي "ڪڏهن بهار ايندو" جي مهاڳ ۾ اياز قادري لکي ٿو:

"ڪامريڊ سويو انهن ڪهاڻيڪارن وانگر ڪهاڻيڪار نه آهي، جن پنهنجو سمورو ڌيان ڪهاڻي لکڻ ڏانهن ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته هن جو دنيا جي ادب جو وسيع مطالعو ڪيل آهي ۽ هو پنهنجي سنڌ جي ڏتڙيل حالت ۽ مختلف مسئلن کان وقت بوقت متاثر ٿيندو رهيو آهي. تنهن ڪري جڏهن به ڪنهن خاص واقعي، معاملي يا مسئلي هن جي دل کي چوٽ رسائي آهي، هن جي اندر ۾ آنڌمانڌ پيدا ڪئي آهي ته هن بيوس ٿي ان واقعي کي ڪهاڻي جو روپ ڏيئي ڇڏيو آهي. ڪامريڊ جي ڪهاڻين جو عرصو پنجاهه سالن تائين پکڙيل آهي. هن جون ڪهاڻيون "پاچوڪڙ"، "خودڪشي" ۽ "ڪجهه چوڪر هيئن به پيار ڪن ٿا" شانتي نڪيتن واري زماني ۾ اصل انگريزي ۾ لکيل آهن، جيڪي وڏي عرصي کان پوءِ سنڌي ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيون ويون آهن. سندس ٻيون ڪهاڻيون "پرديسي پريتم"، "بچاءَ بند" ۽ "انقلابي جو موت" پوءِ جون لکيل ڪهاڻيون آهن، جيڪي پڻ سنڌ جي ادبي حلقن ۾ واکاڻيون ويون.

...... ڪامريڊ جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ٻهراڙين توڙي شهرن جي زندگي ۽ مسئلن جي تصوير پيش ڪيل آهي. هن هروڀرو عام ڪهاڻيڪارن وانگر پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جو طلسم، رنگيني، تشبيهن، استعارن جو سهارو نه ورتو آهي. پر جيڪا ڳالهه ٻڌائڻ ٿو چاهي، سا بلڪل سادن سودن ۽ عام فهم لفظن ۾ بيان ٿو ڪري، جنهن ڪري اهي ڪهاڻيون پڙهندڙن جي دلين تي گهرو اثر ڪن ٿيون، ڪامريڊ جي ڪهاڻين جا پلاٽ اسان جي روزمره جي زندگيءَ مان ورتل آهن.

..... ڪامريڊ سوڀي جي ڪهاڻين جا ڪردار اسان کي گهٽو ڪجهه ٻڌائين ۽ سمجهائين ٿا ۽ انهن مان هر هڪ وٽ ڪونه ڪو بامقصد پيغام آهي، جيڪو هر دؤر جي پڙهندڙ کي اُتساهه بخشيندو رهندو ۽ زندگي جي راهه ۾ پير پساري ويهڻ بجاءِ منجهن اڳتي وِک وڌائڻ جو وِلولو ۽ حوصلو پيدا ڪندو رهندو."

ڪامريڊ سوڀي گيانچندائي ڪهاڻين کان سواءِ ڪيترائي اخباري ڪالم پڻ لکيا آهن، جن جا ٽي ڪتاب: (١) تاريخ جا وساريل ورق، (٢) تاريخ ڳالهائي ٿي، (٣) "وڏي وٽ هٿار" شايع ٿيل آهن، جن جا پوءِ اردوءَ ۾ "تاريخ بولتي هے"، "سندهه کے انقلابي رهنما" ۽ "انقلابي کي موت" (ڪڏهن بهار ايندو جو ترجمو) جي نالن سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا.

ڪامريڊ جي اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ ڪي ماٺهو تاريخ ٿين ٿا، سنڌ ايڪيهين صدي جي ڏاڪي تي، انٽرويوز، تقريرون، خاڪا ۽ مضمون شامل آهن.

ڪامريڊ سوڀي جي انهن ڪالمن ۽ لکڻين تي تبصرو ڪندي انور پيرزادو لکي ٿو:

"سوڀي اڄ تائين جيڪو لکيو آهي، سو ڇپجي نه سگهيو آهي. سوڀي جو سياسي ۽ سماجي تجزيو پنهنجي همعصرن کان ان ڪري به مختلف ۽ تخليقي هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته هو مظلوم انسانيت جو وڪيل آهي ۽ ماڻهوءَ جي در کي محسوس ڪندڙ آهي. خوددار ۽ اڏول جڻ گڏيلو هجي."

سوڀي گيانچندائي جون ادبي سرگرميون ١٩٣٤ع کان شروع ٿيون، ۽ انهي سان گڏ هو ڪانگريس، سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ پارٽي ۾ رهيو. شاگرد، مزدور ۽ هاري تحريڪن سان پڻ وابسته رهيو. ڪامريڊ سوڀو جنوري ١٩٥٧ع کان وٺي سيپٽمبر ١٩٥٨ع تائين روزاني اخبار "نئين سنڌ" جو ايڊيٽر پڻ رهيو، جنهن جو مالڪ جي - ايم - سيد هو.

ڪامريڊ پنهنجي سياسي سرگرمين جي ڪري ١٩٤٢ع، ١٩٤٦ع، گڏيل هندستان جي دور ۾ ۽ ١٩٤٨ع کان ١٩٥٢ع تائين پهرين پيرو ۽ ١٩٥٤ع کان ١٩٥٦ع تائين ٻيو پيرو، ١٩٥٩ع کان ١٩٦٠ع تائين ٽيون پيرو، ۽ ١٩٦٥ع کان ١٩٦٦ع تائين چوٿون پيرو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جيل

پڻ پوڳيو.

علي احمد بروهي جي لفظن ۾:

"پاڪستان ۾ خاص طور، سنڌ ۾ سوڀي جو وڏو رول ھي ٻي رھيو آھي تہ ھن ذاتي طور تي پنھنجي وس ۽ وت آھر، سنڌ جي نئين ٽھيءَ کي سؤلي دڳ لاھڻ جي جاکوڙ پئي ڪئي آھي. پوءِ ڪڏھن لکڻين ۾ ڪھاڻين يا ادبي مجلسن ۾ تقريرن وسيلي، يا وري ذاتي ڪچھريون ڪندي. اڄ بہ جيڪڏھن سنڌ جي نوجوان سياسي يا سماجي ورڪرن يا دانشورن ۾ ڪي ڳنڀير ۽ مدبر قسم جا داٺا ڪٺا پسجن ٿا تہ خاطري آھي تہ انھن ۾ گھڻي قدر سوڀي جي سنگت يا شخصيت جو اثر ۽ تاثير ضرور سمايل ھوندو." •

# شيخ اياز

ڀٽائيءَ کان پوءِ، سنڌي شاعريءَ جو جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ سچ اُپريو تہ اهو شيخ اياز ئي هو، جيڪو نہ رڳو جديد سنڌي شاعري جو بنياد وجهندڙ هو، پر ترقي پسند ۽ جدت پسند سنڌي ادب جو پايو وجهندڙ هو، ڪيس ڀٽائي جو تسلسل چئجي تہ انهيءَ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو.

## سوانح:

شيخ اياز، جنهنجو سچو نالو 'مبارڪ اياز' آهي، تنهن ٢ مارچ ١٩٢٣ع تي شڪارپور ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو غلام حسين هو. شيخ صاحب شروعاتي تعليم شڪارپور ۾ ورتي. مئٽرڪ شڪارپور هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. پوءِ ڊي - جي ڪاليج ڪراچيءَ مان ١٩٤٥ع ۾ بي - اي فلاسافيءَ ۾ ڪيائين. انهي کان پوءِ ڪيس پي - ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪرڻ جو خيال ٿيو. هو ڊاڪٽر هوتچند مولچند جي نگرانيءَ ۾ اول ٽئگور ۽ پوءِ علامہ اقبال تي ٿيسز لکڻ لڳو. ١٩٤٧ع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ شيخ اياز پي - ايچ ڊي جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ ايل ايل بي جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي خيال کان ايل ايل بي ۾ داخلا ورتائين. ١٩٤٧-٤٨ع ۾ اها ڊگري حاصل ڪري ١٩٥٠ع ۾ عبدالحئي قريشي ۽ پوءِ خالد اسحاق ۽ عبدالقادر شيخ سان ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو.

## ادبي ڪيٽر:

بي - اي جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ شيخ اياز ڪڏهن ڪراچي تہ ڪڏهن شڪارپور ۾ رهڻ لڳو. ڪراچي ۾ رهڻ جي دوران هو اُتان جي ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو. هن موهن پنجابي سان گڏ قائم ڪيل "باغي منڊل"

پاران ڪتابن شايع ڪرائڻ جو سلسلو جاري رکيو. باغيءَ پاران شيخ اياز جي ڪهاڻين جي مجموعي "سفيد وحشيءَ" کان پوءِ جون ١٩٤٧ع ۾ شيخ اياز جو ترتيب ڏنل ڪتاب "اسان جي سنڌ" ڇپايو ويو. "اسان جي سنڌ" ۾ ترقي پسند ليکڪن جون ڪهاڻيون هيون. شيخ اياز انهيءَ ڪتاب جو جيڪو فڪري مهاڳ لکيو، تنهن کي پڙهي، سندس فڪري، ادبي، سماجي ۽ اقتصادي ۽ قومي شعور کي داد ڏيڻو ٿو پوي.

انهن ئي ڏينهن شيخ اياز شڪارپور مان هڪ ماهوار رسالو "اڳتي قدم" جاري ڪيو. اڳتي قدم جا فقط ٽي پرچا نڪري سگهيا. پهريون پرچو آگسٽ ١٩٤٧ع، ٻيو پرچو سيپٽمبر ١٩٤٧ع ۽ ٽيون پرچو آڪٽوبر ١٩٤٧ع ۾ نڪتو. "اڳتي قدم" رسالو جاري ڪرڻ وقت شيخ اياز جي عمر ٢٤ سال هئي. "اڳتي قدم" رسالي ترقي پسند تحريڪ جو سگهارو تصور پيش ڪيو. محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

> "اڳتي قدم"، سنڌي ادب جي ترقي پسند لاڙن کي جاڳايو، گڏ ڪيو ۽ پاڻ پرو ڪيو. اياز ان رسالي جا فقط ٽي پرچا ڪڍيا، پر اُن جي ٿورڙي حياتيءَ ۾ هن رسالي سنڌي ادب جي نڪ ۾ جا غلاميءَ جي ناڪيلي پيل هئي، اها لاهي ڦٽي ڪئي ۽ انکي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجو مقصد، پنهنجي راهه ۽ پنهنجو ارادو عطا ڪيو."

## شاعري:

شيخ اياز جو پهريون شعر ١٩٣٨ع ۾ "سدرشن" مخزن ۾ ڇپيو. پوءِ اهو شاعري جو سلسلو هلندو رهيو. ان زماني ۾ اياز صاحب شاعريءَ کان سواءِ ڪهاڻيون پڻ لکندو هو. سندس پهرين ڪهاڻي اٺويهين سالن جي عمر ۾ ڇپي. جيڪا "سهڻي سير ۾" جي عنوان سان، ماهوار "سنڌو" جي ١٩٤٢ع جي پرچي ۾ شايع ٿي. سندس ٻي ڪهاڻي، "هڪ شمع جا ٻه پروانا" جي عنوان سان "سنڌو" ۾ ئي ڇپي. اهڙي طرح "سنڌو" جي جنوري ١٩٤٧ع جي پرچي ۾ سندس هڪ ڪهاڻي "بروچڪي رت" جي عنوان سان شايع ٿي. اهي ۽ ٻيون ڪهاڻيون "سفيد وحشي" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيون.

اڳتي هلي شيخ صاحب نيوايرا اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران شعرو شاعريءَ جي تربيت پنهنجي استاد ڪشنلداس فانيءَ کان حاصل

ڪندو رهيو، جنهن جو اعتراف ڪندي پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو اٿس:

فاني! او فاني! لافاني مون لاءِ تون،
تون جو طوفاني، آهين منهنجيءَ ذات.

شيخ اياز جو پهريون شعر ”درشن“ ۾ شايع ٿيو، جيڪو شعر ترجمو هو ۽ اهو اصل سوامي هيمراج جو هو. سندس پيو شعر ماهوار ”سنڌو“ جي نومبر ١٩٣٨ع جي پرچي ۾ شايع ٿيو. اهو زمانو شيخ صاحب جي تربيتي ۽ مطالعي وارو زمانو هو. شيخ اياز هوشيار ته ننڍي هوندي کان ئي هوندو هو ۽ مطالعو به خوب ڪندو هو. شيخ اياز ڪاليج جي زماني ۾ لئبرريءَ ۾ قدم رکندو هو ته ائين لڳندو هو ڄڻ ڪتاب سائس ڳالهائيندا هجن. ۽ سندس مطالعي جي ڪري ڪاليج جا پروفيسر به کيس انگريزي ادب جو ”ياد حافظ“ چوندا هئا.

## اردو شاعري:

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندن ۽ خاص ڪري سنڌي ليکڪن جي لڏي وڃڻ ڪري ترقي پسند سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو ۽ اردو اديبن جي لڏي اچڻ جي ڪري، ماحول ۾ ڪجهه تبديلي آئي. انهيءَ زماني ۾ شيخ اياز جي اردو اديبن سان اُٺ ويهه ٿيڻ لڳي ۽ شيخ اياز به اردوءَ ۾ شاعري ڪرڻ لڳو. اهڙي طرح جڏهن ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ وجود ۾ آئي، ته شيخ اياز کي ان جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. سندس اردو شاعريءَ جو اردو شاعرن تي ايترو ته اثر پيو، جو مشهور اديب ۽ شاعر آفاق صديقيءَ سندس اردو ڪلام ترتيب ڏيئي، ”بوئے گل نالئہ دل“ جي نالي سان شايع ڪرايو. اهو ڪتاب ١٩٥٤ع ۾ ڇپيو.

شيخ اياز پنهنجي اردو شاعريءَ بابت لکي ٿو:

”مون ورهاڱي کان اڳ اردوءَ ۾ ڪڏهن به شاعري نه ڪئي هئي. اها ئي ڳالهه آهي ته مون کي اردوءَ تي ڪافي عبور حاصل هو ۽ منهنجو اردو مطالعو نهايت وسيع هو. سن ١٩٤٧ع ۾ جڏهن مون نارائڻ شيام کي بمبئي وڃڻ جي لاءِ پاڻيءَ جي جهاز تي چاڙهيو هو ته مون کي سنڌ جي ادبي دنيا ڏانوانڊول ٿيندي نظر آئي هئي. سنڌي اديبن جي اڪثريت هندو هئي ۽ اهي لڳ ڀڳ سڀ لڏي

ويا هئا..... ان وقت مون بي انتها تنهائي محسوس ڪئي هئي ۽ پيدا ٿيل خلا کي پرڻ لاءِ مون ڪيئي اردو اديب دوست ڪيا هئا.... پهريون پيرو مون اردو ۾ ۱۹۴۸ع ۾ شاعري ڪئي ۽ ترقي پسند مصنفين ۽ حلقئہ احباب ذوق ۾ پڙهندو هئس."

شيخ اياز ۱۹۵۲ع تائين اردو شاعري ڪئي ۽ پوءِ ڇڏي ڏنائين.

## سنڌي شاعري:

شيخ اياز اردو شاعريءَ کان ڪناراڪشي اختيار ڪرڻ کان پوءِ سنڌي شاعريءَ ڏانهن موٽيو ۽ هن ڀرپور نموني سنڌي شاعري ڪئي ۽ هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. خاص ڪري بيت، وائي، گيت سندس مرغوب صنفون رهيون آهن. انهن صنفن ۾ اياز وڏي جدت آندي جنهن کي سنڌي شاعريءَ ۾ انقلابي تبديلي چئي سگهجي ٿو. شيخ اياز جي اهڙي انقلابي شعر جو پهريون مجموعو ۱۹٦۲ع ۾ "پاڪستان رائيٽرس گلڊ" پاران "ڀونر ڀري آڪاس" جي نالي سان ڇپيو. جنهن ۾ بيت، دوها، گيت، ڇيڄ، وايون، آزاد نظم، نظم، قطعا ۽ غزل آيل آهن. ڪتاب جي پيش لفظ ۾ پنهنجي شاعريءَ جي باري ۾ ڄاڻايو اٿس:

"۱۹۴۷ع کان اڳ وارو اڻ ڇپيل ڪلام منهنجي زهر آلود تبسم جي اڳ ۾ جلي ويو. ان لاءِ ذميدار اها بي انتها مايوسي جي "اکر اڳيان اڀري، واڳون ٿي وريام" واري ڪيفيت هئي، جنهن جو تفصيل منهنجي زندگيءَ جي ڪنهن زخم پنهان کي تازو ڪندو. باقي ڪنهن خاص دلچسپيءَ جو سبب نہ ٿيندو."

"ڀؤنر ڀري آڪاس" سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ نئون ۽ نِڪور شاعري جو مجموعو هو. شيخ اياز کي انهيءَ ڪتاب تي گلڊ پاران بهترين ڪتاب تسليم ڪندي، ادبي انعام بہ ڏنو ويو. ڪتاب جي ڇپجڻ سان رجعت پرست ترين پاران شيخ اياز جي خلاف مخالفت ۽ احتجاج جو طوفان کڙو ٿي ويو. نتيجي ۾ حڪومت پاران اهو ڪتاب ضبط ڪري بندش هيٺ آندو ويو.

شيخ اياز جو ٻيو شعري مجموعو "ڪلهي پاتم ڪينرو" (۱۹٦۳ع) ۾ ڇپيو ۽ پهريون نثر جو مجموعو، ادبي خطن تي مشتمل "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" (۱۹٦۴ع) ڇپيو. انهن ڪتابن ڇپجڻ سان رجعتي حلقن

۾ هڪ طوفان ڪڙو ٿي ويو. اياز تي ڪافر، ملحد، غدار ۽ ملڪ دشمن جا الزام هنيا ويا ۽ اهي بيئي ڪتاب پڻ پابندي هيٺ آندا ويا.

اياز جي شاعري سنڌ جي وجود جي بقا جو ضامن بڻجي ويئي ۽ "شيخ اياز - سنڌ جو آواز" بڻجي ويو. ون يونٽ جي خلاف قوم پرستن جي تحريڪ زورن تي هئي ۽ اياز جي شاعري انهيءَ قومي جنگ ۾ هڪ وڏو هٿيار هئي. نتيجي ۾ شيخ اياز تي ملڪ دشمنيءَ جا الزام هڻي مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ ڪيس جيل ۾ وڌو ويو، جنهن جو تفصيلي احوال پاڻ "ساهيوال جيل جي ڊائريءَ" ۾ ڪيو اٿس. انهي جيل ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو به قيد ڪيل هو. اهو ١٩٦٨ع جو زمانو هو. انهيءَ ڊائريءَ جو بوءِ اردو ۾ ترجمو به ٿيو.

## شاهه جو رسالو - (منظوم اردو ترجمو):

١٩٥٢ع ۾ سنڌ يونيورسٽي کي مرڪزي وزارت تعليم پاران به علمي ڪم حوالي ڪيا ويا، جن مان هڪ شاهه جي ڪلام جو اردو ترجمو پڻ هو. انهيءَ ڪم لاءِ يونيورسٽي انتظاميا جي نظر شيخ اياز تي پيئي ۽ شيخ اياز اهو ڪم پنهنجي هٿ ۾ کنيو ۽ نهايت محنت، محبت ۽ عرقي ريزيءَ سان اهو ڏکيو ڪم سرانجام ڏنو ۽ اهو سچو ڪم اهڙي ته خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنو، جو ڪٿي به شاهه جو پيغام ۽ شعر جو روح متاثر نه ٿيو آهي. اهو رسالو پهريون ڀيرو ١٩٦٣ع ۾ ڇپيو.

## وائيس چانسلر:

شيخ اياز کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ١٩٧٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ۽ ١٩٧٩ع تائين هو انهيءَ عهدي تي رهيو. شيخ اياز جو اهو عهدو قبولڻ هڪ نئين تڪرار جو سبب بڻيو. اڳ هو قوم پرستن جي دلين جي ڌڙڪن هو ۽ هاڻ اک جو ڪنڊو ٿي پيو. شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ جي انهيءَ سڄي دور ۾ سندس حمايت ۽ مخالفت ۾ خوب لکيو ويو، پر انهيءَ دؤر جو جيڪو وڏو نقصان ٿيو، سو اهو جو سندس شعري آمد ۾ اها رواني نه رهي. سندس انهي دور جي حوالي سان يوسف شاهين، سندس ڪتاب "پن ڇڻ پڇاڻان" ۾ لکي ٿو:

"هن شخص، پنهنجي پوڙهپيءَ مان ٧٩-١٩٧٦ع جي دوران

ڪجهہ ونڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس هٿ ڦٽجي پيا. دل ڏار هٽي ويس ۽ هاڻ هجي اُٽيس."

شيخ اياز جي سڄي شعري زندگيءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ اُهو دؤر جيڪو سندس وي ـ سي ٿيڻ کان اڳ وارو دور هو. جڏهن سندس شعر ترقي پسند ۽ قومپرست حلقن ۾ مقبول هو ۽ رجعتي حلقن طرفان سندس خلاف تمام گهڻو لکيو ويو، جن جو ترقي پسند حلقن ڀرپور جواب ڏنو ۽ اياز جي بچاءُ ۾ ڪيترائي ليک ۽ ڪتاب لکيا ويا.

ٻيو دور اياز جا پويان ڏهہ سال هئا، جن ۾ هن پنهنجي پوئين دور کان بہ وڌيڪ لکيو ۽ پنهنجي خيالن ۾ اينڊڙ صوفياڻي رنگ جو بہ کليو کلايو اظهار ڪيو. حقيقت ۾ انهيءَ دؤر ۾ اياز تمام گهڻو لکيو ۽ ڀرپور لکيو. پر عجب جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ خيالن جي تبديليءَ جي ڪري، ڪلهہ جن دوستن سندس ڀرپور حمايت ۾ لکيو، سي اڄ سندس مخالف ٿي بيٺا ۽ سندس خيالن کي رد ڪرڻ لاءِ پنهنجي قلم کي ڀرپور استعمال ڪيو.

اياز، سڄي عمر پنهنجي خيالن جي ڪري تڪراري رهيو، پر سندس شعر سنڌي ادب جو اهو خزانو آهي، جنهن سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو.

## صحافت:

١٩٩۴ع ۾ يوسف شاهين هڪ روزاني اخبار "برسات" ڪڍي، جنهن جو چيف ايڊيٽر شيخ اياز ٿيو. پنهنجي چيف ايڊيٽري وارو اهو سڄو عرصو اخبار پنهنجي منفرد انداز سان هلندي رهي ۽ اياز جا لکيل ايڊيٽوريل اخبار جي جان هوندا هئا.

## شيخ اياز جا ڪتاب:

شيخ اياز جي ڇپيل نثر ۽ نظم ۾ ڪتابن جو تعداد هيٺينءَ ريت آهي:

### اردو شعر ۾:

(١) بوءِ گل نالہءِ دل (٢) نيل ڪنٺهہ اور نيم ڪي پتي،
(٣) شاهہ جو رسالو (منظوم ترجمو).

### سنڌي ۾ (نثر ۾):

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، پنهل ڪانپوءِ، سفيد وحشي، جڳ مڙيوئي سپنو، ساهيوال جيل جي ڊائري، خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو ١)،

خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو ٢)، ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون، ڪٿي نہ پڄبو ٽڪ مسافر (آتم ڪٿا ـ ڀاڱو پهريون)، ڪٿي نہ پڄبو ٽڪ مسافر (آتم ڪٿا ـ ڀاڱو ٢)ڪٿي نہ پڄبو ٽڪ مسافر (آتم ڪٿا ـ ڀاڱو ٣)، ڪٿي نہ پڄبو ٽڪ مسافر (آتم ڪٿا ـ ڀاڱو ۴)، تون چپ تون چانءُ ـ (اُنهيءَ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ڪجھہ واڌاري سان ”اُتي اور الله سين“ جي نالي سان پڻ ڇپيو).

## شعر ۾:

پؤنر پري آڪاس، ڪلهي پاتم ڪينرو، ڪي جو ٻيجل ٻوليو، ڪپر تو ڪُن ڪري، چنڊ چنبيلي ول، رڻ تي رِم جهم، ڀڳت سنگھہ کي ڦاسي، راج گهاٽ تي چنڊ، لڙيو سج لڪن ۾، ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي، اڪن نيرا ڦليا، جهڙ نيڻان نہ لهي، وڄون وسڻ آئيون، اُڀر چنڊ پس پرين، پٽڻ ٿو پور ڪري، هينئڙو ڏاڙهون گل جيئن، واتون ڦلن ڇاڻيون، الوداعي گيت، ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (ٽي ڀاڱا)، ننڊ وليون، سَر لوهيڙا ڳپيا، سورج مکي سانجھہ، جر ڏيئا جهمڪن، هرڻ اکي ڪيڏانهن، چنڊ ڳليون، گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾، پن ڇڻ پڇاڙان، سانجھہ سمنڊ سپون، چوليون ٻوليون سمنڊ جون، ڪاري رات ڪُهنگ، شاعريءَ جو سجدو، ٽڪرا ٽٽل صليب جا، سر نارائڻ شيام، روح جزيرو حيرت جو (اياز جا سڀ غزل ـ مرتب بخشل باغي)، گيڙو ويس غزل (اياز جا سڀ غزل ـ مرتب اسحاق سميجو).

## شيخ اياز جي شاعريءَ جا ترجما:

جو ٻيجل ني آکيا، (پنجابي) ترجمو احمد سليم، حلقہء ميري زنجير کا (اردو) ترجمو فهميده رياض، تنهن کان سواءِ آصف فرخي، ڪرن سنگھہ، شاھہ محمد پيرزادي ۽ خواجہ سليم، اياز جي شاعري ۽ نثر جا اردو ۽ انگريزي ۾ ترجما ڪيا، جي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن.

شيخ اياز ٢٨ ڊسمبر ١٩٩٧ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي. کيس ڀٽ شاھہ ۾ ڪراڙ جي ڪپ تي پٽائي جي پيراندي دفنايو ويو. ●

# شمشيرالحيدري

شمشيرالحيدري، سنڌي ادب ۾ گهڻ پاسائين شخصيت رهيو آهي، هو هڪئي وقت شاعر، محقق، ايڊيٽر، حڪيم، ڪامورو ۽ تنظيم ڪار رهيو آهي.

## سوانح:

شمشير علي ولد امام ڏنو خواجہ، ١٥ سيپٽمبر ١٩٣٢ع ۾ ڪڍڻ ڳوٺ ضلع بدين ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم بدين ۾ ئي ورتائين، تنهن ڪان پوءِ انگريزي تعليم ورنيڪيولر اسڪول بدين ۾ ورتائين. اُتي چار درجا انگريزي پڙهڻ ڪان پوءِ ڪيس ١٩٤٧ع ۾ ”سنڌ مدرسي ڪراچي“ موڪليو ويو، جتي محمد ابراهيم جويو سندس استاد هو. پر سنڌ مدرسي ۾ پنهنجي تعليم مڪمل ڪري نہ سگهيو ۽ واپس ڳوٺ موٽي آيو. اڳتي هلي ٽنڊي باڳي جي ”مير غلام محمد ٽالپور“ اسڪول ۾ پڙهيو. شمشيرالحيدري ١٩٦٣ع ۾ ايم - اي سنڌي ۽ اديب عالم سنڌي جي امتحان پاس ڪيا. ايم - اي ۾ ”آزاد نظم جي اوسر“ تي مقالو لکيائين.

شمشيرالحيدري جو مامون ڪامريڊ نذير حسين حيدري سياست ۾ ڪافي سرگرم هو. پهرين مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ پاڪستان جي تحريڪ جي سلسلي ۾ جيل ۾ پڻ ويو. ننهن ڪان پوءِ پيپلز پارٽي ٺهي تہ انهيءَ جو بنيادي ميمبر بڻيو. تنهن ڪان سواءِ هاري ڪميٽي ۾ پڻ هو ۽ انهي جي پولٽ بيورو جو ميمبر هو. هو وڏو هڏڏوڪي، شاعر، خطيب ۽ مقرر ۽ حڪيم هو. شمشيرالحيدري ننڍي هوندي ڪان ئي ان ڪان گهڻو متاثر رهيو ۽ سندس صحبت ۾ حڪمت جو ڏنڌو سکيو. هونئن شمشير جو ڏاڏو ۽ والد بہ سٺا حڪيم هئا ۽ هنن حڪمت ۾ خوب نالو ڪمايو. انهيءَ حڪمت جي ڏنڌي سبب ماڻهو شمشير کي ”ڊاڪٽر“ سڏيندا هئا.

ڪامريڊ نذير حسين حيدري انهيءَ وقت بدين مان ”اعلان حق“ جي نالي سان اخبار ڪڍندو هو. شمشير صحافت جون پڪون اُتان پيتيون. اڳتي هلي سالن کان پوءِ ١٩٩٢ع ۾ شمشير اها اخبار ٻيهر جاري ڪئي ۽ انهيءَ جا ڪجهه پرچا ڪڍيا.

سنڌ مدرسي ۾ پڙهڻ جي دوران شمشير اُتان جي ماحول کان ڪافي متاثر ٿيو ۽ پاڪستان ٺهڻ دوران جيڪي مارا ماريون ٿيون تن کي اکين سان ڏٺائين. پاڻ انهيءَ زماني ۾ ”پاڪستان اسٽوڊنٽس فيڊريشن“ بدين شاخ جو بنياد رکيائين ۽ ان جو جنرل سيڪريٽري ٿيو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو کيس اسڪول مان ڪراچي وڃي پڙهڻ جي لاءِ سرٽيفڪيٽ مليو.

سنڌ مدرسي ۾ پڙهڻ جي دوران، پهرين سال ته هو خوب محنت ڪري پڙهيو، پر تحريڪي دماغ هئڻ سبب اُتي به ماٺ ڪري نه ويٺو ۽ ١٩٥٦ع ۾ ”سنڌي ادبي سنگت“ جي مرڪزي تنظيم جو پايو وڌائين، جنهنجو شروعاتي گڏجاڻيون مدرسي جي سينيٽوريم هال ۾ ٿينديون هيون. اڳتي هلي سنگت جي مرڪزي چونڊ ۾ ٧ آڪٽوبر ١٩٥٦ع ۾ اياز قادري سيڪريٽري جنرل ۽ شمشيرالحيدري جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيا. اپريل ١٩٥٧ع ۾ اياز قادريءَ جي استعيفيٰ کان پوءِ شمشيرالحيدري سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل مقرر ٿيو. پاڻ ١٩٥٦ع کان وٺي ١٩٦٦ع تائين سنگت جو سيڪريٽري جنرل رهيو، جڏهن ته خزانچي موتيرام ۽ آڊيٽر ع. ق. شيخ هئا. سنڌ مدرسي ۾ پڙهڻ جي دوران پهرين شمشير ’سنڌي بزم ادب‘ قائم ڪئي ۽ محمد ابراهيم جويي کي انهيءَ جو صدر مقرر ڪيو ويو. سندس هوشياريءَ جي ڪري استاد کيس سنڌي، فارسي ۽ فقه جا پيپر چڪاسڻ لاءِ ڏيندا هئا.

شمشيرالحيدري پهرين نوڪري ١٩٥٠ع ڌاري پاڪستان رائيس مل ۾ منشي جي حيثيت سان شروع ڪئي. تنهن کان پوءِ پي - ڊبليو - ڊي ۾ ملازمت ڪيائين. اڳتي هلي ”بدين ڪو آپريٽو بئنڪ“ بدين جو مئنيجر مقرر ٿيو. ١٩٦٤ع ۾ بئنڪ بند ٿي ته شمشير به نوڪريءَ کان واندو ٿيو.

شمشيرالحيدريءَ جي زندگيءَ جو وڏو حصو صحافت ۾ گذريو. سندس صحافتي ڪيريئر جي شروعات ”هلال پاڪستان“ کان ٿي، جيڪا مرحوم عبدالڪريم منشي ڪڍي هئي. پاڻ سڀ کان پهرين انهيءَ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو، تنهن کان پوءِ نيوز ايڊيٽر ٿيو. ١٩٥٥ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ”مهراڻ“ رسالي جو نئين سر اجراء ڪيو ويو. انهيءَ وقت محمد ابراهيم جويو

"سنڌي ادبي بورڊ" جو سيڪريٽري هو. جنهن سان شمشير جي "سنڌ مدرسي" واري زماني کان واقفيت هئي. تنهن کيس ١٩٥٦ع جي شروعات ۾ بورڊ ۾ ڪلارڪ ڪري رکيو. سندس ڪم پروف پڙهڻ ۽ ڪتابن جي بندلن تي ايڊريسون لکڻ هوندو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ سندس محنت ۽ ڪم کان متاثر ٿي کيس "مهراڻ" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ڪري رکيو. اهو دور شمشير جي صلاحيتن جي نکرڻ جو دور هو. شمشيرالحيدري "سنڌي ادبي بورڊ" ۾ ٻارهن سال نوڪري ڪئي ۽ ١٩٦٦ع ۾ اها ڇڏيائين.

١٩٦٦ع ۾، پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي مرڪزي اطلاعات ۽ نشريات جي وزارت جي ڊائريڪٽوريٽ آف فلمس اينڊ پبليڪيشن جي سنڌي شعبي جو سربراهه ۽ ماهوار رسالي "نئين زندگي" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. "نئين زندگي" جو اهو دور سنڌي ادب ۾ زبردست تحريڪي ۽ تنظيمي دور ثابت ٿيو. شمشير پنهنجي عادت موجب "نئين زندگي" کي هڪ ادبي مشن ۽ جذبي تحت هلايو ۽ ڪئين نوان ليکڪ پيدا ڪيا. جن اڳتي هلي سنڌي ادب ۾ وڏو نالو ڪڍيو. شمشيرالحيدري جي ايڊيٽري واري دور جا نئين زندگيءَ جا پرچا ڪٺي ڏسبا ته اهي هر حوالي سان جامع نظر ايندا. نئين زندگيءَ جي ڪيترن ئي يادگار پرچن کان سواءِ جڏهن ون يونٽ ٽٽو ته شمشير نئين زندگيءَ جو هڪ يادگار "سنڌ نمبر" پڻ ڪڍيو. شمشير اتي ٻارهن سال رهيو. پوءِ جڏهن پيپلز پارٽي جي دور ۾ مرڪزي مواصلات کاتي پاران "ڪميونيڪيشن انفارميشن سيل" کوليو ويو، جنهن جو ڪم مواصلات جي مختلف کاتن بابت فلمون ٺاهڻ، انگريزي رسالو جاري ڪرڻ ۽ اخبارن کي اشتهار ورهائڻ هو. شمشير نئين زندگي جي ايڊيٽري تان استعيفيٰ ڏيئي انهي کاتي ۾ ڊپٽي مئنيجر بڻيو. پر ڏيڍ سال کان پوءِ ڀٽي صاحب جي حڪومت ختم ٿي ته اهو کاتو ٽوڙيو ويو ۽ شمشير کي ١٩هين گريڊ ۾ سرپلس ٺهرايو ويو. ائين ٻارهن سالن کان پوءِ وري پي پي گورنمينٽ ۾ کيس "يوٿ انويسٽمينٽ پروموشن سوسائٽي" ۾ سينئر ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪري مقرر ڪيو ويو. جتان پاڻ ١٩٨٩ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين.

مٿي ذڪر ٿي آيو آهي ته شمشير الحيدري هلال پاڪستان کان صحافت جي شروعات ڪئي. تنهن کان پوءِ ڪافي وقت تائين "خادم وطن" ۾ پڻ اسسٽنٽ ۽ نيوز ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. ١٩٨٣ع ۾ کيس حيدرآباد مان نڪرندڙ "مهراڻ" اخبار جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. اها پير صاحب پاڳاري

جي اخبار هئي. جيڪا انهيءَ وقت حُر جماعت جي بليٽن طور فقط ٻارهن سؤ ڪاپيون شايع ٿينديون هيون. شمشير اچا ادارت سنڀالي مس، جو ۱۴ آگسٽ ۱۹۸۳ع ۾ ايم آر ڊي جي مارشلا خلاف، جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ شروع ٿي ويئي. شمشير کليو ڪلايو تحريڪ جا تفصيل شايع ڪرڻ شروع ڪيا ۽ اخبار کي ضيائي مارشل لا خلاف هٿيار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. اخبار جا ڪيترائي ڪالم ۽ ايڊيٽوريل مارشل لا جي خلاف ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي حق ۾ لکيا. نتيجي ۾ اخبار جي سرڪيوليشن ٻارهن سؤ ڪاپين مان وڌي ٻاويهه هزارن تائين پهتي. نيٺ ۸۲ ڏينهن کان پوءِ کيس اخبار کان ڌار ڪيو ويو.

اڳتي هلي ۱۹۸٦ع ۾ کيس "هلال پاڪستان" ڪراچيءَ جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. اتي به ساڳئي ۱۹۸۳ع واري صورتحال ٿي. ۱۹۸٦ع جي تحريڪ شروع ٿي ويئي ۽ شمشير جو قلم ۽ اخبار جا ڪالم جمهوريت پسند ۽ عوام دوست ڌرين جي حق ۾ هلڻ لڳا. مٿس ڪافي دٻاءُ وڌو ويو ۽ حڪومت پنهنجي ٿي اخبار جي اشتهار بند ڪري ڇڏيا. نتيجي ۾ شمشير اخبار کي بند ٿيڻ ۽ نقصان کان بچائڻ لاءِ ايڊيٽري تان استعفيٰ ڏيئي ڇڏي. اُتي پاڻ فقط ۴۳ ڏينهن اخبار جو ايڊيٽر رهيو.

پوءِ ۱۹۸۹ع ۾ پي پي جي حڪومت آئي ته کيس بيگم نصرت ڀٽو ٻيهر اخبار "هلال پاڪستان" جو ايڊيٽر مقرر ڪيو. پاڻ اخبار کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ ڪافي محنت ڪيائين ۽ ڪئين نوان شعبا کوليائين.

شمشيرالحيدري ۸۵-۱۹۸۴ع دوران ماهوار "هلچل" ۽ هفتيوار "هدايت" رسالا ڪڍيا. "هدايت" رسالي جو چيف ايڊيٽر محمد ابراهيم جويو هو ۽ ايڊيٽر شمشيرالحيدري. "هلچل" جا فقط به پرچا نڪري سگهيا، جيڪي سرڪار ضبط ڪيا.

## ادب ۾ پير پائڻ:

شمشيرالحيدري کي ننڍي هوندي کان ئي، پنهنجي مامي نذير حسين حيدري جي صحبت ۾ ادب جو چشڪو لڳو. حيدري جي لئبريريءَ ۾ تمام گهڻا ۽ هر موضوع تي ڪتاب موجود هئا. جيڪي شمشيرالحيدري کي خوب پڙهڻ جو موقعو مليو. انهيءَ وقت شمشير اردو ٻوليءَ کي علمي زبان سمجهندو هو ۽ اردو ۾ شاعري شروع ڪيائين. ۽ ننڍي هوندي کان ئي

اخبارن ۾ ٻارڙن جي ٻاريءَ لاءِ اردوءَ مان شعر ۽ ڪهاڻيون ترجمو ڪندو هو. شروع ۾ "الوحيد" ڪراچيءَ ۾ ٻاراڻي ڪهاڻي "ٽي رنل گڏيون" شايع ٿيس. پوءِ اهو سلسلو هلندو رهيو. اڳتي هلي سنڌيءَ زبان سان صحيح معنيٰ ۾ واقفيت ٿيس ۽ جديد سنڌي ادب، شاهه، سچل ۽ سامي پڙهيائين ته سنڌي ۾ لکڻ لڳو ۽ ۴۹-۱۹۴۸ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ سنڌس پهريون تخليقي نظم "سنڌ مدرسة الاسلام" لکيو، جيڪو مدرسي جي ۱۹۴۹ع واري ڪرانيڪل ۾ شايع ٿيو.

شمشيرالحيدري جو پهريون شعري مجموعو "لاٽ" ۱۹٦۲ع ۾ ڇپيو، جيڪو طارق اشرف ڇپرايو. تنهن ڪان سواءِ سندس ڪجهه ننڍا ننڍا ٻيا به شعري ڪتابڙا ڇپيل آهن.

شمشيرالحيدري ڪيترائي ريڊيو ۽ ٽي وي ناٽڪ ۽ ڊراما پڻ لکيا آهن ۽ ٽي وي لاءِ پهريون ڊرامون ٽن قسطن ۾ شمشيرالحيدري جو لکيل هو، جيڪو مرزا قليچ بيگ جي ناول "زينت" جو ناٽڪي روپ هو.

مٿين ڪم ڪان سواءِ شمشيرالحيدري ڪيترائي اهم ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو پڻ ڪيا آهن، جن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

شمشيرالحيدري جي شاعريءَ تي نظر وجهندي "مهراڻ شاعر نمبر ۾ گرامي صاحب لکي ٿو:

"حيدري جي فن کي تنقيدي نقطه نظر سان ڏسڻ کان پوءِ آءٌ ان راءِ تي پهتو آهيان ته حيدري جي تخليقي قوت، فڪري مطالعو ۽ نڪته آفرين افتاد طبع پنهنجي همعصرن ۾ منفرد آهي."

## ڇپيل ڪتاب:

"انسان ڪامل" شخصيات ـ (۱۹۵۳ع)، "ڪاروان ڪربلا" (تاريخ ـ ۱۹۵۴ع)، "پورس جا هاٿي" (ڪهاڻيون ـ ۱۹۵۸ع)، "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ" (ترتيب ـ ۱۹٦۱ع)، "لاٽ" (شعر ـ ۱۹٦۲ع)، "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا" (ترجمو ۱۹٦۳ع)، "آمريڪا جو سياسي سرشتو" (ترجمو ـ ۱۹٦۴ع)، "سوکڙي" ترتيب ـ (متفرقه ۱۹٦۴ع)، "بهترين سنڌي ادب" (افسانا ۱۹٦۹ع)، "سنڌي ۾ آزاد نظم جي اوسر" (۱۹۸۷ع)، "ڪاڪ محل" (ناٽڪ ۱۹۸۸ع)، "تاريخ جو ڪچرو" (شاعري) شامل آهن. ●:

# طارق اشرف

طارق اشرف جو نالو وٺڻ سان ذهن تي هڪدم سنڌي ڪهاڻي ۽ ”سهڻي“ رسالي جو نالو تو اچي. طارق اشرف نہ رڳو ڪهاڻي جي گهربل ٽيڪنڪ جي حوالي سان سٺو ڄاڻو هو، پر سنڌي رسالن جي مڪيہ ۽ باقاعده جنهن کي ”ايڊيٽر“ چئجي، انهن مان هڪ هو.

## سوانح:

سيد اشرف علي ولد سيد لطف علي شاهہ ۵ جولاءِ ۱۹۴۰ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. اڳتي هلي پاڻ ”طارق اشرف“ جي نالي سان مشهور ٿيو. شروعاتي تعليم حيدرآباد ۾ ئي حاصل ڪيائين، سنڌس تعليم جيڪا ايم - اي تي ختم ٿي.

طارق اشرف کي ادبي ذوق ننڍي هوندي کان ئي هو. جڏهن بہ خرچي ملندي هيس تہ هو هيرآباد جي بوڪ ڊپو تان ڪتاب وٺي وٺندو هو. ان وقت ٻارن جي ڪتابن جي پويان ٻارن ۾ ذوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ پروليون وغيره ڏنيون وينديون هيون. پوءِ جڏهن ورهاڱو ٿيو ۽ لڏپلاڻ ٿي تہ حيدرآباد جي چونڪي گهٽي ۾ لڏي ويڻ وارا هندو سامان رکي وڪڻندا هئا. انهن ۾ ڪتاب بہ شامل هوندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي سامان ۾ سيني کان سستا هوندا هئا. تنهن ڪري طارق اشرف پنهنجي جيب خرچي مان گهٽي ۾ گهڻا ڪتاب ورتا. انهن ۾ نٽ همسن جو ناول ”بُک“ (Hunger) بہ شامل هو. انهيءَ وقت جيترو بہ بينگالي ادب، بينگال ۾ سرجيو هو. اهو گهڻو ڪري سنڌي ۾ ترجمو ٿيو هو. طارق اشرف ننڍي عمر ۾ ئي ٽئگور، شرت چندر ٻئنرجي ۽ ٻين جا اڪثر ڪتاب جيڪي سنڌي ۾ ترجمو ٿيا هئا، سي پڙهي ڇڏيا. اڳتي هلي انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي طارق اشرف لکيو:

"مون ننڍڙي عمر ۾ ايترو سنڌو ادب پڙهي ڇڏيو هو، جو انهيءَ کان پوءِ جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي رسالا نڪتا تہ اهي منهنجي معيار کان گهٽ هئا، تنهن ڪري مون اردو ادب پڙهڻ شروع ڪيو. پهرين اسلامي تاريخي ناول، پوءِ انهن مان بيزار ٿي منشي پريم چند، ڪرشنچندر، منٽو، عصمت چغتائي، رام لعل، ڪنهيا لال ڪپور ۽ ٻين کي پڙهيم."

انهيءَ کان پوءِ طارق اشرف جو رجحان اردو ادب ڏانهن ٿي ويو. پاڻ پهرين سنڌي ڪهاڻي ۵۹-۱۹۵۸ع ۾ جمال ابڙي جي "بدمعاش"پڙهيائين. اها ڪيس ايتري تہ وڻي جو پوءِ ڳولهي ڳولهي جمال ابڙي جي ڪهاڻين کي پڙهيائين، پوءِ جڏهن طارق اشرف ڇپائي جو ڪم شروع ڪيو تہ پاڻ جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي مجموعي "پشو پاشا" جو ڇاپو "بدمعاش" جي نالي سان ئي ڇپيائين ۽ طارق اشرف جي لفظن ۾ تہ 'اهو ڇاپو هڪ ئي ڏينهن ۾ فقط حيدراباد ۾ کپي ويو'. ڪنهن سنڌي ڪتاب جو ايترو تيز وڪرو اڄ تائين نہ ٿيو آهي، جيترو "بدمعاش" جو ٿيو.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين سان گڏ طارق اشرف کي ان وقت جي ٻين ڪهاڻين متاثر ڪيو، انهن ۾ بشير موريائي جي ڪهاڻي "ڇُهڙي" ۽ رشيد ڀٽي جي ڪهاڻي "ٻُڙ" کيس گهڻيون وڻيون. "ڇُهڙي" جو تہ پوءِ پاڻ اردو ۾ ترجمو پڻ ڪيائين.

طارق اشرف جي پهرين ڪهاڻي "دري" عبرت مخزن ۾ ۱۹٦۰ع ۾ ڇپي، تڏهن عبرت مخزن جو ايڊيٽر "پروانو ڀٽي" هوندو هو، پر طارق اشرف جي صحيح معنيٰ ۾ ادبي ميدان ۾ واقفيت شمشيرالحيدري، تماهي "مهراڻ" جي وسيلي ڪرائي، جيڪو انهن ڏينهن "مهراڻ" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر هو.

۱۹٦۰ع ۾ طارق اشرف پنهنجي دوست غلام نبي مغل سان گڏجي هڪ اشاعتي ادارو "ره ادب نو" قائم ڪيو، جنهن هڪبئي پٺيان ٽي ڪتاب ڪڍيا. "پهريون قدم"، "ٻيو قدم"، انهن مان پهرينءَ ۾ مختلف ليکڪن جا شعر ۽ ڪهاڻيون ۽ ٻي ۾ فقط ڪهاڻيون هيون. اداري جو ٽيون ڪتاب "شمشيرالحيدري" جي شاعري جو ڳٽڪو "لاٽ" هو.

جون ۱۹٦۴ع ۾ "اداره نو ادب" ٻہ ڪتاب، طارق اشرف جي ڪهاڻين جو ڪتاب "سونهن، پٿر ۽ پيار" ۽ غلام نبي مغل جو ڪتاب "نئون

شهر". ٻئو ڪتاب ڪري ڇپايو. "ٻئو ڪتاب" سنڌي ۾ پهريون تجربو هو. هن ڪتاب کي ٻنهي پاسي ٽائيٽل هئا. هڪ پاسي "سونهن پٽر ۽ پيار" ۽ ٻي پاسي "نئون شهر".

طارق اشرف جو ٻيو ڪهاڻي ڪتاب، "زندگيءَ جو تنها مسافر" ۱۹۷۸ع ۾، ۽ ٽيون ڪهاڻي ڪتاب "درد جا ڏينهن، درد جون راتيون" ۱۹۸۲ع ۾ ڇپيو. ۱۹۹۲ع ۾ طارق اشرف جي ٽنهي ڪتابن ۽ وڌيڪ لکيل ڪهاڻين کي هڪ ئي مجموعي "بند اکين ۾ ڪجهه سپنا، ڪجهه يادون" ۾ ڇپيو ويو. جنهن ۾ سندس سڀني ڪهاڻين جو تعداد ۴۲ آهي. شامل آهن. ڪتاب جو پيش لفظ ماهتاب محبوب لکيو آهي.

## سهڻي جو اجراءَ:

"اداره نو ادب" پاران ڪجهه ڪتاب ڇپرائڻ کان پوءِ، دوستن جي صلاح ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن سُٺي رسالي جي نه هئڻ کي محسوس ڪري، "طارق اشرف" ماهوار 'سهڻي' جو اجراءُ ڪيو ۽ اها مخزن پاڻ لڳاتار نوَ سال ڪڍيائين. پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي گورنمينٽ ۾ جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ جو وڏو وزير هو ته هن سنڌي ٻولي جي اسي ڪتابن ۽ رسالن تي پابندي هڻي ڇڏي. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت بظاهر ته جمهوري حڪومت هئي، پر انهيءَ ۾ اظهار جي آزادي ڪانه هئي، جنهن جو ذڪر ڪندي طارق اشرف سهڻي پبليڪيشن جي ڪتاب سهيوڳي ادب (جنوري ۱۹۷۸ع) جي ايڊيٽوريل ۾ لکي ٿو:

> "هيءَ فوجي حڪومت آهي، پر ڀٽي جي عوامي حڪومت کان ڪنهن حد تائين لکڻ جي لاءِ آزاد آهي. ڀٽي جي عوامي حڪومت ۾ سنڌي پريسن، اسي ڪتابن ۽ سڀني برک رسالن تي پابندي وڌي ويئي هئي ۽ ڪيترائي اديب سالن جا سال جيلن ۾ ٻي سڙيا."

طارق اشرف جي انهن مٿين لفظن جو اهو مطلب ڪونهي ته ڪو اها (جنرل ضياءُالحق) جي فوجي حڪومت بهتر هئي، اها فوجي حڪومت ته پاڪستان جي تاريخ جي بدترين حڪومت هئي. فوجي حڪومت جو مٿيون قدم هڪ وقتي قدم هو. تنهن کان پوءِ ٻارهن سالن جو اهو آمريتي دور هر لحاظ کان سنڌ توڙي، ملڪ لاءِ خراب ثابت ٿيو.

## سهڻي جا شخصيت نمبر:

"سهڻي" رسالو نوَ سال هليو. انهي رسالي جتي ڪيترين ئي نيون روايتون قائم ڪيون، اتي سنڌي ۾ پهريون ڀيرو "شخصيت نمبر" پڻ ڪڍيا. سهڻي جي انهيءَ پهرين دور ۾ طارق اشرف ٻه شخصيت نمبر "امر جليل نمبر" ۽ "نسيم کرل نمبر" ڪڍيا. جنهنجو ذڪر ڪندي طارق اشرف لکيو:

"مان چاهيندو آهيان ته ليکڪ جي عظمت جو اقرار سندس زندگي ۾ ئي ڪجي. ڪيس مانُ، مرتبو، عزت، سندس زندگي ۾ ئي ڏجي. مون انهي تي ڪجهه عمل به ڪيو آهي. امر جليل ۽ نسيم کرل جا نمبر سندس زندگي ۾ ئي ڪڍيم."

سهڻي جا اهي ٻئي نمبر "امر جليل ۽ نسيم کرل" جي شخصيت ۽ فن جو مڪمل احاطو ڪن ٿا. بيشڪ طارق اشرف ۽ سهڻي جو اهو وڏو ڪارنامو هو.

## سهڻي جو ٻيو دؤر:

ٻئي دور ۾ سهڻي جو پهريون پرچو مارچ ١٩٨٩ع ۾ نڪتو ۽ اهو دور طارق اشرف جي وفات ١۴ اپريل ١٩٩٢ع تائين قائم رهيو. انهيءَ دور ۾ به طارق اشرف "سهڻي" جي اڳين روايت کي برقرار رکيو ۽ شيخ اياز تي ٻه شاندار ۽ ضخيم نمبر مارچ ١٩٩٠ع ۽ ٻيو مارچ ١٩٩١ع ۾ ڪڍيو. اهي ٻيئي پرچا شيخ اياز جي شاعري ۽ شخصيت جي ڪيترن ئي پهلوئن تي روشني وجهن ٿا. جيئن طارق اشرف شيخ اياز نمبر ۾ لکيو:

"اياز اها ڳالهه پسند ڪري يا نه ڪري، پر منهنجي اها خواهش هئي ته اياز جي فن ۽ شخصيت تي هر پهلوءَ تي لکڻ گهرجي. بهرحال، مون شيخ اياز تي "سهڻي" جي پاران ٻه نمبر ڪڍي، سندس عظمت جو اعتراف، سندس زندگي ۾ ئي ڪيو آهي. پر اياز جهڙي ليکڪ تي سوين نمبر نڪرن ته به گهٽ ٿيندا."

## سهڻي جو ڪردار:

سهڻي جا ٻيئي دور، سنڌي ادب جي حوالي سان اهميت وارا آهن. سهڻي ڪئين نوان ليکڪ پيدا ڪيا. جن اڳتي هلي وڏو نالو ڪڍيو. سهڻي هڪ رسالو ڪونه هو، سهڻي هڪ تحريڪ هئي، هڪ تحرڪ هو،

سهڻي هڪ چاڻي هئي، جيڪا سنا اديب چاڻي، سنڌي ٻوليءَ جي هنج ۾ وجهندي هئي.

سهڻي جي پهرين دور جا ايڊيٽوريل ”سهڻي“ جي جان هوندا هئا. بقول ماهتاب محبوب جي:

”طارق اشرف جا سنجيدگي، گهرائي ۽ وڏي سوچ مان لکيل ايڊيٽوريل ۽ سياسي/ ادبي مضمون پڻ اجائي لفاظي جي بدران سدائين ڏيان ڇڪائيندڙ لڳندا آهن. پوءِ چاهي اهي ايڊيٽوريل نوان هجن يا پراڻا، جڏهن به پڙهي ڏسبا ته وقتائتا لڳندا، جن کي پڙهي ذهن جا ڪپاٽ کليو وڃن.“

اهڙي ئي هڪ ايڊيٽوريل (جولاءِ ١٩٧٣ع) جي پرچي ۾ پنهنجي طرفان ۾ ”بنگلاديش منظور... منظور... منظور“ جي سري هيٺ لکيل ايڊيٽوريل ۾ هن لکيو:

”اڄ جيڪي بنگلاديش نامنظور، نامنظور ڪري رهيا آهن، اهي ڪي پاڪستان جا خير خواهه ڪونهن. نڪو ملڪ جي محبت خاطر اهي بنگلاديش نامنظور جو نعرو هڻي رهيا آهن. اهي اُهي ساڳيا غدار، قاتل، الشمس ۽ البدر جهڙن خونخوار ٽولن جا باني ڪار آهن. جن بنگال ۾ قتل عام ڪرايو. اُهي پنجويهه سال بينگال جو استحصال ڪندا رهيا ۽ هاڻي جڏهن بينگال هنن جي چنبي مان آزاد ٿي ويو آهي ته اهي بينگال جي وجود کان انڪاري پيا ٿين.“

• اهي جيڪي اڄ بنگلاديش نامنظور جا نعرا هڻي رهيا آهن. انهن جو وڏو ڪارڻ بهاري آهن. چاڪاڻ جو جيستائين بنگلاديش کي تسليم ڪونه ڪبو، اُتي جا بهاري پاڪستاني سڏبا ۽ پاڪستاني هئڻ جي ناتي انهن کي ڪوبه پاڪستان ۾ اچڻ کان روڪي نٿو سگهي. اهي چاهن ٿا ته جنهن ڏينهن بنگلاديش تسليم ٿي ويو، بهارين جو اچڻ بند ٿي ويندو. چاڪاڻ ته پوءِ بهاري هڪ الڳ ۽ خودمختيار ملڪ جا باشندا هوندا ۽ هڪ ملڪ جا باشندا ٻئي ملڪ ۾ ايئن آساني سان نه اچي سگهندا. بهاري اهي خوني ۽ قاتل آهن، جن جا هٿ بيگناهه بينگالين جي رت سان رنگيل آهن.

مودودي جماعت جا چاڙتا بهارين کي پاڪستان ۾ درآمد ڪرڻ ٿا گهرن ته جيئن پاڪستان جي اصلي ۽ غريب عوام جو خون ناحق ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. جيئن سندن استحصالي قوت وڌي."

طارق اشرف جي انهي ايڊيٽوريل جي روشني ۾ اڄ ايم ـ ڪيو ـ ايم ۽ مذهبي جماعتن پاران "بهارين کي گهرائڻ" جي مطالبن کي ڏسنداسين ته مٿين صورتحال ۾ ذرو به فرق نه ايندو.

طارق اشرف کي "اظهار جي آزادي" جي ڏوهه ۾ ٻه ڀيرا جيل ۾ وڌو ويو. پهريون ڀيرو ۱۹۷۵ع ۾ جيڪو عرصو ڀاويهن مهينن تي محيط هو. اهو جيل وارو عرصو پڻ طارق جو لکڻ جي حوالي سان سجايو ويو. جيل ۾ پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جهڙوڪ: ڀاويهه مهينا جيل ۾ (ٻه ڀاڱا)، جيل گهاريم جن سين، اڌ ملاقات، ميرو ڏاڙيل (جيڪو هڪ ڏاڙيل مير محمد لانگاهه جي حياتي جو احوال آهي).

ٻيو ڀيرو طارق اشرف کي ۱۹۸۳ع ۾ گرفتار ڪيو ويو. اهو جيل وارو عرصو ٽن مهينن تي ٻڌل هو، جنهن طارق اشرف کان "هٿين هٿ ڪڙول" (جيل جي ڊائري) لکرايو.

مٿين رسالي ۽ ڪتابن کان سواءِ طارق اشرف ۱۹۷۸-۷۹ع ۾ تخليق پبليڪيشن جي سري سان به ڪجهه ڪتاب "چڱو ادب". "سهيوڳي ادب" وغيره ڪتابي سلسلا ترتيب ڏنا. تنهن کان سواءِ ڪجهه ٻيا ڪتاب پڻ ترتيب ڏنا، جهڙوڪ: چونڊ ڪهاڻيون، انٽرويو ۽ هڪ ڪتاب "بنگال ۾ هڪ اجنبي" ترجمو پڻ ڪيائين، وغيره شامل آهن.

طارق اشرف ۽ سهڻي جو ڪردار سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت واارري ٿو ۽ اهو نه رڳو هڪ ڏار ڪتاب جي تقاضا ٿو ڪري، پر سهڻي جي ٻنهي دورن جي ايڊيٽوريلن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي گهرج آهي. جيئن انهي دور جي سنڌ ۽ ملڪي حالتن تي ڪير لکڻ چاهي ته کين گهربل مواد هڪ هنڌ گڏ ٿي ملي. ●

# علي احمد بروهي

سنڌي ادب ۾ علي احمد بروهيءَ جي سُڃاڻپ نہ رڳو هڪ ڪالم نگار جي آهي، پر هو هڪئي وقت ڪهاڻيڪار، صحافي ۽ محقق جي حيثيت سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي مزاحيہ ادب ۾ علي احمد بروهي جي ڪهاڻين جو سدائين چرچو رهيو آهي.

## سوانح:

علي احمد بروهي ١١ نومبر ١٩٢٠ع ۾ ڳوٺ ڪنيڙا، تعلقو اوٻاڙو، ضلع گهوٽڪي ۾ جنم ورتو. سندس والد ڪريم بخش بروهي پهرين ڪئنال آبدار ٿيو ۽ پوءِ پوليس کاتي ۾ جمعدار ڀرتي ٿيو. بروهي صاحب شروعاتي تعليم ”گرو نانڪ اڪيڊمي، ڳڙهي ياسين“ ۾ ورتي، ۽ ١٩٢٧ع ۾ پنجين درجي ۾ داخل ٿيو ۽ اُتان ئي مئٽرڪ پاس ڪيائين.

علي احمد بروهيءَ شروعاتي طور سونارڪي ڪم سان گڏ، ڊڪٽائڪي ڪار، طباعت ۽ سيڏي سامان جو دوڪان هلايو. اڳتي هلي پاڻ ١٩٤٠ع ۾ نيويءَ ۾ ڀرتي ٿيو. تنهن کان پوءِ مختلف کاتن ۾ نوڪري ڪيائين. ڪسٽم ۾ ڪلارڪ ٿيو. ماستري ڪيائين. تنهن کان پوءِ انفارميشن کاتي ”خيرپور رياست“ ۾ انفارميشن آفيسر ٿيو. اڳتي هلي، ائين مختلف هنڌن تي نوڪري ڪندو ڊائريڪٽر پبليڪ رليشنز ٿيو ۽ سنڌ ليول تي انفرميشن جو سربراهہ ٿيو. ١٩٧١ع ۾ ڪيس ذوالفقار علي ڀٽي، چوڏهن سؤ سنڌي آفيسرن سان گڏ لاهي ڇڏيو. اڳتي هلي ”شيخ سلطان ٽرسٽ“ ڪراچي جي ڊپٽي ايڊمنسٽريشن جي عهدي تي بہ رهيو.

## ادبي زندگي:

هڪ انٽرويو ۾ علي احمد بروهي پنهنجي ادبي سفر جي وارتا بيان

ڪندي چيو:

"١٩٢٧ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ پنجين درجي ۾ داخل ٿيس. ان وقت جيڪي سنڌي رسالا نڪرندا هئا سي پڙهندو هئس ۽ لکڻ شروع ڪيم. شروعات ۾ مون ترجمو ڪيو ۽ گهڻو پوءِ تحقيقي ۽ تخليقي ادب لکڻ شروع ڪيم. تنڍپڻ ۾ شروعات ادبي لحاظ کان بلڪل ونڊر خاطر ڪيم."

علي احمد بروهي پنهنجي ڀهرين ڪهاڻي انهيءَ ئي دور ۾ لکي ۽ سندس ئي لفظن ۾ ته:

"انهن اوائلي دور جي اڪثر افسانن ۾ جيڪڏهن لفظي ترجمو نه سهي، تڏهن به سندن مرڪزي خيال ضرور اڌارو ورتل آهي. ڏهاڪو سال لاڳيتو مشق ڪرڻ بعد ڪي قدر لس لکڻ لڳم. ليڪن تڏهن به لکڻ جي اسٽائيل انهن استادن واري پرائي اٿم، جن جي ترجمي ڪرڻ سان الله توهار ڪئي هيم."

علي احمد بروهي جي ٻين افسانن کان سواءِ طنز و مزاح وارا افسانن کي سٺي پذيرائي ملي، انهن افسانن ۾ "عثمان حجم جو روزو رکڻ، "عثمان حجم جو ڏند ڪڍائڻ، "عدو موچيءَ جو راڳ سکڻ"، "عدوءَ موچي جو حڪيم تي قسمت آزمائڻ" ـ سنڌي ادب جي يادگار افسانن ۾ ڳڻيا وڃن ٿا.

علي احمد بروهيءَ جي ڪن مزاحيه افسانن ۽ انهن جي ڪردار نگاري تي وڏاءُ جو الزام پڻ هنيو ويو هو. جنهن جي جواب ۾ پاڻ هڪ هنڌ لکيو اٿن:

"منهنجي مزاحيه لکڻ متعلق اڪثر هي الزام مڙهيو ويندو آهي ته مضمون جي عبارت، عمارت ۽ اڏاوت ۾ "وڏاءُ" کان گهڻو ڪم ٿو وٺان، جو بهتان نه پر حقيقت آهي. ليڪن سوال هي آهي ته ماسوا وڏاءُ جي، ٻيو ڪهڙو بي ضرر طريقو آهي، جنهن ذريعي ڪنهن ڪهاڻي يا افساني جي صورتحال کي سلوڻو ۽ کلڻهاب بنائي سگهجي؟ ڇا ڪنهن جي عيب جوئي ڪرڻ يا ڪنهن جي ڪم بختيءَ تي ڪڇيون هڻندي لکڻ يا کلائڻ کي مزاحيه ادب سڏي سگهجي ٿو؟"

ڪهاڻين کان سواءِ علي احمد بروهي اخباري ڪالم پڻ لکيا. جن جو تعداد پڻ سون ۾ آهي. اهڙن ڪالمن جا چار ڪتاب: (۱) چامر چاموٺ چامڙا، (۲) واٽ ويندي، (۳) سڌن متي سڌڙا، (۴) ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙيون" ڇپيل آهن.

علي احمد بروهي جي انهن ڪالمن جي حوالي سان نامور ليکڪ سراج "واٽ ويندي" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"بولي ۽ ڏات (۽ ڏانءُ) هن جي لکڻ واري شخصيت کي چڻ مهميز ڏيئي ٿي ڇڏي ۽ هو جڏهن لکڻ ٿو ويهي ته سمورا بند ٽُٽي ٿا پون، سموريون مصلحتون اڏامي ٿيون وڃن ۽ نج سچ ۽ نبار سچائيون. اهي سچائيون اسان جي تاريخ جو هڪ اهڙو حصو بنجي ويون آهن، جن کان لنوائڻ محال آهي، جڏهن به سنڌي صحافت ۾ هن طرح جا ڪالم لکيا ويندا، تڏهن اونداهي سرنگهه جي هن پاسي روشني جو هڪ ڪرڻو نظر اچڻ لڳندو."

متين ڪتابن کان سواءِ علي احمد بروهي جي ٻين ڪتابن ۾: ڪک پن، لاهوتي لڏي ويا ۽ Sun God The Temple شامل آهن.

علي احمد بروهي زندگيءَ جي ڳهٽين لاهين ۽ چاڙهين مان اُڪري پار پيو. جيئن متي لکيو اٿم ته هو، انڊين نيويءَ ۾ وڃي ڀرتي ٿيو، جتي هو وائرليس ٽيلي گرافسٽ ٿيو. اتي ۱۹۴٦ع واري گڏيل هندستان جي ساموندي فوج واري بغاوت جي مهندارن منجهان هو. اها بغاوت ۱۷ فيبروري ۱۹۴٦ع ۾ بمبئي ۾ شروع ٿي ۽ پوءِ سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويئي. بغاوت وقت بروهي بمبئي جي ايڇ - ايم - ايس تلوار ۾ وائرليس جو انسٽرڪٽر هو. هڙتالي ڪاميٽي جي ميمبرن جي باقاعده چونڊ ٿي، جنهن ۾ علي احمد بروهيءَ کي چونڊيو ويو ۽ ڪيس بغاوت جي مرڪزي آفيس جو انچارج مقرر ڪيو ويو.

انهيءَ بغاوت جو ذڪر ڪندي بروهي چوي ٿو:

"بغاوت جي دوران اسان جون چوٽي جي پايه وارن اڳواڻن سان ملاقاتون ٿيون. مهاتما گانڌيءَ اسان کي سخت گهٽ وڌ ڳالهايو. هن اسان کي چيو ته اسان سندس سموري ڪمائي تي پاڻي ڦيري ڇڏيو هيو. ڇاڪاڻ ته اسان اهنسا کان ڪم نه ورتو. اسان ڪيس

ٻڌايو تہ اسان جي سڄي سڪيا ماڻهن ڪي مارڻ يا ڀاڄ مارڻ تائين محدود هئي. ان ڪري اهنسا جو تہ ڪو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. ڪيس هي بہ ٻڌايوسين تہ گل ڦل نچاور ڪرڻ سان انگريز هتان هرگز نہ لڏيندو. اهڙي طرح قائد اعظم ۽ مولانا آزاد سان بہ اسان جا ساٿي ڪلڪتي ۽ دهليءَ ۾ مليا، جن اسان سان همدردي ڏيکاري ۽ حمايت ۾ بيان بہ شايع ڪيا، پر سوشلسٽ پارٽي جي سيني ليڊرن اسان سان پورو پورو ساٿ ڏنو ۽ نباهيو."

انهيءَ بغاوت انگريزن جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا. هو ٻي جنگ عظيم ۾ اڳ ئي ايترو تہ ڪمزور ٿي ويا هئا، جو منجهن باقي دم نہ رهيو هو. بغاوت جي چوٿين ڏينهن انگليند جي وزير أعظم اٽلي "پارليامينٽ" ۾ اعلان ڪيو تہ انگريزن هندستان جي حڪومت ديسي ماڻهن جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ ڳالهيون هلائڻ جي لاءِ هڪ اعليٰ سطحي وزارتي وفد هندستان روانو ڪيو ٿو وڃي. بروهي جي لفظن ۾ تہ:

"هندستان ۽ پاڪستان کي آزادي ملڻ جو اصلي ڪارڻ نيويءَ جي بغاوت آهي."

بغاوت جي خاتمي کان پوءِ، مک مهندار هئڻ جي ڪري، مٿس ٻين ساٿين سان گڏ ڪيس هلايو ويو ۽ ڦاسي جي سزا آيس. پر پوءِ اها قيد جي سزا ۾ تبديل ڪئي ويئي ۽ ارڙهن مهينا قيد ڪاٽڻ کان پوءِ آزاد ڪيو ويو. اها بغاوت تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ باب آهي، پر افسوس جو پاڪستان ۾ انهي تي ڪو گهڻو ناهي لکيو ويو.

علي احمد بروهي صحافت جي پيشي سان بہ ڪافي عرصو لاڳاپيل رهيو. پهرين هو "انقلاب" اخبار سکر جو مئنيجر ٿيو. "صداءِ سنڌ" ۽ "قرباني" ڪراچي جو ايڊيٽر ٿيو. روزاني "هلال پاڪستان" جو ايڊيٽر پڻ رهيو.

علي احمد بروهي ڳالهين جو ڳهير ۽ يار ويس ماڻهو هو. جيڪو بہ سندس ڪچهريءَ ۾ ويٺو، سو متاثر ٿي اُٿيو. مشهور ليکڪ مئڊم ائسٽيلي هولٽ، ايشيائي ملڪن جي سياحت تي آئي تہ هتي سنڌ ۾ سندس ملاقات علي احمد بروهي سان ٿي، جنهن جو تفصيلي ذڪر هن پنهنجي ڪتاب Asia and I ۾ ڪيو آهي ۽ هوءَ بروهي کان متاثر نظر آئي.

ان کان سواءِ جڳ مشهور نوبل انعام يافته ليکڪ وي ايس نائيپال پنهنجي ڪتاب Among the Believers ۾ به علي احمد بروهي سان پنهنجي ڪچهرين جو سربستي احوال سان گڏ سنڌ جي تاريخ تي پڻ بحث ڪيو آهي. خاص ڪري چچ کان وٺي عربن جي فتح تائين واري دور جي باري ۾. انهيءَ ڪتاب تي پاڪستان جي اردو اخبارن ڪافي عرصو چوٽ چنديا.

علي احمد بروهيءَ ٣٠ نومبر ٢٠٠٣ع تي وفات ڪئي، کيس ڪراچي جي "عبدالله شاهه غازي" قبرستان ۾ دفنايو ويو. ●

# عبدالواحد آريسر

سنڌي ادب ۽ قومي سياست ۾ عبدالواحد آريسر جو نالو هڪ منفرد سڃاڻپ جو حامل آهي، مسڪين ۽ سپاجهو تري ماڻهو، جنهن وٽ آدرشن، اُمنگن ۽ جدوجهد جي طويل ڪهاڻي کان سواءِ ٻي ڪابه مايا ڪونهي.

## سوانح:

عبدالواحد آريسر ١١ آڪٽوبر ١٩٤٩ع تي ڳوٺ وائوڙي، تعلقي عمر ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد بزرگوار جو نالو "جادو آريسر" هو. عبدالواحد ١٩٥٨ع ۾ پرائمري اسڪول 'ڳوٺ ساپو' ۾ داخل ٿيو. پر اهو به مائٽن جي مرضي کان سواءِ. هو اسڪول جي ذهين ترين شاگردن ۾ ليکبو هو ۽ انهيءَ اسڪول جي سڄي تاريخ ۾ عبدالواحد آريسر پهريون شاگرد هو، جنهن ٻه دفعا "ڊبل پروموشن" ۾ ڪلاس پاس ڪيا. آريسر کي پڙهڻ جو ايترو شوق هوندو هو، جو نصابي ڪتابن کان سواءِ، غير درسي ڪتاب به وڏي شوق سان پڙهندو هو. انهيءَ عمر ۾ هو محمد عثمان ڏيپلائي جا افسانا ۽ ناول پڙهڻ سان گڏ، مولانا ابوالڪلام آزاد جا به ڪتاب "انسانيت موت ڪي دروازي پر" ۽ "نبي اور يارانِ نبي ڪي آخري لمحات" به وڏي شوق سان پڙهيا ۽ انهن ڪتابن جي لکڻ جي اسٽائيل کان ايترو ته متاثر ٿيو، جو سڄي عمر جي لاءِ مولانا ابوالڪلام آزاد جو شيدائي بڻجي ويو.

عبدالواحد آريسر، ڇهه درجا پاس ڪري، پوءِ فائينل جو امتحان ڏيڻ جو ارادو ڪيو. پر ايوب خان فائينل جو امتحان ختم ڪري ڇڏيو. ايئن سندس فائينل جو امتحان پاس ڪري، ماستر ٿيڻ جو خواب اڻپورو رهجي ويو. غربت جي ڪري انگريزي اسڪول ۾ داخلا وٺي نه سگهيو ۽ ديني تعليم جي حاصلات لاءِ "پيندي شريف" جي مدرسي ۾ داخلا ورتائين. اتي هن ديني تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ پنهنجي ذهني خوراڪ واسطي مدرسي

جي لئبرري مان ڪتاب ڪٺي خوب مطالعو ڪيو. پر ڪجهه وقت کان پوءِ ١٩٦٥ع ڌاري ڪيس ڪجهه ٻين شاگردن سان گڏ، هڙتال ڪرڻ جي ڏوهه ۾ مدرسي مان ڪڍيو ويو. تنهن کان پوءِ پاڻ "سجاول" ضلعي ٺٽي جي مدرسي "الهاشميه" ۾ داخلا ورتائين، جيڪو مرحوم سيد عبدالرحيم شاهه سجاوليءَ جو برپا ڪيل هو. پر ڪجهه وقت کان پوءِ ڪيس پنهنجي باغيانه خيالن جي ڪري اُتان پڻ رسٽيڪيٽ ڪيو ويو، انهي جو سبب هي هو ته ١٩٦٥ع جي پاڪ - هند جنگ جي دوران مدرسي جي استادن مدرسي ۾ هڪ جلسو ڪوٺايو، جنهن ۾ استادن، شاگردن کي پاڪ فوج ۾ رضاڪار طور ڀرتي ٿيڻ جي تلقين ڪئي ۽ جنگ کي جهاد جو نالو ڏنو ويو، پر عبدالواحد آريسر پنهنجي مطالعي جي آڌار تي سمجهيو ته اها جنگ جهاد نه پر "سپر پاورس" جي پاليٽڪس جو نتيجو آهي. هن جنگ ۾ رضاڪارانه طور ڀرتي ٿيڻ ۽ جنگ کي "جهاد" جو نالو ڏيڻ جي مخالفت ڪئي. اتي تقرير ڪندي پاڻ چيائين: "هيءَ جنگ اڳتي هلي، ڪنهن سپر پاور جي چوڻ تي بند ٿي ويندي ۽ اسين "جهاد" جي نالي ۾ رسول الله ﷺ جن جي حڪم جا تابعدار نه پر آمريڪا ۽ روس جا تابع ٿي وينداسين."

سجاول واري مدرسي مان نڪرڻ کان پوءِ، تعلقي ڏگهڙي جي ڳوٺ "ڪنگوري نوحاڻي" ۾ اچي داخلا ورتائين. انهي مدرسي جي هڪ سُٺي خوبي اها هئي ته اُتي هڪ شاندار لئبرري هئي، جنهن ۾ اردو، سنڌي، عربي ۽ فارسي ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو. تنهن ڪري عبدالواحد آريسر دل کولي پڙهيو. تنهن کان سواءِ اتي جي هڪ دوست وٽ جديد سنڌي ادب ايندو هو. جيڪو هو ڪاٺس اُڌارو وٺي پڙهندو هو. ائين آريسر جي خيالن ۾ پختگي ايندي ويئي.

## لکڻ جي شروعات:

عبدالواحد آريسر پنهنجو پهريون مضمون مذهبي جذبن جي اظهار لاءِ لکيو. جنهن جو عنوان "ربيع الاول جو چنڊ" هو، جيڪو ميرپور خاص مان نڪرندڙ هڪ هفتيوار اخبار "همدرد" ۾ ڇپيو. سندس ٻيو مضمون "بادل" رسالي ۾ ڇپيو. انهيءَ دوران پاڻ هڪ ناول "عجيب زندگي" پڻ لکيائين ۽ هڪ پبلشر کي ڇپجڻ جي لاءِ موڪليائين، جيڪو ڇپجي نه سگهيو ۽ گم ٿي ويو. ان وقت اهي مضمون "عبدالواحد آهه" جي نالي سان ڇپيا هئا.

تنهن کان پوءِ آريسر ڪجهه ڪهاڻيون ۽ هڪ ڊرامو ”هو جي ويا ڪالهه“ پڻ لکيو.

ڪجهه وقت کان پوءِ، پنهنجي جذبن جي اظهار واسطي ١٩٧٢ع ۾ پنهنجو رسالو ”پيغام“ جي نالي سان ڪڍيو. رسالي کي جيتوڻيڪ ڪنهن جماعت جي مدد حاصل نه هئي، پر پوءِ اهو رسالو گهڻو ڪامياب ويو. ان وقت نڪرندڙ سنڌي رسالن ۾ ”روح رهاڻ“ بند ٿي چڪو هو. باقي ٻيا جيڪا رسالا نڪرندا هئا انهن ۾ طارق اشرف جو ”سهڻي“ مدد علي سنڌي جو ”اڳتي قدم“، ”عبدالغفور ميمڻ جو ”ملير ڊائجسٽ“ ۽ ”تحريڪ“ رسالو جنهن جو ايڊيٽر ”پٽر سنڌي“ هو ۽ اهو ”سنڌي عوامي تحريڪ“ جو ترجمان رسالو هو.

عبدالواحد آريسر جي ادارت ۾ نڪرندڙ ”پيغام“ ١٩٧٣ع تائين هليو. ”پيغام“ رسالو سنڌ ۾ قوم پرست فڪر جو ترجمان چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، ڇو ته آريسر جي ان وقت جماعتي وابستگيءَ ”جيئي سنڌ تحريڪ“ سان ٿي چڪي هئي. پاڻ محترم جي - ايم - سيد کان ڪافي متاثر ٿيا. جنهن سان سندس ١٩٦٨ع ۾ ملاقات ٿي ۽ اها وابستگي اڄ تائين هلندي پئي اچي. اڳتي هلي جڏهن ”جيئي سنڌ محاذ“، ۽ جي ايم سيد جي وفات کان پوءِ ”جيئي سنڌ قومي محاذ“ ٺهيو ته پاڻ انهن جو ٻهريون چيئرمين ۽ اڳتي هلي جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. ١٩٧٣ع ۾ گرفتاري جا وارنٽ نڪرڻ جي ڪري، ڪيس ”پيغام“ رسالو بند ڪرڻو پيو. ڪيس ١٩٧٦ع ۾ گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويو. جتان وري ١٩٧٧ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ آزادي مليس. ڪيس ٻيو ڀيرو ١٩٧٩ع ۾ جنرل ضياءُالحق جي مارشل لا ۾ گرفتار ڪري هڪ سال قيد، ڏهن ڦٽڪن ۽ ڏهن هزار روپين جي ڏنڊ جي سزا ڏني ويئي. عبدالواحد آريسر کي ١١ فيبروري ١٩٨١ع تي ڦٽڪا هنيا ويا. سزا پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪيس جولاءِ ١٩٨١ع ۾ آزاد ڪيو ويو. عبدالواحد آريسر کي ٽيون ڀيرو ١٩٩٢ ع ۾ گرفتار ڪيو ويو.

”پيغام“ رسالي جو ذڪر ڪندي عبدالواحد آريسر هڪ هنڌ لکيو آهي:

”رسالي ۾ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کان وڌيڪ سياسي ۽ تاريخي

مضمون هوندا هئا. جيڪي آئون پاڻ مختلف نالن سان لکندو ۽ ترجمو ڪندو هوس. انهيءَ ڪري شاعري ۽ ڪهاڻين جي سلسلي ۾ جيڪو مواد ايندو هو، اهو آئون نياز همايونيءَ جي مشوري سان بنا رک رکاءُ جي ڇپي ڇڏيندو هوس."

عبدالواحد آريسر پنهنجي مصروف سياسي زندگي سان گڏ، ڪڏهن به پنهنجي قلم کي نه روڪيو. سندس قلم سنڌي ادب کي نثر جا ڪيترائي شاندار ڪتاب ڏنا آهن. انهن مان ڪن ڪتابن ۾ ته آريسر جو نثر ڪنهن خوبصورت دوشيزه جي نرت جيان نچندو ٿو نظر اچي، تنهن کان سواءِ آريسر جون جيل ڊائريون، سياسي ۽ سماجي مضمون، سنڌ جي سياسي صورتحال جو سنئو تجزيو ڏئي ٿا ڪن ۽ قومي تحريڪ جو اهم رڪارڊ آهن.

البت، هتي اهو فيصلو مشڪل آهي ته عبدالواحد آريسر کي ليکڪن جي ڳڻپ ۾ شمار ڪجي يا سياستدانن جي. ڇاڪاڻ ته هو هڪئي وقت ٻنهي ميدانن جو شهه سوار رهيو آهي.

عبدالواحد آريسر جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن:

جي - ايم - سيد، روح جا ريلا، مٽي هاڻا ماڻهو (فرانز فينن جي ڪتاب جو ترجمو)، ماڻهو ميگهه ملهار، چانڊوڪيون ۽ ڇيت، سنڌي سماج جو جائزو، مجيب ۽ ڀٽو، قومي تحريڪ، قومي تحريڪ ۾ رڪاوٽون، ترم ياترا، ماڙين ماريس ڪينڪي، اسان جيئڻ جيئي ڪو، وريا واهرو، ڳچي ڳانا لوهه ۾، تقريرون، سر جي صدا سُر ۾، پرهه جو پيغام وغيره شامل آهن. ●

# علي بابا

نثار حسيني، علي بابا جي ڪهاڻي ڪتاب "ڏرتيءَ ڏڪاڻا" ۾ لکي ٿو:

"علي بابا، سنڌي ساهت جو اهو اڻٽڪ، اربيلو ۽ مست الست ليکڪ آهي، جيڪو جڳن کان ڪارونجهر کان ڪينجهر تائين، ڪيٽي کان ڪشمور تائين، موهن کان سون مياڻيءَ تائين ۽ ڪيرٿر کان ڪاري تائين سنڌ جي اتهاس کي ڪيڙيندو رهيو آهي."

## سوانح:

علي محمد ولد محمد رمضان بلوچ ۱۹۴۰ع ڌاري ڪوٽڙي ضلع دادوءَ ۾ جنم ورتو. علي محمد اڳتي هلي "علي بابا" جي نالي سان مشهور ٿيو. علي بابا جو واسطو روايتي رند قبيلي سان آهي، جيڪو پنهنجي مشهور قومي سردار مير چاڪر خان رند جي حوالي سان مشهور آهي. علي بابا جا وڏڙا، اوڻيهين صدي ۾، بلوچستان مان لڏي اچي سيوهڻ ۾ ويٺا. علي بابا جو پيءُ محمد رمضان ريلوي ۾ شنٽنگ پائلٽ هو.

علي بابا پرائمري تعليم نانگو لائين، ميونسپل اسڪول، ڪوٽڙي ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ شيردل خان ميونسپل هاءِ اسڪول ڪوٽڙي ۾ داخل ٿيو. پاڻ جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي رهيو هو ته امتحان هال ۾ هڪ چوڪر کي پوندو ڏيڻ تي هڪ استاد کيس امتحان هال مان ڪڍي ڇڏيو. علي بابا پوءِ وري اسڪول جو منهن نه ڏٺو.

علي بابا پهرين ريلوي کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڀرتي ٿيو. اُتي هن ستن سالن تائين ڪم ڪيو. تنهن کان پوءِ علي بابا هڪ ٽيڪسٽائيل مل ۾ اسسٽنٽ مئنيجر تي ڪم ڪيو. ۱۹۶۵ع کان پوءِ نوڪرين جي انهن

جهنجهٽن کان آجو ٿي لکڻ پڙهڻ کي لڳو ۽ لکڻ ئي علي بابا جي گذر سفر جو وسيلو بنجي ويو.

انهيءَ دؤر (١٩٦٥ع) ڌاري علي بابا لکڻ شروع ڪيو. سندس شروعاتي ڪهاڻيون شمشيرالحيدري "نئين زندگي" رسالي ۾ ڇپيون. علي بابا لکڻ جي حوالي سان ملندڙ اُتساهه جو ذڪر ڪندي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو:

"منهنجي ننڍپڻ جي ماحول ۾ ڪوڙ شيون هيون، منهنجو طبيعت جو لاڙو به هو. ڪتاب به هئا. ڏاڍا سٺا ڪتاب هوندا هئا. ٻارن جي لاءِ باتصوير سوشلسٽ ڪتاب ايندا هئا، جنهن ۾ ڊيڪاريل هوندو هو ته ڪيئن نه هڪ غريب گهر ۾، هڪ انگريز ڪتنب ماني جي ميز تي ويٺل آهي. ۽ ڪاٺ جي ان غريبائي ميز تي ويٺل آهي ۽ ڪاٺ جي اڻ غريبائي ميز تي انهن جي حصي ۾ گدري جون اٽپوريون ڦارون آهن. ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. انهن ڪتابن جو به منهنجي تربيت ۾ هٿ آهي. پر مان سمجهان ٿو ته اسان جي ڳوٺ (ڪوٽڙي) ۾، اسان جو هڪڙو مائٽ، سٺن سٺن ڏينهن جي لمبي ڪٿا ڪٿندو هو. اهو شخص پنهنجي خوبصورت انداز ۾ ڳالهه ڪٿندو هو، سيف الملوڪ جي، حاتم طائي يا شهزادي، شهزادن ۽ پرين جي ۽ اها ٿي ٿي ڏينهن يا ڇهه ڇهه ڏينهن هلندي هئي. پر ان جي ڳالهه ڪٿڻ جو انداز ايترو ته سهڻو هوندو هو، جو اسان جي اکين اڳيان فلم هلندي هئي ۽ پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين ان ڳالهه جا ڪردار اسان جي خوابن جا مهمان ٿي رهندا هئا."

علي بابا ننڍي وهي ۾ ئي لکڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ انهي وقت هو جيڪو ڪجهه لکندو هو، تنهن جو ڪو واضح تصور وٽس نه هو ۽ لکي پنا ڦاڙي ڇڏيندو هو، پر اڳتي هلي انهي شوق ئي کيس باقاعده لکاري بنائي ڇڏيو.

علي بابا، سنڌي ٻولي جو اهو پورهيت اديب آهي، جنهن پنهنجي قلم کي مڪمل سچائي سان لکڻ ۾ مصروف رکيو. هن پنهنجي قلم مان لڳ ڀڳ ٽن سئون کان به وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون. ٽيلي ڊراما لکيا، ريڊيو لاءِ ڊراما ۽ گيتن ڀريون ڪهاڻيون لکيون. فلم اسٽوريون لکيون، اسٽيج ڊراما لکيا.

علي بابا هڪ سٺو ڪان بہ وڌيڪ ٽي وي ڊرامہ ۽ سيريل لکيون جن مان هڪ ڊرامي ”دنگيءَ منجهہ دريا“ (١٩٧٦ع ۾) کي ميونخ جي عالمي ميلي ۾ ٽيون نمبر بهترين ڊرامو قرار ڏيئي ”ايوارڊ“ سان نوازيو ويو. انهيءَ ميلي ۾ دنيا جي ٩٧ ملڪن حصو ورتو. انهي کان سواءِ علي بابا جي ٻين بہ ڪيترن ئي ڊرامن شهرت حاصل ڪئي. مختا ايوارڊ کٽيا. علي بابا جي ٻين مشهور ڊرامن ۾ ٻاليشاهي، موکي متارا، مومل راڻو، هوشو شيدي، رقص حيات (اهو موهن جي دڙي جي ناچڻي ۽ زندگي بابت هو) وغيره شامل آهن.

علي بابا، شوڪت شوري ۽ عبدالقادر جوڻيجي سان گڏجي ڪجهہ ڪتابي سلسلا پڻ ايڊٽ ڪيا.

علي بابا جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ١٩٨٣ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ علي بابا جون ارڙهن ڪهاڻيون شامل هيون. ڪتاب تي لکيل مهاڳ نما مضمون ۾ نصير مرزا لکي ٿو:

> ”پهرين ڪهاڻي کان آخري ڪهاڻي تائين، سنڌي ڪهاڻيءَ جي ارتقا جو ساٿ ڏيندي، مسلسل نئون علي بابا جنم وٺندو رهيو آهي. موضوع جي لحاظ کان سندس ڪهاڻي ”فور فيسڊ“ رهي آهي. سماجي، سياسي، تاريخي ۽ هاڻي داخلي، سماجي ۽ سياسي ريفرنس سان لکيل ڪهاڻين ۾ هن سوسائٽي جي اندرين پيچ ڊاهہ کي ڏاڍي ذهانت سان لکيو آهي. سياسي موضوع تي لکيل عليءَ جون اهي ڪهاڻيون جيڪڏهن ڪنهن سياسي پارٽي جي مينيفيسٽو سان ميچ ڪن ٿيون تہ گڊ! نہ تہ سياسي طور تي، توڻي ادب ۾ علي بابا نہ هن پاسي، نہ هُن پاسي!
>
> .... اها حقيقت بہ آهي تہ، علي بابا وٽ اظهار مان ماڊيم طور پنهنجو ڊڪشن ۽ پنهنجو ايڊيم آهي. نواڻ پريو، بلڪل اوريجنل!“

علي بابا جي ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب ”آيل ڙي اولاڻا“ ١٩٨٤ع ۾ ڇپيو ۽ ٽيون ڪتاب ”علي بابا جون ڪهاڻيون“ (ٻاڳو پهريون - ١٩٩٤ع) ۾ ڇپيو. هن ۾ علي بابا جون ڪُل ٥٩ ڪهاڻيون شامل آهن.

علي بابا جو ناول ”موهن جو دڙو“ (حصو پهريون) ١٩٨٥ع ۾ شايع ٿيو. اهو ناول پهرين ماهوار ”روح رهاڻ“ ۽ پوءِ ”نئين زندگي“ ۾ قسطوار ٿي ڇپيو هو.انهيءَ ناول جو ذڪر ڪندي غلام حسين رنگريز لکي ٿو:

"علي بابا سنڌس ناول "موهن جو دڙو" ۾ ذات ۽ ڏانءُ جي بلندين کي ڇهي رهيو آهي. ٻولي کان وٺي منظر نگاري تائين ڪٿي ٻه سنڌس گرفت ڪمزور پوندي محسوس نٿي ٿئي. ڪاش! علي بابا "موهن جو دڙو" جو ٻيو حصو ٻه مڪمل ڪري سگهي. جيڪڏهن اهو ناول مڪمل ٿي وڃي ته هر من هيس جي "سڌارٿا" کان ٻه وڌيڪ مقبوليت ماڻي سگهي ٿو."

علي بابا، "موهن جو دڙو" ناول جو ٻيو حصو مڪمل ڪري چو نه سگهيو آهي. انهي جي جواب ۾ علي بابا هڪ انٽرويو ۾ چيو:

"تون يقين ڪر ته لکڻ جي ڏنڌي ۾ منهنجو ارڪو ترڪو چٽ ٿي ويو. سهڻا گهوڙا هئا، عاليشان بگيون هيون، ٿي گهر هئا، سڀ تباهه ٿي ويا، جو ته مان انهن تي ڌيان نه ڏيندو هوس ۽ نه ئي انهن جي مرمت ڪرايم. جيڪي پئسا هٿ ۾ ايندا هئا ته وڃي ڪتاب خريد ڪندو هوس ۽ ٿي ٿي چار چار ڏينهن سوچيندو هوس ته منهنجو ناول اڳتي ڪيئن وڌي؟ ڪهڙو ڪردار ايندو هاڻي؟ چاڪاڻ ته مان پلان ڪري نه لکندو آهيان نه پئي هاڻي هي آهي، ۽ پوءِ هو ايندو ۽ پوءِ فلاڻو. فلاڻو هوندو ئي ڪونهي. اڳيان بلڪل هڪ پٽ هوندي آهي. ڪابه شئي نظر نه ايندي آهي. اهي سڀ شيون هڪبئي جي مهابي پاڻ ئي تخليق ٿينديون وينديون آهن. پنهنجي وقت سان، جيئن ماڻهو پنهنجي وقت سان ڄمندا ۽ مرندا آهن. جيڪڏهن ان وقت تائين ڪو ڪردار مري چڪو آهي ته مون ناهي ماريو. ضرورتن ۽ حالتن ماريو آهي. مان ته هڪ بي وس تلخيقڪار آهيان، منهنجي هٿ ۾ ڪجهه ڪونهي. مان ته خدا جي ۽ انهن جي رحم ڪرم تي هوندو آهيان."

مٿين ناول کان سواءِ علي بابا، ٻارن لاءِ پڻ هڪ ناول "سنڌباد جو سفر" لکيو آهي. اهو ناول ١٩٩٣ع ۾ ڇپيو. انهي ناول جي لکڻ جي وارتا بيان ڪندي علي بابا مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"مون هي ناول "سنڌبادُ جو سفر" ١٩٩٢ع ۾ لکڻ شروع ڪيو. سچ ته انهي ناول مون کي ڇٺي جي ٿڃ ياد ڏياري ڇڏي. پوءِ بہ مان محسوس ڪريان ٿو ته مان ان ناول سان بلڪل نباهي نه

سگهيو آهيان. ڪٿي ته برابر مون انهي ناول کي هڪ ننڍڙي ٻار جيان لکيو آهي ته، ڪٿي وڏو ماڻهو ٿي ويو آهيان. ڪٿي ٻولي ٻاراڻي آهي ته ڪٿي علي بابا جو قلم هلي ويو آهي. سڄي ناول ۾ مون پاڻ کي وچ ۾ لڙڪندي محسوس ڪيو آهي. ان ڪري اها ڳالهه ٻارڙن تي ٿو ڇڏيان. هو انهي ڳالهه کي ڪيئن ٿا محسوس ڪن. مون ناول ۾ ”سنڌ باد“ سيلاني کي سنڌي ڏيکاريو آهي ۽ ڪوشش ڪئي اٿم ته باقي سڀ ڪردار سنڌ سان تعلق رکندڙ هجن! جيئن هوٽل پري، گوڪل ديوَ، پاراشر رشي، ته جيئن ناول اصلوڪو ۽ سنڌي لڳي. سڄي ناول ۾، مون ڪٿي به ڪردارن هٿان رت وهائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي، حقيقي زندگي ۾ سنڌ ۾ ايترو ته رت وهايو ويو آهي، جو ان جي گنجائش نه رهي آهي.“

علي بابا جي ڪهاڻي جا ڪردار انڌا، گونگا، ٻوڙا نه پر پنهنجو وجود پاڻ مڃائيندڙ، هن ڌرتي جا ڌڻي، اظهار ۽ جرئت جا مالڪ آهن. علي بابا ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، جنهن به صنف کي ڇهيو آهي، انهي کي شاندار ۽ جاندار بنائي ڇڏيو اٿس. اها تخليقي سگهه ئي آهي جيڪا علي بابا جي ذهن ۽ قلم جي ميراث آهي ۽ اها سگهه ۽ ميراث شل سدائين سلامت رهي. ●

# غلام مصطفيٰ قاسمي

ڪن شخصن جي علمي حيثيت ايتري تہ وڏي هوندي آهي جو ڪجهہ صفحن ۾ اُن جي شخصيت ۽ ڪم جو احاطو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي بہ اهڙن شخصن مان هو.

## جنم ۽ تعليم:

غلام مصطفيٰ قاسمي۲۴ جون ۱۹۱٦ع تي لاڙڪاڻي ضلع جي تعلقي ميرو خان جي ڳوٺ رئيس پنهي خان چانڊيي ۾ جنم ورتو. (ڪن هنڌن تي سندس جنم جو سال ۱۹۲۴ع پڻ لکيل آهي). سندس والد صاحب جو نالو حافظ حاجي محمود هو. پاڻ شروعاتي تعليم پنهنجي والد پاران قائم ڪيل ديني مدرسي مان ورتائون. بعد ۾ کين ميرو خان جي عربي مدرسي ۾ موڪليو ويو. جتي پاڻ فارسيءَ جو نصاب مڪمل ڪري، عربي جو گرامر "صرف" شروع ڪيائون. اڳتي هلي انٽر ڪرڻ کان پوءِ پنجاب يونيورسٽيءَ مان عربي جو اعليٰ امتحان Course in Arabic High Profeciency پاس ڪيائون. تنهن کان سواءِ علامہ صاحب اورينٽل ڪاليج فتح پور، دهلي مان طب جي فن ۾ مهارت حاصل ڪري "حڪيم الحڪماء" (فاضل طب) جي سَندَ حاصل ڪئي. علامہ صاحب اعليٰ تعليم ۽ تربيت جي حوالي سان مولانا حافظ علامہ دينپوري کان تصوف جي قادري طريقي ۾ دست بيعت ٿيو.

## عملي زندگي:

قاسمي صاحب پنهنجي عملي زندگي جي شروعات ميرو خان جي سرڪاري اسڪول ۾ عربيءَ جي اُستاد جي حيثيت سان ڪئي. پاڻ دهلي جي هڪ مسجد ۾ ٿوري عرصي جي لاءِ مفتي پڻ ٿي رهيا. تنهن کان سواءِ پاڻ ڪراچي جي ڪڏي ۾ مدرسه "مظهر العلوم" جا شيخ الحديث، سنڌ

مدرسي، ڪراچي ۾ عربيءَ جا اُستاد ۽ سنڌ معلم آرٽس ڪاليج ۾ اسلاميات جا ليڪچرار پڻ رهيا. اڳتي هلي ١٩٦٤ع کان ٢٠٠٢ع تائين شاهه ولي الله اڪيڊمي جا ڊائريڪٽر رهيا. پاڻ سنڌ يونيورسٽي جا اعزازي پروفيسر به رهيا ۽ مختلف مضمونن ۾ ايم فِل ۽ پي - ايچ ڊي لاءِ رهبر هيا. انهن مضمونن ۾ سنڌي، اردو، عربي، فارسي، اسلامي تاريخ، اسلامي ڪلچر، ۽ تقابلي اديان شامل آهن. گڏ ڪيل انگن اکرن موجب علامه صاحب جي نگراني ۾ پي - ايچ - ڊي جا مقالا مڪمل ڪندڙن جو انگ ٦١ آهي.

علامه قاسمي صاحب علم ادب کان هٽي صحافت جي ميدان ۾ پڻ جوهر ڏيکاريا. ڪراچي مان نڪرندڙ "نئين سنڌ" اخبار جا پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ ايڊيٽر پڻ رهيا. پاڻ ان دؤر ۾ جيڪي ايڊيٽوريل لکيا اٿائون، تن مان سنڌ دوستي، سياسي ۽ قومي مسئلن بابت هاڪاري سوچ جي ڀرپور عڪاسي ٿيل نظر اچي ٿي.

اهڙي ئي هڪ ايڊيٽوريل بعنوان "مهاجرن جي سيلاب کي روڪيو وڃي" ۾ لکن ٿا:

> "زبان قومن جي گڏ ڪرڻ جو هڪ وڏو اوزار آهي ۽ ان جي حفاظت ۽ رکپالي ديس ۽ وطن جي هر هڪ باشندي جو اولين فرض آهي. هتي ڪن اردو اديبن، اردو ٻوليءَ لاءِ هيءَ آواز اٿاريو آهي ته پاڪستان معنيٰ اردو. ڪنهن ٻوليءَ بابت اهي غلبو ۽ زيادتي اسين هرگز مڃڻ لاءِ تيار نه آهيون. اسين اردو ٻوليءَ جي اهميت جا انڪاري نه آهيون. مگر ان جي اها ته معنيٰ نه آهي ته صوبن جي اصلي زبان کي بلڪل نظر انداز ڪيو وڃي. انگريز، اسان جي لاءِ جيتوڻيڪ ڌاريان هئا، پر انهن به ائين نه ڪيو؛ جيئن اڄڪلهه اهڙو غلط رجحان پيدا ٿي رهيو آهي ۽ اسانجا ڪي مت جا موڙها، سنڌي اديب انهيءَ غلط رجحان جو شڪار ٿي ڊوڪو ڪائي، اردوءَ کي سنڌ جي پيداوار سڏي رهيا آهن.... (نئين سنڌ ڪراچي ١٨ جولاءِ ١٩٥٣ع)

متينءَ ٽڪري مان علامه صاحب جي، سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جي اهميت ۽ حيثيت جي حوالي سان انومان ظاهر ٿين ٿا.

تنهن کان سواءِ علامه صاحب ١٩٦٤ع کان ٢٠٠٢ تائين "الرحيم"

(اردو ۽ سنڌي) ١٩٧٢ع کان ٢٠٠٢ تائين ""الولي" جا ايڊيٽر پڻ رهيا. ١٩٧٧ع کان وٺي ١٩٨٩ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين پڻ رهيا.

علامہ صاحب جي اها خوش قسمتي هئي تہ پاڻ امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي کان 'معارف القرآن' ۽ 'شاهہ ولي الله جو فلسفو' سکيا. خاص ڪري شاهہ ولي الله جا ڪتاب حجة البالغه، بسطعات، البدور، البازغه، خيرالڪثير ترجمة القرآن وغيره پڙهيائون. پاڻ سنڌ ۾ شاهہ ولي الله جي تعليمات ۽ فڪر جي وڏي اثارٽي ليکبا هئا ۽ شاهہ ولي الله جي فڪر ۽ فلسفي کي عام ڪرڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيائون.

علامہ صاحب، پاڻ کي "قاسمي"، سنڌن دارالعلوم ديوبند جي استاد محمد قاسم نانتوي جي نسب سان سڏائيندا هئا.

هڪ مضمون ۾ علامہ صاحب پنهنجي سياسي، فڪري ۽ ادبي اوسر جي حوالي سان لکي ٿو:

> "پير تراب علي شاهہ راشدي، سنڌ جو هڪ اديب، عالم ۽ وڏو زيرڪ سياستدان هو. اسان جي راشدي ياٿرن بہ پير صاحب کان گهڻو ڪجهہ پرايو. پاڻ کي بہ اهو چڱو موقعو ملي ويو، جو اُتي آياسين، ڪڏهن ڪڏهن تہ علمي ۽ ادبي ڳالهين ۾ ساري رات لنگهي ويندي هئي، ۽ صبح جو بانگ مهل پير صاحب حويلي ۾ هليا ويندا هئا ۽ آءٌ مدرسي ۾ ايندو هئس. شاهہ صاحب، مولانا ابوالڪلام جي تحريڪ جو عاشق هو. مولانا جي اخبارن "الهلال" ۽ "البلاغ" جا فائيل وٽن محفوظ هئا. اهي ڪٽي ڪي خاص مضمون مونکي پڙهي ٻڌائيندا هئا. حضرت اُستاد جي تربيت ۽ پير صاحب تراب علي شاهہ جي ادبي ۽ علمي مجلسن، مون ۾ بہ اخبارن ۽ سنڌي ادب سان وڏو چاهہ پيدا ڪيو. ان سان گڏ انگريز سامراج جي خلاف وطن جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ گهڙي پيس. ان وقت فقط هڪئي ڪانگريس جماعت هئي، جنهن وطن جي آزاديءَ لاءِ جنگ جوٽي هئي. مسلم ليگ عملي ميدان ۾ گهڻو پوءِ آئي. اٽڪل پندرهن سورهن سالن جي عمر ۾ مون کي مقامي ڪانگريس جو پريزيڊنٽ چونڊي ويو. اڳتي هلي ضلع لاڙڪاڻي جو وائيس پريذيڊنٽ ٿيس تہ "ڪاڪو ڪوڏو" مل

پريزيڊنٽ هو ۽ هوندراج دُکايل آزادي جا ترانا ڳائيندو هو. هن عهدي ۾ لاڳاپي ڪري سنڌ جون سنڌي اخبارون مون وٽ اينديون هيون. ان دؤر ۾ ننڍن شهرن مان هڪ هفتيوار سنڌي اخبار "طوفان ميل" باقاعده نڪرندي هئي، جيڪا "مارئي" يا "برسات" جيڏي هوندي هئي منهنجا ان وقت "الوحيد" ۽ ٻين اخبارن ۾ ليک ڇپبا هئا."

ڪانگريس کان سواءِ علامہ صاحب جي سياسي وابستگي جميعت الطلباء ديوبند (سنڌي شاخ) ۽ جمنانريدا سنڌ ساگر پارٽي (١٩٣٩ع) سان پڻ رهي، جنهن جو باني مولانا عبيدالله سنڌي هو.

## علامہ صاحب جون تصنيفون:

تاج جويي پاران، علامہ جي شخصيت ۽ علمي خدمتن جي مڃتا طور مرتب ڪيل ڪتاب "عالمن جو آفتاب" ۾ (جيڪو ڊيمي سائيز جي ٤٣٦ صفحن تي ٻڌل آهي) علامہ صاحب جي تصنيفن، ترجمن، ايڊٽ ڪيل ۽ مقدمہ لکيل ڪتاب جو تعداد ٤٨ ڄاڻايو ويو آهي. تنهن کان سواءِ اٺ ڪتاب اڻ ڇپيل ڄاڻايا ويا آهن. انهن ٤٨ ڪتابن مان ڪن اهم ڪتابن جا نالا هن ريت آهن: مفيد الطلبا في شرح تعريف الاشيا (عربي) جيڪو پاڻ دارالعلوم ديوبند ۾ شاگردي دوران لکيو هئائين، شاهہ جو رسالو (معنيٰ سان)، قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير، مقالات قاسمي، ديني ڪتابن جو ڪئٽلاگ، تمدن عرب (تفسير سورة سبا)، "**سماجي انصاف اور اجتماعيت شاهہ ولي الله کے نظر مين**" وغيره اهم آهن.

مٿين ڪتابن کان سواءِ علامہ صاحب رسالي "الرحيم" جا ڪي خاص نمبر پڻ شايع ڪيا. جن مان ڪي هن ريت آهن: "الحاج سيد عبدالرحيم سجاولي نمبر"، "مولانا عبيدالله سنڌي نمبر"، "عثمان مروندي نمبر"، "پير روضي ڌڻي وارن جي ملفوظات نمبر"، "مشاهير سنڌ نمبر"، "تيرهين صدي جا مشاهير نمبر."

علامہ صاحب مخدوم معين ٺٽوي ۽ محمد هاشم ٺٽوي جو معيار جو عالم هو. پر سندس شخصيت جي سادگي جو اهو عالم هو تہ هو پنهنجي ذات کان ان حد تائين غافل رهيو، جو پنهنجي جنم جو سال ڪڏهن ١٩٢٤ع ۽ ڪڏهن ١٩١٦ع ٻڌائيندو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ مولانا عبيدالله

سنڌي وانگر پنهنجي ذات ڪان وڌيڪ علم کي اهميت ڏني، مولانا سنڌي جي زندگي بہ عجيب هئي. چون ٿا تہ آخر وقت تائين ٻن ڪپڙن (شلوار ۽ قميص) ۾ زندگي گذاريائون، جڏهن سندن وڳو ميرو ٿيندو هو تہ ان جي ڌوئڻ ۽ سُڪڻ تائين هڪ چادر ويڙهي ويهندا هئا. ساڳئي طرح علامہ قاسمي جي زندگي بہ توڪل تي گذري.

سنڌ جي هن جيد عالم ١١ ڊسمبر ٢٠٠٣ع تي وفات ڪئي.

# غلام محمد گرامي

ڪي ماڻهو علم و ادب جو روشن مينار هوندا آهن، جيڪي پري کان ئي پنهنجي روشنيءَ جي ذريعي واٽون پيا ڏسيندا آهن. غلام محمد گرامي مرحوم بہ اهڙن ماڻهن منجهان هو. گرامي صاحب، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمت ۽ فڪر و نظر جي تنوع جي حيثيت سان خاص مقام حاصل ڪيو آهي. پير علي محمد راشديءَ جي لفظن ۾: ”جنهن ٻوليءَ ۾ هن قسم جو قلم آهي، اها ٻولي نہ مرندي!“

غلام محمد گرامي ولد جاڙيو خان بلوچ، ميهڙ ضلع دادو ۾ ۳۰ سيپٽمبر ۱۹۲۰ع تي جنم ورتو. شروعات ۾ مدرسن ۾ پڙهيو، پر گهڻو ڪجهہ ذاتي مطالعي، تجسس، عالمن، اديبن ۽ بزرگن جي صحبت مان حاصل ڪيائين. پاڻ ۱۹۴۳ع ۾ حيدرآباد آيو ۽ پوءِ هميشه جي لاءِ حيدرآباد ۾ رهي پيو. پهريائين سيد علي اڪبر شاهہ ميهڙ واري جي تحريڪ تي ”جامع عربيه“ ۾ استاد ٿي رهيو. ان کان پوءِ ۱۹۵۱ع کان ۱۹۵۳ع تائين ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ فارسي جو استاد ٿي رهيو.

صحافت جي شروعات ۱۹۴۳ع کان ڪيائين. ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر ٿي رهيو، جهڙوڪ: ”شاعر“ ”الزمان“ هالا، ”پاسبان“ هالا، ”آفتاب“ ڪراچي، ”عرفان لطيف“ حيدرآباد، ”ترجمان“ ميرپورخاص، ڪن اخبارن ۾ ڪالم ۽ مضمون بہ لکيائين. جهڙوڪ: هلال پاڪستان حيدرآباد، عبرت حيدرآباد، وغيره. پاڻ ۱۹۵۵ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ آيو. ۽ رسالي ”مهراڻ“ جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو ۽ ۱۹۵۸ع کان وٺي زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين ”سه ماهي مهراڻ“ جو ايڊيٽر رهيو. پاڻ سڄي عمر ادب ۽ صحافت سان لاڳاپيل رهيو ۽ پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاريندو رهيو. حقيقت ۾ جتي پاڻ ”مهراڻ“ رسالي کي پنهنجي قلم جي جوهر وسيلي اهم ادبي ۽

تحقيقي پرچو بنائي ڇڏيائين، اتي مهراڻ ۽ گرامي صاحب لازم ۽ ملزوم هئا.
گرامي صاحب انيڪ خوبين جو مالڪ هو. هو عالم بہ هو تہ دانشور بہ هو. شاعر بہ هو تہ اديب بہ هو، صحافي هو تہ نقاد پڻ هو. اسلامي تصوف جو ڄاڻو هئڻ سان گڏ مغربي ۽ مشرقي فڪر ۽ فلسفي جو اڀياس ڪندڙ پڻ هو. قديم علمن ۽ فنن سان دلي لڳاءُ هئڻ سان گڏ، جديد رجحانن سان بہ ميل جول رکندڙ هو. هن نہ رڳو قديم روايتن کان منهن نہ موڙيو، پر جديد رجحانن سان پڻ نباهيائين، هن وٽ قدامت پسندي ۽ روايت پسندي بہ هئي تہ نون لاڙن ۽ قدرن جو کليءَ دل سان آڌرڀاءُ بہ هو. وٽس قديم ۽ جديد جو سهڻو امتزاج نظر اچي ٿو.
گرامي صاحب جدت پسند طبيعت جو مالڪ هو ۽ جدت پسند ۽ ترقي پسند لاڙن کي ترجيح ڏيندو هو ۽ قديم ادب جو جائزو بہ جديد رجحانن جي روشنيءَ ۾ وٺندو هو. سندس ڊگهو مقالو "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر" جيڪو پهرين "مهراڻ" ۾ ڇپيو ۽ پوءِ ڌار ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. جنهن انهي دؤر ۾ رجعت پسند طبقي ۾ وڏو ہڙڊڪ مچايو. نتيجي ۾ مٿس ڪافي تنقيدون بہ ڇپيون، پر اهو مقالو هڪ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو.
گرامي صاحب تمام گهڻو لکيو. پاڻ ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي تحريرون، مقالا، تقريرون، گذارشون، تبصرا، تعزيت ناما، ڪتابن جا مقدما ۽ تقريظون وغيره لکيائين. انهيءَ سان گڏ گرامي صاحب هڪ سٺو شاعر پڻ هو. پاڻ غزل، نظم ۽ آزاد نظم پڻ لکيا. جدت ۽ انفراديت پسندي سندس شاعريءَ جون خاص خوبيون آهن.
سندس تحريرن جو دفتر ايترو تہ ٽڙيل ۽ پکڙيل آهي، جو انهن کي باقاعده سهيڙڻ جي ضرورت آهي. سندس انقلاب آخرين تحريرن سان اختلاف ڪندي نہ رڳو ڪتابن جا ڪتاب لکيا ويا، پر ڪيس فتوائن سان پڻ نوازيو ويو، پر پاڻ پنهنجي نصب العين ۽ فڪر تان ترِ جيترو بہ نہ هٽيو. سندس چوڻ آهي:

"مقصد، تحقيق ۽ تصديق جي اهڙي هنڌ تي پهچڻ گهرجي،
جتي هماليہ هٽي سگهي تہ ٽلي هٽي، باقي پنهنجي عقيدي ۾
ڪوبہ فرق يا ڦير اچڻ نہ گهرجي."

سنڌي ادب ۾ سندس تحرير ۽ اسلوب جو انداز، پنهنجي حسن ۽ نکار جي ڪري ڌار مقام پيدا ڪيو آهي. پيو تہ سندس لکڻي جذباتي ۽

لفاظيءَ جي طلسم کان آجي نظر ايندي. پڙهندڙ هڪ معنوي روح محسوس ڪندو، جو لفظن جي حسن ۽ تناسب جي لباس ۾ نظر ايندو.

گرامي صاحب "مهراڻ جي لاءِ گذارشون لکيون آهن. اهي "ادب عاليه" جو هڪ بهترين مثال آهن. گهڻو ڪري علم ۽ فن جي هر مسئلي تي بحث ڪيو اٿس. انداز بيان ۽ اسلوب تحرير اهڙو ته دلپذير، ولوله انگيز ۽ جاذب نظر اٿس، جو افسانن ۽ ڊرامي، ناول ۽ ڪهاڻي کان به وڌيڪ دلڪش ۽ روح آفرين ٿو محسوس ٿئي. حقيقت ۾ انهن گذارشن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جي گهرج آهي.

گرامي صاحب "مهراڻ" جي ايڊيٽري واري زماني ۾ "مهراڻ" جا ڪيترائي اهم نمبر پڻ ڪڍيا، جن ۾ شاعر نمبر ١٩٦٩ع، سنڌس تنقيدي جائزي جي لحاظ کان سنڌي تنقيدي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

گرامي صاحب ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا ۽ ترجمو پڻ ڪيا. جن ۾: "تاريخي افسانا ۽ ڊراما"، "قائد اعظم جون تقريرون"، "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر"، "ويا سي وينجهار" (جيڪو سنڌس وفات کان پوءِ سيد بچل شاهه ترتيب ڏنو) "ديوان بلبل"، "مسلمان ۽ تعليم، "جام جم"، "مزاحيات" ۽ اڻ ڳڻيا مقالا ۽ مهراڻ لاءِ لکيل گذارشون اهم آهن.

اياز قادري "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ لکي ٿو:

> "گرامي صاحب هڪ سٺي نثر نويس سان گڏ بهترين شاعر پڻ هو. پاڻ شاعري جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. پر هو بنيادي طور تي غزل جو شاعر هو. پارسي ديوانن جي ڪثير مطالعي ۽ بزم مشاعرن سان گهري ناتي سبب سنڌس غزلن تي پراڻو رنگ ڇانيل هو ۽ سنڌس ٻولي پارسي آميز گلقند هئي، جا ڪڏهن ڪڏهن مشڪل به ٿي ويندي هئي. ڪيترن غزلن ۾ هن نوان ۽ وڻندڙ خيال پڻ پيش ڪيا آهن. غزل ۾ سنڌس درجو استادن وارو هو."

جناب غلام محمد گرامي ١٥ سيپٽمبر ١٩٧٦ع تي وفات ڪئي. ●:

# غلام نبي مغل

جديد سنڌي ڪهاڻي جو سفر جيڪو نادر بيگ مرزا کان شروع ٿيو، اڳتي هلي انهي سفر ۾ ڪيترن ئي نالن جا واڌارا ٿيا، جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي نوان رخ ڏنا. غلام نبي مغل جو نالو انهن ۾ نهايت سگهاري حيثيت تو رکي، جنهن نہ رڳو سنڌي ڪهاڻي پر ناول کي بہ وڏي اوج ڏني.

## سوانح:

غلام نبي مغل، ١٢ مارچ ١٩۴۴ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم کان پوءِ مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، بي - اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۽ ايل ايل بي لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ جي عهدي تائين پهتو.

## ادبي سفر:

غلام نبي مغل ١۴ سالن جي عمر ۾ لکڻ جي شروعات "اردو ڪهاڻين" سان ڪئي. ان وقت سندس ڪهاڻيون اردو مخزن "ادب لطيف" ۽ ڪراچي مان نڪرندڙ رسالي "نيا راهي" ۾ ڇپبيون هيون. ١٩٦٠ع ڌاري جمال ابڙي جي ڪهاڻي "بدمعاش" پڙهڻ کان پوءِ سنڌي ۾ لکڻ جي شروعات ڪيائين. سنڌي ۾ پهرين ڪهاڻي "تر" لکيائين، جيڪا حميد سنڌي جي رسالي "روح رهاڻ" ۾ ڇپي. سندس ٻي ڪهاڻي "شيشي جو گهر" مهراڻ ١٩٦٢ع ۾ ڇپي.

ان کان پوءِ هو لڳاتار ڪهاڻيون لکي ڇپرائڻ لڳو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سندس شمار سنڌ جي پهرين صف جي ڪهاڻيڪارن ۾ ٿيڻ لڳو. سندس ڪهاڻين جو پهريون ڳُٽڪو ويهن سالن جي عمر ۾ ١٩٦۴ع ۾ "نئون شهر"

جي نالي سان ڇپيو. هيستائين سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا: ”رات جا نيڻ“ (١٩٦٩ع)، ”رات منهنجي روح ۾“ (١٩٧٩ع)، ”ست ستر اسي“ (١٩٩٠ع - جيڪو سندس ٢٥ سالن دوران لکيل چوندڊ سترهن ڪهاڻين تي مشتمل آهي). ”عورت ۽ پيار“ (١٩٩٤ع) ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

غلام نبي مغل جي ڪهاڻين جا ٻين ٻولين ۾ به ترجما ٿي چڪا آهن. ١٩٦٣ع ۾ هندستان ۾ ”سنڌي شارٽ اسٽوريز“ جي نالي سان هڪ ڪتاب انگريزي ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ”حشو ڪيولراماڻي“ اٺ ڪهاڻيون هند جي سنڌي ليکڪن جون ۽ چار ڪهاڻيون سنڌ جي ليکڪن جون ترجمو ڪري شامل ڪيون، جن مان هڪ غلام نبي مغل جي ڪهاڻي ”شيشي جو گهر“ پڻ هئي. تنهن کان سواءِ ڪجهه ٻين ڪهاڻين جو اردو ۽ پنجابيءَ ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪو آهي. سندس ڪهاڻي ”شيشي جو گهر“ به پيرا ڊرامي جي روپ ۾ پڻ ٽيلي ڪاسٽ ٿي چڪي آهي.

غلام نبي مغل ١٩٥٩ع ۾ مرحوم طارق اشرف سان گڏجي ”اداره ادب نو“ نالي هڪ اشاعتي ادارو قائم ڪيو، جنهن طرفان ٻين ڪجهه ڪتابن کانسواءِ شمشيرالحيدري جو پهريون شعري ڳٽڪو ”لاٽ“ پڻ شايع ڪيو ويو. ١٩٧٠ع ۾ جڏهن طارق اشرف ماهوار ”سهڻي“ جاري ڪيو ته انهيءَ ۾ غلام نبي مغل نه رڳو سندس ٻانهن ٻيلي رهيو، پر پس پرده رهي، سهڻي جي ڇپائي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. سهڻي جي ٻي دؤر ۾ پڻ طارق اشرف کي ’مغل‘ جو ساٿ رهيو ۽ انهي ۾ مغل جي ڪالم ”يڪ نعره حيدري“ سٺي مقبوليت ماڻي. اڄين غلام نبي مغل هڪ سٺو ڪالم نويس پڻ رهيو آهي. سندس پيو ڪالم ”اڄا اڪر“ جي نالي سان روزاني ”برسات“ ۾ شايع ٿيندو هو.

غلام نبي مغل، سنڌي ڪهاڻي کي روايتي موضوعن کان هٽي ڪري، ڪجهه نوان موضوع پڻ ڏنا. سيڪس جي موضوع تي مغل جون ڪهاڻيون خاص ڪري ”ريشمي وار“ نه صرف سهڻي پيرائتي ۾ لکيل آهن، پر تعميري ادب ۾ پڻ ڳڻيون وڃن ٿيون. مغل جي ڪيترن ئي ڪهاڻين تي فحاشي جا الزام پڻ لڳا. مغل جي ڪهاڻين جا اڪثر موضوع شهري ۽ مڊل ڪلاس جا مسئلا آهن. تنهن کان سواءِ شهر جا لوفر، بدمعاش، ڳنڍيڇوڙ، عورتن جا دلال، رازا، وادا، موچي ۽ فقير وغيره سندس ڪهاڻين جا ڪردار آهن.

غلام نبي مغل جي هڪ ڪهاڻي ”ٻوساٽ“ کي پڙهڻ کان پوءِ مشهور

ليک ڪاڪي منگھارام ملڪاڻي لکيو:

”مون جڏهن هن نوجوان جي ڪهاڻي ’ٻوساٽ‘ پڙهي ته سچ پچو، مان واقعي حيران ٿي ويس. سنڌي ادب ۾ حقيقت پسندي ۽ زندگي جي اونهاين کي شايد ڪو ڪهاڻيڪار ايترو ڪاميابي سان لکي سگهيو هجي، جهڙو مغل لکيو آهي.“

غلام نبي مغل جي ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي، تنوير عباسي لکي ٿو:

”غلام نبي مغل انهن ٿورن ڪهاڻيڪارن مان آهي، جن وٽ موضوع توڙي اسلوب جي لحاظ کان انفراديت آهي. ۱۹۶۰ع ۾ جڏهن غلام نبي مغل لکڻ شروع ڪيو ته سنڌي ڪهاڻي ۾ ان وقت گهٽو ڪري ڳوٺاڻو ماحول ۽ ڪردار موضوع بڻيل هئا. غلام نبي مغل وٽ شهري زندگيءَ جي پيچيدگين وارو انوکو موضوع آهي، جيڪو هن جي شهري زندگي جي اونهي مشاهدي توڙي ايياس جي شاهدي ڏي ٿو. سندس ڪردار به شهري زندگي جي وچولي توڙي هيٺين طبقي مان کنيل آهن، جن جي روش، ٻولي، توڙي نفسيات جي اپٽار اونهي ايياس ۽ گهري مشاهدي کان سواءِ ناممڪن آهي.“

ساڳئي ڳالهه جي تسلسل ڪي وڌائيندي ظفر حسن، مغل جي ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي لکيو:

”آئون سمجهان ٿو ته غلام نبي مغل ۽ طارق اشرف سنڌ ۾ اهي پهريان ڪهاڻيڪار آهن، جن نه رڳو پهريون ڀيرو شهري جيوت کي پنهنجو ٿيم بڻايو، پر لوڪيشن ۽ اسٽائيل ۾ پڻ نواڻ آندي.“

انهي سلسلي ۾ عبدالقادر جوڻيجي جي راءِ پڻ اهميت جوڳي آهي، هو لکي ٿو:

”غلام نبي مغل جو افسانو نڙڪ نڳي ۽ منافقت کان آجو آهي، ۽ اصلي آهي. ڇاڪاڻ ته مغل انهي زندگي جي باري ۾ لکي ٿو، جيڪا سندس آسپاس ۽ اندر ۾ وهي واپري ٿي. هو انهن هارين نارين ۽ مالوندن جي باري ۾ نٿو لکي، جن وٽ اسان ڇڙو هفتو مهمان ٿي به نه گذاري سگهندا آهيون، پر پوءِ به لکندا، انهن

جي باري ۾ ٿي آهيون ۽ ڪوڙ هٿندا آهيون."

## مغل جا ناول:

ڪهاڻي سان گڏ غلام نبي مغل، ناول نگاري ۾ پڻ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي. سندس ٽي ناول: "اوڙاهه" (١٩٩٤ع)، "دونهاٽيل راتيون ۽ رولاڪ" ١٩٩٦ع) ۽ "مون کي ساهه کڻڻ ڏيو" (٢٠٠١ع) ڇپيل آهن. سندس ناول "اوڙاهه" کي سنڌي ٻولي جو طويل ناول چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. اهو ناول سنڌ جي انهي سچي تاريخي جاکوڙ بابت آهي، جنهن ۾ ساڍن ڇئن سؤ سالن جي تاريخ کي سوشيو - پوليٽيڪل حوالي سان پيش ڪيو ويو آهي ۽ مغل جي لفظن ۾ ته:

> "سنڌ جي سورن ۽ ڏچن جو ڪارڻ به اهوئي رهيو آهي ته شهري وچولي ڪلاس ۽ شهري هيٺيون وچولو ڪلاس وجود ۾ رهيو ناهي. مٿين، اميرن ۽ سردارن جي ڪلاس هميشه ڌارين توڙي پنهنجن حاڪمن سان پنهنجي چڱ مڙسيءَ کي بچائڻ جا سودا ڪيا آهن."

"مونکي ساهه کڻڻ ڏيو"، سنڌي سماج جي هڪ المناڪ ڪلچر ڪارو ڪاري جي موضوع تي لکيل آهي. انهي موضوع تي اهو پهريون ناول آهي. انهيءَ موضوع تي ٻيو ناول محمد انور بلوچ جو "ٻاڪ ڦٽي جو سوجهرو آهي". هي هڪ پرچاري ناول آهي، جنهن ۾ ليکڪ نهايت مناسب ۽ سگهارن لفظن ۾ "مظلوم عورت" جي وڪالت ڪئي آهي. مهاڳ ۾ انهي جي وضاحت ڪندي مغل لکي ٿو:

> "هن موجوده دؤر جو انسان (مرد ۽ عورت) وڌيڪ ذهين آهي. هڪٻئي جا حق سڃاڻن پيا ۽ زندگي جا اصول ڦيرو کائن پيا. ويهين صدي ۾ اسان گهڻو ڪجهه ڏٺو آهي ۽ ايڪويهه صديءَ ۾ تمام گهڻي اميد آهي ته سونا (ناول جي هيروئن) کي ياءُ رائفل جون گوليون نه هٿندو ۽ سونا جي ماءُ کي، پيءُ ڪات سان ڳيا نه ڪندو ۽ نڪي وڏيرو زور تي 'ڪاري' ٿيل عورت جي دلالي ڪندو ۽ نه ڪي پاڻ، پٽس يا ڀيا ڪاري ٿيل، ٻي واهي عورت کي فقط "ساهه کڻڻ" جي مهلت ڏيئي، اُن جي جسم ۾ مڻ

گندي پاڻياٺ جا پري چڙهيندا. ڪمزور جاندار، سازش، دولاب ۽ ويڙهه جا اٽ ـ سدا طريقائي اختيار ڪري سگهي ٿو. عورت به تاريخ جي طويل عرصي ۾ ضرور ائين ڪيو آهي، جنهن ڪي شهزور مرد، ديوتا ۽ مرد جا ٺي ٺاهيل خدا ۽ قانون برداشت نه ڪري سگهيا ۽ عورت ڪي ذليل ٽيٽو پيو ۽ تاريخ جي هر دڳ تي پنهنجو رت هارڻو پيو ۽ 'ٻئي نمبر' جي انسان جي صورت اختيار ڪرڻي پئي."

متينءَ تخليقي ڪم ڪان سواءِ غلام نبي مغل ١٩٦٥ع ۾ فرينچ ليکڪ 'پيري لوئي' جي ناوليٽ "وومين اينڊ دي پپيٽ" جو ترجمو ڪيو جيڪو "عورت ۽ پيار" جي نالي سان شايع ٿيو. ١٩٩٥ع ۾ مغل پنجابي ليکڪ 'فخر زمان' جي ناول "بنديوان" جو انگريزي مان ترجمو ڪيو، جيڪو "قيدي" جي نالي سان ڇپيو.

مغل کي سندس ڪتاب "رات منهنجي روح ۾" تي ١٩٧٩ع ۾ 'سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ" پاران سال جي بهترين افسانوي ادب جو انعام مليو. ●

# فقير محمد لاشاري

سنڌي ادب ۽ صحافت جي گهڻ پاسائين شخصيت ۾ ”فقير محمد لاشاري“ جو نالو مٿيرو نظر ايندو. هو هڪئي وقت هڪ بي باڪ صحافي، سٺو ڪهاڻيڪار، بهترين نقاد، سٺو نثر نويس ۽ سياسي تجزيہ نگار هئڻ سان گڏ، هڪ بهترين نظرياتي ورڪر ۽ ترقي پسند فڪر جي آبياري ڪندڙ هو.

## سوانح:

فقير محمد لاشاري ۴ سيپٽمبر ۱۹۵۱ع ۾، گاجي ڪهاڙو، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ محترم محمد حسن لاشاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي ورتائين. سيڪنڊري جي تعليم مئٽرڪ سوڏي هاءِ اسڪول وارهہ مان ڪيائين. ان وقت گاجي ڪهاوڙ ۾ وڌيڪ تعليم جون سهولتون نہ هيون، تنهن ڪري هو روزانو ڇهہ ميل سائيڪل تي چڙهي هاءِ اسڪول وارهہ پهچندو هو. وري ٿاڪ منجهند جو ساڳيو ئي سفر ڪري، واپس گهر ايندو هو. ان وقت ڪيس تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ جن تڪليفن ڪي منهن ڏيڻو پيو، تن ڪيس سڄي زندگي ۾ جدوجهد ڪرڻ جو هڪ سٺو سبق ڏنو. مئٽرڪ ڪان پوءِ انٽر ڪامرس ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان ڪيائين. ڪاليج جي تعليم دوران سندس واسطو ترقي پسند تحريڪ سان ٿيو.

۱۹۷۲ع ۾ فقير محمد لاشاري پرائمري ماستر مقرر ٿيو. ان نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ڪيس گاجي ڪهاوڙ ۽ لاڙڪاڻي ضلع جي ٻين ڳوٺن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻيون پيون.

هاءِ اسڪول وارهہ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي دوران، ڪيس محمد ابراهيم ميراڻيءَ جهڙو لائق استاد مليو. جيڪو هڪ روشن خيال ۽ قوم پرست شخص هو. هن نہ رڳو شاگردن ۾ قومپرستيءَ وارا جذبا جاڳايا، پر

مِنجهن سنڌي ۽ ترقي پسند ادب پڙهڻ جو شوق جاڳايو. فقير محمد بہ اُن استاد جي صحبت ۾ ترقي پسند ادب ۽ ترقي پسند سوچ ڏانهن مائل ٿيو. سندس انهن ڪوشش جي ڪري، نوجوان نسل پيري مريدي، وڏيرا شاهي ۽ ٻين اهڙين خراب ريتن ۽ رسمن جي خلاف پرچار ڪرڻ ۽ انهن جي اثرن کان نڪرڻ شروع ڪيو.

ان عرصي دوران، ڳاجي کهاوڙ جي مقامي وڏيري ڪي لاشاري مرحوم جون اهي سرگرميون نہ وڻيون ۽ لاشاري صاحب مٿان، ملحد، ڪافر، ڪميونسٽ هئڻ جا الزام هڻي تعليم کاتي جي عملدارن کي درخواستون ڪيون ويون، نتيجي ۾ مٿس انڪوائري ڪرائي ويئي. بهرحال درخواست گذار تہ انڪوائري آفيسر تي دٻاءُ وجهي، رپورٽ پنهنجي حق ۾ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر وڏيرا شاهي اتي مات کائي ويئي.

اڳتي هلي، فقير محمد، ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ جي سنگت ۾ آيو، جيڪو اُن وقت ”ارباب سنڌي“ جي نالي سان لکندو هو. ڊاڪٽر ارباب جو لاشاري جي خيالن ۽ سرگرمين جو وڏو اثر پيو. ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ جو سنڌ جي ترقي پسند قوم پرست سياست ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي.

اهو سڄو عرصو فقير محمد لاشاري پرائمري ٽيچر رهيو ١٩٧٦-٧٧ع دوران هو اُتان استعيفيٰ ڏيئي ڪمپرهينسو هاءِ اسڪول عزيز آباد ڪراچي ۾ سنڌي لينگويج ٽيچر ٿيو. ان ئي دور ۾ ايم - اي ايڪانامڪس ۽ ايل ايل بي پڻ ڪري ورتائين.

## صحافت ۾ آمد:

فقير محمد لاشاري ١٩٧٧ع ۾ ’هلال پاڪستان‘ اخبار ۾ سب ايڊيٽر طور شامل ٿيو. ائين سنڌي صحافت ۽ ادب جو شاندار سنگم سامهون آيو. انهي کان اڳ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان مختيارڪاري جي لاءِ ٿيل لکت جي امتحان ۾ پاس ٿيو. پاڻ ٻہ هزار اسي اميدوارن ۾ ٽيون نمبر آيو هو. بهرحال وقت جي سرڪار، ڪيس سياسي سببن جي ڪري اهو آرڊر نہ ڏنو ۽ ائين سنڌي صحافت کي فقير محمد جي روپ ۾ هڪ سگهارو قلمڪار ملي ويو، جنهن روايتي صحافت جا هڙيئي ترينڊ ئي بدلائي ڇڏيا. جنهن سان سماجي جوڙجڪ ۽ ترتيب ۾ صحافت جي حيثيت اهم تسليم ٿيڻ لڳي.

پوءِ ١٩٨١ع ۾ ”هلال پاڪستان“ انتظاميہ هفتيوار ”هلال

پاڪستان" مئگزين شروع ڪيو تہ فقير محمد انهيءَ جو انچارج ٿيو. انهيءَ هفتيوار ايڊيشن جا ڪُل ٥٢ پرچا نڪتا، جيڪي ادب ۽ صحافت جو نهايت شاندار سنگم هئا. اڳتي هلي فقير محمد پنهنجي شخصي ڪوشش سان "هلال پاڪستان" انتظاميا کان اخبار جي ماهوار "ايڊيشن" جي طور تي "هلال مخزن" ڪڍڻ جي منظوري ورتي. انهي مخزن، مارشل لا جي انهيءَ انهي اونداهي دور ۾ حقيقي معنيٰ ۾ ٻاٽ ۾ لاٽ جو ڪردار ادا ڪيو ۽ انهيءَ مخزن وڏو نالو ڪڍيو، جنهن ۾ هن ڪجهہ مستقل سلسلا بہ هلايا ۽ ڪجهہ عالمي ادب جي چونڊ ڪتابن جو اختصار بہ ترجمو ڪري هلايو. تنهن کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي پسند ادب بہ ان ۾ باقاعدگيءَ سان ڇپجڻ شروع ٿيو. مخزن جي مقبوليت جي ڪري اخبار کي بہ ڪافي فائدو پهتو. ماهوار صورت ۾ انهيءَ مخزن جو پهريون پرچو جولاءِ ١٩٨٢ع ۾ نڪتو، جنهن ۾ مخزن ڪڍڻ جي مقصد کي بيان ڪندي لاشاري لکي ٿو" ذميوار سنڌي صحافت، علم ادب سان پنهنجي لاڳاپي کي محسوس ڪري ۽ اها ماڻهن جي امانت آهي."

اها مخزن، ڏيڍ سال کن هلي ۽ پوءِ بند ڪرڻي پيئي، ڇاڪاڻ تہ اخبار جي انتظاميا کيس گهربل آزادي ڏيڻ کان پڙ ڪڍي بيٺي هئي. بهرحال، ان مخزن فقير محمد لاشاري کي مشهوريءَ جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو.

'هلال پاڪستان' ۾ نوڪريءَ ۾ هوندي، اخبار جي ڪارڪن کيس "هلال پاڪستان ورڪرز يونين" جو صدر چونڊيو هو. فقير محمد لاشاري جي سربراهيءَ ۾ يونين جي ڪارڪن پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ جنهن جي ڪري ڪافي ڀيرا کيس اخبار جي انتظاميہ جي ناراضگيءَ سان بہ منهن ڏيڻو پيو.

## عوامي آواز ۾:

جولاءِ ١٩٨٩ع ۾، ڪراچيءَ مان پهرين مڪمل طور تي ڪمپيوٽرائيزڊ سنڌي اخبار "عوامي آواز" جاري ٿي. فقير محمد انهن ڪجهہ ماڻهن مان هو، جن "عوامي آواز" کي پير جمائڻ ۾ مدد ڪئي. پر پوءِ اخبار جي انتظاميہ جي روين سبب نوبت اچي اها بيٺي جو مالڪن ماڳهين اخبار کي بند ئي ڪيو. انهيءَ موقعي تي فقير محمد کي آڇ ڪئي ويئي تہ هو اخبار جو چيف ايڊيٽر ٿئي. ڪجهہ ڳڻ ڳوت ڪري ۽ لکڻ جي مڪمل آزاديءَ جي آڇ

ڪيس اهو عهدو قبول ڪرڻ تي راضي ڪيو ۽ هن ”هلال پاڪستان“ مان استعيفيٰ ڏيئي اچي ”عوامي آواز“ جوائن ڪئي. فقير محمد جي ”عوامي آواز“ جوائن ڪرڻ سان اخبار ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو. هن پنهنجي صلاحيتن سان ٿن مهينن جي اندر ئي اخبار جي اشاعت ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائي ڇڏي. اخبار ۾ آندل ٻين تبديلين کان سواءِ خاص شئي سندس ايڊيٽوريل هوندا هئا. جيڪي عوام ۽ نوجوان طبقي ۾ ڪافي مقبول ٿيا. سندس چونڊ ايڊيٽوريلن جي ڇپيل ٻن مجموعن ”رُج جهڙي سماج ۾ مور جي رڙ“ پڙهڻ سان اهو چڱي پر اندازو ٿئي ٿو ته انهن ۾ سنڌ سان پيش ايندڙ اڪيچار مسئلن جي سٺي ڇنڊڇاڻ ڪيل هوندي هئي ۽ اهي ايڊيٽوريل ان دور جي ”سنڌ“ جي حالتن جي صحيح عڪاسي ڪن ٿا. سندس انهيءَ محنت ۽ انقلابي ڪردار جي ڪري اڳتي هلي نه رڳو سنڌي صحافت کي نوان موڙ مليا، پر ٻين اخبارن به پنهنجي حالت سڌارڻ شروع ڪري ڏني ۽ اخباري ادارن ۾ حالتون نيڪ ٿيڻ لڳيون.

فقير محمد جو ”عوامي آواز“ سان ساٿ سال يا سوا سال رهيو. ان بعد انتظاميه جي باهمي ڇڪتاڻ ۽ رويي جي بدلجڻ ڪري فقير محمد کي اخبار کي الوداع چوڻو پيو ۽ فقير محمد بي روزگار بڻجي ويو. ”عوامي آواز“ جي چيف ايڊيٽري جي انهي دور ۾ هو دليل ۽ بيباڪيءَ سان سنڌ جي ڪيس جو دانشور سورمو ٿي اڳيان آيو.

## جاڳو جو اجراءِ:

بيروزگاريءَ جي انهيءَ عرصي ۾ سندس ذهن ۾ هڪ نئين اخبار ڪڍڻ جو خيال آيو. هڪ اهڙي اخبار جيڪا بنيادي طرح آزاد ۽ ترقي پسند سوچ تي ٻڌل هجي. سندس ذهن ۾ هڪ اهڙي اخبار جو خاڪو هو، جيڪا غريب ۽ مسڪين عوام جو آواز هجي. هن پنهنجي دوستن سان ان رٿ تي ڳالهايو ۽ ڪين قائل ڪيو ۽ پندرهن ويهن دوستن جي اشتراڪ سان ”پٽائي پبلشنگ هائوس“ جو بنياد وجهي روزانو ”جاڳو“ جو اجراءِ ڪيو. اهڙي طرح اخبار جو پهريون پرچو پهرين جنوري ١٩٩١ع تي نڪتو.

اخبار جو اِجراء فقير محمد جي زندگيءَ جو اهم مقصد هو ۽ آزاد صحافت جي پيڙهه جو پٿر رکڻ ۾ انهيءَ اخبار جو وڏو ڪردار رهيو آهي. اخبار جي جاري ٿيڻ سان ڪيترن ئي مسئلن پڻ منهن ڪڍيو، پر فقير محمد

انهن کي مڙس ٿي منهن ڏنو ۽ اخبار جي آزادي واري پاليسي کي فقير نهايت ئي مٿانهون رکيو. ان سلسلي ۾ هو ڪنهن به ناهه لاءِ تيار نہ هو. سنڌ جي مسئلن تي لکڻ بعد ڪيس گهٽيو ۔ تڪليفون سهٽيون پيون ۽ دڙڪن کي منهن ڏيڻو پيو. انهيءَ وقت سنڌ جو زير اعليٰ جام صادق علي هو، جنهن سنڌي ماڻهن سان پنهنجي اقتدار بچائڻ لاءِ ڪيئي عقوبتون ڪيون. فقير جي قلم مان نڪتل لفظ اهڙي وقت ۾ سنڌ جي ماڻهن جي داد رسيءَ هوندا هئا. انهي دور ۾ پاڻ جيڪي ايڊيٽوريل لکيائين، سي سنڌس زندگيءَ جا شهپارا آهن. بي باڪ ٿي لکڻ جي نتيجي ۾ ڪيس نہ رڳو جام صادق عليءَ پاران ڌمڪيون مليون، پر ڪيس زمين الاٽ ڪرڻ ۽ ٻين مالي فائدن جي بہ آڇ ڪئي، پر فقير اهي ڌمڪيون سهندو ۽ آڇون ٺڪرائيندو رهيو.

اڄ ٻيئي همراهہ دنيا ۾ موجود ڪونهن، پر جام کي تاريخ سٺن لفظن سان ياد نہ پيو ڪيو وڃي ۽ فقير محمد کي سنڌ هڪ سپوت ۽ بهادر پُٽ جي حيثيت سان ياد ڪر رهي آهي. جنهن مرڻ گهڙي تائين پنهنجو ڪردار ۽ قلم سنڌ لاءِ ئي استعمال ڪيو. افسوس جو ”جاڳو“ اخبار لاشاري جي وفات کان پوءِ گهٽو عرصو هلي نہ سگهي ۽ بند ٿي ويئي.

## سنڌي ادبي سنگت سان وابستگي:

ڪنهن دور ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ڪردار، سنڌ ترقي پسند ادب ۽ سنڌي جي حقن جي لاءِ هليل هلچلن جي حوالي سان نهايت سگهارو هو. مرڪزي سنگت کي چڏي ڪري ڪراچي شاخ جو ڪردار هڪ ڌار ۽ سگهاري حيثيت رکي ٿو. ڪراچي اچڻ سان فقير محمد سنگت جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. فقير محمد اٽڪل ستن سالن تائين ڪراچي سنگت جو سيڪريٽري رهيو. انهي جي شروعات سندس عملي سياست کان ڌار ٿيڻ سان ٿي. فقير عملي طور تي سنگت ڪراچيءَ کي هڪ گڏيل پليٽ فارم جي شڪل ڏني ۽ انيڪ اهڙا پروگرام ڪرايا، جن مستقل ۾ وڏي ڇاپ ڇڏي ۽ سنگت جي پليٽ فارم تان بدر ابڙي جو ڪتاب ”تنقيد نگاري جو ارتقائي جائزو“ ۽ محمد ابراهيم جويي سان ملهايل شام جي حوالي سان ڪتاب ”ادبي گڏجاڻي“ اهم حيثيت رکن ٿا. انهيءَ دور ۾ سنگت جي سنڌ جي سماجي ۽ ادبي صورتحال ۾ حيثيت جو تجزيو ڪندي ٢٨ آگسٽ ١٩٨٦ع ۾ شاخ جي ٿيل چونڊن ۾ ساليانې رپورٽ پيش ڪندي، فقير محمد انهيءَ جو ذڪر

هيئن ٿو ڪري:

”سنگت ۽ سنڌي توڙي انساني سماج هڪ ٻئي سان ڳتيل آهن ۽ هڪ ٻئي سان ڏي وٺ ڪن ٿا. هڪ ٻئي تي دٻاءُ وجهن ٿا. ڪن هنڌن تي هڪ ٻئي سان ناهر ڪن ٿا. ڪن هنڌن تي هڪٻئي کي خونخوار نظرن سان ڏسن ٿا. هڪڙي پاسي انسانن جي وڏي اڪثريت اهنجن ۽ بقاءُ جي سخت صورتحال منجهان گذرندي، اناج اُپائي ٿي. ڪارخانا هلائي ٿي ۽ ايئن زندگيءَ جو ڪاروبار هلي ٿو. پيداوار بقا جي مسئلي سان ڳنڍيل آهي. خوشحالي، محبت ۽ پيار جي پيداوار ڪانسواءِ تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. جتي ڏڪر ۽ اڻاٺ آهي، اُتي محبتون ماٺجن ٿيون. ماڻهو، ماڻهوءَ جو گوشت ڪچو کائڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. آدمخوري، ڪنهن فيشن يا ڪنهن ڏش جو شوق نه پر ڪن حالتن جو نتيجو آهي، جتي پورهيو ۽ پيداوار آزاد آهن، اُتي خوشيون آهن، ٽهڪ آهن، گيت، ناچ ۽ موسيقي آهي. تهذيب ۽ ڪلچر جون پاڙون انساني پورهئي تي بيٺل آهن ۽ سنڌي ادبي سنگت اهو سڀ شعوري طرح سمجهندي، اڄ به آدم خوريءَ جي نين شڪاين جي خلاف آهي. ان ڪري، آدم خوريءَ جي نمائندگي ڪندڙ طبقن ۽ انهن جي ادارن جي هٿان پورهئي ۽ نتيجي ۾ پيار، ڪلچر ۽ تهذيبي قدرن سان ٿيندڙ هٿ چراند جي خلاف هڪ واضح قوت آهي..... سنگت اهڙين سماجي حالتن ۾ ڪم ڪرڻ جو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي. (١)

## تصنيفون:

فقير محمد لاشاري جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن: ”سنڌ جا سور“ (مضمون ١٩٨٦ع)، ”در تنيءَ جي دانهن“ (مضمون - ١٩٨٨ع)، ”سگهارو هماليا، هيٺا ماڻهو“ (سفرنامو)، ”سنڌ پيپلز پارٽيءَ کان ڄام صادق علي تائين“ (مضمون - ايڊيٽوريل)، ”چپر جا سونهان“ (شخصيت ۽ چونڊ لکڻيون - ١٩٩۴ع).

(١) ماهوار ”پارس“، آڪٽوبر - نومبر ١٩٨٠ع، ايڊيٽر: خان محمد پنهور، صفحو ١٩.

انهيءَ کان سواءِ فقير محمد جا اڻ ڳڻيا ايڊيٽوريل، مضمون، مهاڳ، تجزيا ۽ ڪهاڻيون ترتيب پڪڙيل صورت ۾ موجود آهن.

”جاڳو“ اخبار جي ادارت دوران، سنڌي اخبارن جي تنظيم ”سنيڪ“ جو قيام، سندس ڪوشش سان عمل ۾ آيو ۽ اهو پليٽ فارم سنڌ جي اجتماعي مسئلي واسطي، اخبارن کي اجتماعي موقف اختيار ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويو.

فقير محمد لاشاري ١٧ جولاءِ ١٩٩٣ع تي لاهور ويجهو ضلعي گجر خان وٽ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويو ۽ کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ گاجي کهاوڙ ۾ دفنايو ويو. فقير محمد لاشاري کي ١۴ آگسٽ ١٩٩۴ع تي پيپلز پارٽي جي حڪومت طرفان سندس خدمتن جو ميڃتا طور ”ستاره امتياز“ جو اعزاز ڏنو ويو. ●:

# مخدوم طالب المولیٰ

سنڌي ادب ۾، مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘ جي نالي جي وڏي اهميت آهي. مخدوم صاحب جو جنم ۴ آڪٽوبر ۱۹۱۹ع تي هالا ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو مخدوم غلام محمد صديقي هو. مخدوم صاحب جو خاندان صدين کان علمي ۽ ادبي لحاظ کان، هڪ مثالي ڪردار جو مالڪ رهيو آهي. سندن وڏو مخدوم نوح رحمة الله عليه جنهن قرآن پاڪ جو فارسي ۾ تفسير لکيو هو. تنهن کان پوءِ سندن خاندان جو هڪ ٻيو بزرگ فتح محمد صاحب ٿي گذريو آهي، جيڪو بلند پايہ جو اديب ۽ ليکڪ هو. هن هڪ ڪتاب ”فتحي“ لکيو هو. اهڙي طرح مخدوم غلام رسول صديقي بہ وڏو اديب ٿي گذريو. سندس والد محترم پڻ شاعر هو، تنهن کان سواءِ سندس چاچو مخدوم غلام حيدر بہ سٺو ليکڪ هو. سندس ڪتاب ”سفينه النوح“ مشهور آهي.

مخدوم محمد زمان، پنهنجي والد مخدوم غلام محمد جي وفات کان پوءِ درگاهہ مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جا سترهون سجاده نشين ٿيا.

مخدوم صاحب شروعاتي تعليم درگاهہ جي مجاور آخوند حافظ ولي محمد وٽ قرآن پاڪ جي پڙهڻ سان شروع ڪئي، تنهن کان پوءِ حاجي عبدالغفور وڪيلائي ۽ آخوند عبدالرحمان انجم هالائي وٽ سنڌي تعليم مڪمل ڪئي. فارسيءَ جي شروعاتي تعليم مرحوم غلام حيدر صديقي ۽ بعد ۾ مولوي عبدالحئي ڦلپوٽي ۽ مولوي محمد عالم وٽ حاصل ڪئي.

مخدوم محمد زمان، مولانا عبيدالله سنڌي جو بہ شاگرد هو، جيڪو سندس والد مخدوم غلام محمد ۽ مخدوم غلام حيدر جو پڻ استاد هو. مولانا سنڌي اڪثر هالا ۾ ايندو هو.

مخدوم محمد زمان کي شاعري ۽ راڳ جو ننڍي هوندي کان ئي شوق هو. سندس پهرين تخلص ’بيوس‘ ۽ پوءِ ’فراقي‘ هو. بعد ۾ ’زمان شاهہ‘ ۽ ’طالب‘ اختيار ڪيائين. نيٺ ’طالب المولیٰ‘ اختيار ڪرائين، جنهن جو سبب بيان ڪندي پاڻ هڪ انٽرويو ۾ فرمايو اٿن:

”ان زماني ۾ مون ڪي تخلص اختيار ڪيا. جهڙوڪ: طالب، هڪ ڏينهن جمعي جي نماز پڙهي رهيو هئس تہ اسان جي درگاهہ جي خطيب حاجي قابل انصاري، جيڪو جمعي يا عيد جو خطبو پڙهندو هو ۽ اُن ۾ ’طالب المولیٰ مذڪر‘ جو لفظ چوندو هو. سندس خطبو ٻڌي منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ آئي تہ ’طالب المولیٰ‘ تخلص اختيار ڪريان، تنهن کان پوءِ اهو تخلص اختيار ڪيم.“

پاڻ ۱۹۴۶ع ۾ هالا ۾ انجمن علم و ادب جو بنياد وڌائون ۽ ادبي ڪمن سان دلچسپي هئڻ جي ڪري هالا ۾ ’الزمان پرنٽنگ پريس‘ بہ قائم ڪيائون. جتان هفتيوار اخبارون ”پاسبان“ ۽ ”الزمان“ نڪرنديون هيون. سال ۱۹۵۰ع ۾ ماهوار ’فردوس‘ جاري ڪيائون ۽ ۱۹۵۲ع ۾ ماستر جمع خان غريب ’سيتا‘ شهر مان ماهوار رسالو ’طالب المولیٰ‘، سندس ئي سرپرستيءَ ۾ ڪڍيو. اڳتي هلي حيدرآباد مان ’شاعر‘ رسالو سندس ئي سرپرستيءَ هيٺ نڪتو.

۱۹۵۲ع ۾ مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘ ’جمييعت الشعراءِ سنڌ‘ جو سرپرست چونڊيو ويو، جنهن ۾ پاڻ بي مثال خدمتون سرانجام ڏنائون. مخدوم صاحب تعليم جي سرپرستي جي ڏس ۾ ’سروري اسلاميه ڪاليج، هالا‘ جي ايجوڪيشن بورڊ جي سلسلي ۾ پريزيڊنٽ طور بہ قابل تحسين خدمتون سرانجام ڏنائون. پاڻ سال ۱۹۵۴ع ۾ ’روح ادب سنڌ‘ اداري جو بنياد رکيائون، جنهن پاران ماهوار رسالو ’روح ادب‘ جي نالي سان حيدرآباد ۾ شايع ٿيندو هو.

سندس علمي ۽ ادبي ذوق ۽ خدمتن کي نظر ۾ رکندي، سندس ئي هڪ معتقد ”پير علي محمد ريلائي“ نومبر ۱۹۵۵ع ۾ ”بزم طالب المولیٰ“ جو بنياد رکيو، جنهن جو پڻ مخدوم صاحب ئي سرپرست هو.

مخدوم طالب المولیٰ پهريون ڀيرو ۱۹۶۱ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو

چيئرمن ٿيو. البت پاڻ بورڊ جا ميمبر ١٩٥٥ع کان هئا. سنڌس چيئرمينيءَ واري انهيءَ دور ۾ بورڊ جون خدمتون وسارڻ جهڙيون نه آهن.

مخدوم طالب المولىٰ علمي و ادبي سرگرمين کان سواءِ سماجي ميدان ۾ به سرگرم رهيا ۽ ٽي ڀيرا قومي اسيمبليءَ جا ميمبر پڻ رهيا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد رکيو ته پاڻ پارٽيءَ جي باني ميمبرن ۾ هئا ۽ پارٽي جو پهريون ڪنوينشن هالا ۾ سنڌس ٿي ميزباني هيٺ ٿيو ۽ ڪيس پارٽيءَ جو سينئر وائيس چيئرمين چونڊيو ويو. جنهن عهدي تي پاڻ تاحيات رهيا.

مخدوم طالب المولىٰ جو ون يونٽ ٽوڙائڻ ۾ به اهم ڪردار رهيو، جنهن جو ذڪر ڪندي رسول بخش پليجو پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو:

> "منهنجي اکين اڳيان پنجويهه سال اڳ جو سنڌن اهو ڪردار ياد ايندو آهي. ان وقت حاڪم طبقي ۽ ان جي سياست سان واڳيل هڪڙو ماڻهو (طالب المولىٰ) سنڌ پاران وڙهندڙ اديبن جي فقراءَ لڏي جو، خالص علمي ۽ ادبي مورچي تي پاسو جهليو بيٺو رهيو ۽ ڪڏهن به سنڌ لاءِ جاکوڙيندڙ ترقي پسند، وطن دوست اديبن جو ساٿ ڇڏي، ڪانئن منهن نه موڙيائين."

مخدوم 'طالب المولىٰ' کي سنڌن علمي ۽ ادبي خدمتن عيوض حڪومت پاڪستان پاران ١٩٦٥ع ۾ "تمغهء پاڪستان" ۽ "تمغه امتياز" ١٩٩٢ع ۾ پڻ ڏنو ويو.

مخدوم طالب المولىٰ ١١ جنوري ١٩٩٣ع تي وفات ڪئي.

مخدوم طالب المولىٰ جا ڪيترائي ڪتاب پڻ ڇپيل آهن، جن جو تعداد پاويهه کن ٿيندو جن ۾ طبع زاد، ترتيب ۽ ترجمو پڻ شامل آهن، جن جو مختصر تعارف هن ريت آهي.

(١) **بهار طالب:** هي سنڌس شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي، جيڪو ١٩٤٦ع ۾ هالا مان شايع ٿيو.

(٢) **رباعيات طالب:** هي رُباعين جو مجموعو اٿس، جيڪو پهريون ڀيرو ١٩٤٦ع ۾ ۽ ٻيو ڀيرو ١٩٩٠ع ۾ شايع ٿيو.

(٣) **اسلامي تصوف:** هي ڪتاب تصوف جي حوالي سان ترتيب ڏنل مضمونن جو مجموعو آهي، جيڪو ١٩٥١ع ۾ شايع ٿيو.

(۴) **شيطان:** هي ڪتاب ۱۹۵۱ع ۾ ڇپيو.

(۵) **خودشناسي:** سندس هي ترجمو ڪيل ڪتاب ۱۹۵۲ع ۾ شايع ٿيو.

(٦) **امام غزاليءَ جا خط:** امام غزاليءَ جي خطن جو ترجمو ڪيل هي مجموعو ۱۹۵۳ع ۾ ڇپيو.

(۷) **ياد رفتگان:** سنڌ جي چونڊ مرحوم شاعرن جي مختصر زندگيءَ جو احوال، فوٽو ۽ ڪلام سميت "الزمان پريس هالا" طرفان ۱۹۵۳ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو ڀيرو نئين سر واڌاري سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان ۱۹۹۴ع ۾ شايع ٿيو.

(۸) **مثنوي عقل و عشق:** هي ڪتاب طويل مثنويءَ تي مشتمل آهي، جنهن جي آخر ۾ مثنويءَ ۾ ڪم آيل قرآن شريف جي آيتن جو ترجمو ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني ويئي آهي. هي ڪتاب پهريون ڀيرو "اداره روح ادب" سنڌ طرفان ۱۹۵۵ع ۽ ٻيو ڀيرو ۱۹۸۳ع ۾ "بزم طالب المولىٰ" هالا شاخ طرفان شايع ڪيو ويو.

(۹) **ڪچڪول:** شاعريءَ جو چوٿون مجموعو، جيڪو ۱۹۵۵ع ۾ شايع ٿيو.

(۱۰) **ڪافي:** هي ڪتاب، سنڌي شاعريءَ جي قديم صنف "ڪافي" تي تحقيقي ڪتاب آهي، جيڪو پهريون ڀيرو ۱۹۵۸ع ۾ ۽ ٻيو ڀيرو ۱۹٦۲ع ۾ شايع ٿيو.

(۱۱) **شانِ سروري:** شاعريءَ جو پنجون مجموعو، ۱۹٦۲ع ۾ پڌرو ٿيو.

(۱۲) **بي پير اڪيون:** شاعريءَ جو ڇهون مجموعو، جيڪو سڄو سندس هٿ اکرن ۾ ڪتابت ڪري ڇپيو ويو آهي. آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنائون پڻ ڏنيون ويون آهن.

(۱۳) **ڇپر ۾ چڙيون:** شاعريءَ جو هي مجموعو پهريون ڀيرو ۱۹۷۱ع ۾ ۽ ٻيو ڀيرو ۱۹۹۰ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو. ڪتاب جي آخر ۾ ڏکين لفظن ۾ فرهي ڏني ويئي آهي.

(۱۴) **مضامين طالب المولىٰ:** علمي ۽ ادبي مضمونن جو مجموعو.

(۱۵) **ديوان طالب المولىٰ:** هي ڪتاب ۱۹۸۲ع ۾ شايع ٿيو. شن

ڪتاب ۾ مخدوم صاحب سنڌي ٻوليءَ جي روايتي ۵۲ اکرن بدران ۵۸ اکرن جي ترتيب سان رديف رکيا آهن، جن ۾ ڀاڻ، لهہ، مهہ، تنوين، ۾ ڠنه، نهہ، ٺهہ، جا ڇهہ اکر وڌايا آهن، جن جي واڌاري بابت مخدوم صاحب "ديوان" جي مهاڳ ۾ تفصيل سان دليل ڏنا آهن.

(۱٦) مصريءَ جون تـڙون: مخدوم صاحب جي ملفوظات تي مشتمل هي ڪتاب ۱۹۹۰ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو (Pieces of Sugar Candy) جي نالي سان ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ڪيو، جيڪو ۱۹۹۷ع ۾ شايع ٿيو.

(۱۷) سندا وسين سنڌڙي: بيتن جو هي مجموعو "طالب المولیٰ اڪيڊمي" هالا طرفان ۱۹۹۰ع ۾ شايع ٿيو.

(۱۸) ڇهنڊبريون: مخدوم صاحب جي قطعن جو هي مجموعو ۱۹۹۲ع ۾ "طالب المولیٰ اڪيڊمي هالا" پاران ڇپيو.

(۱۹) منهنجو نندپڻ: مخدوم صاحب جي نندپڻ جي يادگيرين تي ٻڌل هي ڪتاب ۱۹۹۳ع ۾ شايع ٿيو.

(۲۰) بهارستان: رباعين جو هي مجموعو، ۱۹۹۴ع ۾ "طالب المولیٰ اڪيڊمي" پاران شايع ٿيو.

(۲۱) لُغات سنڌي مُخففات: مخدوم صاحب هي ڪتاب پنهنجي دوست ۽ مريد مرحوم احمد خان "آصف" مصرائي جي مدد سان لکيو ۱۹۹۱ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب بابت ناشر پاران ۾ لکيو ويو آهي:

> "لغات سنڌي مخففات" پنهنجي موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان قواعد، صوتيات ۽ زبانداني جي ماهرن لاءِ وڏي وٿ آهي. فاضل مصنف جي علمي بصيرت، گيرائي ۽ مطالعي جي گهرائي لاءِ سندس هي ڪاوش منفرد، بي مثل ۽ بي بها آهي. هن مواد ڇيڇڻ سان سنڌي زبان تي تحقيقات جو رُخ بدلبو ۽ هڪ نئين باب جو خاطر خواهہ اضافو ٿيندو. جڏهن بہ سنڌي ۾ صوتيات تي لکبو تہ هي ڪتاب ان جي رهبري ڪندو ۽ هن جي تذڪري کان سواءِ اها تحقيقات تشنه سمجهي ويندي." •

# مولوي احمد ملاح

نہ رڳو لاڙ، پر سڄي سنڌ پنهنجي هن مايہ ناز فرزند تي سدائين ناز ڪندي رهندي، جنهن پنهنجي شعرن ذريعي پير پرستي، قبر پرستي ۽ ٻين مشرڪانہ بدعتن خلاف سخت تنقيد ڪئي، پر پنهنجي ڪلام ذريعي مئل دلين کي جاڳايو ۽ منجهن روحاني روح ڦوڪيو ۽ توحيد پرستي جي تبليغ ڪئي.

## سوانح:

مولوي احمد ملاح ١٨٧٧ع ڌاري بدين تعلقي جي ڳوٺ ڪنڊيءَ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو نانگيو ملاح هو. سندس پيءُ هڪ مسڪين ماڻهو هو، تنهن ڪري ڪيس ننڍپڻ ۾ ئي مال چارڻ جي ڪم سان لڳايائين. مال چاريندي ڪيس علم جو شوق اڇي ٿيو ۽ مال کي ڇڏي وڃي پڙهڻ ويٺو، جنهن جو ذڪر پنهنجي منظوم سوانح حيات ۾ هيئن ڪيو اٿائين.

ڍور چاريندي اچي ويو، اوچتو مونکي خيال،
علم ري انسان کي ڪجهہ ناهي، عزت احترام،
علم ري انسان جو، حيوان وانگر حال بد،
وهٽ ڦرجن ۽ ويامن، ٻيءَ نہ ڪيان ڪو قيام.

## تعليم و تدريس:

پهريائين ڀهڊميءَ جي مدرسي ۾ حافظ حاجي عبدالله مينڌري وٽ قرآن شريف پڙهيو ۽ انهيءَ کان پوءِ پڳڙا ميمڻ، تعلقي بدين ۾ مولوي محمد هاشم ڪڇيءَ وٽ فارسي تعليم ورتائون. تنهن کان پوءِ ٽوها بدين، سجاول گهڙو ۽ نانگو شاهہ جي مدرسن ۾ پڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي جي تعليم پرايائين. تنهن کان سواءِ شاهہ قادريءَ جي درگاهہ تي مولوي محمد اڪرم وٽ

پڻ ڳچ ڏينهن پڙهيو ۽ عربي ادب جو مطالعو ڪيائين. سندس دستاربندي گهڙو ڳوٺ ۾ ٿي، جتي مولوي خير محمد مگسي علم جي فيض کي جاري رکيو پي آيو.

مولوي احمد ملاح تعليم ختم ڪري، پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي ۾ موٽي آيو. گولي منڌري جي ڳوٺ ۾ مڪتب ۾ استاد مقرر ٿيو. اُتان پوءِ ”لاڪو پير“ ڪنڊو ۽ ڀهڊميءَ ۾ عربي فارسي ۽ سنڌي جي تعليم ڏيندو رهيو. آخر بدين ۾ ”مدرسه مظهر العلوم“ جي بنياد وڌائين ۽ ان جو منتظم ٿي رهيو. ان سان گڏ معلمي جا فرائض پڻ سرانجام ڏيندو رهيو.

۱۹۴۲ع ۾ وهابي ۽ سني جماعتن جي وچ ۾ مناظرا ٿيڻ لڳا. تنهن ڪري درگاهه شاهه قادري جي سجاده نشين پير عالي شاهه کي مدرسي جو ڪنجيون ڏيئي پاڻ هليو ويو. جيتوڻيڪ مولوي صاحب جي دلي همدردي وهابين سان هئي، پر بحثن ۾ حصو وٺڻ نقصانڪار سمجهيائين. پنهنجي مذهبي عقيدي بابت، ڪانئس سوال پڇندڙن کي هيئن جواب ڏنو اٿائين:

احد ۽ احمد سان آرام مون،
مجو دل منجهان دين اسلام مون،
گلن مثل گفتا، ڪندو گام مون،
پروڙج پڙهي پر، پڇين نام مون،
تہ الحمد مان ڪيو اکر لام مون،
پلا ڪر پلو، دين اسلام جو.

بعد ۾ مولوي صاحب ”مدرسي مظهر العلوم“ کي ڇڏي، غريب آباد بدين ۾ زمين جو ٽڪر وٺي ڀرپائين مدرسي جو بنياد رکيائين ۽ سال پن کان پوءِ مسجد جوڙايائين. اهو مدرسو ۽ مسجد اڄ بہ ”مولوي احمد ملاح“ جي نالي سان قائم آهي.

انهي مدرسي ۽ مسجد قائم ڪرڻ جو سبب اهو هو تہ انهي وقت لاڙ جي علائقي ۾ مذهبي مناظرا زورن تي هئا. پر مولوي صاحب شروع کان ئي اجاين بحثن مباحثن کان پري رهندو هو. ڇاڪاڻ تہ سندس نظر ۾ انهن بحثن مان ڪو فائدو ٿيڻ ۽ سٺو نتيجو نڪرڻ جو امڪان نہ هو. پاڻ سڄي عمر انهيءَ تعميري نقطہ نظر تي قائم رهيا ۽ پاڻ کي غير ضروري مذهبي بحثن ۽ مناظرن ۾ نہ الجهايائون.

"مولوي صاحب فارسي، عربي، اردو، سرائيڪي ۽ سنڌيءَ ۾ مهارت رکندو هو. سنڌي ۾ هڪ بهترين شاعر هو. سندس سنڌي شاعري ٻوليءَ، لغت جي ڄاڻ ۽ ٻين انيڪ خوبين سان ڀرپور آهي."(١)

## سياست:

درس و تدريس، شعر و شاعري ۽ تصنيف تاليف کان سواءِ مولوي صاحب سياست ۾ پڻ حصو وٺندو هو. پهرين مهاڀاري جنگ سبب جڏهن ترڪن تي ظلم و جبر جا پهاڙ ڪيرايا ويا. تڏهن برصغير ۾ ترڪن ۽ خليفي جي حمايت ۾ "تحريڪ خلافت" شروع ٿي. مولوي احمد ملاح "خلافت تحريڪ" توڙي قطع تعلقات تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ پنهنجن جوشيلن شعرن سبب انگريزن خلاف نفرت جي باهه ٻارڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. سندس انهيءَ دؤر جو شعر غيرت، حيرت ۽ جذبي جهاد سان سرشار آهي.(٢)

مولوي صاحب جي جوشيلن شعرن ۽ باغيانه خيالن جي پرچار جي سلسلي ۾ انگريز سرڪار کيس جيل ۾ وجهي ڇڏيو. جيل موڪلڻ کان اڳ مٿس هڪ ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ مٿس ڪوڙا شاهد بيهاري کيس سزا ڏياري ويئي. قيد ۾ به کيس ڪافي تڪليفون ڏنيون ويون، انهي قيد خاني ۾ ٿيل سلوڪ جو پڻ هڪ شعر ۾ مختصر ذڪر ڪيو اٿس.

سخائون وڻ ڪري سرڪار، سياسي لوڪ سان سگهڙي،
متان تنهنجو مسافر، منهن نه ٿئي هن ملڪ ڏي موٽي!
اڙي قرآن تان قيدي ٿيل، کهڙا ڪرين ٿو غم،
سگهي ڀاڻ سبب پٽبي، انهن چامن جي چاموٽي.

مولوي احمد ملاح، مير غلام علي خان ٽالپور جو دوست هو ۽ چوندن جي زماني ۾ مولوي صاحب جي مدد لاءِ هرڪو اُميدوار ڪوشش ڪندو هو.

## لنواريءَ وارو فتنو:

لنواري شريف ۾ خواجه محمد زمان جي درگاهه آهي، جتي چون ٿا ته نقلي حج ٿيندو هو. مولوي احمد ملاح انهيءَ بدعت جي خاتمي لاءِ تحريڪ ۾

(١) لاڙ جي ادبي ثقافتي تاريخ، غلام علي الانا، سنڌالاجي، صفحو ٢٢٣.
(٢) پيغام احمد، مولوي احمد ملاح، اسٽار پريس، صفحو ث.

ڀرپور حصو ورتو ۽ ۱۹۳۸ع ۾ مولوي عبدالرحيم ڀچمي، مولوي خير محمد نظامائي، مولانا عبدالحق رباني ۽ ٻين هزارين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان گڏ پيو پيرو جيل ويو. نيٺ سرڪار انهيءَ تحريڪ کان مجبور ٿي ٦ ذوالحج کان ۱۳ ذوالحج تائين لنواري شريف جي پنجن ميلن جي دائري اندر ۱۴۴ قلم لڳائي، هر قسم جي ميڙ، گڏجاڻي ۽ جلسي جلوس تي پابندي لڳائي ڇڏي. مولوي صاحب انهيءَ تحريڪ جو سرگرم اڳواڻ هو ۽ پنهنجي شعرن ذريعي انهيءَ بدعت جي خاتمي لاءِ خوب پرچار پڻ ڪيائين.

مولوي صاحب جي انهيءَ پرچار ايترو تہ اثر ڪيو جو اُن وقت سنڌ جو ڪهنہ مشق صحافي م ـ ع ـ ڏيپلائي پڻ ڪانئس گهڻو متاثر ٿيو ۽ مولوي صاحب جو هڪ ڪتاب "هيڪڙائي حق" 'اداره اسلاميه والاشاعت حيدرآباد' مان هڪٻئي پويان ٻہ ڀيرا ڇاپي پڌرو ڪيو. ڏيپلائي صاحب ڪتاب جي تعارف ۾ لکي ٿو:

"هن ڪتاب ۾ اهڙا ڪلام گڏ ڪيل آهن، جي مسلمانن کي پيري مريديءَ جي چڪر مان ڪڍي توحيد جي رستي تي لڳائن ٿا ۽ سندن دلين ۾ حق تعاليٰ جي هيڪڙائي جو يقين نقش ڪن ٿا."

## سياءُ ۽ سيرت:

مولوي احمد ملاح سادو سودو ۽ سباجهو انسان هو. قدرت طرفان اعليٰ ظرفي ۽ بلند حوصلو ورثي ۾ مليو هئس. هو دوستن جو دوست ۽ يارن جو يار هو. وڏو عالم ۽ بي نظير شاعر هو. توحيد جو مبلغ بنجي حياتي گذاريائين. درگاهن تي ٿيندڙ مشرڪانہ ريتن ۽ رسمن جي خلاف جهاد ڪيائين، جنهن ڪري پيرن ۽ مرشدن جو طبقو سندس دشمن بنجي پيو ۽ گهڻيون ئي تڪليفون سنائين. قدرت پاران کيس نهايت حساس دل مليل هيس، جنهن ڪري ڪنهن تي بہ ٿيندڙ ظلم ۽ واقعي تي شعر سندس اندر مان اُڀري ايندو هو. سندس اهڙا واقعاتي ۽ تاريخي شعر پڻ تمام گهڻا آهن. جن ۾ ويهين صديءَ جي ثقافت، تاريخ، سماجي توڙي مذهبي قدرن جو ڪافي ذخيرو گڏ ٿيل آهي.

## تصنيف ۽ تاليف:

مولوي احمد ملاح ٻين معرڪن کان سواءِ تصنيف ۽ تاليف ۽ ترجمي جي ڪم ۾ پڻ چاهہ وٺندو هو. نثر ۽ نظم ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل

آهن، انهن مان ڪي ڪتاب هي آهن. (١) معرفت الاالله. (٢) گلزار احمد. (٣) گلشن احمد. (۴) هيڪڙائي حق. (۵) فتح لنواري. (٦) شرڪ چٽ. (٧) بياض احمد. (٨) پيغام احمد. (٩) ديوان احمد ۽ (١٠) نورالقرآن.

پويون ڪتاب قرآن پاڪ جو منظوم سنڌي ترجمو آهي.

## قرآن پاڪ جو منظوم ترجمو نورالقرآن:

مولوي احمد ملاح جو سڀ کان وڏو ڪارنامون، خدا جي ڪلام ”قرآن پاڪ“ جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو آهي. اهو ترجمون پاڪ انتهائي باريڪ بيني، عرق ريزيءَ ۽ محنت سان ڪيائين. اهو ساهه سٽير، دلپذير ۽ عظيم ڪم پاڻ پنهنجي پوئين عمر ۾ ڪيائين ۽ ڏهه سال رات ڏينهن جي محنت بعد اهو ڪم پورو ڪيائين، جنهن جو ذڪر پنهنجي منظوم سوانح عمريءَ ۾ هيئن ڪيو اٿس:

پنجونجاهه کان پوءِ پيم پهه ترجمي سنڌيءَ سندو
عمر پوري پنجهٺ ۾ ترجمو ٿيڙو تمام.

سندس قرآن پاڪ جو اهو دلپذير ترجمو هڪ اهم ڪارنامون آهي. تاريخي روايت آهي ته قرآن پاڪ جو دنيا ۾ پهريون ترجمو ”سنڌيءَ ٻولي“ ۾ ٿيو هو ۽ اها به حقيقت آهي ته قرآن پاڪ جو پهريون منظوم ترجمو به سنڌيءَ ۾ ٿيو.

هيٺ سندس انهي ترجمي مان نموني طور ڪن سورتن جو اصل قرآن سميت ترجمو درج ڪجي ٿو:

بسم الله الرحمن الرحيم

قُـل هوَ اللهُ اَحَد اَللهِ الصـمـد
لم يَلدُ وَلَم يولَد ولم يكن له كفواً احد.

ترجمو: اول نام الله جو، برڪت بيشمار
سو ڏيهن ڏاتار، سو سڀاجهو سڀين پرين،
چئبو آهي، حق اِهو، ته الله آهي هيڪڙو،
الله بي احتياج سِو، نه ڪنهن سان سگ سهو،
نه ڄائين، نه ڄائو ڪونهيس ڪيڙ ڪهو،
جنهن جيڏو، جنهن جهو، هرگز ناهي هيڪڙو.

## سورة الفلق

بول، تہ پيلي ٿو ونان، صبح جو سائين،
کنان خرابي خلق جي، جيڪي جوڙيائين،
پڻ رولاڪن کان رات جي، جڏھن چمن تي چائين،
ڳنڍيون ڦوڪيندڙن جي، سوٽيان سدائين،
۽ جڏھن ٻچان پائين، تنھن ٻچڙي جي بہ ٻچان کان.

## سورة لهب

هٿ ڀيڻي ابو لهب جا، ڇُڪن، بہ ڇُڪي پاڻ،
جو ميڙيائين، ڪ مال سندس، ڪجھ نہ ڇڏايس ڪاڻ،
اُلون واري آڳ ۾، آيو رهيو جاڻ،
۽ پڻ عورت اُن جي، ڦابو ڪانين ساڻ،
اٿس اُت اهجان، ڪنڌ ۾ رسو ڪاباڙ جو.

قرآن پاڪ جي منظوم ترجمي کان سواءِ التحيات، دعاءِ قنوت، سيدالاستغفار ۽ درود شريف جو پڻ پاڻ منظوم ترجمو ڪيو اٿائين، جيڪي سندس ڪتاب ”بياض احمد“ ۾ شامل آهن.

### وفات:

آخري عمر ۾ مولوي صاحب گهٽو ڪري بيمار گذاريندو هو ۽ پڇاڙيءَ جا بہ سال صاحب فراش رهيو ۽ بي سرو ساماني‌ءَ جي حالت ۾ بيماريءَ سان منهن ڏيندي ١٩ جولاءِ ١٩٦٩ع تي وفات ڪيائين. وفات وقت سندس عمر لڳ ڀڳ سؤ سالن جي هئي.

آڻ ”احمد“ چئي وري، آگا! وطن ۾ او عجيب،
جيءَ ڇڇي ساجن سونهارا، دوست ٻئي ڪنهن ديس ويا.

# مرزا قليچ بيگ

سنڌي ٻولي ۽ ادب جو ڪوبہ تذڪرو شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ کان سواءِ اڻ پورو ليکيو ويندو. اها سنڌي ٻوليءَ جي خوش قسمتي چئبي جو کيس مرزا قليچ بيگ مليو. مرحوم جي ايم مهڪريءَ جي لفظن ۾،

"سنڌي ٻولي اردو ۽ ننڍي کنڊ جي ٻين ڪيترين ئي ٻولين کان ڪافي اڳتي آهي، انهن ٻولين کي پنهنجو ڪوبہ قليچ بيگ نہ مليو، پر توهان وٽ آهي. جيڪو بہ ماڻهو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪا شئي ترجمو ڪري ٿو، سو قليچ بيگ جي دانشورانہ ڪتب جو پاتي آهي. جيڪو ليکڪ بہ هو ۽ مترجم بہ."

## سوانح:

مرزا قليچ بيگ جو جنم ۷ آڪٽوبر ۱۸۵۳ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي ٺوڙهي ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو مرزا فريدون بيگ هو، جنهن کي ست پُٽ هئا. قليچ بيگ انهن ۾ ٽيون نمبر هو. مرزا فريدون بيگ جارجيا جو وينل هو ۽ هڪ امير عيسائي گهراڻي سان واسطو هئس. پاڻ ننڍي هوندي ۱۷۹۷ع ڌاري، ڪنهن جنگ ۾ گرفتار ٿي ايران آندو ويو. ڏهن سالن جي عمر ۾ مير ڪرم علي خان وٽ، ايران جي حڪومت طرفان سوکڙي ڪري موڪليو ويو. اڳتي هلي مسلمان ٿيڻ جي ڪري سندن نالو "سڌني" مان بدلائي فريدون رکيو ويو ۽ پاڻ فريدون بيگ سڏجڻ لڳو.

مير ڪرم علي خان "فريدون بيگ" کي پنهنجي اولاد وانگر نپايو. سندن خاندان جو وڌيڪ احوال مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن "تاريخ سنڌ" (انگريزي)، يادگيريون ۽ "حيات قليچ" مان ملي سگهي ٿو.

## تعليم ۽ تربيت:

انهي وقت جي دستور موجب قليچ بيگ ابتدائي تعليم فارسي سکڻ

۽ قرآن شريف پڙهڻ سان شروع ٿي. تنهن کان پوءِ هو سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو. جتي سنڌي سان گڏ عربي ۽ انگريزي تعليم به حاصل ڪيائين. اها قليچ بيگ جي خوش قسمتي هئي ته کيس اتي نهايت همدرد ۽ قابل استاد نصيب ٿيا، جن سندس شخصيت کي ناهڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو. قليچ جي انهن شروعاتي بزرگن استادن ۾ لڪشمڻ وشنو مرهٽو ۽ قاضي حاجي احمد مٽيارين وارو مخدوم مکيه آهن. پر قليچ جو ڪردار ناهڻ ۾ جنهن استاد سڀ کان وڏو ڪردار ادا ڪيو، سو هو پروفيسر مرزا حيرت. قليچ جڏهن اسڪولي تعليم پوري ڪري، بمبئيءَ ۾ ايلفنٽن ڪاليج ۾ اعليٰ تعليم جي لاءِ داخل ٿيو (١٨٧٣ع) ته مرزا حيرت اتي پروفيسر مقرر ٿي آيو ۽ هن قليچ کي پنهنجي پٽ وانگر پالئيو. قليچ کي فارسي ۽ عربي چڱي ايندي هئي ۽ پروفيسر حيرت کيس انهن ٻولين جي علمي ڪتابن مطالعي ڪرڻ جو شوق ڏياريو. بعد ۾ ترڪي زبان پڻ سيکاريائينس.

ڪاليج جي زماني ۾، ڪاليج جا ڪيترائي هم ڪلاسي ٻين ٻولين، قومن ۽ مذهبن جا هئا. جهڙوڪ: مرهٽا، گجراتي، پارسي وغيره انهن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ سنگت ساٿ جو قليچ تي اثر پيو ته هن جي دل مذهبي تعصب جي اثر کان پاڪ رهي. هو صوفي منش ٿي پيو. مڙني مذهبن، قومن ۽ نسلن جو احترام ڪرڻ سکيو. جو هڪ اعليٰ انسان جو مرڪ آهي. انهي حوالي سان پاڻ هڪ هنڌ لکيو اٿس:

> ”ماڻهو مون کان پڇندا آهن ته تنهنجو ڪهڙو مذهب آهي؟ سني آهين يا شيعو آهين. يا وچئون ڪو ٻيو مذهب اٿيئي؟ تنهنجو پير يا مرشد ڪير آهي ۽ اهڙن وقتن تي آءٌ ڏاڍو مُنجهي پوندو آهيان ۽ نيٺ کين چوندو آهيان: آءٌ سني به آهيان، شيعو به آهيان، بلڪ سيني مذهبن جو آهيان. سيني مذهبن جا احوال ڄاڻان ۽ انهن تي ڪتاب لکيا اٿم ۽ سيني سان تعصب کان سواءِ گذاريندو آهيان.“

ڪيو تعصب ڏار ٻاهر، هندو ۽ مسلم جو ٿانءُ،
نه ته اندر ميخاني ۾ ساقي به هڪ ساغر به هڪ.

## عملي زندگي:

ڪاليجي تعليم پوري ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي صحت جي خرابيءَ سبب بمبئي مان موٽي آيو. ڪجهه وقت صحت سڌارڻ ۾ لڳس ۽ پوءِ روزگار

واسطي سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو. پهرين هو شڪارپور جي ڪڪڙ تعلقي جو هيڊ منشي مقرر ٿيو. نوڪري نهايت ايمانداري ۽ خوش اسلوبيءَ سان ڪيائين. انهي ڪري ترقي ڪندو ويو ۽ وڃي ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي پهتو ۽ ١٩٠٩ع ۾ انهي عهدي تان پينشن تي لٿو. ان وقت سندس عمر ڇاونجاهہ سال هئي. مرزا قليچ بيگ ٽي شاديون ڪيون، جيڪي پاڻ هڪبئي جي پويان وفات ڪرڻ بعد ڪيون. ڪيس انهن مان اولاد يارنهن فرزند ۽ ٽي نياڻيون پيدا ٿيون.

## تصنيف ۽ تاليف:

مرزا قليچ بيگ جي گهر جو ماحول علمي هو. قليچ جو پيءُ ۽ نانو فارسي زبان جا عالم هئا ۽ ڪين ڪتابن گڏ ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. پنهنجي ناني ۽ پيءُ جي علمي شوق ڪان متاثر ٿي، قليچ پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ فارسي ۾ نظم جوڙيندو هو. جي پوءِ سندس نانو ۽ پيءُ درست ڪري، پنهنجن مهمانن کي ڏيکاريندا هئا. مهمان خوش ٿي، قليچ کي شاباس ڏيندا هئا ۽ سندس لياقت جي واکاڻ ڪندا هئا. انهي همت افزائيءَ قليچ جو حوصلو وڌايو ۽ اهڙي ريت، هن جي لکڻ، پڙهڻ جو لاڙو جيئن پوءِ تيئن پڪو پختو ٿيندو ويو.

انگريزن جي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بہ گهڻو سڌاريو ۽ وڌايو ويو ۽ وڏا وڏا يوربي عملدار پنهنجي علائقي جي ٻولي ۽ تاريخ جو ابياس ڪندا هئا ۽ مفيد معلومات ڪٺي ڪري ڪتاب لکندا هئا. انهي ڳالهہ مرزا قليچ کي، پنهنجي ننڍپڻ جي علمي شوق کي، نوڪريءَ واري زماني ۾ قائم رکڻ لاءِ همت ڏياري. سرڪاري نوڪريءَ ۾ بہ واندڪائي جو وقت گهڻو ڪري هو ڪتابن لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ صرف ڪندو هو. ڪي ڪتاب هن خاص سرڪاري حڪم سان لکيا. انهن ڪتابن لاءِ سرڪار وٽان ڪيس انعام ۽ اڪرام پڻ مليا. بيا ڪتاب وري پاڻ پنهنجي ذوق ۽ شوق سان لکيا. سي وري سندس همت افزائي لاءِ تعليم کاتي وارن درسي ڪتاب يا هوشيار اسڪولي شاگردن لاءِ انعامي ڪتاب يا وري اسڪولن لاءِ لئبرري ڪتاب ڪري منظور ڪيا.

ملان مڪتبن جاري ٿيڻ بعد، گهڻيئي ڪتاب انهن مڪتبن جي شاگردن لاءِ لکيائين. ڪجهہ ڪتاب زنانن مڪتبن ۽ ڪي وري خاص مذهبي مسلمانن لاءِ لکيائين. ڇاڪاڻ تہ مسلمانن ۾ تعليم جو شوق گهٽ هو ۽ اهڙي

ڪتابن جي ان وقت از حد گھرج هئي. تنهن کان سواءِ ٻين مذهبن ۽ سوسائٽين جي اصولن بابت پڻ، انهن جي پوئلڳن جي فرمائش تي ڪتاب لکيائين. جن مان ڪي نثر ۾ هئا تہ ڪي نظم ۾. ٻين لکندڙن کي پڻ سندن فرمائش تي ڪتابن جا ديباچا يا مهاڳ لکي ڏيندو هو.

سندس انهن علمي ۽ ادبي خدمتن جي عيوض سرڪار طرفان پهرين ١٩٢۴ع تي هن کي "خانبهادريءَ" جو لقب مليو. پوءِ "شمس العلماءَ" جو خطاب مليس. ان کان اڳ کيس "قيصر هند" جو تمغو پڻ ڏنو ويو.

مرزا صاحب کي پنهنجي زبان سان والهانہ عشق هو. ان ڪري هن نت نرالن موضوعن تي، ٻين ٻولين مان ترجما ڪري ڪتاب لکي، سنڌي ٻولي کي مالا مال ڪيو. سندس ڪتابن جي موضوعن کي ڏسبو تہ حيرت وٺندي تہ شايد ئي ڪو موضوع هجي، جيڪو مرزا صاحب جي قلم مان نہ نڪتو هجي. مرزا صاحب جي ڪُل ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جو تعداد ڪُل ۴۵۷ بيهي ٿو. اهو ڏسي حيرت ٿي ٿئي تہ مرزا صاحب هڪ نهايت مصروف سرڪاري عملدار هوندي ۽ بجلي، ريڊيو، ٽي - وي ۽ ٻين سهوليتن نہ هوندي بہ ايترا ڪتاب لکيا، جنهن مان اها ڳالهہ ثابت ٿي ٿئي تہ هو صحيح معنيٰ ۾ هڪ اورچ، لائق ۽ محنتي انسان هو ۽ زندگي عيش ۽ آرام ۾ وڃائڻ بدران علم ادب جي ڪيتر ۾ قلم جي هر هلائڻ کي ترجيح ڏنائين. علي احمد بروهي جي لفظن ۾ تہ: "اهڙي علمي بلندي کي سر ڪيائين، جنهن جي پهچ لاءِ ڪو سوچي بہ نٿو سگهي. آئون نٿو سمجهان تہ مرزا مرحوم زندگي جي ڪا اجائي گهڙي بسر ڪئي هوندي."

سندس انهيءَ علمي ڪم کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ هو صحيح معنيٰ ۾ "عالمن جو آفتاب" هو. پر انهيءَ هوندي بہ هو پنهنجي نهٺائي جو اظهار ڪندي هڪ شعر ۾ هيئن ٿو چوي:

ڪنهن علم کان پڻ، قليچ محروم نہ ٿيو،
نڪتو نہ رهيو، جو اُن کہ مفهوم نہ ٿيو،
ستر جي قريب پهتو، تڏهن ان کي،
معلوم ٿيو تہ ڪي بہ معلوم نہ ٿيو.

## قليچ جا ڪتاب:

مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن بابت اعجاز علي بيگ مرزا جي تحقيق

موجب، ڪُل ڪتابن جو تعداد ۴۵۷ بيهي ٿو. تنهن کان سواءِ سندس مختلف هنڌن تي ڪيل تقريبن جو تعداد پڻ ٿيهن کان وڌيڪ آهي. تنهن کان سواءِ ٻين تحريرن ۽ تقريظن جو تعداد اچا بہ وڌيڪ آهي. ڊائرين يا روزنامچن جو بہ ڪافي تعداد آهي، جيڪي سنڌ جي تاريخ جي مواد سان ڀريل آهن.

مرزا قليچ بيگ جي لکيل يا ترجمو ڪيل ڪتابن جي ٿلهي ليکي موضوع وار ترتيب هن ريت ٿي بيهي.

(١) مختلف موضوعن تي انگريزي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪيل ٦٩ ڪتاب، (٢) انگريزي ۾ لکيل ڪتاب ۴١، (٣) فلسفو ۽ اخلاقيات ٨٩ ڪتاب، (۴) سنڌي ڊراما ٢٠ ڪتاب، (۵) ناول يا آکاڻيون ٢٣، (٦) ادبي ۽ اسڪولي ڪتاب ١١٩ ڪتاب، (٧) زناني تعليم تي لکيل ڪتاب ١٩، (٨) ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب ١٧، (٩) سنڌي نظم ۾ مختلف ڪتاب (ترجما ۽ طبعزاد) ٢٩، (١٠) فارسي ۾ لکيل ڪتاب ٢٢، (١١) عربي ۾ لکيل ڪتاب ٣٠، (١٢) اردو ۾ لکيل ڪتاب ۵، (١٣) بلوچي گرامر هڪ ڪتاب.

اندازي موجب اجا تائين مرزا صاحب جي اڻ ڇپيل ڪتابن جو بہ وڏو انگ سندس پونيئرن وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي.

## وفات:

نوڪري پوري ڪري پينشن تي لهڻ بعد مرزا مرحوم جي خاص مشغولي نواب شاهہ ۾ سرڪار وٽان مليل زمين جي سار سنڀال ۽ نظرداري ڪرڻ هو ۽ هو پنهنجو اڪثر وقت اُتي ئي گذاريندو ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ رڌل رهندو هو.

١٩٢٩ع جي اپريل مهيني ۾ گردي ۾ سور ۽ سنت ٿي پوءِ نمونيا ٿي پيس، علاج کان پوءِ ڪجهه ٺيڪ ٿيو تہ وري بہ لکڻ پڙهڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ جنبي ويو، جنهن ڪري بيماري اُٿلي پيس. نيٺ ٣ جولاءِ ١٩٢٩ع ۾ پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. ڪيس حيدرآباد جي ٽنڊي نوڙهي جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

دنيا مان گهٽيئي، صاحب اقبال ويا،
دولت نہ وئي ساڻ، نہ اطفال ويا،
پهچائي قبر تائين وري آئي خلق،
جي ساڻ ويا تہ يارو اعمال ويا.

# محمد ابراهيم جويو

سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ روشن خيالي ۽ ترقي پسند فڪر جي ڦهلاءَ ۽ واڌ ويجهہ لاءِ جن اديبن، ڏاهن ۽ دانشورن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيئن سنڌي قوم پنهنجي موجوده پست حاليءَ مان نڪري نئون جنم وٺي، انهن ۾ محترم محمد ابراهيم جويي جو نالو سرِ فهرست لکبو.

## جنم ۽ تعليم:

محمد ابراهيم جويو ١٣ آگسٽ ١٩١٥ع ۾، تيرت لڪيءَ جي پر ۾ هڪ ننڍي ڳوٺ 'آباد' ۾ جنم ورتو، جيڪو سنڌو دريا جي اُتـلِ پٽـل ڪري ميسارجي چڪو آهي، سندس والد جو نالو محمد خان جويو هو. پاڻ اڃا ننڍو ئي هو، جو سندس پيءُ گذاري ويو. ٿوري وقت بعد هن جي والده بہ گذاري ويئي، تنهن کان پوءِ هي پنهنجي ڏاڏيءَ جي سنڀال هيٺ رهيو.

محمد ابراهيم جويي ابتدائي تعليم 'آباد' جي سنڌي اسڪول ۾ ورتي. اُتي چار درجا پڙهي، پوءِ لڪيءَ جي اسڪول ۾ داخل ٿيو. اُتي بہ درجا پڙهي، ١٩٢٧ع ۾ سن جي اسڪول ۾ داخل ٿيو. اُتان ٽي درجا پاس ڪري، ١٩٣٠ع ڌاري ڪراچي جي سنڌ مدرسي ۾ اچي پڙهڻ ويٺو، جتي کيس نهايت لائق استاد مليا. ڪجهہ وقت لاءِ علامہ دائود پوٽو مدرسي جو پرنسپال رهيو. پاڻ ١٩٣٤ع ۾ سنڌ مدرسي مان مئٽرڪ پاس ڪري، ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتي جي لائق ۽ فائق استادن جي نگرانيءَ ۾ هو تعليم پرائيندو رهيو. پاڻ اُتان ١٩٣٨ع ڌاري، بي اي جو امتحان پاس ڪيائين.

## نـوڪريون:

ڪاليج جي تعليم کان پوءِ، محمد ابراهيم جويو سنڌ مدرسي ۾ ماستري جي نوڪري ڪرڻ لڳو. ١٩٤٠ع ۾ بمبئي بي - ٽي پڙهڻ ويو،

جتان ١٩٤١ع ۾ موٽي آيو. سنڌ مدرسي ۾ ڪجهه وقت نوڪري ڪرڻ بعد، هن هڪ ڪتاب "سيوَ سنڌ، سيوَ دي ڪانٽيننٽ" انگريزيءَ ۾ لکيو، جنهن تان ڪاوڙجي مدرسي جي صدر، پير الاهي بخش، کيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. جويي صاحب سنڌ مدرسي ۾ ڏهه سال ماستري ڪئي. ١٩٤٨ع ۾ ٺٽي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ نوڪري ورتائين ۽ اُتي ٻه سال کن ماستري ڪيائين ۽ جڏهن اهو اسڪول، سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو ته ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد ۾ بدلي ٿيس. جويي صاحب سڄي عمر تعليم ڏيڻ جوئي ڪم ڪيو. پنهنجي انهيءَ ماستري نوڪريءَ جي حوالي سان هڪ هنڌ لکيو اٿس، "ٻي ڪا نوڪري، شروع ۾ ئي نه مون ڳولي، نه مون ڪئي."

## سنڌي ادبي بورڊ ۾:

١٩٥١ع ۾ سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ (جيڪو پوءِ "سنڌي ادبي بورڊ" ٿيو) جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو، جنهن عهدي تي رهي ١٩٦١ع تائين سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ تاريخ جي وڏي خدمت ڪئي. ١٩٦١ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ واپس ٿيو، جتي رهندي ١٩٦٣ع ۾ اضافي طور، کيس بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. جويو صاحب ڪجهه وقت جيڪب آباد هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر، ڪجهه وقت گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج ڪوهاٽ جو هيڊ ماستر، ڪجهه وقت لاءِ رجسٽرار ايگزمائينيشن، انسپيڪٽر آف اسڪول خيرپور ڊويزن، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سنڌ، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو پهريون سيڪريٽري ۽ پوءِ ميمبر ٿي رهيو. ١٩٧٣ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين. ١٩٩٧ع ۾ کيس سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري شپ جي دوران سنڌي ٻوليءَ، لغت، ادب ۽ تاريخ بابت ڇپجندڙ اڪثر ڪتاب سندس نظر مان نڪرڻ کان پوءِ ئي ڇپجڻ جوڳا سمجهيا ويندا هئا. بورڊ جا ڪئين اهڙا ڪتاب جيڪي مترجمن کان غير معياري ترجمو ٿي ايندا هئا. جويو صاحب، انهن جي ترجمي کي سڌاري سنواري اهڙو ته معياري بنائي ڇڏيندو هو، جو هوند اهي ڪتاب نئين سر ترجمو ٿيل سمجهجن ته ڪر ڇڱو، پر اهي ڪتاب جويي صاحب جي بدران، انهن ئي مترجمن جي نالي سان ڇپبندا هئا. سنڌي ادبي بورڊ کي سنڌ جي ماضي جي ادب جي حفاظت جو پنڊار بنائڻ لاءِ جويي صاحب رات

ڏينهن محنت ڪئي.

سنڌي ادبي بورڊ ۾، جويي صاحب جنهن جذبي سان ڪم ڪيو، انهيءَ بابت سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ لکيو آهي:

"جويي صاحب بورڊ ۾، سنڌي ادب لاءِ اهو مشنري جذبو ڏيکاريو، جهڙو ڊاڪٽر عبدالحق اردو ادب جي لاءِ ڏيکاريو هو. پهرين ان سالن ۾ بورڊ جو ڪم ڏيکاريو. اهڙو شايد پاڪستان يا هندستان جي ٻئي ڪنهن به اداري مشڪل ڪيو هوندو ته ڪم جو اهو سهرو جويي صاحب جي سر تي وڃي ٿو."

## مهراڻ جي ادارت:

سنڌي ادبي بورڊ ۾ اچڻ، ۽ مهراڻ جي ايڊيٽري سنڀالڻ ۽ "گل ڦل" جي ادارت ڪرڻ ۽ اداريا لکڻ جويي صاحب جو اُتم ڪارنامو آهي. جويي صاحب مهراڻ رستي "جديد سنڌي ادب" جي آبياري ڪئي. ٥٦-١٩٥٥ع جي "مهراڻ" رسالن جا لکيل سندس ايڊيٽوريل، خاص ڪري "آزادي"، "ون يونٽ"، "اديب، ناشر ۽ پڙهندڙ"، "ٻولي"، "سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا"، "فنڪار جا ڳوڙها" "ٻولين جي ڏي وٺ"، "نج سنڌي لفظ"، "ٻه پور"، "ادب جي درگاهه"، "انسانيت" وغيره پنهنجو مٽ پاڻ آهن ۽ اندازو ٿي وڃي ٿو ته هن ڪهڙي سوچ ۽ ساڃاهه تحت سنڌي ادب جي آبياري ڪرڻ تي گهري ۽ اها عملاً ڪري به ڏيکاري. "مهراڻ" جي انهن ان اشاعتن ۾ شامل ادب دوستن جي خطن ۾ هڪ پيغام ڏنل آهي. مهراڻ جي ادارين ۽ ان ۾ شايع ٿيل خطن ۽ ٻي مواد مان پتو پوي ٿو ته جويو صاحب سنڌي ادب جي معيار ڪي ڪيڏو نه اتاهين پد تي ڪٿي ويو هو. انهيءَ ٿي (مهراڻ واري) زماني ۾ جمال ابڙو هڪ افسانہ نگار ۽ ڪهاڻيڪار طور اُڀريو، رسول بخش پليجو ادبي تنقيد ڏانهن مائل ٿيو ۽ شيخ اياز جي شاعري بلوغت کي پهتي.

## سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت:

١٩٧٣ع ۾ سرڪاري نوڪري تان رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ جويي صاحب جي زرخيز ذهن "سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي" جي رٿا تي سوچيو ۽ عمل ڪيو ۽ هڪ ٻارهن نقاطي پروگرام جوڙي، رجسٽر ڪرائي،

پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم شروع ڪيو. انهيءَ جي پڌرنامي ۾ سوسائٽيءَ جي مقصدن جي وضاحت ڪندي، جويو صاحب لکي ٿو:

"ٿلهو سرڪار تي پاڙڻ بدران اسين پاڻ تي به پاڙڻ گهرون ٿا. اسين اپرا آهيون. اسين هيڪلا آهيون، اسين سڀ خالي هٿين آهيون، پر ان جو اسان کي ڪو خيال ڪونهي. اسين ڪنهن سان وڙهڻ نٿا گهرون. اسين ڪنهن به ٻولي يا اُن کي مليل يا ان جي حاصل ڪيل ڪنهن درجي جا انڪاري يا مخالف نه آهيون. اسين فقط پاڻ اڳتي وڌڻ چاهيون ٿا. اڳتي وڌندڙ ادب، وطن دوست ادب آهي، جنهن ۾ رهندڙ انسان امن ۽ خير ۾ رهن ۽ خوش رهن. اڳتي وڌندڙ ادب مذهب دوست ادب آهي، جنهن مذهب جي معنيٰ انسان شناس فڪر ۽ انسان پسند عمل آهي. اڳتي وڌندڙ ادب، انهيءَ ڪري، سڀ ڪان وڌيڪ انسان دوست ادب آهي. جيڪو انسان جي انسانيت کي اڳتي وڌائي ٿو ۽ ماڻهوءَ مان مروڙيو ڪڍي، اُن ۾ ماڻهپو اُڀاري ٿو. اهڙي ادب کي اسين ترقي پسند ادب سڏيون ٿا. اسان جي خيال ۾ جيڪو ادب انهيءَ معنيٰ ۾ ترقي پسند آهي، سوئي ادب آهي، ٻي حالت ۾ اُهو ادب، ادب ئي نه آهي، چاهي اُن تي عقيدتمنديءَ، ايمان، ۽ نعريبازي جا ڪيترا به غلاف چڙهيل ۽ گُل جڙيل ڇو نه هجن."

جويي صاحب انهيءَ سوسائٽي جي پليٽ فارم تان ڪيترائي اهم ۽ ناياب ڪتاب، معياري گيٽ اپ ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڇپرائي پڌرا ڪيا.

سنڌ ۾ جويي صاحب جو ڪردار ۽ حيثيت، هڪ فڪري اُستاد ۽ سونهين واري رهي آهي. ڪن اُتم انسان سنڌ جي بقا ۽ وجود ۽ همه گير اوسر جي لاءِ ڪيتريون ئي شاندار ۽ اڻ وسرندڙ خدمتون انجام ڏنيون آهن. هي غير معمولي ڪردار رکندڙ شخص حقيقي معنيٰ ۾ قومي سرواڻ هئڻ جي باوجود، سدائين پس منظر ۾ ڪارڪن ٿي رهيو.

## نصابي ڪتابن جي تشڪيل:

جويي صاحب جو، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي سيڪريٽري ۽ پوءِ ميمبر جي حيثيت ۾ نصابي ڪتابن جي ترتيب ۽ تياريءَ ۾، خاص هٿ رهيو. هن سنڌ جي مڃيل تعليمي ماهرن جي صلاح، مشوري ۽ نظرثاني ڪانسواءِ،

اڪثر ڪتابن کي مستند نہ سمجھيو ويندو آهي ۽ هن ڪيترن ئي درسي ڪتابن جا سبق لکڻ جو ڪم ڪيو ۽ ڪن درسي ڪتابن کي سنڌي ۾ ترجمو پڻ ڪيو، جن ۾ سماجي اڀياس (تاريخ) ١٩٦١ع قابل ذڪر آهي.

جويي صاحب جو، پنهنجي تخليقي ۽ طبعزاد مضمونن ۽ ڪتابن کان سواءِ دنيا جي ادب مان چونڊ ۽ بيحد ڪارائتا ڪتاب ۽ ليک، وقت بوقت سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي جھوليءَ کي مالا ڪندو رهيو. جويي صاحب جي ترجمي جي فن تي روشني وجھندي ناماياري دانشور سراج ميمڻ لکيو آهي:

"ترجمي لاءِ ڪتابن جي چونڊ ۾ محمد ابراهيم جويي جي فڪر کي وڏو دخل رهيو آهي ۽ اهو فڪر آهي تہ جيڪي ڪتاب ترجمو ٿين، سي نہ رڳو ادب ۾ اضافو آڻين، پر سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ذهني سفر ۾ بہ قدم اڳتي نين."

سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمن جي اهميت ۽ افاديت بابت خود جويو صاحب لکي ٿو:

"ترجمي جي افاديت جي سلسلي ۾ هيءُ پڌرو دليل بہ پيش ڪري سگھجي ٿو تہ انساني فڪر جي واڌ ۽ پکيڙ دنيا ۾ جيتري ترجمن وسيلي ٿي آهي ۽ ٿي رهي آهي، اهڙي ڪنهن بہ ٻئي ذريعي سان ٿي نہ سگھي آهي. هندستان ۽ يونان جي ادب ۽ علم جو عربيءَ ۾ نقل ۽ يورپ جي ٻولين جي علمي ۽ ادبي ذخيري جو دنيا جي ٻولين ۾ منتقل ٿيڻ جديد مهذب دنيا جي ڄاڻ جون اهي زوردار بہ ڏارائون ٿي اُن جي مهذب بنجڻ ۽ مهذب هجڻ جو مکيہ سبب آهن. اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي تہ عالمي ادب ۽ فڪر جي اُتاري جي جيڪڏهن سڀ کان وڌ نہ تہ بہ لازمي طور وڌ ۾ وڌ ضرورت آهي."

سراج ۽ خود جويي صاحب جي مٿين راءِ جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن اسين جويي صاحب جي ترجمو ڪيل ڪتابن جي فهرست تي نظر ڪنداسين تہ اسان کي نظر ايندو تہ هي عظيم اُستاد ۽ ڏاهو، ڏاڪي بہ ڏاڪي پيڙهيل هيسيل ۽ غلام ماڻهن جي فڪري ۽ ذهني تربيت ڪندو نظر ايندو ۽ ان تربيت ۾ بہ هڪ ترتيب نظر ايندي. انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڇپيل ڪتاب

اسلام جو تاريخي ڪارنامون (۱۹۴۵ع)، فرانس جي انقلابي منڪر روسو جو "ايملي عرف تعليم" (۱۹۵۰ع)، يونان جي اديب ۽ تعليم دان پليوٽارج جو مضمون "ٻارن جي تعليم" (۱۹۷۲ع)، هاورڊ موئر جو "وحشي جيوت جا نشان" (۱۹۷٦ع)، برٽالٽ بريخت جو ڊرامو "گليلو" (۱۹۷۷ع)، اسٽيفن زويگ جو "فڪر جي آزادي" (۱۹۷۷ع)، ائنڊ بلائٽن جو "ٻارن جو مسيح" (۱۹۸۰ع)، جارج پوليزر جو "فلسفي جو ابتدائي ڪورس" (۱۹۸۳ع)، جي - ايم مهڪريءَ جي مضمون جو مجموعو "محڪريءَ جا مضمون" (۱۹۸۵ع)، پائلو فراريءَ جو "علم تدريس مظلومن لاءِ" (۱۹۹۰ع) ۽ "فرينچ انقلاب" (۱۹۹۰ع)، شامل آهن.

سنڌ ۾ علمي، ادبي ۽ فڪري غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ جويي صاحب جي ڪنيل قدمن جي سلسلي ۾ مٿين ترجمو ڪيل ڪتابن کان سواءِ سندس لکيل ۽ مرتب ڪيل هيٺيان ڪتاب پڻ اهم حيثيت والارين ٿا:

(۱) سنڌ بچايو - ننڍو کنڊ بچايو (انگريزيءَ ۾) ۱۹۴۷ع، (۲) شاهه، سچل، سامي (۱۹۷۸ع)، (۳) ماٺهوءَ جو ڀاڳ (۱۹۸۰ع)، عورتا زاد (۱۹۸۳ع)، (۵)، اسان جي ٻولي، اسانجي تعليم (۱۹۹٦ع)، (٦) هوءَ جا ٺهڪي ٻاهڙي (۱۹۹٦ع)، (۷) مُٺ مٺ موتين جي (۱۹۹۷ع)، (۸) ٻولي، ادب، تعليم، (۱۹۹۸ع)، (۹) خط، ٻن اديبن جا (۱۹۹۹ع)، (۱۰) ڳالهيون ڪتابن جون (ٻه ڀاڱا - ۲۰۰۰)، (۱۱) خط ٻن استادن جا.

مٿين ڪتابن کان سواءِ جويي صاحب جا ڪجهه اڻ ڇپيل ڪتاب پڻ موجود آهن.

سنڌ جا چوٽي جا اديب، دانشور ۽ ڏاها جويي صاحب کي پنهنجو ادبي اُستاد ۽ سونهون تسليم ڪن ٿا. انهن ۾ شيخ اياز، سراج، رسول بخش پليجي، غلام مصطفيٰ جتوئي، عبدالغفور الستيءَ جا نالا شامل آهن. هونئن به جويو صاحب سنڌ ۾ روشن خيالي ۽ ترقي پسند فڪر جي ٻاريل مشعل ۽ انهيءَ ۾ ادا ڪيل سرواڻي جي ڪردار سبب سيني روشن خيال فڪر رکندڙن جو استاد ٿي ته آهي.

# محمد عثمان ڏيپلائي

سنڌي ادب ۾ محمد عثمان ڏيپلائي ڪنهن زماني ۾ پنهنجي تاريخي ناولن جي ڪري، سنڌ جي نوجوانن جو ڪريز هو. ڇاڪاڻ ته ڏيپلائي نه رڳو اجاين ريتن رسمن جي خلاف پر پيري مرشديءَ جي خلاف مسلسل قلم ذريعي جهاد ڪيو ۽ هن مرد حق جي سڄي عمر انهي جدوجهد کي منظم ڪندي ۽ اُپاريندي گذري.

محمد عثمان ڏيپلائي ١٣ جون ١٩٠٨ع تي ٿرپارڪر ضلعي جي ڏيپلي شهر ۾ حبيب الله ميمڻ جي گهر ۾ ڄائو. سندس والد ننڍو واپاري هو. پاڻ اُتي ئي ست درجا سنڌي پاس ڪيائين. مائٽ ڪيس "سڪيلڊي" ۾ اڪيلي پُٽ هئڻ ڪري انگريزي تعليم جي لاءِ "مٺي" موڪلي نه سگهيا. هڪ مولويءَ کان ڪجهه فارسي پڻ پڙهيو. اڳتي هلي پنهنجي ذاتي صلاحيت جي ڪري گجراتي، هندي، اردو، گرمکي ۽ انگريزي مان به پوري پُني واقفيت حاصل ڪيائين.

پاڻ پهرين واپار ڪرڻ لڳو، پر انهيءَ مان آمدني صحيح نه ٿيڻ سبب، ٽيهن سالن تائين زميندارن جي نوڪريءَ ۾ رهيو.

ڏيپلائي صاحب کي ننڍي هوندي کان ئي اخبار ۽ آکاڻين پڙهڻ جو شوق هوندو هو. انهيءَ زماني ۾ "خليق" مورائي 'ترقي' رسالو ڪڍندو هو، جنهن کي پڙهڻ سان منجهس لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. سندس پهريون افسانو "علمي دنيا" رسالي ۾ "چنڊ سهڻو يا انسان" ڇپيو ۽ وري انهيءَ ئي رسالي ۾ "فريبي دنيا" لکيائين.

ڏيپلائي صاحب ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍو هوشيار هوندو هو. پاڻ جڏهن چوٿين درجي ۾ پڙهندو هو ته هٿ سان لکيل هڪ هفتي وارا اخبار "فرحت آثار" ڪڍندو هو، جيڪا پاڻ سڄو هفتو هٿ سان لکندو هو. جنهن

۾ آکاڻيون ۽ لطيفا وغيره هوندا هئا.

ڏيپلائي صاحب جي ۱۹۳۴ع ۾ "خليق مورائيءَ" سان ملاقات ٿي، جنهن جي چوڻ تي "قرآني دعائون" لکي شايع ڪرايائين. اهو سندس پهريون ڪتاب هو. اڳتي هلي اها لکڻ جي عادت منجهس ايتري تہ پختي ٿي ويئي، جو سوين ڪتابن جو ليکڪ بنجي ويو ۽ 'ڏيپلائي' نالو سندس هر تصنيف جو ٽريڊ مارڪ بنجي ويو.

محمد عثمان ڏيپلائي کي جيڪا گهڻي شهرت حاصل ٿي، اها ڏيپلائي جا اسلامي ناول واري سلسلي ذريعي ٿي. پهرين کيس جاسوسي ناول پڙهڻ جو شوق هوندو هو، پر پوءِ جڏهن عبدالحليم شرر جا تاريخي ناول هٿ چڙهيس ۽ خليق مورائي جو ناول "سُندري" پڙهيائين تہ منجهس اهڙا اسلامي ناول لکڻ جو شوق جاڳيو. تنهن کان سواءِ منشي صادق، نسيم حجازي ۽ راشدي الخيري جي ناولن بہ مٿس وڏو اثر ڪيو. ڏيپلائي صاحب جيڪو پهريون ناول لکيو اهو "سنگدل شهزادي" هو، جيڪو منشي صادق جي ڪتاب "آرمينا ڪا چاند" تان ماخوذ ڪيل هو. پاڻ اهو ڪتاب پنجاهہ روپيا اوڌر ڪٽي شايع ڪرايائين. بعد ۾ کيس خيال آيو تہ اهو سلسلو هلڻ گهرجي. ائين پاڻ تہ ماهي ڪتابن جي سلسلي جو اعلان ڪيائين ۽ "اسلاميہ دارالاشاعت" جي نالي سان ميرپور خاص ۾ هڪ ننڍڙو ادارو قائم ڪيائين. اهڙي طرح شوق ۾، پنجاهہ رپين جي اڌاري رقم سانْ شروع ڪيل انهيءَ اداري، سنڌي ٻولي کي ڏيپلائي جي قلم مان ڪئين ڪتاب ڇپائي ڏنا.

ڏيپلائي صاحب طبيعت جو بيحد جذباتي ۽ پُرخلوص انسان هو، جنهن ڪري شروع کان وٺي مختلف عمل ۽ ردعمل جو شڪار رهيو. سندس پهريون ردعمل مولوي عبدالرحيم پيچمي ۽ مولوي احمد ملاح جي اثر هيٺ پير پرستيءَ خلاف بيداري بابت ٿيو ۽ پوءِ مرشد ۽ پير پرستي جي خلاف سڄي عمر هن جو قلم تلوار بنجي وهندو رهيو. سندس لکٺيءَ ۾ طنز ۽ تنقيد تمام گهڻي هوندي هئي. پاڻ مرشدن جي خلاف ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جهڙوڪ: مرشد جي نٿ، مرشد جي ڏاڙهي، مرشد جي ٽنگ، مرشد جو گهوڙو، مرشد جي ديگ، مرشد جي ڪهاڙي وغيره شامل آهن. اهڙي طرح مرشدن جي ڪرتوتن تي پاڻ اٽڪل ٽيهارو کن ڪتاب لکيائين.

اهڙيءَ طرح پوءِ اسلامي جوش ۾ اچي هندن تي گهٽائي پنهنجي

قلم جي ذريعي حملا ڪيائين. اهڙن ڪتابن ۾ ”گلستان حسن“، ”شيوا جي“، ”شيش محل“، ”ڏاهري رنگ محل“ شامل آهن ۽ اهو سلسلو ٻه ڳهڻو وقت هليو.

۱۹۴۱ع ۾ جنگ جي ڪري، پني جي کوٽا تي سختي هئي ۽ ڪتابن جي لاءِ اخباري ڪاغذ جي استعمال تي پابندي وڌي ويئي. اخبارن ۽ رسالن کي سرڪاري اگهه تي پنو ملي سگهيو ٿي، پر ڪتابي ڪاغذ جي قيمت بليڪ تي پنجوڻ تي پهچي ويئي. ان ڪري ڏيپلائي پنهنجي ڪتابي سلسلي کي ماهوار ”عبرت“ رسالي جو نالو ڏنو. جيئن پنو سولائي سان ملي سگهي. جلد ئي پني تي ”پيپر ڪنٽرول آرڊر“ جاري ڪيو ويو، جنهن ڪري ڏيپلائي ”عبرت“ کي هفتيوار بنايو ۽ اڳتي هلي اها روزانه عبرت جي صورت اختيار ڪري ويئي ۽ ۱۹۵۸ع ۾ اها قاضي اڪبر کي وڪڻي ڏنائين.

ان وچ ۾ ڏيپلائي صاحب ۱۹۴۲ع ۾ دائمي طور تي حيدرآباد اچي رهيو. حيدرآباد واري دور ۾ ڏيپلائي جو مولانا مودودي جي جماعت اسلامي سان اتفاق ۽ اختلاف قابل ذڪر آهي. شروع ۾ جماعت کي زور وٺرائڻ لاءِ جماعت جي پوري پٺڀرائي ڪئي ۽ مودودي جي هر تازي تقرير سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇپايائين ۽ نيٺ سڄي پريس جماعت اسلامي جي لٽريچر ڇپڻ جي حوالي ڪيائين. پر جلد ئي هو جماعت اسلامي جي حقيقت کان واقف ٿي ويو ۽ انهي کان بدظن ٿي ويو ۽ مذهبي اڳواڻن کي زميندارن، سرمائيدارن ۽ سيٺين جا چاڙتا سمجهڻ لڳو، جنهن جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو:

> ”آخر مون هي مذهبي تماشو ٻه ڏٺو ته جيڪي شخص مذهبي فريب ڏين ٿا، سي سڀ درحقيقت ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سيٺين ۽ سرمائيدارن، حاڪمن ۽ زميندارن جا چاڙتا آهن ۽ اهي عوام کي ڪنهن نه ڪنهن طرح، سمجهي ٻجهي يا بي خبريءَ ۾، سندس انساني حقن کان محروم رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.“

ڏيپلائي صاحب ۱۹۴۹ع کان ترقي پسند ادب ۽ ترقي پسند ماڻهن جي اثر هيٺ آيو ۽ پوءِ ”انسانيت“ جي نالي ۾ نوان ڪتاب ۽ مضمون لکيائين ۽ رسالو ”انسان“ جاري ڪيائين ۽ ڪيترائي ڪتاب لکي ۽ ترجمو ڪرائي شايع ڪيائين، جن ۾ ”امڙ“ (گورڪي جو ناول) چار داٽا، ماڻهو ۽ ڌرتي، سچ ڏڪڻ مان تو اُپري (ڪرشن چندر جو ناول ترجمو: سراج) وغيره شامل آهن.

ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ پاڻ مڪمل طور تي حب الوطني جي جذبي هيٺ رڱجي ويو.

هاڻ ڏيپلائي هڪ وطن دوست، انسان دوست اديب بنجي چڪو هو. هڪ طرف هوءَ "اسلاميه دارالاشاعت" جي ذريعي سنڌ جي ماڻهن کي صحيح مذهب جي سمجهاڻي ڏيئي رهيو هو تہ ٻئي طرف "اداره انسانيت" جي بهترين اصولن جو پرچار ڪري رهيو هو ۽ وري ٽئين طرف "عبرت" جي سلسلي سان ادبي ۽ سياسي سجاڳيءَ جا سبب پيدا ڪري رهيو هو. هاڻ ڪيس وطن سان وابستگيءَ جو حق ادا ڪرڻ جو خيال آيو. ان لاءِ هن "لطيف پبليڪيشن" جي نالي سان ڌار ادارو قائم ڪيو. "جپاني گڏي"، "١٨٨٧ع جو بلوه" ۽ "غازي انور پاشا" انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون آهن. انهيءَ کان سواءِ حُر تحريڪ تي سندس لکيل ضخيم ناول "سانگهڙ" هڪ شاندار ڪتاب آهي، جنهن ۾ انگريزن خلاف "حُر هلچل" کي افسانوي ۽ دلچسپ انداز ۾ پيش ڪيو اٿس.

انهيءَ سڄي عمل ۾ ڏيپلائي صاحب جا ڪيترائي ڪتاب ضبط ڪيا ويا ۽ مٿس ڪيس داخل ڪري کيس جيل ۾ پڻ وڌو ويو، سندس ناول "سانگهڙ" بہ ١٩٦١ع ۾ جيل ۾ هئڻ جي دوران حر قيدين کان گڏ ڪيل حقيقتن تي لکيو اٿس.

سندس پهريون ڪتاب "ڏاهري رنگ محل" ضبط ڪيو ويو، ٻيو ڪتاب "گلستان حسن" ضبط ٿيس، تنهن کان سواءِ "١٨٥٧ع جو بلوه"، "انور پاشا"، "جپاني گڏي" ۽ "گورکي جو امڙ" جيڪو چئن حصن ۾ ڇپيو هو ۽ "شيخ المشائخ" ضبط ٿيس.

ڏيپلائي صاحب کي پهريون ڀيرو ايوب خان جي مارشل لا ۾ ڪميونسٽ سڏي گرفتار ڪري لاهور موڪليو ويو، جتي پاڻ فيض احمد فيض، مرزا ابراهيم، داد فيروزالدين منصور، دادا آمير حيدر، فضل الاهي قربان ۽ ٻين ترقي پسند رهنمائن سان گڏ رکيو ويو. جن جي خيالن ۽ جدوجهد ڏيپلائي صاحب کي ڪافي متاثر ڪيو. ٻي ڀيري کيس ١٩٦١ع ۾ گرفتار ڪري حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ قيد ڪيو ويو ۽ آخري ڀيرو کيس "شيخ المشائخ" ڪتاب لکڻ جي ڏوهہ ۾ ١٩٧٦ع ۾ گرفتار ڪيو ويو.

مٿين ڪتابن ۽ رسالن کان سواءِ پاڻ ١٩٦٩ع کان "سائيهہ ڊائجسٽ"

۽ روزاني "سنڌ ٽائيمس" پڻ شايع ڪيائين.

ڏيپلائي مرحوم جو نالو سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ تمام مٿاهون نظر اچي ٿو، جنهن ادب ۽ صحافت کي ڪارِ پيغمبري سمجهي استعمال ڪيو. پاڻ نہ رڳو پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن هو، پر هڪ تحريڪ پڻ هو، جنهن "جيسين هٿي جيٺري ورچي نہ ويٺي" وانگر ٻنهي ميدانن جو شهسوار رهيو. بقول شاعر "نشتر" ناٿن شاهي جي:

**ادب جي لاءِ ٻنجي ڏيپلائي انقلاب آيو،**
**۽ ٻنجي سنڌي ساهت لاءِ آخر هر خوشي آيو،**
**"صحافت" لاءِ ٻنجي ڏيپلائي زندگي آيو.**

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ڪهنہ مشق صحافي ۽ اديب ٨ فيبوري ١٩٨١ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.

محمد عثمان ڏيپلائي جا مختلف موضوعن تي لکيل ڪتاب:

## اسلام تي:

شاهہ القرآن، ارشاد الخلفا، اسلام ۽ ايمان (ترجمو)، اسلامي انقلاب (ترجمو)، انتخاب صحيح بخاري (حصو اول)، انتخاب صحيح بخاري (حصو ٻيو)، انساني حق، ايمان جي ڪسوٽي، ايمان مفصل (ترجمو)، پنج سورتون تفصيل سان، تعليم القرآن، جهاد جي حقيقت (ترجمو)، حج جي حقيقت، حقيقت اسلام، حقيقت قادياني، خطبات اسلام، خطبات اسلام (ٻيو ترجمو) خطبات اسلام (ٽيون ترجمو)، دين شريعت، دينيات، روزي جي حقيقت، زڪوات ۽ خيرات، سلامتي جو رستو، سچو ايمان، سرفروشان اسلام، عباڏتون، ڪلمون پاڪ ۽ ڪلمو پليت، ڪلمي پاڪ جي حقيقت، ڪلمي پاڪ جي معنيٰ ۽ تفسير، ڪفر ناس، قرآن انقلابي، قرآني خزانو، قرآني دعائون يا واليءَ در وينتيون، گلشن عبرت عرف شان مسلم، مسلمان ٿيڻ جي لاءِ علم جي ضرورت، مسلمان عورت، نبوت محمديﷺ، نماز جي حقيقت، يارهن سورتون ۽ نماز سولي سنڌي سان (مٿيان سڀ ڪتاب گهڻي ڀاڱي ترجمو ڪيل آهن).

**نفسيات:** راحت ڀري زندگي.
**سياست :** مسلم ليگ جي بهتري
**لسانيات:** سنڌي استاد، اردو استاد.

**طبيعات:** ائٽم جي تاريخ

**علم الانسان:** انسان جي تاريخ، دنيا جي تاريخ، يونان کان اڄ تائين جي تاريخ.

**لطيفيات:** شاهه جو رسالو (۱۹۵۰ع) شاهه جو رسالو (۱۹۵۷ع) شاهه جو رسالو (۱۹۶۲ع).

## افسانا:

آزاد چونڊ، ابتو ڦيرو، اسپيني شهزادو، اسپيشل امام، افضل مهيه، اقبال جي پيڻ، اڪيلو منارو، اورنگزيب جو انصاف، اوليائن مار، بابر جو هل، بخار جو خيمو، بزدل نورجهان، سومار شاهه جو ٻئي گدڙ، پارس، پٿر دل، پنج گڏيون، پوڙهو اُٺ، پڳل موٽر، پلي ولايت، پل اڪيون، تپيدار جي رپورٽ، ٺاڪر جي ٺڪي، ٺٽي جا ڏاڙهون، ٺٽ شاهه، جيل جو تيل، جيل جو ڊاڪٽر، جن جو موت، جوڙي (ترجمو)، حضرت خالد جو روزو، خير جون خوبانيون، طرف شرڪ برباد، چند جو جبل، چنڊ سهڻو يا انسان، چوڏهين صديءَ جا چار درويش، حق جو رعب، درگاهه شريف، دستگير جي يارهين، ڏاڏا جي سارنگي، ڏائڻ، ڍڳن جو لشڪر، راضي شاهه جي روڪ، رڍ ٻيبي، رنگا رنگي دنيا، سائنس جو پٽ، سُڄي جو سير، سستي رڍ، شاهه جي ڊگري، شاهي پروانو، شرڪ ٽوڙ، شرڪ ناس، طاقت جو بينظير نسخو، علما ۽ حق جو شان، غدار دکن، غدار جي عزت، غيرت جو ٺهڪو، قلندر جو هندورو، ڪهر جي ڪهاڙي، ڪارا ڪافر، ڪاڪوس هڙتال، ڪاليءَ جي ڪرپا، ڪاوڙيل مريدياڻي، ڪنواري ماءُ، ڪنواري ڪلي، ڪنيز السلام، ڪدڙي جي گادي عرف مرشد جي ڪڪي، ڪنڊ جون گوٺيون، ڪکر ۾ ڪڙو، ڪيت پارو ٻڪر، گڏهه جو پيءُ، گنهگار، ڳري جي ڳالهه، ڳاڙها مرچ، ڳڙ جو سير، لال جهنڊو، لڏيندڙ جون نشانيون، مرشد جو اٺ، مرشد جو ٻڪر، مرشد جون ٽنگون، مرشد جو چاليهو، مرشد جو حج، مرشد جو ڪهاڙو، مرشد جو ڪنڊو، مرشد جو گهوڙو، مرشد جو ونڊ، مرشد جي پڳڙي، مرشد جي درگاهه، مرشد جي ديڳ، مرشد جي ڏيءَ، مرشد جي ڏاڙهي، مرشد جي سزا، مرشد جا قدم، مرشد جي ڪانچ، مرشد جي مار، مرشد جي ننڊ، مرشد جي ننهن، مرشد جي وهر، مزيدار ڪڪڙ، مسلمانن لاءِ نهايت نازڪ وقت، مصري مومل، معصوم مجاهده، مينا بازار، ٻانگ ۽ لوڻ، نانگي شاهه جو

ڪنڊو، سپاڳي مريدائي، نياڳي مڱ، نٽ جو حج، نر ماديءَ جو فرق، نغارن جا قيدي، نيت جو ڦل، وڏي پاءَ جو ڪم، وڏيري جي رات، وطن فروش، ووٽن جي پيٽي، هلر، هندستان کان پاڪستان، ۽ آواز ايندو رهيو ۽ مٽر ڏرجي ويو، يزيد جو پيٽويو.

## نــاول:

آخري اُميد، آخري سبق، آفريقا جي شهزادي، افضل شهيد، امڙ، انقلاب سنڌ عرف فتح پاڪستان، ايراني شهزادي، بلبل ايران عرف آخري اُميد، بهادر طارق عرف فتح اسپين، حور بغداد، حيدر علي، جاپاني گڏي، جلوه اسلام، جنگ ترڪ و جرمن، چين جو چنڊ، دفتر اسلام، دفتر اسلام (وڏايل) دمشقي شهزادي، ڏاهري رنگ محل، ڏڳن جو لشڪر، راجا هري سنگهه جي دربار، رت پياڪ رهزن، روم جي راڻي، سانگهڙ، ستيارت ستياگرد، سسئي نيزي پاند (ترجمو ۽ تلخيص) سلطان ٽيپو شهيد، سلطان سبڪتگين ۽ جئپال، سلطان صلاح الدين، سمرقند جو صوف، سنگدل شهزادي، سومنات سندري، سوڊان جي سونهن، شاهه امان الله، شڪست چين، شوڪت اسلام (اول) شوڪت اسلام (حصو ٻيو) شهيد ڪربلا، شير شاهه ۽ همايون، شيوا جي شيش محل، عرب جي لاڏي، عروج اسلام (ٻه ڀاڱا)، عصمت جي قيمت، عيد جو چنڊ، غازي انور پاشا (چار حصا)، غازي اورنگزيب عالمگير، غازي احمد شاهه ابدالي، غازي مصطفيٰ ڪمال، فتح اسلام، فتح فلسطين، فتح يرموڪ، فتح العرب، ڪارا ڪافر، ڪاشي جا پاپڙ، ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، ڪتي جو..... ڪفر و اسلام، ڪراچي جو ڪوس، ڪوريا جي ڪنوار، گلستان حسن، گمراهه مسافر، قسطنطنيه جي شهزادي، محمد بن عبدالوهاب، محمود غزنوي، مجاهد اسلام، مجاهد ڪشمير، مجاهد مصر، مسلمان بادشاهه، ناتال تحفو، نازنين سمرنا، نازنين يورپ، نور توحيد (چار ڀاڱا)، نيل ڪنور، وهابين جو بابو، هندو مسلمان اتحاد، هوشربا جي شهزادي، ١٨٥٧ع جي جنگ آزادي (ٻه ڀاڱا).

## نـاٽـڪ:

اسلام تي مقدمو، پنچائتي پدمڻي، ڊاڪٽر ناٽڪ، ڏڪار ناٽڪ، سجائي موڙي، شاهدي ناٽڪ، عجيب شاهدي، غيرت عرف نورجهان جو پُٽ، ڪانگريس ناٽڪ، ڪورٽ ناٽڪ، مرزا غازي بيگ، نجومي ناٽڪ، واپيٽرو.

**آکاڻيون:** بهادر مسلمان، درد دل، رنگا رنگي دنيا.

**مضمون:** ڪنواريون مائون.

**ادبي تنقيد:** بقول اياز (مهاڳ) صفائي، شيخ المشائخ، مکو ۽ ڊنزگ.

## تاريخ:

تاريخ بهادرانِ اسلام (ٻہ ڀاڱا)، تاريخ بهادران اسلام (وڏايل ۽ سڌاريل) جنگ بدر، روسي مسلمان، فتح ايران (ٻہ ڀاڱا)، فتح شام، فتوحات اسلام (ٻہ ڀاڱا)، ڪربلا کان پوءِ، هندستان جي اسلامي تاريخ، هندستان جي سچي تاريخ (ويدن جو زمانو) سيرت الرسول، سيرت مصطفيٰ، سيرت محمدي ﷺ، سيرت الصديقي، سيرت عثمان، سيرت الحيدر، سيرت الفاطمه، سيرت امام حسين، شاهہ جيلاني، انقلاب ايران (جيڪو ڏيپلائيءَ جو آخري ڪتاب هو).

## شخصيات:

اردو مان ترجمو ٿيل ڪتاب، غازي احمد شاهہ ابدالي ۽ مجاهد مهر آهن. ●

# ماهتاب محبوب

ماهتاب محبوب سنڌي ادب جي سموري عورت ليکڪائن ۾ منفرد حيثيت جي ڪهاڻيڪاره آهي. هوءَ هڪئي وقت ڪهاڻيڪاره، خاڪا نويس، سفرناما نويس، مضمون نگار ۽ ناول نگار پڻ آهي. سندس لکڻين جي پڙهندڙن جو هڪ وڏو حلقو موجود آهي.

## سوانح:

ماهتاب محبوب ۱۴ جولاءِ ۱۹۵۰ع تي ڪراچي ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم، "سينٽ ميريز ڪانوينٽ" ۽ "مدرسة البنات" مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ گرلز ڪاليج، حيدرآباد مان گريجوئيشن ڪيائين.

## ادبي سفر:

ماهتاب محبوب، پنهنجي ادبي سفر جي شروعات ٻالڪپڻي ۾ ٻاراڻي ادب سان ۽ پوءِ ڪهاڻين جي ترجمن سان ڪئي. پهرينءَ هوءَ ماهتاب منور عباسي جي نالي سان لکندي هئي، پر محبوب شيخ سان شادي ٿيڻ کان پوءِ هوءَ "ماهتاب محبوب" جي نالي سان لکندي رهي آهي. ماهتاب سٺ واري ڏهاڪي کان باقاعده لکندي پئي اچي. هن ڪيترائي نفسياتي مضمون ۽ تحقيقي مقالا پڻ لکيا، جيڪي ان وقت "نئين زندگي" ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. سندس پهرين طبعزاد ڪهاڻي "ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي" آهي، جيڪا "نئين زندگي" ۾ شايع ٿي.

شروعاتي دؤر ۾ هن جي ڪجهه ڪهاڻين کي ٽي-وي لاءِ ڊرامه ٽائيز پڻ ڪيو ويو. هن ريڊيو لاءِ به ڪيترائي فيچر لکيا جن کي مهتاب چنه (مهتاب راشدي) "اديون ڇا ٻڌايان؟" جي سري هيٺ پڙهندي هئي. هيلتائين ماهتاب جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد ڪُل چوڏهن آهي. تيرهن سنڌ ۾ ۽ هڪ هند ۾،

جن جا ڪيترائي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن، جن ۾:
"چانديءَ جون تارون" (ڪهاڻيون)، "پرهه کان پهرين" (ڪهاڻيون)، "مٺي مُراد" (ڪهاڻيون)، "لهر لهر زندگي" (ڪهاڻيون)، "پلصراط" (اردو ترجمي سان چونڊ ڪهاڻيون)، "چانديءَ جون تارون ۽ پرهه کان پهرين" (گڏيل مجموعو/ ڪهاڻيون)، "اندر جنين اُڃ" (هند جو سفرنامو)، "سُرهي سرهي سار" (هند جو سفرنامو)، "راهون چنڊ ستارا" (فار ايسٽ ۽ ٿائي لينڊ جو سفرنامو)، "ورهاڱي جو ورجاءُ" (مضمون ۽ ڪالم وغيره)، "خواب خوشبو ڇوڪري" (ناول)، "پيار پناهون چانورا" (ناول)، "جيءُ جهروڪا" (خاڪا)، "جيءُ جهروڪا" (هند ۾ ڇپيل).

ماهتاب محبوب سنڌي ادب جي اها ليکڪا آهي جا ادب جي کيتر ۾ لڳاتار پنهنجي قلم جي وسيلي موجود آهي. هوءَ لڳاتار سچائي ۽ جرئت سان زندگي جي مختلف روپن جا چتر چٽيندي رهي آهي. جا ڳالهه نه رڳو سنڌي ادب لاءِ نيڪ سوڻ آهي، پر خود ليکڪا جي لاءِ پڻ اُملهه اعزاز آهي.

ماهتاب محبوب جو پهريون ڪهاڻي ڪتاب "چانديءَ جون تارون" ١٩٧٠ع ۾ ڇپيو، جنهن رائيٽرس گلڊ جو پهريون انعام پڻ حاصل ڪيو. سندس ڪهاڻين تي رايو ڏيندي هڪ هنڌ علي احمد بروهي لکيو ته:

> "ماهتاب جي ڪهاڻين جا پلاٽ ديس جي ترتي تي بيٺل آهن، نه غير ملڪي دزائين ۽ نه سمگل ڪيل سجاوٽي نظريا، سليس سنڌي ۾ ۽ معصوم انداز ۾ لکيل، اوپرن اکرن جي ملاوٽ کان صاف پاڪ، سندس ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ هڪ صحتمند ۽ بي بها اضافو آهن."

ادبي خدمتن جي حوالي سان ماهتاب کي ڪيترائي انعام ۽ ايوارڊ ملي چڪا آهن، جن ۾ قابل ذڪر اعزاز رائيٽرز گلڊ جو ايوارڊ، سنڌي لينگويج اٿارٽي جو ايوارڊ، اڪيڊمي ادبيات جو ايوارڊ، سوجهرو لائيف اچيومينٽ ايوارڊ، نئين زندگي ايوارڊ، انڊيا ۾ رام پنجواڻي ايوارڊ ۽ ڪيئي ٻيا شامل آهن.

پنهنجي ڪهاڻين جي حوالي سان ماهتاب محبوب لکي ٿي:

> "فني لحاظ کان تور ڪٽ ڪري ان مجموعي ۾ شامل ڪهاڻين کي ڪٿي بيهارڻ گهرجي، ان جي مون کي ڪا ٻڌ ڪٿي

ادب ۾ نهايت مقبول ويو ۽ انهي سفرنامي ۾ نہ رڳو هند سنڌ جي اديبن کي هڪٻئي جي ويجهو آندو، پر سنڌ ۽ هند جي سيني سنڌين کي سڪ ۽ پيار جي اڻٽوٽ رشتن ۾ ڳنڍي ڇڏيو. انهي سفرنامي پڙهڻ کان پوءِ سنڌي ادب جي هڪ وڏي نانءُ پروفيسر رام پنجواڻي، ماهتاب محبوب کي هڪ خط ۾ لکيو:

"اندر جنين اُڃ" پڙهي دنگ رهجي ويس. سفرنامو نہ آهي پر قرب جي ڪهاڻي آهي. الفت جي آڪاڻي آهي، بزم جو باب آهي، دلچسپ ڪارنامي جو ڪتاب آهي. ادبي خيالن جو خزانو آهي."

ليڇمڻ ڪومل پنهنجي تبصري ۾ لکيو:

"ماهتاب محبوب سنڌي ڪهاڻي جي ميدان ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي چڪي آهي، پر ان سفرنامي هن جي تخليقي وسعت ۽ ان جي گوناگون پهلوئن جون هر پڙهندڙ جي ذهن ۾ چٽنگون ٻاريون آهن. پهرين چٽنگ عنوان "اندر جنين اُڃ" پڙهڻ سان ئي پڙڪي ٿي ۽ سفرنامو شروع ٿيڻ سان ئي هن جي سٽ سٽ سورُ جون سِڱون اڀاريندي ٿي وڃي."

مٿينءَ ڪتاب کان سواءِ ماهتاب محبوب جو انڊيا جو ٻيو سفرنامو "سرهي سرهي سار" پڻ ڇپيو. پر "اندر جنين اُڃ" کي جيڪا پذيرائي ملي، تنهن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. ماهتاب محبوب جو فاراِيسٽ جو سفرنامو "راهون چنڊ ستارا" جي نالي سان ڇپيل آهي.

"جيءَ جهروڪا" ماهتاب محبوب جو هند - سنڌ جي اديبن تي لکيل خاڪن جو مجموعو آهي. هوءَ واحد سنڌي ليکڪا آهي، جنهن سنڌي ادب ۾ انهيءَ صنف تي قلم کڻيو ۽ پاڻ موڪيو آهي. جاڪاڻ تہ سنڌي ۾ خاڪن جا تمام گهٽ ڪتاب ڇپيل آهن ۽ "جيءَ جهروڪا" سنڌي ادب ۾ هڪ قابل قدر واڌارو آهي. مراد علي مرزا چواڻي:

"ماهتاب پنهنجن خاڪن ۾ نرم نازڪ ٻولي ۽ ڀرپور تاثراتي ڪردار نگاري ڪري، هڪ عظيم حقيقت کي جنم ڏنو آهي. هن تي سنڌي ادب جي سچن پچن ڪردارن ۽ جيئرن جاڳندن شخصيتن جيڪو اثر ڪيو آهي، ان کي هن نهايت اثرائتن لفظن ۾ عام گفتگو واريءَ ٻوليءَ ۾ پنهنجي منفرد اسلوب ۽ افسانوي

ٽيڪنڪ ۽ ٽون ۾ وجهي پلٽيو آهي."

ماهتاب محبوب جو اهو ادبي سفر، ڪهاڻين کان شروع ٿيو ۽ مضمون نگاري، ڪالم نويسي، خاڪا نويسي ۽ سفرنامي کان پوءِ ناولن تائين اچي پهتو. ماهتاب محبوب جي قلم سنڌي ٻولي کي ٻه منفرد ۽ بولڊ ناول پڻ ڏنا. "خواب خوشبو ڇوڪري" ۽ "پيار پناهون ڇانورا."

"خواب خوشبو، ڇوڪري" جي باري ۾ ڪتاب جي مهاڳ ۾ علي بابا لکي ٿو:

> "مان ته اهو پيو سمجهان ته ماهتاب جي هن ناول "خواب خوشبو ڇوڪري" ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ شاهي دروازو ٺاهي ڏنو آهي، جيئن اسين پنهنجا سمورا ڪڌا ڪرتوت، وحشتون، بيهودگيون، ڪوڙا ويساهه ۽ ڀرم، وڏ ماڻهپايون ۽ حرامپايون، تمنائون ۽ تصنع ۽ ويهين صدي وارو سمورو گند ڪچرو پاسيرو ڪري نئين سر ڏوڙيجي سوچيجي، پنهنجي نئين نسل سان ايڪيهين صدي ۾ داخل ٿيون. هن ناول ۾ اوهان کي سنڌي جاگيرداري نظام، سياست، اپر ڪلاس کان وٺي لوئر مڊل ڪلاس جي ڪُنڊ ڪڙڇ جي ڏکن سکن جو سمورو ڳجهه ڳوهه مڪمل اپياس سان ملندو."

بيشڪ ماهتاب محبوب جي ڪتابن سنڌي ادب کي وڏيڪ شاهوڪاري بخشي آهي. هن پنهنجي قلم وسيلي، سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کي هڪ نئين زندگي ڏني آهي. اهو ماهتاب جي قلم جوئي انداز آهي جو هوءَ تمام آسانيءَ سان پنهنجي ڪردارن کي سندن ماحول ۾ جياري ٿي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار جيئرا جاڳندا اسان مان آهن. ماهتاب جي ڪابه ڪهاڻي پڙهڻ سان ايئن نه لڳندو ته هي جملا ڪردار جا نه پر ليکڪا جا آهن ۽ اهائي سچي اديب جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي ته هو ڪردارن جي وات ۾ پنهنجي زبان نه رکي. ●

# مولائي شيدائي

سنڌي ٻوليءَ ۽ تاريخ جي عظيم محقق رحيمداد مولائي شيدائي ١٨٩٤ع ڌاري، سکر ۾ شير محمد خان بلوچ جي گهر ۾ جنم ورتو. مولائي صاحب تمام ضعيف ۽ ڪمزور ڄائو هو، تنهن ڪري شروع ۾ سندس بچڻ جا امڪان گهٽ هئا.

## تعليم و تربيت:

مولائي صاحب شروعاتي تعليم غريب آباد سکر ۾، آخوند خدا بخش ابڙي جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي، جتي هن "قاعده بغدادي" پورو ڪيو. تنهن کان پوءِ وري کيس ٻي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو، جتي پاڻ قرآن پاڪ جا ڏهه سيپارا ختم ڪري، اڃا "ڪريما" ۽ "پند نامه عطار" مس شروع ڪيائين، جو سندس پيءُ کيس اُتان ڪڍي اچي "سنڌي اسڪول" ۾ ويهاريو. سنڌي چوٿين درجي ۾ پهچڻ کان پوءِ مولائيءَ کي مطالعي جو شوق پيدا ٿيو، جيڪو پوءِ صفا جنوني ڪيفيت اختيار ڪري ويو. سندس حالت اها هوندي هئي، جو کيس گهران جيڪا به خرچي ملندي هئي، اها ڪتابن جي خريداريءَ ۾ صرف ڪندو هو. ان زماني ۾ مولائيءَ صاحب فقط افسانوي، ڪلاسيڪي ادب ۽ نيم تاريخي قصن ڪهاڻين پڙهڻ سان شوق رکندو هو. جهڙوڪ: الف ليليٰ، گل بڪاولي، داستان امير حمزا، فسانه عجائب، ليليٰ مجنون، يوسف زليخا وغيره. انهن ڪتابن مان سندس سڀ کان پسنديده ڪتاب "داستان امير حمزو" هو، جيڪو پاڻ ڪيترائي ڀيرا پڙهيائين ۽ بار بار پڙهيائين.

## علم ۽ تاريخ سان شوق:

چار درجا سنڌي پاس ڪرڻ کان پوءِ مولائي صاحب سکر جي

"اٿنگو ورنيڪيولر اسڪول" ۾ داخلا ورتي. جتي هن ڇهين درجي انگريزي تائين تعليم حاصل ڪئي. اُتي سندس تاريخ جو اُستاد هيمراجاڻي هو، جنهن مولائي صاحب جو ڪتابن سان شوق ڏسي کيس وڌيڪ شوق ڏياريو ۽ پنجين درجي انگريزيءَ ۾ ئي هيمراجاڻي کيس ڪيترائي تاريخ جا ڪتاب پڙهايا، جن ۾ انقلاب فرانس ۽ ١٨٥٧ع جي غدر وغيره شامل ۽ شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي مولائي صاحب کي تاريخ جي علم تي ايتري تہ دسترس هئي، جو ساليانى امتحان جي وقت، اُستاد تاريخ جي جوابي پيپر تي مارڪن بدران Excellent لکندا هئا.

انهيءَ کان سواءِ شاگرديءَ واري زماني ۾ اخبارون بہ وڏي شوق سان پڙهندو هو. انهن ۾ "الحق" ۽ "آفتاب" شامل هيون. جيڪي هيئي سکر مان نڪرنديون هيون. پاڻ پنهنجي مطالعي جي پورائيءَ واسطي، ۽ ڪجهہ خرچ پکي ڪڍڻ واسطي انهن اخبارن ۾ چنچر ۽ آچر جي ڏينهن وڃي بنا اجوري جي ڪم ڪندو هو. مطالعي جي وڌيڪ اُڃ اُجهائڻ لاءِ پاڻ سکر جي مشهور جنرل لئبرريءَ ۾ بہ روز شام جو وڃي مطالعو ڪندو هو. اُتي ٻاهرين ملڪن جون سيئي اخبارون ۽ رسالا باقاعدگيءَ سان ايندا هئا.

اخبارون ۽ رسالا پڙهڻ سان گڏ، مولائي صاحب تاريخ جي ڪتابن جو بہ مطالعو جاري رکيو ۽ انهن کي چڻ گهوٽي پيئندو هو. مٿي ذڪر تي چڪو آهي تہ افسانوي ادب ۾ "داستان امير حمزه" سندس پسند جو ڪتاب رهيو. خود مولائي صاحب جو چوڻ آهي تہ: "اهوئي ڪتاب آهي، جنهن پهريائين منهنجي سياءُ جي رجحان کي علم تاريخ ڏانهن موڙيو ۽ منهنجي مؤرخ بنجڻ جو ابتدائي محرڪ شايد اهوئي ڪتاب آهي."

## نوڪريءَ ۾ گهڙڻ:

١٩١٣ع ۾ ڇهہ درجا انگريزي پڙهڻ کانپوءِ، مولائي شيدائي اسڪول کي ڇڏي، ريلوي کاتي ۾ فائر مئن ڀرتي ٿيو. جتان سنت ئي هن کي ترقي ڏيئي ريلوي ٽريفڪ کاتي ۾ "ٽرين ـ ڪلارڪ" مقرر ڪيو ويو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ کيس روهڙي اسٽيشن تي ٦٥ روپين پگهار سان يارڊ ـ فورمئن مقرر ڪيو ويو. اهڙي نموني وقت گذارڻ سان گڏ ترقي ڪندو رهيو ۽ يارڊ فور مئن مان، سيڪنڊ گارڊ ۽ پڇاڙيءَ ۾ سيڪنڊ گارڊ مان وڃي گارڊ تي پهتو.

مولائي صاحب ١٩٣٩ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائرڊ ڪيو ۽ پراويڊنٽ

فنڊ جي مليل اٺ هزار روپين مان سکر جي "ڪنگس هل" ٽڪريءَ تي جاءِ جوڙائي رهڻ لڳو ۽ پيڇاڙيءَ تائين اتي ئي رهيو.

مولائي شيدائي ۱۲ فيبروري ۱۹۷۸ع تي وفات ڪئي.

## مولائي شيدائي نالي جو پوڻ:

ريلوي گارڊ واري زماني ۾ مولائي صاحب پنهنجي واندڪائي جو وقت سکر جي اخبار "ستاره سنڌ" جي آفيس ۾ گذاريندو هو. جنهنجو ايڊيٽر پير علي محمد راشدي هو. پاڻ ان وقت اخبارن ۾ مضمون پڻ لکڻ شروع ڪيا هئائين ۽ سرڪار جي نظر ۾ اچڻ کان بچڻ لاءِ، سرڪاري ملازم هئڻ جي ڪري، پير راشدي کيس ڪنهن فرضي نالي اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏني. جيڪا صلاح مولائي صاحب کي وڻي ۽ هن راشدي صاحب کي ئي ڪو نالو تجويز ڪرڻ جي صلاح ڏني. ان تي پير علي محمد راشديءَ سندس فقيرانہ ۽ دلچسپ طبيعت کي نظر ۾ رکندي، هن لاءِ "مولائي" جو تخلص تجويز ڪيو. پير حسام الدين جو خيال هو تہ هن لاءِ "شيدائي" تخلص وڌيڪ مناسب رهندو. نيٺ گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ مولانا دين محمد وفائي مرحوم جي رٿ تي بيئي تخلص گڏي "مولائي شيدائي" تخلص اختيار ڪيائين. ان ڏينهن کان مير رحيمداد جو نالو "مولائي شيدائي" ٿي ويو ۽ اهوئي نالو سندس سڃاڻپ بنجي ويو.

## مضمون نگاري:

۱۹۳۰ع ۾ جڏهن مولانا دين محمد وفائيءَ ڪراچيءَ مان "توحيد" رسالو ڪڍيو تہ مولائي صاحب جا تاريخي مضمون ۽ مقالا پهرين پهرين ان ۾ ڇپجڻ لڳا. انهيءَ دؤر ۾ هندن طرفان هلايل "شڌي تحريڪ" زورن تي هئي ۽ مولائي صاحب هڪ هندو اخبار جي شاهجهان جي راڻي ممتاز محل جي باري ۾ "هندوراڻي" هئڻ واري مضمون جي جواب ۾، مولانا دين محمد وفائي جي زور پرڻ تي، ممتاز محل جي باري ۾ هڪ مضمون لکيو، جيڪو پوءِ "توحيد" ۾ ڇپيو ۽ اهوئي رسالو هو، جنهن مولائي صاحب جي شهرت جو شعاع چوڌس پکيڙيو ۽ ائين اهو مضمونن جو سلسلو هلي پيو. اهڙي طرح مولائي صاحب جي هڪ تاريخدان جي حيثيت سان شهرت هنڌين ماڳهين پکڙجي ويئي ۽ اڳتي هلي سندس مقالا سنڌي اخبارن کانسواءِ اردو رسالن ۽ اخبارن ۾ پڻ شايع ٿيڻ لڳا.

**شعر و شاعري:**

مولائي صاحب کي ننڍي هوندي، شاگرديءَ واري زماني کان ئي شاعريءَ سان لڳاءُ رهيو ۽ پاڻ سنڌي توڙي اردو جي سرموڙ شاعرن جو ڪلام گڏ ڪندو ۽ ياد ڪندو هو ۽ گڏوگڏ ڪيس شعر چوڻ جو پڻ شوق جاڳيو ۽ پاڻ تڪبندي ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين، پر سنڌس ڪا همت افزائي نہ ٿي ۽ ايئن اهو جذبو سرد ٿي ويو. اڳتي هلي وقت بوقت اهو جذبو اُڀري پوندو هو ۽ پاڻ شاعري ڪرڻ لڳندو هو ۽ ڪافي صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين، جن مان ڪجهہ شاعري ”سنڌو“ رسالي ۾ ڇپيس. سندس شاعري جو پڻ ڳوڙهو اڀياس ڪيل هو. نموني طور سندس هڪ بيت ڏجي ٿو:

گوڪل ۽ گرنار جا، سنگ سپيئي ٽوڙ،
جي رنگ اندر رتڙيا، تن سان جيءَ جوڙ،
مدن، منوهر سپرين، هيرو جنم جوڙ،
تان مرليءَ سندو ٻول، ٻڌين بيراڳي بن ۾.

**صحافتي خدمتون:**

ٻي مهاڀاري جنگ واري زماني ۾ جڏهن الهہ بخش سومري ۽ سندس دوستن ”آزاد“ نالي روزاني اخبار ڪڍي ۽ مولائي صاحب کي گهرائي ڪيس اخبار جو نائب ايڊيٽر مقرر ڪيو. اخبار جو ايڊيٽر مولانا عبدالڪريم چشتي مقرر ٿيو. جيڪو آبڪلائي واري موسم جي ڪري رستو بند ٿي وڃڻ سبب ڪراچي پهچي نہ سگهيو ۽ اهي فرائض بہ مولائي شيدائي کي سرانجام ڏيڻا پيا. سندس مدد لاءِ گوبند مالهي ۽ قادر بخش نظاماڻيءَ کي پڻ مقرر ڪيو ويو. هن جلد ئي اخبار کي عوام ۾ مقبول ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي صحافت جا خوب جوهر ڏيکاريا. اڳتي هلي پاڻ اخبار جي پاليسيءَ تان اختلافن سبب استعيفيٰ ڏيئي ڇڏيائين. اخبار جي پاليسي ڪانگريس جي حمايت ڪرڻ هئي ۽ ”مولائي شيدائي“ کي انهيءَ ڳالهہ سان اختلاف هو.

اڳتي هلي جڏهن منشي عبدالشڪور ”حيدرآباد“ مان ”هلال پاڪستان“ اخبار ڪڍي تہ مولائي شيدائي کي اخبار جو چيف ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. پاڻ انهيءَ اخبار تي پڻ خوب محنت ڪيائين ۽ اخبار کي عوام ۾ مقبول بنائي ڇڏيائين. انهيءَ اخبار جا ڪيترائي سلسلا ۽ معرڪا مشهور رهيا.

## تاريخ تي ڪم:

مولائي صاحب کي ١٩٥٠ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جو فيلوشپ مقرر ڪيو ويو. فيلوشپ جي پهرين سال پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ کي "روضة السنڌ" نالي هڪ ڪتاب تاريخي، جاگرافي حوالن سميت تيار ڪري ڏنو. پوءِ جڏهن سنڌ يونيورسٽي ڪراچي مان ڪجهي حيدرآباد آئي ته يونيورسٽي جي وائيس چانسلر علامه آءِ - آءِ - قاضي، مولائي صاحب کي ١٩٥١ع ۾ ڊاڪٽر سي - ڊوييز جو هندستاني تاريخ تي انگريزي ۾ لکيل ڪتاب "Reader of Indian History" کي سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ جو ڪم سونپيو. جنهن جو ترجمو پاڻ ضروري نوٽن سان "تاريخ هندستان" جي نالي سان ڪري يونيورسٽي جي حوالي ڪيو. تنهن کان سواءِ مولائي صاحب فرينچ محقق گستاؤلي بان جي مشهور ڪتاب "تمدن عرب" جي نموني تي "تمدن سنڌ" جا ٽي جلد پڻ لکيا ۽ هڪ ڪتاب "تاريخ سکر" پڻ لکيائين. سندس ٻين شايع ٿيل ڪتابن ۾ "تاريخ ٽالپر"، "سنڌ جا پراڻا شهر"، "تاريخ قلات" (اردو)، "مهدوي تحريڪ" (اردو)، "سرزمين بلوچ"، "سنڌ جي سياست" ۽ "تاريخ خاصخيلي" شامل آهن.

مٿين ڪتابن کان سواءِ مولائي صاحب ٻيا هيٺيان ڪتاب لکيا آهن:

### (١) تاريخ بلوچستان:

جيئن ته بلوچستان جي تاريخ تي ڪو مستند ڪتاب ڪونه هو، تنهن ڪري پاڻ اها ضرورت محسوس ڪندي، بلوچستان جي مختصر تاريخ لکي، جيڪا ١٩٤٠ع ۾ ڇپي. اها سنڌ ۽ بلوچستان ۾ گهڻي مقبول ٿي. اهو ڪتاب مولائي صاحب جو پهريون شاهڪار هو، جيڪو نه رڳو لئبررين ۽ سيڪنڊري اسڪولن لاءِ منظور ڪيو ويو، پر ڪيس برٽش بلوچستان جي گورنر جنرل جي ايجنٽ پاران چار سؤ روپيا ۽ دربار قلات پاران اڍائي سؤ روپيا انعام طور مليا.

### (٢) جنت السنڌ:

هي ڪتاب سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي هڪ مڪمل تاريخ آهي. هي ڪتاب به مولائي صاحب جي ٻين تصنيفن وانگر حوالن جي خصوصيت کان خالي ڪونهي. هن ڪتاب جا ڪيترائي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.

### (٣) سفينه النوح:

هي ڪتاب ٻن جلدن تي مشتمل آهي. پهرين جلد ۾ حضرت مخدوم نوح جي سوانح ۽ ٻي ۾ سندس ملفوظات ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ضرورت موجب نقشا پڻ ڏنا ويا آهن، جن مان هالا شهر جي جاگرافيائي پوزيشن ظاهر ٿئي ٿي. هي ڪتاب مخدوم نوح سروري جي سوانح تي بهترين ڪتاب آهي.

مٿين ڇهيل ڪتابن کان سواءِ مولائي صاحب جا ٻارهن کن اڻ ڇپيل ڪتاب پڻ موجود آهن.

# نارايڻ شيام

اسان جي دور جي شاعرن ۾، هند، توڙي سنڌ ۾، شيخ اياز جي همعصر شاعر نارايڻ شيام کي وڏي اهميت حاصل آهي. تنوير عباسي جي لفظن ۾،

> ”هو انهن ٿورن شاعرن مان آهي، جيڪي اسان جي دور جي شاعريءَ جي وهڪري کان الڳ ٿلڳ، پنهنجي ذاتي اسلوب جي ڪري نرالا ۽ انوکا ٿا لڳن. نارايڻ شيام سنڌي جي جديد شاعريءَ، توڙي ترقي پسند شاعريءَ جي بنياد وجهندڙن مان هڪ آهي.“

## سوانح:

نارايڻ شيام ولد گوڪلداس ناگواڻي، ٢٢ جولاءِ ١٩٢٢ع تي ڳوٺ ڪاهي قاسم، ضلع نوشهري فيروز سنڌ ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ۽ پوءِ ودِيڪ تعليم بي - اي ١٩٤٢ع ۾ ڊي - جي سنڌ سائنس ڪاليج، ڪراچي مان ڪيائين. پهرين ٤٦-١٩٤٥ع ۾ نوشهري فيروز ۾ پرشين ٽيچر طور مقرر ٿيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ دهلي پوسٽ ۽ ٽيليگراف کاتي جي آڊٽ آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڀرتي ٿيو ۽ ١٩٨٠ع ۾ هيڊ ڪلارڪ جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيائين. پاڻ مستقل طور تي نئين دهلي ۾ رهندو هو. جتي ١٠ جنوري ١٩٨٩ع تي ديهانت ڪيائين.

## اَدبي سفر:

نارايڻ شيام، ڪشنچند ’بيوس‘ جي اثر هيٺ آيل شاعرن مان هو ۽ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ ’سنڌي ادبي سرڪل‘ جي بنياد وجهندڙن ۽ سَرگرم ڪارڪنن مان هڪ هو. ڊي - جي سنڌ ڪاليج جي سنڌي

سرڪل ۾، ورهاڱي کان ٿورو اڳ، نارائڻ شيام، شيخ اياز، هري دلگير ۽ شيخ راز جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد وڌو. هنن سنڌي شاعري کي نين صنفن (آزاد نظم ۽ سانيٽ) ۽ نون رِدمن کان واقف ڪيو. نوان تجربا ڪيا ۽ سنڌي شاعريءَ لاءِ نيون واٽون ڳولهيون.

نارائڻ شيام جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ١٩٥٣ع ۾ هري دلگير جي شاعري سان گڏ "ماڪ ڦڙا" جي نالي سان شايع ٿيو. "ماڪ ڦڙا" ۾ شيام جي اوائلي ۽ تجرباتي شاعري آهي، جنهن ۾ آزاد نظم، سانيٽ، ترائيل، نظم وغيره شامل آهن. تنوير عباسي جي لفظن ۾:

"ماڪ ڦڙا ۾ ڪن نظمن جو موضوع سنڌي شاعريءَ لاءِ ان وقت بہ انوکو هو ۽ اڄ پڻ انوکو آهي."

شيام جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو "پنکڙيون" جي نالي سان ١٩٥٥ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ سندس ١٩٥٣-٥٤ع جي شاعري شامل آهي. هن مجموعي ۾ هڪ سؤ رباعيون ۽ هڪ ڊگهو نظم 'روپ' مايا شامل آهن. رباعي فارسي شاعري جي صنف آهي، جيڪا هڪ خاص بحر 'فرج' ۽ ان جي 'زحافن' تي لکي سگهبي آهي. چئن سٽن ۾ خيال جي اونهائي ۽ موضوع جي همہ گيري سان گڏوگڏ ڪنهن حد تائين چوٽ جو عنصر ضروري آهي. نارائڻ شيام انهيءَ ٺيٺ فارسي صنف کي عام فهم سنڌي ٻوليءَ جو ويس پهرايو، سوبہ ان طرح جو سنڌي جو لهجو، اُچار ۽ ردم قائم رهي. اهو فقط شيام ئي ڪري سگهيو آهي.

شيام جو ٽيون مجموعو 'رنگ رتي لهر' ١٩٥٦ع ۾ ڇپيو. هن مجموعي ۾ رڳو غزل اٿس. 'رنگ رتي لهر' کان سواءِ 'واريءَ ڀريو پلاند'، (١٩٦٨ع) آڇيندي لڄ مران (١٩٧٢ع) ۽ مهڪي ويل صبح (١٩٨٣ع) پڻ غزلن تي مشتمل آهي، جڏهن تہ "روشن چانورو" (١٩٦٢ع) ۾ بہ ڪافي غزلن جو تعداد شامل آهي. روشن چانورو ۾ دوها، سورٺا ۽ ترائيل پڻ شامل آهن. ۽ 'ماڪ ڀنا رابيل' (١٩٦٤ع) ۾ وايون ۽ هائڪو (جن کي شيام "تصويرون سڏيو آهي)، دوها، سورٺا، بيت، رباعيون ۽ نظم شامل آهن. پر 'غزل' شيام جي سموري شاعريءَ تي ڇانيل ٿو نظر اچي. نارائڻ شيام جي انهن غزلن جي حوالي سان 'شاعر ارجن حاسد هڪ هنڌ راءِ ڏيندي لکيو آهي:

"نارائڻ شيام جي غزل جون بي مثل ۽ نراليون وصفون ڪيس

عالمي شاعرن ۾ بيهارين ٿيون. جهڙيءَ طرح اردوءَ ۾ مير، غالب ۽ فراق گورکپوري جهڙن شاعرن جي غزل جون خوبيون تواريخي سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون، تهڙيءَ طرح نارائڻ شيام جو غزل بہ سنڌي شاعري ۾ سنگ ميل جي قدر و قيمت رکي ٿو. درحقيقت سنڌي غزل جي شاعريءَ ۾ اهڙو مثال ٿي نٿو ملي، جنهن جو مقابلو نارائڻ شيام جي غزل سان ٿي سگهي. مقابلو تہ مقابلي جي ماڳ، سندس معيار جي اوچاين جي نزديڪ بہ اجا تائين ڪوئي شاعر نہ پهچي سگهيو آهي."

تنوير عباسي، شيام جي شعري مجموعي "بوُند، لهر ۽ سمنڊ" ۾ شيام جي غزلن جي اپياس ڪندي لکي ٿو،

"شيام جي غزلن ۾ حقيقت نگاريءَ سان گڏوگڏ انسان دوستي، بي تعصبي، امن ۽ محبت جا اعليٰ قدر موجود آهن. هن وٽ جنگ کان نفرت جا جذبا تمام چٽا ۽ پڌرا آهن. نارائڻ شيام جي هڪ غزل ۾ بہ اوپرو ماحول نہ ٿو ملي. هن جي ذري گهٽ هر غزل جو ماحول سنڌي آهي. ڪٿي ڪٿي دهليءَ جي شهر جا نظارا آهن، جيڪو پڻ شيام جو پنهنجو مشاهدو آهي. پر شيام غزل جهڙي ڌاري صنف ۾، سنڌي لوڪ ڪهاڻين جا ڪردار، سنڌ متعلق پراڻين يادگيرين جا عڪس اهڙيءَ تہ فنڪاريءَ سان آندا آهن، جو غزل جو روايتي تغزل بہ نہ ٿو زخمي ٿئي ۽ شيام، پنهنجو اظهار بہ ڪري ٿو وڃي. حالانڪ اُن دؤر ۾، جڏهن شيام جي شاعري نسري هئي، تہ سنڌي غزل جو رنگ ڍنگ ايراني هو."

شيام جو اهو مجموعو "بوند، لهر ۽ سمنڊ" ١٩٨٦ع ۾ سنڌ ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ١٩٨٣ع کان وٺي ١٩٨٦ع تائين جا لکيل غزل شامل ڪيل آهن.

شيام جي ڇپيل ٻين ڪتابن ۾ "نہ سو رنگ ـ نہ سا سرهاڻ" (١٩٨٧ع)، "ذات ۽ حيات" (١٩٨٨ع)، "راهون پنڌ پيون" (١٩٩٨ع)، نڪريو آهي نينهن (١٩٩٩ع) شامل آهن. پويان ٻيئي مجموعا سندس شاعري جي مجموعن مان چونڊيل شاعري تي مشتمل آهن، جيڪي مصطفيٰ نانگراج جا مرتب ڪيل آهن.

تنهن کان سواءِ شيام جا ٻه ترجمو ڪيل ڪتاب ”ڪبير“ (پرڀاڪر ماچوي جي انگريزي مونوگرام جو ترجمو) ١٩٨٠ع ۽ غالب (ايم مجيب جي انگريزي مونوگرام جو ترجمو) ١٩٨٦ع پڻ ڇپيل آهن.

نارائڻ شيام سنڌي شاعري جو سرموڙ شاعر هو. سندس شعر ۾ جذبن جي نرمي ۽ گرمي ۽ سندس سٽ سٽ ۾ وهندڙ سنڌو جي ڌيمي رواني آهي.

شيام نه رڳو غزل پر شاعريءَ جي هر صنف ۾ پنهنجي لفظن جو جادو جاڳايو آهي. ۽ نوان نوان تجربا ڪيا آهن. سڳن آهوجا جي لفظن ۾:

> ”شيام باشعور ۽ جدت طراز شاعر آهي، هو سنڌي شاعريءَ ۾ موضوع خواه هيئت يا فارم جي لحاظ کان سدائين نوان نوان تجربا ڪندو پئي آيو آهي. (روشن چانورو - مهاڳ، صفحو ١٢).

نارائڻ شيام جي اوچتي ديهانت تي سنڌي ادب جي ٻن وڏن نالن محترم محمد ابراهيم جويي ۽ محترم شيخ اياز پنهنجي تعزيتي بيان ۾ شيام کي پيٽا ڏيندي لکيو هو،

> ”شيام جي شاعري ۾ ٻولي جي مڌرتا، ڪلپنا جي اڏام، ڌرتي جي سونهن ۽ سڳنڌ سان لڳاءُ، سنڌ ۽ هند جي شاعري جي روايت سان نياءُ، شاعري جي هر صنف ۾ مهارت ۽ انسان جي رنگا رنگ جذبات جو اظهار ملي ٿو. شيام سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ سنگِ ميل جي حيثيت رکي ٿو ۽ اسان جي ادبي ورثي جو اڻوٽ حصو آهي.“

شيام جي شاعري جو اڀياس ڪندي، موتي پرڪاش لکي ٿو:

> ”شيام جي شاعري جو درد ان ڪري انفرادي درد کان مٿي آهي. هن پنهنجي درد کي ٻين جي درد سان ايترو ته ملائي ڇڏيو آهي جو ٻئي هڪ ٿي ويا آهن. شيام پنهنجي شعر ۾ ڪڏهن به پنهنجا روئڻا نه رُنا آهن. هن هر انسان جي اک ۾ رنو آهي ۽ هر انسان جي خوشي ۾ ڪليو آهي.“

## شيام ۽ سنڌ:

ورهاڱي نارائڻ شيام کي سنڌ کان جدا ڪيو، اها جدائي جسماني

هئي، پر هو روحاني ۽ فڪري طور تي ڪڏهن به سنڌ کان جدا نه ٿيو ۽ سنڌ ئي هن جو عقيدي ۽ ايمان جو جُز هئي ۽ ڌرتي کان جدائي جو درد هن جي شعرن ۾ واضح طور تي ملي ٿو:

جيئڻ کهڙو، پيرن جي هينان نه ڌرتي،
اچي موت رکي پيي هوا ۾ اڏائي!

يا ٻي هنڌ "سنڌ" تي ڌارين جي يلغار ڏسي سندس اندر جا اُڌما شعر جي صورت وٺي نڪتا:

الا! ايئن نه هوءِ، جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.

يا وري ٻي هنڌ شيام سنڌ لاءِ پنهنجي اٿاهه اڪير ڪي هن لفظن ۾ بيان ٿو ڪري:

اڄ شاهه جي رسالي تي نظرون ڪُپي ويون،
موٽي صدين کان پوءِ تي جڻ سنڌ مون ڏٺي.

## نارائڻ شيام ۽ اياز:

سنڌي ٻولي جي هن ٻنهي وڏن شاعرن ۾ ڪيتريون ئي هڪجهڙايون آهن. نارايڻ شيام ۽ شيخ اياز گڏ پڙهندا هئا ۽ جڏهن ورهاڱو ٿيو ته شيخ اياز هن کي پاڻي جي جهاز تي الوداع چئي هئي.

"اُن وقت کان وٺي هن وقت تائين ايڪيتاليهن سالن ۾ هو مون سان فقط هڪ ڀيرو مليو آهي، جڏهن مان ۱۹٦۳ع ۾ بمبئي ويو هوس ته هو منهنجي اچڻ جو ٻُڌي دهلي مان بمبئي آيو هو ۽ مون سان ڪجهه ادبي ڪچهرين ۾ سات هو."

شيخ اياز لکيو:

جڏهن ۱۹٦۵ع جي پاڪ ـ ڀارت جنگ لڳي ته شيخ اياز نارايڻ شيام کي علامت بنائي پنهنجو مشهور نظم لکيو:

هي سنگرام
سامهون آ نارايڻ شيام،
هن جا منهنجا ٻول ٻه ساڳيا
قول ٻه ساڳيا

هي ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي ۽
منهنجا رنگ رتول بہ ساڳيا
هن تي ڪيئن بندوق ڪٺان مان
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان.

اُن نظم جي اشاعت تي اياز کي گھڻو ڪجھہ سهڻو پيو ۽ اياز جي لفظن ۾ تہ، "اُن ڪان پوءِ شيام جڻ منهنجي وجود جو حصو ٿي چڪو آهي"، ۽ ان نسبت سان اياز هڪ هائيڪو بہ لکيو:

مان بہ تہ آهيان شيام
نارائڻ، تنهنجو رڳو
ناهي اهو نام.

نارائڻ شيام کي پڻ شيخ اياز جي فن ۽ فڪر لاءِ تمام گھڻي عزت هئي ۽ هن اياز کي پنهنجي غزل جو مجموعو "ذات ۽ حيات" موڪليو تہ ان تي لکيائين، "شيخ اياز کي، جنهن سنڌي شعر جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي."

شيخ اياز جي ذهن تي شيام جي وفات جو تمام گھڻو اثر ٿيو ۽ هن جي قلم مان "سر نارائڻ شيام" درياهہ مان ڪنهن ڦاٽ جيان ڦٽي نڪتو، جيڪو پوءِ هري موٽوائي نهايت خوبصورت نموني "سُر نارائڻ شيام" جي عنوان سان "ڪونج پبليڪيشن بمبئي" مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

شيام! سُريليءَ بنسريءَ، هاڻي ڪيو ڪو سُر،
هتي ڪرڻو ڪونہ آ پيهر ڪُر ڪيتر،
هَر هر مون هُرڪو، ننڊ نہ اچي رات جو.
(اياز)

# نجم عباسي

ڊاڪٽر نجم عباسي، سنڌي ادب ۾، انهن ٿورڙن ليکڪن منجهان هو، جن مقصدي ادب لکيو ۽ ادب ۾ نعريبازي کي جائز سمجهندي، پنهنجي لکڻين جي ذريعي پنهنجي نظرين جو پرچار ڪيو.

## جنم ۽ تعليم:

ڊاڪٽر نجم عباسي، ساهتي پرڳڻي جي قديم تاريخي شهر خانواهڻ ۾ ١٨ آڪٽوبر ١٩٢٧ع تي جنم ورتو. سندس والد جو نالو ميان الهه آندو خان عباسي هو ۽ سنڌي پرائمري اُستاد هو. نجم عباسي پنهنجي شروعاتي تعليم اباڻي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾، پنهنجي والد جي نظرداريءَ هيٺ حاصل ڪئي. پرائمريءَ جا چار درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ، انگريزي تعليم خانواهڻ جي ڀرسان ڳوٺ "ٽنيا بقا ساهه" جي اي - پي ڪلاس اسڪول ۾ حاصل ڪئي. انڪان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ نواب شاهه جي مشهور لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول، جيڪو هن وقت ايچ - ايم خواجه پراونشلائيزڊ هاءِ اسڪول سڏجي ٿو. ان ۾ داخل ٿيو، جتان ١٩٤٦ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ جو امتحان سُٺي نموني پاس ڪيائين، تنهن کان پوءِ سنڌ مسلم ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان ١٩٤٨ع ۾ انٽر سائنس جو امتحان پاس ڪري، ميڊيڪل جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي لاءِ 'ڊو ميڊيڪل ڪاليج، ڪراچيءَ' ۾ داخل ٿيو، جتان ١٩٥٣ع ۾ ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪيائين.

## عملي زندگي:

تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ١٩٥٣ع کان ١٩٥٨ع تائين سنڌ جي مختلف اُسپتالن ۾ سرڪاري نوڪري ڪيائين، پر پوءِ سرڪاري نوڪريءَ ۾

دل نہ لڳيس ۽ ١٩٥٨ع ۾ سرڪاري نوڪري ڇڏي، ڳاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ پنهنجي خانگي اسپتال کوليائين. جيڪا ١٩٨٩ع تائين فالج جي حملي ٿيڻ تائين هلايائين.

نجم عباسي، جنهن زماني ۾ نواب شاهہ جي لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو، اهو دور ننڍي کنڊ ۾ هلندڙ آزاديءَ جي تحريڪن، وارو هو. نوابشاهہ مرڪزي شهر هئڻ سبب، انهيءَ اثر کان آجو نہ هو. ان زماني ۾ مسلم ليگ جو وڏو زور هو ۽ مسلم ليگ پاران ”آل انڊيا مسلم نيشنل گارڊ“ جا هڪ فوجي تنظيم ۽ مسلم ليگ جي ذيلي شاخ هئي. سا بہ زورن تي هئي. نواب شاهہ جي لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول جي ميدان تي، مسلم نشنل گارڊ طرفان شاگردن کي فوجي سکيا ڏني ويندي هئي.

انهيءَ کان متاثر ٿي نجم عباسي ٤١-١٩٤٥ع ۾، خانواهڻ ۾، مسلم نيشنل گارڊ جو بنياد وڌو، جنهن ۾ سندس ڪيترائي ڳوٺائي، هم ڪلاسي ۽ دوست ڀرو وٺڻ لڳا. اڳتي هلي انهيءَ شاخ جو، نواب شاهہ ضلعي جي مسلم نيشنل گارڊ سان الحاق ٿيو. ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع تي جڏهن آزاد پاڪستان جو جشن ملهايو پي ويو تہ نجم عباسي هڪ ”قومي ترانو“ لکيو، جيڪو ڇوڪرن اسڪول ۾ ڪورس جي انداز ۾ ڳايو.

## ادبي سرگرميون:

نجم عباسي، پنهنجي علمي ۽ ادبي زندگيءَ جي شروعات، شاگرديءَ واري، زماني کان ڪئي. پاڻ جڏهن نواب شاهہ ۾ پڙهندو هو تہ هڪ وڏو اديب، عالم ۽ استاد ’مخدوم امير احمد‘ اسڪول ۾ استاد هو. مخدوم صاحب شاگردن ۾ انگريزي تعليم سان گڏ سنڌي زبان، ادب ۽ قومي جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ڪوشش ورتيون. مخدوم صاحب اسڪول جي اندر ”بزم ادب“ جي نالي سان هڪ انجمن قائم ڪئي. جنهن جي پليٽ فارم تان شاگردن ۾ علم و ادب، شعر و شاعري سان گڏ تقرير ڪرڻ جي سکيا ڏني ويندي هئي. هر آچر ڏينهن ”بزم ادب“ جي طرفان هڪ مشاعرو ڪرايو ويندو هو. جنهن ۾ شاگرد پنهنجا شعر ٺاهي اچي پيش ڪندا هئا، جن جي مخدوم صاحب اصلاح ڪندو هو. نجم عباسي پڻ انهيءَ علمي ماحول کان متاثر ٿي شعر و شاعري شروع ڪئي. هن سڀ کان پهريون شعر ١٩٤١ع ۾ جوڙيو، جيڪو ڪافي پسند ڪيو ويو. اڳتي هلي پاڻ انهيءَ

’بزم ادب‘ جو سيڪريٽري پڻ ٿيو ۽ ائين هو شعر و شاعري ڪرڻ ۽ انهن محفلن ۾ حصو وٺڻ لڳو. انهي دور ۾ سندس ڪيل شاعري ”مون پڻ ڳايو هو“ جي نالي سان ۱۹۷۹ع ۾ ڪتاب صورت ۾ ڇپي.

نجم عباسي، پنهنجي پهرين ڪهاڻي ”خانواهڻ“ جي علمي ادبي ماحول کان متاثر ٿي لکي. هڪ ڀيري پاڻ پنهنجي والد سان گڏ هڪ ڪچهريءَ ۾ ويو ۽ اُتي ٿيل ڳالهين ۾ هڪ واقعي کان متاثر ٿي پنهنجي پهرين ڪهاڻي ۱۹۴۴ع ۾ ”همت ۽ ڪوشش“ جي نالي سان لکي، جيڪا جولاءِ ۱۹۴۷ع ۾ ”مهراڻ“ رسالي ۾ شايع ٿي. سندس ٻي ڪهاڻي ”ڪنڌ جي چوري“ پڻ ساڳئي رسالي جي آڪٽوبر - ڊسمبر ۱۹۴۷ع واري پرچي ۾ ڇپي. ائين نجم عباسي، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اُفق تي هڪ روشن ستارو ٿي اُڀريو، جيڪو پنجاهه سالن کان به وڌيڪ، سنڌي ادب جي اُفق تي چمڪندو رهيو.

## نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون:

نجم عباسيءَ بنيادي طور تي ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي مسڪين ۽ پيڙهيل طبقن، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ سڀيتا، تمدن ۽ ثقافت کي وڏي نمايان اهميت ڏني. سندس ڪهاڻين ۾ دقيانوسي خيالن، وهم پرستي، اجاين ريتن ۽ رسمن جي خلاف درس ڏنو ويو آهي ۽ پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌيت، سائنسي سوشلزم، انقلاب، آزاديءَ جو وڏي واکي پرچار ڪيو آهي. ”مان مقصدي ادب لکندو آهيان، مان ادب ۾ پرچار ۽ نعري بازي جو مجيندڙ آهيان، ڇاڪاڻ ته مان پنهنجي لکڻيءَ ۾ مقصد رکندڙ آهيان.“ نجم عباسي هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿو.

نجم عباسي جي ڪهاڻين جي ايياس مان سندس سوچ، ذهن ۽ مزاج جو پتو پوي ٿو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏو مشاهدو ۽ تجربو پرايو ۽ ساڳئي وقت ڪيس زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا ڌڪا لڳا، جن سندس طبيعت کي ڏاڍو متاثر ڪيو. انهن سڀني ڳالهين جو اظهار هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪيو.

نجم عباسي پنهنجي زندگيءَ ۾ لڳ ڀڳ سادا ٽي سؤ کن ڪهاڻيون لکيون ۽ ترجمو ڪيون، سندس طبعزاد ڪهاڻين جا ۱٦ ڪتاب ڇپيل آهن. سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب ”طوفان جي تمنا“ ۱۹٦۹ع ۾ ڇپيو.

نجم عباسي جي ڇپيل ڪهاڻي ڪتاب هن ريت آهن: طوفان جي تمنا

(۱۹٦۹ع)، پٿر تي ليڪو (۱۹۷۳ع)، جيڪي منهنجي من ۾ آهي (۱۹۷۷ع)، ناچڻي (۱۹۷۸ع)، ايڏو سور سهي (۱۹۷۸ع)، رشتا ناتا (۱۹۸۱غ)، سورج هوندي مرجهايل (۱۹۸۲ع)، للڪار ۱۹۸۳ع)، پروفيسر، دارون هن ديوان جو، ڪهاڻي جو قافلو، دوڪو (۱۹۸۸ع)، مٽي سنڌ سڪار (۱۹۸۵ع)، منهنجون بهترين ڪهاڻيون (چيل ڪهاڻين مان چونڊ ۱۹۹۱ع)، پاڻ ۾ وينا آهيون (۱۹۹۲ع)، اوچا ڳاٽ پهاڙن جا (۱۹۹۳ع).

## نــاول نويسـي:

ڪهاڻيڪار هئڻ کان سواءِ نجم عباسي هڪ سٺو ناول نويس پڻ هو. سندس لکيل ناول بہ سندس ڪهاڻين جيان "مقصد" کي سامهون رکي لکيا ويا آهن. نجم عباسي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٽي اصلوڪا ناول لکيا، جيڪي ترتيبوار "پيار ڪهاڻي" (۱۹۸۴ع)، "بلنديون" (۱۹۸۴ع) ۽ "تلاش" (۱۹۸۷ع) ۾ ڇپيا. سندس انهن ناولن جا ڪيترائي ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن. ان حوالي سان نجم عباسي هڪ ڪامياب ناول نويس پڻ آهي.

## تــرجمي نگاري:

نجم عباسي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: "مون پنهنجي رڪارڊ ۾ ڏٺو آهي تہ مون پنهنجي تخليق جيترا ئي ترجما ڪيا آهن." اٿين نجم عباسي هڪ ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مضمون نگار ۽ شاعر هئڻ سان گڏ هڪ سٺو مترجم پڻ هو. نجم عباسي جي پهرين ترجمو ٿيل ڪهاڻي "ترڪي محبوبہ" ۱۹۴۸ع جي "مهراڻ" جي پرچي ۾ شايع ٿي. ڪهاڻين کان سواءِ نجم عباسي، شعرن، مضمونن، ڊرامن، ناولن، سوانح جي ڪتابن جو پڻ سنڌ ترجمو ڪندو رهيو.

نجم عباسي جي ترجمن جي فهرست تي نظر وجهبي تہ پاڻ انهن ۾ بہ مقصد کي وڏي اهميت ڏني اٿس. ترجمي جي سلسلي ۾ نجم عباسي جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن.

سوانح: لينن جي انقلابي ڪهاڻي، گانڌي، هڪ انقلابيءَ جو ننڍپڻ.

نــاول: ماستر اٿي، زلزلو، ڳاڙهو لالٽين (چيني ڊرامو)

ڪهاڻيون: پاڻ ۾ وينا آهيون..پهاڙن ۾ پڪار (خليل جبران جي ڪهاڻين جو ترجمو)

اٿين نجم عباسي جي ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد نوَ (۹) آهي،

پر سنڌس هڪ ترجمو ڪيل ڪتاب "جيڪي بينگال سان ٿيو"، ڪن سببن جي ڪري، سنڌس اصلي نالي بدران "رسول بخش پليجي" جي نالي سان ڇپيو.

ڪهاڻين، ناولن ۽ ترجمن کان سواءِ نجم عباسي شاعري، مضمون، آتم ڪهاڻي، خط پڻ لکيا. جيڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن. جيڪي هن ريت آهن:

(١) "ڏنم اڻ ڏٺل" (آتم ڪٿا/ مضمون)، (٢) "تصوف جي ڇيرقاڙ"، (٣) "جبل متي باهڙي" (يوسف سنڌيءَ کي لکيل خطن جو مجموعو)، (۴) "سوچون هڪ سچار جون"، (سوچن جي آٽو بايوگرافي).

نجم عباسي، زندگيءَ جي آخري ڪجهه سال سخت بيماريءَ ۾ گذاريا. اڌ رنگ جهڙي موذي مرض کيس هلڻ چلڻ کان هلاڪ ڪري ڇڏيو. مٿس ١٩٨٩ع ۾ اڌ رنگ جو حملو ٿيو. جنهن سبب اسپتال بند ڪيائين ١٩٩٠ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيل لساني فسادن سبب، دهشتگردن سنڌس گهر تي حملو ڪيو ۽ گهر جي سامان کي بيدرديءَ سان لٽيو. سنڌس لئبرري، جيڪا کيس ساهه جيان عزيز هئي، برباد ڪئي ويئي، جنهن کيس سخت صدمون رسايو.

نجم عباسي پنهنجي زندگيءَ جي ڇئن واقعن کي المناڪ واقعا ڪوٺيندو هو. انهن ۾ پهريون ارينج مئريج، ٻيو گهرو زندگيءَ ۾ اڻبڻت سبب طلاق، ٽيون اڌ رنگ جي بيماري ۽ چوٿون سنڌس غير موجودگيءَ ۾ سنڌس گهر تي دهشتگردن جو حملو ۽ لئبرري کي باهه ڏيڻ شامل آهن. انهن واقعن جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکيو اٿس:

> "انهن سيني المناڪ واقعن ۾ مون کي وڏو ڏک اڌ رنگ جي بيماري پهچايو آهي. منهنجو ساڄو پاسو بيڪار ٿي ويو آهي. منهنجي لاءِ ۽ هر ليکڪ لاءِ وڏي سزا اها آهي ته هو لکڻ کان محروم ٿي وڃي."

نجم عباسي ٢٥ آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي اٺهٺ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ خانواهڻ ۾ دفنايو ويو. ●

# نسيم کرل

سنڌي ڪهاڻي جي عمر لڳ ڀڳ سوا سؤ سالن جي آهي، شروعاتي ڪهاڻيڪارن ۾ نادر بيگ مرزا، آسانند مامتوراءِ ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا، جديد سنڌي ڪهاڻي جو اهو سفر 'نسيم کرل' جي ذڪر کان سواءِ اڻ پورو ۽ اڌورو محسوس ٿيندو.

## سوانح:

نسيم احمد ولد حاجي عبدالڪريم کرل ۲۹ جون ۱۹۳۹ع تي اڳوڻي خيرپور رياست جي ڳوٺ 'کرل' تعلقي گمبٽ ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم ۴۵-۱۹۴۴ع دوران پرائمري اسڪول عبدالڪريم کرل ۽ سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۾ ۱۹۴۸ع کان ۱۹۵۵ع تائين حاصل ڪيائين. مئٽرڪ آرٽس ۾ ۱۹۵۵ع ۾ ڏنائين ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو ۽ ۱۹۵۹ع ۾ گريجوئيشن پاس ڪيائين. ڪاليج جي پڙهائي دوران پروفيسر اياز قادري ۽ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه سندس اُستاد رهيا.

پنهنجي ان شاگرد (نسيم کرل) جو ذڪر ڪندي اياز قادري لکي ٿو:

> "ان وقت ايس - ايم - ڪاليج ۾ پهرين سال آرٽس ۾ ٽي شاگرد اهڙا هئا، جن کي پنهنجي ٻوليءَ سان محبت ۽ لکڻ لاءِ شوق هو. اهي هئا، جمال رند، خواجه سليم ۽ نسيم کرل. ٽيئي خيرپور ناز هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪري ڪراچي آيا هئا ۽ ٽئي سنگتي هئا. آئون ٽنهي کي سنڌي ادبي سنگت ۾ وٺي آيس. اڳتي هلي ٽنهي سنڌي ڪهاڻي ۾ چڱو نالو ڪمايو."

انهيءَ وقت ١٩٥٧-٥٨ع ۾ نسيم کرل بي - اي فائينل جو شاگرد هو. سنڌ مسلم ڪاليج شاگردن جي مئگزين جي سنڌي ڀاڱي جي ايڊيٽنگ جو ڪم نسيم کرل جي حوالي ڪيو ويو. نسيم جي محنت ۽ اورچائي جي ڪري 'ڪاليج مئگزين' جو سنڌي ڀاڱو نهايت ڪامياب نڪتو.

ڪاليج ڇڏڻ ڪان پوءِ نسيم باقاعده ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات ڪئي. ان ڪان اڳ ڪجهه ڪهاڻين جا ترجما پڻ ڪيائين جيڪي 'نئين زندگي" ۾ شايع ٿيا. نسيم جي طبعزاد لکيل پهرين ڪهاڻي ١٩٥٨ع ۾ "سوُر سمجهي کو" جي نالي سان شايع ٿي.

## نسيم جون ڪهاڻيون:

١٩٩٢ع ۾ سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران خيرپور ۾ "ڪهاڻي ڪانفرنس" ٿي، جنهن ۾ ناميارري ليکڪ عبدالقادر جوڻيجي پنهنجي راءِ ڏيندي چيو هو:

> "مان پاهرين ادب ۾ ڪهاڻي جو ابو چيخوف کي سمجهندو آهيان. عالمي طرح هن جهڙي ڪهاڻي ڪوئي نہ لکي سگهيو آهي. اردو ادب ۾ منهنجي خيال ۾ سعادت حسين منٽو تي اچي ڪهاڻي بيهي ٿي وڃي. اهڙي نموني سنڌي ڪهاڻي جو وڏو ڪهاڻيڪار 'نسيم کرل' کي ٿو سمجهان. مختصر ڪهاڻي جي باري ۾ منهنجي راءِ اها آهي تہ عالمي طور تي پاهرين ڪهاڻي کي ٽي - بي ٽي پئي (١) ۽ چيخوف سان گڏ ان جو بہ انت ٿي ويو. اردو ڪهاڻي گهڻو شراب (٢) پي خودڪشي ڪري ڇڏي ۽ سنڌي ڪهاڻي کي گولي (٣) هنئي وئي."

عبدالقادر جوڻيجي جي انهي راءِ 'سنڌي ڪهاڻي' جي حوالي سان وڏي بحث جي شروعات ڪري ڇڏي ۽ سنڌي ڪهاڻي تي مختلف زاوين ڪان بحث ڪيو ويو.

اها پنهنجي جاءِ تي حقيقت بہ آهي تہ نسيم کرل ڪان پوءِ بهترين ڪهاڻي لکجڻ گهٽو ڪري بند ٿي وئي. سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪهاڻين جي باقي

(١) چيخوف: جيڪو ٽي - بي وگهي فوت ٿيو.
(٢) منٽو: گهڻو شراب پيئڻ جي ڪري گذاري ويو.
(٣) نسيم کرل: قتل ڪيو ويو.

سنڌي ۾ لکجندڙ ڪهاڻي ايتري ڪا متاثر ڪندڙ ڪونهي.

نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ استعمال ٿيندڙ تشبيهن جي حوالي سان سنڌي جو هاڪارو عالم پير حسام الدين راشدي لکي ٿو:

"نسيم تشبيهن ۽ لفظن جي سلسلي ۾ نہ ڇڙو ٻهراڙيءَ جي زبان تي قبضو رکي ٿو، پر منجهس ٻهراڙي ۽ شهري زندگيءَ جو هڪ ئي وقت ۾ عجيب و غريب امتزاج آهي. شهرن جي فيشن ايبل تشبيهن تي پڻ ڪيس اوتري ئي قدرت حاصل آهي."

انهيءَ سلسلي ۾ مولانا گرامي پنهنجي مضمون "سنڌ جو افسانوي ادب ۽ کرل جو فن" ۾ لکي ٿو:

"نسيم کرل جي افسانوي ادب جي جائزي وٺڻ کان پوءِ، ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ناهي تہ نسيم کرل جذبات ۽ ان جي ترجماني جو ماهر آهي. سندس فن جو هر پهلو تيز ۽ تلخ جذبات جي پيداوار آهي. نسيم کرل جي فن ۾ زبان ۽ بيان جي شدت ۽ خطابت وانگر جوش تہ آهي، پر منجهس هڪ همدرد انسان واري نرمي ۽ دلسوزي بہ آهي، جا تلخ ۽ طنزيہ انداز ۾، سماج جي ڪن گندگين تي، نشتر بہ هڻي ٿي ڪڏي."

نسيم کرل جي افسانن جو جائزو وٺندي ٻرڪ نقاد رسول بخش پليجو لکي ٿو:

"نسيم، سنڌي افساني کي بہ مکيہ ڳالهيون ڏنيون آهن. ڳالهہ جي ڪاريگري واري وڏ وٿيڻ ۽ سلائي ۽ سنڌي محاورا."

ڳالهہ جي تسلسل کي وڌائيندي غلام علي الانا لکي ٿو:

"نسيم کرل جون ڪهاڻيون هر لحاظ کان نمائنده ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ ڪم آندل ٻولي، سندس ڪهاڻين جا موضوع، سندس ڪردار، ڪهاڻين ۾ ڇيڙيل مسئلا، جدا جدا عنوانن تحت آهن، جن تي گهڻو ئي ڪجهہ لکي سگهجي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ ڪافر، گنس، مکسد گرل، گذريل واردات، ڪني آگر، ٻهرين مراد، اٽالو پدنگ ۽ چوٿيهون در سنڌي ادب جو بهترين سرمايو آهن."

ڳالهه رڳو اتي به ڪانه ٿي ڪٽي، تنوير عباسي جي لفظن ۾ ته:

”ڪي ڪهاڻيون جديد سوسائٽيءَ جي پوري ۽ مصنوعي ماحول تي پڻ لکيون اٿائين. انهن ۾ وڏن ماڻهن جي مصنوعي حياتي ۽ سندن اخلاقي پستيءَ جو سهڻو نقشو چٽيو اٿائين. نسيم هڪ پاسي ٻهراڙي جي سماج جي اونهاين تي وڃيو پهچي ته ٻئي پاسي وري ڪاموري شاهي جي اندر ليئو ٿو پائي. ٻئي سماج ڪان ڪوهين پري، پر ٽڏهن به ٻنهي جي ٺهڪندڙ تصوير چٽڻ ۾ هيءَ ڪمال ڪيو ڇڏي.“

نسيم کرل جي ڪهاڻين جي باري ۾ آغا سليم جي راءِ ڪيڏي نه وزندار آهي:

”نسيم ڪٿي ڪٿي جملن جو استعمال نئين انداز سان ڪري مشتاق شوري جي ٿهي جو ساٽ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پنهنجي اسٽائيل ۾ شعوري ڪوشش سان تبديلي آڻڻ ۽ گرامر جون حدون اورانگهي، جملن کي نئين جوڙجڪ ڏيڻ سان ڪوبه ليڪ نئين ٿهي جو ساٽ ڏيئي نٿو سگهي. ڳالهه جملن جي جوڙجڪ ۽ استعمال جي نه آهي، پر احساساتي رويي جي آهي. نسيم جي ڪهاڻي جي ڪردارن، فارم، ٻوليءَ ۽ خود زندگي ڏانهن اڄ به اهوئي رويو آهي، جيڪو اوائلي دؤر ۾ هو.“

عبدالقادر جوڻيجي جي مٿين راءِ ’سنڌي ڪهاڻي کي گولي لڳي‘ کي طارق اشرف جي هنن لفظن سان ڀيٽينداسين ته ڪيڏي نه هڪجهڙائي نظر ايندي. طارق اشرف لکيو:

”نسيم کرل جي وڃڻ سان سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ باب پورو ٿيو. جيڏيون شاندار، بلڪ شاهڪار ڪهاڻيون نسيم لکيون، سنڌي ۾ گهٽ ڪهاڻيڪارن اهڙيون ڪهاڻيون لکيون آهن. مان اهو چوندس ته سندس ڪهاڻين ۾ جيڪي خوبيون آهن، اهي خوبيون سنڌي جي گهٽ ڪهاڻين ۾ ملنديون. نسيم جي ٻولي شاندار ۽ پلاٽ جي چونڊ لاجواب ۽ ٿيم بهترين، تنهن کان علاوه گهرائپ، پختگي هڪ هڪ لفظ توريل تڪيل.“

نسيم کرل جي ڪهاڻين جا ٽي مجموعا: "شبنم شبنم ڪنول ڪنول" (١٩٦٨ع)، "چوٿيهون در" (١٩٧٣ع) ۽ "دمي" شايع ٿيل آهن. "دمي" ۾ سندس ڪجھ مضمون ۽ اڻ پوري ڪتاب "هو جي وڻ وندر جا" مان ڪجھ دلچسپ مضمون پڻ شامل ڪيل آهن. اهو ڪتاب سندس وفات کان پوءِ ١٩٨٤ع ۾ شايع ٿيو. انهن مضمونن کي پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته نسيم کرل سٺو مضمون نگار پڻ هو. اهي مضمون مروج اسٽائيل کان هٽي ڪهاڻي واري رنگ ۾ لکيل آهن.

نسيم کرل کي ١٤ جولاءِ ١٩٧٨ع تي قتل ڪيو ويو. ●

# نورالهدي شاهہ

سنڌي عورت ليکڪائن جي مختصر نالن واري قطار ۾ نورالهديٰ شاهہ، لکڻ جي مختلف اسلوب جي حوالي سان پنهنجو منفرد مقام ٿي رکي. هوءَ سٺي ڪهاڻيڪار هئڻ سان گڏ بهترين دراماه نويس ۽ نثري نظم لکندڙ سٺي شاعره پڻ آهي.

## سوانح:

نورالهديٰ شاهہ ٢٢ جولاءِ ١٩٥٧ع تي حيدرآباد ۾ ڄائي. سندس والد جو نالو عبدالهادي شاهہ آهي. سندس واسطو ٺٽي جي معزز سيد گهراڻي سان آهي، جنهن جون سنڌي سياسي ۽ ادبي ميدان ۾ وڏيون خدمتون آهن. هن پرائمري تعليم لاهور ۾ حاصل ڪئي. انٽر ڪراچي ۽ پوءِ حيدرآباد مان، بي - اي فاطمه جناح ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيائين.

نورالهديٰ شاهہ جو ننڍپڻ لاهور ۽ ڪراچي ۾ گذاريو، جتي سندس والد صاحب جي نوڪري هوندي هئي. انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي نورالهديٰ شاهہ هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو:

> ”آئون ستن سالن جي هيس، جو لاهور جي مال روڊ تي فيروز سنز وارن جي دڪان تي بابا جي آڱر جهلي چڙهي هيس. بابا پنهنجي پسند جا ڪتاب پٺي چونديا، جو مون اوچتو ڪنهن شيلف مان 'سعادت حسين منٽو' جي ڪتاب ”ڪالي شلوار“ ڪڍي ضد ڪيو، مون کي هي وٺي ڏيو (۽ اها ڳالهہ گهڻو گهڻو وقت بعد ۾ جڏهن سنڌي سماج ۾ رهندڙ، پيڙيل عورت بابت مون غير روايتي انداز ۾ لکڻ شروع ڪيو هو، تڏهن بابا هڪ ڏينهن ٻڌايو هئم).“

نورالهديٰ شاهہ. ننڍي ڄمار کان ئي لکڻ شروع ڪيو. پهرين سنڌس ڪجهہ ڪهاڻيون ڪراچي مان نڪرندڙ ٻارن جي رسالي ”گلن جهڙا ٻارڙا“ ۾ ڇپيون. پر وڏن لاءِ سنڌس پهريون افسانو نائين ڪلاس جي دوران ”حويلي شريف“ جي نالي سان روزاني ’هلال پاڪستان‘ جي صفحي ”سگهڙين سٿ“ ۾ ڇپيو، جيڪو ان وقت فهميده حسين ڪيندي هئي. اخبار جو ايڊيٽر سراج هو. ۽ سگهڙين سٿ کي نورالهديٰ شاهہ ’پنهنجي عشق جي پهرين واٽ يا سنگ ميل تي قرار ڏئي‘.

’هلال پاڪستان‘ ۾ اهو افسانو ڇپيو، هاءِ گهوڙا مچي ويئي. اهو ۷۲-۱۹۷۱ع وارو زمانو هو. اخبار پيپلز پارٽي جي هئي. اهڙي افساني ڇپڻ تي ڪافي اعتراض ڪيا ويا. ان وقت هوءَ ”نورالهديٰ شاهہ عربي“ جي نالي سان لکندي هئي.

تنهن بعد هن ڪيترين ئي شاهڪار ڪهاڻيون لکيون. جهڙوڪ: ”جلاوطن“، ”پاروٿو گوشت“، ”دوزخي“، ”فوٽ پاٿ“، ”شريف زادي“، ”ڪربلا“ وغيره. انهن ڪهاڻين ۾ ’نور‘ سٽن ڪوٽن ۾ ويڙهيل مظلوم عورت جي مظلوميت بابت وڏي بولڊنيس سان لکيو. نورالهديٰ شاهہ جي اهڙي نموني لکڻ تي وڏا اعتراض واريا ويا. ڇو تہ هن جي انهن حقيقت پسند ڪهاڻين لکڻ تي ڪوٽن جي اندر قيدي عورتن جي حقي ۽ سچي پچي تصوير سماج جي اڳيان ظاهر ٿي بيني. اها هڪ قسم جي بغاوت هئي. هڪ سيدزادي کي اها اجازت ڪنهن ڏني تہ هو ايتري بهادري سان لکي؟ انهي سوال جي جواب ۾ نورالهديٰ شاهہ ٻڌايو: ”نڪڻ شايد منهنجي سرشت ۾ هو“. وڌيڪ هو چوي ٿي تہ، ”شروع ۾ منٽو ۽ عصمت چغتائي کي پڙهي مون انسپائريشن حاصل ڪئي.“ نورالهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين جا هيستائين ٽي مجموعا: ”جلاوطن“، ”ڪربلا“ ۽ ”رڻ ۽ رڄ جو اتهاس“ شايع ٿي چڪا آهن. سنڌس اهي ڪتاب پڙهندڙن ۾ بيحد مقبول ٿيا ۽ انهن جي رڪارڊ ٽوڙ وڪري اهو ثابت ڪيو تہ نورالهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين، سنڌي سماج جي ڪنين ۽ بڇڙين رسمن کي سنڌائتو ڏک هڻي وائکو ڪيو آهي. اها ڳالهہ محسوس ڪندي ’نورالهديٰ شاهہ‘ ”جلاوطن“ جي ڇوٿين ايڊيشن ۾ لکيو:

”سنڌي پڙهندڙ جيڪو پاڻ بہ ان ساڳي سماج جو حصو آهي.
انهن ڪهاڻين کي پڙهڻ لاءِ اڄ بہ ايتروئي مون کي ويجهو بيٺل آهي.

’نورالھديٰ شاھہ‘ جي انھن نثري نظمن تي راءِ ڏيندي محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

”نورالھديٰ شاھہ پنھنجا ھي نثري نظم، ۽ پاڻ جو انھن تي ’قيدياڻي جون اکيون ۽ چنڊ‘ نالو رکي، اسان کي اهي ڏنا آهن، جنھن نالي کي پڙھڻ سان هانءُ ۾ ڇڻ جهير پئجي ٿا وڃن. اهي اسان جي انهيءَ قومي بدبختي تي هن جي ڪومل دل جون دانھون آهن. ميارون آهن، منٿون آهن، صلاحون ۽ سڏ آهن. اسان سيني لاءِ، مائن ۽ ڀينن لاءِ، پائن ۽ پيئن لاءِ، استادن ۽ اديبن لاءِ، ننڍيرن ۽ وڏيرن لاءِ، اڳواڻن لاءِ، پوئلڳن لاءِ اسان سيني جي قلب تي انھن جو ڇا اثر ٿو ٿئي، سو ڪٿڻ ۽ ڇاڻڻ اسان مان هر ڪنھن جو پنھنجو ڪم آهي.“

ساڳئي ڳالهہ ڪجهہ ٻي پر انوکي انداز سان ڪتاب جي مهاڳ ۾ نصير مرزا لکي ٿو:

”نورالھديٰ شاھہ جي هيءَ شاعري، محض ٽائيم پاس ڪرڻ ۽ سمهڻ رُتت پڙھي ويندڙ شاعري جهڙي شاعري ناهي، نہ ئي اهڙي، جنھن کي چانھہ جي ڪوپ تي واڪاڻيو وڃي. هيءَ تہ اِها شاعري آهي، جنھن کي پڙھندي اوپاسي ڏيڻ وسريو وڃي. هن جون ڪي سٽون تہ سچل سائين جي ’اناالحق‘ جو پڙاڏو آهن ۽ ملان کيان تہ مشرڪ جو تفسير پيش ڪن ٿيون.

”نيڪ آ گهٽو ڪجهہ پاڻ کان ڌارين ڦري ورتو آ
تڏهن بہ پاڻ ڪيترا نہ خوش نصيب آهيون،
گهٽ ۾ گهٽ حقن لاءِ وڙهون تہ پيا
پنھنجي ئي ڌرتي جي ڇاتي تي رڙهون تہ پيا
ڪوئي ايئن تہ نٿو چوي توکي
هيءَ تنھنجي ڌرتي ناهي،
نورالھدي شاھہ تنھنجي ماءُ ناهي.“

## ڊرامہ نگاري:

نورالھديٰ شاھہ، ٽيليويزن جي ڊرامن جي حوالي سان بہ وڏي شهرت

ماٺي، سنڌس ڊرامن کي ايتري تہ مقبوليت ملي آهي، جو ڪجهہ سال اڳ جڏهن پي ـ ٽي ـ وي تان سنڌس ڊرامہ ٽيليڪاسٽ ٿيندا هئا تہ بازارون ويران ٿي ويندين هيون ۽ ماڻهو سڀ ڪم ڪار ڇڏي سيڙجي اهي ڏسندا هئا. انهي مقبوليت جو سبب هي آهي تہ ماڻهن کي انهن ڊرامن ۾ پنهنجا ڏک، سوُر ۽ مسئلا نظر ايندا هئا.

نورالهديٰ شاهہ جو پهريون سنڌي ڊرامو ”رانديڪو“ جي نالي سان ٽيليڪاسٽ ٿيو، جنهن کان پوءِ سنڌس ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن. سنڌس اردو ڊرامن ۾ ’جهنگل“ کي بيحد گهڻي پذيرائي ملي. ●

# نورالدين سرڪي

سنڌي ادبي سنگت جي باني ميمبرن ۽ سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جي ٿهلاءَ ۾ جن نالن جو ذڪر ڪيو ته انهن ۾ نورالدين سرڪي جو ذڪر نه ڪرڻ نه رڳو سنگت، پر سنڌي ترقي پسند ادب جي تاريخ سان زيادتي ٿيندي.

نورالدين سرڪي ولد ڪمال الدين سرڪي ۵ مارچ ۱۹۲۷ع تي شڪارپور سنڌ ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم اُتي ئي حاصل ڪيائين، مئٽرڪ ۱۹۴۵ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان ڪيائين. انگريزي جي تعليم نيوايرا اسڪول شڪارپور مان حاصل ڪيائين، جتي ڪيئل داس فاني، سندس اُستاد هو، جيڪو شيخ اياز جو پڻ اُستاد هو. انهيءَ دؤر جو ذڪر ڪندي ڪيئل داس فانيءَ، پنهنجي هڪ خط ۾ سرڪي صاحب کي لکيو: ”هڪ ڀيري نيوايرا اسڪول ۾ قاضي صاحب انسپيڪشن تي آيو. مان توهان کي جنرل انگلش ۽ سنڌي پڙهائيندو هوس. مون کان قاضي صاحب پڇيو، ”ٽرانسليشن ڪير پڙهائيندو آهي؟“ مان چيو، ”مان“ ۽ سنڌي مان پڙهائيندو آهيان“. منهنجو جواب ٻڌي، شاهه صاحب جو بيت پڙهيائين.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پيير نه لهين پرينءَ جو.

عجيب ۽ ٽيڙو سوال پڇيائين ته انهن سٽن جي جنهن کي معنيٰ اچي، اهو اُن جو انگريزي ترجمو پڻ ڪري ٻڌائي، مون کي ياد آهي ته اهو هڪ ٻٽانر شاگرد تون ئي هئين، جنهن هيٺئين ترجمو پيش ڪيو.

"Awake, arise and stop not, till the goal is reached."

قاضي صاحب منهنجي پٺيءَ ٺپري چيو، ”ماستر صاحب! توهان جي ڇوڪر ته غضب ڪري ڇڏيو.“ ۽ مان بيحد خوشيءَ سان گڏ، فخر پڻ

محسوس ڪندو رهيس. ان ڪان پوءِ سندو درياهه ۾ ڪروڙين ڪيوسڪ پاڻي وهي ويو هوندو، لڪين پيا شاگرد هتن مان نڪتا، پر تو جهڙو ذهين ۽ قابل ملڻ محال آهي." (۱)

سرڪي صاحب انٽر سائنس ۱۹۴۷ع ۾ سي ايند ايس ڪاليج، شڪارپور سنڌ، فرسٽ ايئر ۱۹۴۸ع اين - اِي - ڊي انجنيئرنگ ڪاليج، ڪراچي، بي - اي (آنرس) ۱۹۳۷ع سي ايند ايس گورنمينٽ ڪاليج، شڪارپور سنڌ، ايم - اي ۱۹۵۵ع ۾ ايس - ايم آرٽس ڪاليج ڪراچي، ۽ ايل - ايل - بي ايس - ايم لا ڪاليج، ڪراچيءَ مان ۱۹۵۵ع ۾ ڪيائين.

نورالدين سرڪي ۱۹۴۸ع ۾ انجنيئرنگ پڙهندو هو، پر ملڪ اندر سياسي ۽ سماجي تبديلين سبب ۽ ڪجهه ترقي پسند سياسي ۽ ادبي جماعتن ۾ سرگرم ٿيڻ سبب انجنيئري پڙهڻ ڇڏي ڏنائين. اهو سندس زندگيءَ جو هڪ هنگامي دؤر هو. انجنيئرنگ ڇڏي واپس شڪارپور موٽي وڃڻ ڪان پوءِ بي - اي ڪرڻ سان گڏ نيوايرا هاءِ اسڪول ۾ ۱۹۵۱ع کان ۱۹۵۳ع تائين ماستري بہ ڪيائين. اڳتي هلي ڪراچي موٽي اچي ۱۹۵۴ع کان ۱۹٦۷ع تائين اسلاميه آرٽس ڪاليج ۾ سنڌي ليڪچرار ۽ اسسٽنٽ پروفيسر پڻ ٿي رهيو.

سرڪي صاحب جو والد مرحوم ڪمال الدين سرڪي ڪلارڪ هو، ڪيس لکڻ پڙهڻ، راڳ ۽ ساز جو گهڻو شوق هو. اڳتي هلي مولوي عبدالڪريم چشتي جي صحبت ۾ خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين. هندستاني مسلمان، خلافت تحريڪ جي اثر هيٺ هندستان ڇڏي، جهاد خاطر ريل گاڏيون ڀري وڃي افغانستان نڪتا. سرڪي صاحب جو والد ڪمال الدين سرڪي پڻ نوڪري ڇڏي، زندگيءَ جي سڄي ميڙي چونڊي، پنهنجي ٻن ڀائرن جي حوالي ڪري ڪابل هليو ويو. جڏهن اُتان موٽيو تہ وري انگريز سرڪار جي نوڪري نہ ڪيائين. هو ۱۹۳۴ع ۾ وفات ڪري ويو. تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ سرڪي صاحب جي ذهن ۾ پنهنجي والد جي انهي سرگرميءَ جا اولڙا هئا، جن اڳتي هلي سندس سياسي شعور ۽ سرگرمين ۾ رهبري وارو ڪردار ادا ڪيو.

جنهن وقت سرڪي صاحب جي والد وفات ڪئي، انهيءَ وقت، هي

(۱) ڪي وسرن نہ مور (ڪجهه خط) - نورالدين سرڪي، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي ۲۰۰۱ع صفحو ٦۱-٦۲.

پهريون درجو سنڌي پڙهندو هو. پوءِ جڏهن انگريزي تعليمي لاءِ نيو ايرا اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتي ڪيئل داس فاني سندس استاد هو. نصاب ۾ ٽالسٽاءِ جون آڪاڻيون بہ رکيل هيون، جن سرڪي جي ذهن تي وڏو اثر وڌو. اتي فانيءَ کيس انسان دوستي ۽ هڪجهڙائي جا اصول سيکاريا. شاعريءَ جو علم عروض سيکاريو ۽ هن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪيو. ڪيئلداس فاني هڪ ڀيري کيس مثال ڏيندي چيو، ”هڪ ماڻهو ڏهن ڪمرن ۾ رهي ٿو تہ ڏهہ ماڻهو هڪ ڪمري ۾ رهن ٿا. هڪ ماڻهوءَ کي پهرڻ لاءِ سؤ وڳا آهن تہ سؤ ماڻهن کي هڪ بہ وڳو ناهي.“ فانيءَ جو ڏنل اهو مثال کيس سڄي عمر ياد رهيو ۽ اڳتي هلي جڏهن سرڪي صاحب هن نابرابريءَ واري سماج جي خاتمي لاءِ ١٩٤٨ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو تہ اهو مثال بہ سندس سامهون هو.

شڪارپور ۾ جماڻي هال ۽ ڪرشنا لئبرري ۾ وڃي هو پنهنجي پڙهڻ جي اُڃ اُجهائيندو هو، جتي سڄي هندستان جا رسالا ۽ اخبارون ايندڙ هيون. انهن مان بولچند راجپال جو ماهوار ”سنڌو“ رسالو ۽ ڀيو چيتمل پرسرام جو ”روح رهاڻ“ رسالو وڏي شوق سان پڙهندو هو. انهن رسالن ۾ عبدالڪريم گدائي، حيدر بخش جتوئي، برڪت آزاد، هري دلگير، گوبند مالهي ۽ لطف الله بدوي لکندا هئا. ڪرشنا لئبرري ۾ نائيٽ ڪلاسن ۾ هندي پڙهائيندڙ سوشلسٽ خيالن جو هڪ مزدور ڪارڪن غلام محمد هوندو هو، جنهن کي ”بابر“ سڏيندا هئا. انهيءَ جي صحبت ۾ نہ رڳو سرڪي صاحب اخبار ”قومي جنگ“ پڙهندو هو، پر اقبال جي شاعري جي مطالعي ۾ بہ خاص دلچسپي وٺندو هو.

انهيءَ وقت سرڪي صاحب مسلم ليگي خيالن جو هو ۽ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سرگرم ڪارڪن رهيو. ١٩٤٥ع کان ١٩٤٧ع تائين اُن جو پهرين جوائنٽ سيڪريٽري ۽ پوءِ سيڪريٽري ٿيو. دوستن سان اُٿ ويهہ ۽ مطالعي جي ڪري، اڳتي هلي، سندس خيالن ۾ تبديلي آئي ۽ پاڻ ١٩٤٨ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ٿيو. انهيءَ دور ۾ سندس واسطو ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ سان ٿيو. پوءِ اڳتي هلي جڏهن ١٩٥٢ع ڌاري سنڌي ادبي سنگت کي ٻيهر سرگرم ڪرڻ جو فيصلو ٿيو تہ سرڪي صاحب انهيءَ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ سنگت سان لاڳاپيل رهيو.

١٩٥٠ع ۾، ترقي پسند ساٿين جي رٿ ۽ سهڪار سان، سرڪيءَ هفتيوار "صداقت" اخبار جاري ڪئي، جنهن جو نورالدين سرڪي انچارج هو. قادر بخش نظامائي انهيءَ جو ايڊيٽر ۽ رسول بخش پليجو، اسسٽنٽ ايڊيٽر طور اُن ۾ ڪم ڪندا هئا. "صداقت" اخبار، سنڌ ۾ سياسي شعور ۽ ترقي پسند ادب جي پيڙهه جو پٿر هئي، جنهن کي اڳتي هلي سنڌي ادبي سنگت وڌيڪ ترقي وٺائي. "صداقت" اخبار اٽڪل ڏهه ٻارهن مهينا باقاعدگيءَ سان نڪتي. صداقت ۾ ترقي پسند ادب کان سواءِ، ايٽم بم ۽ جنگ جي خلاف زوردار نموني امن جي بين الاقوامي اپيل تي صحيحن جي مهم ۾ تمام گهڻن ماڻهن حصو ورتو. انهيءَ اخبار ۾ محمد ابراهيم جويو، ع ـ ق ـ شيخ، رسول بخش پليجو، جمال ابڙو، ابن حيات پنهور ۽ ٻيا ڪيترائي اديب لکندا هئا. جمال ابڙي جون ڀريون ۽ بهترين ڪهاڻيون "پيرائي" ۽ "خميسي جو ڪوٽ" پهرين "صداقت" ۾ ئي ڇپيون. شيخ اياز جي شاعريءَ تي پهريون ڀيرو ڀرپور تبصرا "صداقت" ۾ ئي لکيا ويا، جيڪي رسول بخش پليجي لکيا. سرڪي صاحب انهيءَ اخبار ۾ لکندو هو. ان کان سواءِ ٻين روزاني اخبارن "نئين سنڌ"، هفتيوار "صبح سنڌ" نوابشاهه، ٽماهي "مهراڻ" ۽ ماهوار "سوجهرو" ۾ به لکندو هو.

سرڪي صاحب، ويهن کان ٽيهن سالن واري زندگيءَ جا ڏهه سال ادبي ۽ سياسي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتو. انهيءَ دوران هن شاعري ڪئي، ادبي مضمون لکيا ۽ ترجما به ڪيا. ١٩٥٧ع ۾ سندس شادي ٿي، سندس گهر واري بيگم شمس به سُٺي لکندڙ ۽ مترجم رهي آهي. پاڻ سرڪي صاحب سان، شادي کان اڳ، اردوءَ ۾ افسانا ۽ ادب لطيف لکندي هئي. تنهن کان سواءِ هوءَ روح رهاڻ، نئين زندگي ۽ سوجهرو ۾ پڻ لکندي هئي. تنهن کان سواءِ استاد محمد ابراهيم جويي جي همت افزائي تي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڏنل ڪتاب "سنڌو ماتريءَ جي سيپيتا" پڻ ترجمو ڪيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو.

سرڪي صاحب ١٩٥٧ع ۾، ٽالسٽاءِ جي ڪتاب "وات دين مست وي ڊو" جو سنڌي ترجمو ڪيو، جيڪو "نيٺ ڇا ڪجي؟" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ پاران ١٩٥٧ع ۾ ڇپرايو ويو ۽ اُن وقت اهو ڪتاب سڄي ننڍي کنڊ ۾ فقط سنڌي ۾ ترجمو ٿي ڇپيو. اهو ڪتاب سرڪي صاحب

پنهنجي زندگي جي رهنما اصول طور ڪتب آندو. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ١٩٩٤ع ۾ ڇپيو.

سياسي حوالي سان، سرڪي صاحب، شاديءَ کان ٿورو اڳ، پنهنجون سرگرميون گهٽائي ڇڏيون هيون. البت ٧٣-١٩٧٢ع ۾ نعيپ (نيشنل عوامي پارٽي) جو ميمبر ٿيو.

سرڪي صاحب جو شمار ملڪ جي ڪامياب وڪيلن ۾ ٿئي ٿو. مٿين ڪتاب کان سواءِ شاهه لطيف جي چونڊ شعر جو مجموعو "جي تو بيت پانيا" (١٩٩٩ع) ۽ هند جي سنڌي اديبن ۽ دوستن جي چونڊ خطن جو مجموعو "ڪي وسرن نه مورُ" (٢٠٠١ع) ڇپيل اٿس. ●